# سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد

ڊاڪٽر غلام علي الانا



Sindhica
سنڌيڪا

# سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد

نئين مطالعي ۽ نئين نظر سان سڌاريل ۽ وڌايل

مصنف

ڊاڪٽر غلام علي الانا

Sindhica
سنڌيڪا

# شامل مواد جو وچور

پبلشر نوٽ 9
ٻئي ڇاپي جو مهاڳ 11

## پاڳو پهريون

باب نمبر عنوان

1- **سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ نه آهي:** 31
(الف) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ جي راءِ 31
(ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ مرزا قليچ بيگ جو رايو)
(ب) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ 31
(ت) سراج الحق ميمڻ جي راءِ 37
(ث) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي راءِ 37
(ج) ڊاڪٽر ايس- آر راءُ جي راءِ 44
(ح) پنڊت دوارڪا پرساد ۽ ڊاڪٽر ڪرشنا راءِ جو رايو 49

2- **سنڌو - تهذيب، آرين جي اچڻ کان اڳ واري تهذيب آهي** 51
(الف) عين الحق فريدڪوٽيءَ جي راءِ 51
(ب) ڊاڪٽر مهر عبدالحق جي راءِ 52
(ت) ڊاڪٽر محمد رفيق مغل جي راءِ 52
(ث) ڊاڪٽر ڪنائر جي راءِ 53
(ج) ڊاڪٽر پديا جي راءِ 53

3- **سنڌو تهذيب جي ثقافت ۽ ٻوليءَ ۾ تسلسل ۽ تواتر :** 55
(الف) تهذيب جا پنيرا پير ڪٿا 55
(ب) تهذيب ۾ تسلسل لاءِ دليل ۽ ثبوت 55
(ت) شيخ خورشيد حسن جي راءِ 56
(ث) ڊاڪٽر ڪنائر جي راءِ 57

4- سنڌو تهذيب آرين جي اچڻ کان اڳ به ترقي يافته تهذيب هئي: 59

5- ڪن ٻه ٻولين جي هڪجهڙي لغوي مواد جي آڌار تي انهن ٻولين جوڪي هڪ ئي خاندان واريون ٻوليون سمجهڻ واريءَ راءِ تي ٽيڪاٽپڻي: 62

6- ڪن ٻه ٻولين جي هڪجهڙي هجڻ يا هڪ ئي خاندان مان هجڻ واري راءِ ڪي سمجهڻ لاءِ ڪي اصول: 63

7- سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ ڪي هڪجهڙايون: 65
(الف) صوتي هڪجهڙايون 66
(ب) صوتياتي هڪجهڙايون 66
(ت) صرفي هڪجهڙايون 68
(i) اڪيارڙيون 68
(ii) پچارڙيون 69
(iii) صفت تفضيل 69
(iv) اسم حاليه 70
(v) مرڪب انگن ۾ هڪجهڙائي 71
(vi) عدد تثنيه 72
(viii) فعلن جا گردان 72

8- سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ نه آهي: 74
(الف)ڊاڪٽر ٽرومپ جي راءِ تي ٽيڪاٽپڻي 74
(ب) ڪاڪي ڀيرومل جي راءِ جي وضاحت 76

9-برصغير جي ڪابه ٻولي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل ڪانهي: 77
(الف) سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظن جي وصف ۽ وضاحت 78
(ب) پراڪرت جا لهجا 86
(ت) پراڪرت جي ڪهڙي لهجي مان، سنسڪرت روپ ورتو؟ 86
(ث) هند- ايراني ٻولين جو چارٽ 90
(ج) هند- آريائي گروهه وارين ٻولين جو چارٽ 91
سرگريئرسن طرفان برصغير جي ٻولين جو ڏاهيل چارٽ 92

## پاڳو ٻيون

1- آرين جي اچڻ کان اڳ، سنڌو- ماٿر ۾ رائج قديم ۽ اصلوڪي ٻوليءَ جا اُهڃاڻ: 93

2- سنڌو- ماٿر واريءَ سرزمين کي قديم زماني ۾ ڪهڙي ملڪ/ ملڪن جي نالي/ نالن سان سڏيو ويندو هو؟ 96

(الف) سياسي پس منظر 96

(ب) سنڌو- ماٿر جوآڳاٽيءَ ۾ آڳاٽو احوال ڪٿان ڪٿان ملي سگهي ٿو؟ 97

(i) رگ ويد مان مليل احوال 97

(ii) ايراني تاريخن مان مليل مواد 97

(iii) يوناني تاريخ مان مليل ثبوت 98

(iv) برصغير جي قديم تاريخن مان مليل احوال 99

(v) بختر قوم جو قبضو 99

(vi) ساڪن ۽ سٿين جو قبضو 99

(vii) پارٿين جي تاريخ مان مليل مواد 99

(viii) ڪُشانن جو قبضو ۽ گنڌارا تهذيب 100

(ix) سفيد هڻن جو قبضو 100

(x) راءِ گهراڻي جي حڪومت 100

3- ملڪ جو نالو: 101

4- سنڌوَ ديش جا رهواسي (لوڪ/ اصلوڪا رهاڪو) ڪهڙي نالي سان سڏيا ويندا هئا؟ 125

5- سنڌُني/ سنڌو لوڪن جي ٻوليءَ کي سنڌو/ سنڌني سڏيو ويندو هو: 128

6- سنڌُني لوڪ (سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو) ڪهڙي نسل سان واسطو رکندا هئا؟ 130

7- ڇا، سنڌي ٻوليءَ پنهنجي موجوده صورت ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ ورتي هئي؟ 141

8- سنڌو- ماٿر جي قديم ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ: 159

9- **ديسي لفظ:** 173

10- **سنڌيءَ ۽ دراوڙي ٻولين ۾ هڪجهڙائيءَ جو جائزو:** 186
(الف) آرين جي آمد کان اڳ واريءَ سنڌو- ماٿر جي قديم ٻوليءَ، (سَنڌُنيءَ/ سَنڌوَ) جا اهڃاڻ 186
(ب) موهن جي دڙي واري ٻولي 186
(ت) ديشي يعني سَنڌُنيءَ/ سَنڌوَ ٻوليءَ جو لغوي خزانو 189
(ث) ديشي لفظن جون لڙهيون 190

10- **ڪوپن هيگن ۽ اميريڪي ماهرن جي پڙهڻين جا چارٽ:** 194
(الف) ماهرن جون پڙهڻيون 195
(ب) ماهرن جو وضاحتي نوٽ 196
(ت) ماهرن جي پڙهڻين تي سراج الحق ميمڻ جي راءِ 211

11- **ساڳيءَ صوتياتي، صرفيائي ۽ نحوي سٽاءَ جي ڀيٽ:** 213

12- **سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي لفظن ۾ هڪ جهڙائي:** 217
(الف) صوتياتي هڪجهڙائي 217
(i) موڙدني آواز 218
(ii) کُهٿا آواز 218
(iii) اوسرگائي 219
(iv) لفظن جي آخر ۾ سُرن جو اُچار 221
(v) مرڪب وينجن آوازن جو اُچار 222
(ب) صرفيءَ جي اصولن ۾ هڪجهڙائي 226
(i) ماٺهن جي شخصي نالن جي ساخت ۾ هڪجهڙائي 227
(ب) اسم 230
(ت) عدد 232
(ث) حالت 234
(ii) حالت فاعلي 238
(iii) حالت جري 239
(iv) حالت اضافت 243
(v) حالت ندا 245
(ج) صفت 246

(i) صفت جو مفهوم 246
(ii) صفت جا درجا 248
(iii) صفت شماري 251
(iv) صفت قطاري 251
(v) قديم سنڌي زبان ۾ انگن، تورن ۽ ماپن جو استعمال 254
(ح) ضمير 257
(i) ضمير متڪلم 257
(ii) ضمير غائب 260
(خ) فعل 262
(i) فعل جو ذاتو 262
(ii) فعل لازمي ۽ فعل متعدي 262
(iii) فعل متعدي بالواسطہ 263
(iv) فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ 265
(v) فعل متعدي ڏهرو ٻٽو بالواسطہ 266
(vi) دراوڙي ٻولين ۾ فعل متعدي بالواسطہ جا مثال 266
(د) مرڪب فعل 269
(ذ) لفظن جو تڪرار يا ٻٽا لفظ 269
(i) لفظن جو تڪرار ڇاکي چئبو آهي؟ 269
(ii) تڪرار جا قسم 270
(a) پورڻ يا مڪمل تڪرار 270
(b) اَپورڻ يا جُزوي تڪرار/ ورجاءُ 270
(ر) ضميري پڇاڙيون/ متصل ضمير 274
(i) اسم سان استعمال 274
(ii) فعل سان استعمال 275
(iii) دراوڙي ٻولين ۽ سنڌيءَ ۾ ضمير متصل جي استعمال جا ساڳيا اصول/ قانون 275
(iv) سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ ضميري پڇاڙين/ متصل ضميرن ۾ هڪجهڙائي 276
(V) ٻٽا ضمير متصل/ ٻٽيون ضميري پڇاڙيون 281
(س) زمان حال 285
(ش) اسم مفعول 286
(ص) زمان ماضي 287
(ض) اسم ذات 288

(ط) اسم فاعل 289
(ظ) حاصل مصدر 290

13- نحوي سٽاءُ: 291
(الف) دراوڙي ٻولين ۾ نحوي سٽاءَ جا اصول 291
(ب) سنڌي جملن جي نحوي سٽاءَ جا اصول 292
(ت) سنڌي ۽ سنسڪرت جي نحوي سٽاءَ ۾ فرق جا مثال 294

14- نحوي سٽاءَ ۾ حرف جر جو استعمال: 294
(الف) Prepostion ۽ Post-psition صورتن جي ٻيهڪ ۾ فرق 295
(ب) سنڌي ٻوليءَ ۾ حرف جر جو استعمال آرين ٻولين وارو نہ آهي 295
(ت) سنڌي ٻوليءَ ۾ حرف جر جو استعمال، غير- آريائي آهي- ڪاڪو ڀيرومل 295
(ج) سنسڪرت ۾ قديم ڏيهي ٻوليءَ (سنڌُئي) جو نحوي عنصر 296

15- نتيجا: 297

16- سنڌُئي ٻوليءَ جي شاخن جو چارٽ 301

17- ببليوگرافي: 302

## پبلشر نوٽ

مولانا عبيدالله سنڌيءَ لکيو آهي ته، "ست ٻوليون آسماني آهن، جن ۾ صحيفا ۽ ڪتاب نازل ٿيا آهن. ڌرتيءَ جون باقي زبانون انهن ستن زبانن مان نڪتل آهن. انهن ستن زبانن ۾ عربي ۽ عبراني سان گڏ سنڌي ٻولي به هڪ آهي."

"سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" سنڌ جي نامياري عالم ۽ محقق پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نادر تحقيقي ڪاوش آهي، جنهن ۾ هن انساني تهذيب جي ابتدائي ورثي مان هڪ اهم مورث قوم جي ٻوليءَ جي روٽس کي ڳولهڻ جي عالماڻي ڪوشش ڪئي آهي. تهذيبي دور ۾ پير پائڻ جي بنهه پهرين دور جي قومن ۾ سنڌي قوم جو ڳاٽاٽو عالم آشڪار آهي ۽ ان جو منبع موئن جو دڙو ليکيو ويو آهي.

مولانا ابوالڪلام آزاد موئن جي دڙي جي مذهب بابت لکيو آهي ته، "اتان جا رهاڪو توحيد پرست هئا. اهي پنهنجي لاثاني، بي مثل ۽ اڪيلي خدا کي لفظ 'اون' جي نالي سان سڏيندا هئا."

موئن جي دڙي جي انهن توحيد پرست ماڻهن ڏانهن جيڪو به پيغمبر آيو ته، ان کي آسماني صحيفا پنهنجي ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ مليا. سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد ٻڌائيندي ڊاڪٽر الانا پڻ هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت واضح راءِ ڏني آهي ته، سنڌي ٻولي سنسڪرت سميت هندستان جي ڪنهن به ٻوليءَ مان ڄائي ڪونهي. بلڪ مولانا

سنڌي چوائي هندستان جون ٻيون ٻوليون سنڌيءَ مان ڇاول آهن. سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو ليکڪ محترم سراج الحق ميمڻ پڻ انهيءَ راءِ جو آهي.

بهرحال هي ڪتاب پنهنجي موضوع تي هڪ باقائدي عالمائي تحقيق آهي، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي پارکوئن ۽ محققن کي ڪ سان وڏي رهنمائي ملندي.

نور احمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

نہ آهن. ان ڪري معلوم نہ ٿئي ٿو تہ انهن ۾ اوهان جا توڙي ٻين جا ڪهڙا ڪهڙا تحقيقي مقالا ۽ ادبي بحث شامل ٿيل آهن. مٿي ذڪر ڪيل پرچو بہ اتفاق سان وات ويندي نظر اچي ويو. اُنهيءَ ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو محاورو....' سري وارو اوهان جو مقالو پڙهڻ لاءِ مليو. محسوس ٿيو تہ مهراڻ ۾ جيڪا منهنجي انٽرويو ڇپي هئي، اُن اوهان کي گهڻو ڏکويو آهي."[2]

اَءُ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب کي سندس انهيءَ خط جو جواب ڏيئي نہ سگهيس، ڇاڪاڻ تہ اُنهن ئي ڏينهن ۾ (جون 1993ع)، مون سنڌ يونيورسٽيءَ جي سربراهہ جي واڳ سنڀالي هئي. يونيورسٽيءَ جي ماحول کي منهن ڏيڻ کان سواءِ، ٻين ڪن اهم مصروفيتن جي ڪري، علمي ۽ ادبي خط جو جواب، علمي ۽ ادبي زبان ۾ لکڻ جي سگهہ ساري نہ سگهيس. اُن کان سواءِ ڊاڪٽر جيٽلي سان منهنجا ويهن سالن کان دوستيءَ ۽ ڀائپيءَ جا ناتا ۽ اهڙا ٻنڌڻ رهيا آهن، جو اُنهن ۾ اڳي کان وڌيڪ مضبوطي قائم رکڻ لاءِ، اهڙن لفظن ۽ فقرن جي چونڊ ڪرڻ ٿي چاهيم جيڪي جيٽلي صاحب کي اهو وشواس ڏيارين تہ هن نئين منصب جي ڪري منهنجو مٿو ڪونہ ڦريو آهي، جيئن اڪثر ٿيندو آهي. جذهن جواب لکڻ لاءِ تيار ٿيس تہ جيٽلي صاحب جو خط مون وٽان هيٺ مٿي ٿي ويو، ۽ ڳولهڻ جي باوجود هٿ اچي نہ سگهيو.

26 جولاءِ، 1995ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ مان، انهيءَ عهدي تان استعفيٰ ڏيڻ کان پوءِ، پاڻ کي پنهنجي لائبرريءَ ۾، پنهجي تحقيقي مواد جي لکڻ ۾ مشغول رکڻ لاءِ ويٺس ۽ لکڻ پڙهڻ شروع ڪيم. هونئن تہ چوندا آهن تہ: "پروفيسر ڪڏهن بہ رٽائر نہ ٿيندو آهي." اَءُ بہ پنهنجن فائيلن ۾ گڏ ڪيل مواد ۽ نوٽس کي ڏار ڏار ڪرڻ ويٺس.

1974ع ۾ ڇپيل ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' تي نئين-سر نظر وجهڻ لاءِ جيڪو مواد فائيلن ۾ گڏ ڪري رکيو هئم، اهو ٻاهر ڪڍيم، ۽ گذريل 26/25 سالن جي عرصي دوران، هن سلسلي ۾ ڪيتروئي نئون ڇپيل مواد پڻ هٿ ڪيو هئم. منهنجي سامهون ڪئين نئيون ڳالهيون ۽ نوان نقطا بہ هئا. اُنهن کي بہ هن ڪتاب جي مواد ۾ شامل ڪرڻ ٿي چاهيم. انهيءَ مواد مان ڊاڪٽر جيٽلي صاحب وارو اهو خط پڻ هٿ آيو، جيڪو هن صاحب ڏهين آڪٽوبر 1993ع تي مون کي لکيو هو.

---

2- جيٽلي صاحب وارو اهو خط مون وٽ موجود آهي.
اسين ٻئي دوست 2-12-1997ع تي، ممبئي يونيورسٽيءَ واري سيمينار جي موقعي تي مليا هئاسين ۽ ٻہ ڏينهن، صبح کان شام تائين گڏ هئاسين، ۽ خوب ڪچهريون ڪيونسين. ڊاڪٽر جيٽلي هڪ مهان ۽ قداور ودوان آهي.

ڊاڪٽر جيٽلي ۽ ٻين سڄڻن کي شايد اها خبر هوندي ته ادبي بحث مباحثن ۾ اختلافي راءِ رکڻ تي آءٌ هرگز ناراض نه ٿيندو آهيان. ڊاڪٽر جيٽلي جي انٽرويو ۾، ڊاڪٽر جيٽلي صاحب طرفان اٿاريل سوالن جا مون تنقيدي انداز ۾ جواب اُن ڪري ڏنا هئا جو اُن انٽرويو ۾ ڊاڪٽر صاحب (جيٽلي) مون تي ۽ ٻين صاحبن تي چٽرون ڪيون هيون. تنقيد ۾ چٽرون ڪرڻ يا ٺوڪرني ڪرڻ روا نه آهي. مثال طور، ڊاڪٽر جيٽلي صاحب ڪان پڇيل هڪ سوال ۽ ڊاڪٽر صاحب طرفان ڏنل جوب وارا لفظ هُوبهو نقل ڪري هيٺ ڏجن ٿا:

"سوال- معاف ڪجو، ڇا اسان جا سنڌ وارا عالم به اِن ڳالهه کي مڃن ٿا؟

جواب- ها مڃن ٿا ته اها آريائي ٻولي آهي. ڊاڪٽر بلوچ، سراج الحق، علي نواز جتوئي، الانا، سڀني اها ڳالهه قبول ڪئي آهي ته موجوده سنڌيءَ جو روپ آريائي آهي (ڪِلندي).[3]

هن جواب واري جملي جي آخر ۾ ڏنگين ۾ ڏنل لفظ- ڪِلندي- چٽر طور ڪم آندو ويو آهي. مون پنهنجي جواب ۾ (مهراڻ 1992ع نمبر-4) ۾ صفحي 108 تي عرض ڪيو هو ته:

"ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي خدمت ۾ گذارش آهي ته، منهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' مان، يا اُن ڪان پوءِ ويندي 1991ع تائين ڇپيل منهنجن ڪتابن ۽ مقالن مان، توڙي سراج الحق جي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ' مان، يا سراج جي ڪنهن به مقالي مان اهو ثابت ڪري ته اسان ٻنهي اهو قبول ڪيو آهي ته موجوده سنڌي ٻوليءَ جو روپ آريائي آهي. اها راءِ جيٽلي صاحب جي پنهنجي آهي، نه ڪِ منهنجي يا سراج صاحب جي."[4]

مون اڳتي، پنهنجي مقالي ۾ ساڳئي صفحي تي، اسان تي ڪيل ٺٺوليءَ جي نشاندهي، هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

"عجيب ڳالهه وري هيءَ آهي جو انٽرويو وٺندڙ صاحب، جنهن هن ساري انٽرويو ۾ نشانو مون کي ۽ سراج صاحب کي ئي بنايو آهي، تنهن جيٽلي صاحب کان مليل مٿين جواب تي وري هي سوال پڇي، چٽر ڪندي، پنهنجي طرفان تبصرو ڪيو ۽ سوال پڇيو ته:

سوال: اها به سٺي ڳالهه آهي ته پنهنجن نظرين تان هٽ ڪٽي ويا پر مان عرض ڪيان ته موجوده سنڌ جا عالم، دراوڙي زبانن جا

---

3-جيٽلي ڊاڪٽر: سماهي مهراڻ 1991ع، نمبر ٻهريون، ص 185.

4- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سماهي مهراڻ، 1992ع، نمبر 4، ص 108.

پيش ڪري نہ سگهيو آهيان، جيڪڏهن توهين حاضر هجو ها تہ
پوءِ ويچارن جي ونڊ ڏي- وٺ ڪري سگهجي ها."

ڊاڪٽر جيٽلي، پنهنجي ساڳئي خط ۾ لکيو هو تہ:

"اوهان ڪهڙي ڪتاب ۾ پڙهيو آهي تہ سنسڪرت ۾ ويهن ڪان پوءِ انگن جي بناوت ۾ پهرين ڏهاڪا ۽ پوءِ انگ اچن ٿا (جيئن انگريزي ۽ فارسيءَ ۾ سٺاءُ آهي). ڪوبہ سنسڪرت گرامر ڪٿي جاچيو تہ انهن ۾ انگن جو سرشتو ساڳيو سنڌيءَ وانگر آهي."

جيٽلي صاحب خود مڃي ٿو تہ فارسيءَ ۽ سنڪسرت جي وچ ۾ صوتياتي ۽ وياڪرڻي هڪجهڙائي ڪانهي، جيڪڏهن سنسڪرت ۽ فارسي زبانن جي وچ ۾ صوتياتي ۽ وياڪرڻي هڪ جهڙائي ڪانهي تہ پوءِ چئبو تہ انهن زبانن جو 'بڻ بنياد' بہ ساڳيو ڪونهي. اهو تہ هڪ وڏو بحث آهي، جڏهن تہ سرگريئرسن بہ سنسڪرت کي، پراڪرت جي اُديچيہ شاخ جي سڌاريل ۽ سنواريل صورت ٿو ڪوٺي. ٻيا ماهر وري سنسڪرت کي تڪش- شلا وٽ، درياءَ جي ٻيءَ پر، ساڄي ڪناري تي، تنؤل خطي ۾ رائج ٻولي، تنؤليءَ جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ ٿا سمجهن، جنهن کي 'پنڊت پاڻينيءَ' ۽ تڪش- شلا وديا آلہ جي ٻين ودوانن، 400 ق- م ڌاري اهو روپ ڏنو هو.

ڊاڪٽر ڪرشنا راءِ تہ سنڌو- ماٿر جي قديم رهاڪن کي آرين جا ابا ڏاڏا ۽ سنسڪرت کي سنڌو- ماٿر جي تهذيب مان اُسريل زبان ٿو ڪوٺي، ان آڌار تي چئبو تہ سنسڪرت ۽ ايراني ٻولين جو بڻ بنياد ساڳيو ڪونهي، بلڪ سنسڪرت، سنڌو- ماٿر ۾ 400 ق- م ڌاري گنڌارا خطي ۾ رائج لهجي مان جنم ورتو.

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي راءِ درست ٿي سگهي ٿي، جو تہ سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ انگن جي سٽاءَ جي سلسلي ۾ منهنجي راءِ 1974ع ۾ شايع ٿي هئي؛ هاڻي جيڪڏهن اهو قبول ڪجي تہ سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ انگن جي ساخت ۾ هڪجهڙائي آهي تہ پوءِ ائين بہ قبول ڪرڻو پوندو تہ سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ ٻيون بہ هڪجهڙايون هجڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ جيئن اڳ بہ چيو ويو آهي تہ، سنسڪرت ٻولي، تڪش شلا جي ٻيءَ پر، سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪناري واري علائقي، 'تنؤل' جي 'تنؤلي ٻوليءَ' جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ آهي.

هن ڪتاب جي، هن ٻئي ڇاپي ۾، 'پنڊار ڪر' جي ڪتاب مان مدد ورتي، مون اُن جي حوالن سان، پنهنجي راءِ لاءِ دليل ۽ ثبوت ڏنا آهن. مون حرف جر، صفت، عدد جي گردانن ۽ ڦيرن، جنسن جي گردانن ۽ ڦيرن، فعل جي ڌاتوءَ، مُورڌني آوازن، چوسٽن آوازن، سخت تارونءَ وارن گهٽن آوازن، لفظن جي مُنڍ ۾ ۽ آخر ۾ ايندڙ مرڪب وينجنن، فعل متعدي بالواسطہ، نون لفظن ٺاهڻ جا اصول ۽ واٽون، اڳيارين ۽ پڇاڙين ملائڻ سان يا لفظن اندر صوتي تبديليون آڻي نوان لفظ ٺاهڻ

جا اصول، سنڌيءَ جا اصول ۽ قانون، اسم فاعل جا اصول، ضمير متصل ۽ ہٿا ضمير متصل ۽ نحوي اصولن کان سواءِ ڊاڪٽر هيريماٿ، ۽ ڊاڪٽر پرسي گدوائيءَ طرفان بيان ڪيل سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي صرفي بناوتن ۾ هڪجهڙائيءَ جا مثال دليل طور پيش ڪيا آهن. اهو سڀ ڪجهه سنڌيءَ کي غير-آريائي زبان هجڻ، ثابت ڪرڻ لاءِ ڪيو ائم.

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، سندس خط ۾ اهو بہ فرمايو آهي تہ:

"'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' (1974ع) ڪتاب ۾ اوهان جيڪي وصفون سنڌيءَ ۾، دراوڙي ٻولين جون ڏيکاريون آهن، اُنهن مان اڪثر نوي- پنجانوي سيڪڙو اهڙيون وصفون آهن، جيڪي ٻين بہ جديد آريائي ٻولين (گجراتي، مراٺي، هندي، اردو، پنجابي، آسامي ۽ اُڙيا وغيره) سان لاڳو ٿين ٿيون، پوءِ ائين چئبو ڇا تہ اهي سڀ ٻوليون غير- آريائي نسل واريون آهن؟"

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي انهيءَ سوال جي جواب لاءِ اڳ عرض ڪندس تہ هو پاڻ سندس ئي سوال کي، سندس ئي راءِ سان پيٽي، چوَ تہ هن خود چيو آهي تہ: "سنڌو- ماٿر جي ٻولي، رگ ويد جي دور کان اڳ جي ٻولي آهي،" پر ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ تہ چوي ٿو تہ، سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو ڪٿان ٻاهران آيا ئي ڪونہ هئا، پر اُهي ماٺهو دراصل هن ئي سرزمين جا قديم ۽ اصلوڪا رهاڪو هئا، جيڪي 'آريا' ۽ 'اشور' جي گڏيل نسل وارا لوڪ هئا، جن کي آريا سڏيو ويو. اهي ئي ماڻهو (سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو يعني آريا)، جيڪي آرين جا ابا ڏاڏا هئا، دنيا ۾ ٻين ملڪن ڏانهن، هتان ئي ويا ۽ جدا جدا ملڪن ۽ علائقن ۾ وڃي آباد ٿيا. ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ جو خيال آهي تہ:

"موجوده زماني ۾ مليل مواد جي مطالعي کان پوءِ اهو ثابت ٿو ٿئي تہ، سنڌو- تهذيب جا 'معمار' (Authors) نہ فقط آريا هئا، پر هن تهذيب جا رهاڪو ڪيترين ئي ٻين جاتين ۽ نسلن تي مشتمل هئا، جيڪي هڪ 'اعليٰ گڏيل' (Cosmopolitan) سماج وانگر رهندا هئا. اهي جاتيون ۽ نسل، صدين تائين، هڪ ٻئي سان گڏ رهڻ ڪري، نيٺ پاڻ ۾ گڏجي ميسجي، هڪ نسل يا جاتي بڻجي ويا. نيٺ هڪ اهڙو زمانو آيو جنهن ۾ آريا، هڪ 'اوچي' (Superior) قوم جي حيثيت ۾، سڄيءَ دنيا ۾ پکڙجي ويا. ائين چوڻ ۾ ڪابہ تعجب جي ڳالھ ڪانهي تہ اسين 'سميري تهذيب'، 'مصري تهذيب' ۽ 'سنڌو- تهذيب' جهڙين قديم ترين تهذيبن کي، اوائلي آرين واري تهذيب ڪري سمجهون."[7]

7- Krishna, Rao, Dr., Indus Script Deciphered, 1982 p. 2.

پر سر جان مارشل 1931ع ۾ پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪندي لکيو هو ته:
”ڪن محققن اُڀرائيءَ وچان هي نتيجو ڪڍيو آهي ته، سنڌو- تهذيب جا معمار، ويدڪ- آريا هئا. پر انهن محققن جي اهڙي اُڀري راءِ، مون کي ائين چوڻ تي مجبور ڪيو آهي ته، سنڌو- ماٿر جهڙي اعليٰ معياري، سڌريل ۽ ترقي يافته تهذيب، آرين جي تسلط کان گهڻي پراڻي، قديم ۽ يادگار تهذيب آهي.“[8]

جيڪڏهن ڊاڪٽر ڪرشنا راءِ جي اها راءِ (1982ع) ڪٿي قبول به ڪجي، ته پوءِ سنڌي ۽ ٻين (ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي چواڻي جديد آريائي) ٻولين ۾ هڪجهڙائي هجڻ تي اعتراض چو هجڻ گهرجي، پر حقيقت هيءَ آهي ته سنڌي ۽ بنگالي، سنڌي ۽ اُڙيا توڙي سنڌي ۽ آسامي ٻولين جي صوتيات، صوتياتي اصولن، آوازن، وينجنن ۽ سُرن جو جڏهن تقابلي مطالعو ٿو ڪجي ته علم اللسان جو هر ڄاڻو اها دعوا ڪندو ته انهن ٻولين جي صوتياتي نظام ۽ سنڌيءَ جي صوتياتي نظام ۾ بلڪل ٿوري ۽ معمولي هڪ جهڙائي آهي، پر جيڪڏهن سنڌي ۽ گجراتي، سنڌي ۽ سؤراشٽري (ڪاٺياواڙي)، سنڌي ۽ جيسلميري، سنڌي ۽ ڊانگي، سنڌي ۽ هرياڻا جي ٻوليءَ هڙوتي جي صوتياتي ۽ وياڪرڻي ڀيٽ ڪبي ته معلوم ٿيندو ته انهن ٻولين ۾، اهڙيءَ هڪ جهڙائيءَ لاءِ گهڻ ۾ گهڻ به ڪارڻ ٿي سگهن ٿا.

پهرئين ڪارڻ موجب سنڌو- ماٿر ۽ ان جي تهذيب ۽ تمدن جون حدون سؤراشٽر (ڪاٺياواڙ)، گجرات ۽ مهاراشٽر جي (اولهه طرف واري) سرحدن يعني گجرات جي اُڀرندي سرحد تائين پکڙيل هيون. گجرات، سؤراشٽر (ڪاٺياواڙ)، موجوده راجستان (جوڌپور، جيسلمير ۽ بيڪانير) ۾، هڪ طرف لوٿل[9] ۽ ڪاليبنگن[10] تائين ۽ ڪشمير جي اُترينءَ سرحد تائين سنڌو- ماٿر واريءَ تهذيب جا جيڪي آثار، اُهڃاڻ ۽ نشانيون مليون آهن، تن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌو- ماٿر جي قديم ٻوليءَ ’سنڌُئيءَ‘ جي هڪ شاخ اُها به هئي، جيڪا پنهنجن محاورن (Sub-dialets) سميت انهيءَ اُڀرندئين ۽ اترئين خطي ۾ به ڳالهائي

8- John Marshal, Sir, Ioc. Cit., P. 42.

9- لوٿل شهر جا آثار، گجرات ۾، ساحلي علائقي جي اولهه طرف، ڪئمبي نار وٽ سفياوتي نديءَ جي ڇوڙ واري هنڌ وٽ، ڪئمبي کان 12 ميلن جي مفاصلي تي ۽ احمدآباد جي ڏکڻ ۽ اولهه ۾ 60 ميلن جي مفاصلي تي، سراڳوالا ڳوٺ جي ويجهو قائم آهن.

10- ڪاليبنگن جا آثار موجوده هرياڻا رياست ۾، دهليءَ جي اتر اولهه طرف، 310 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي، گهگهر نديءَ (هاڪڙي سڪي ويل)، جي ڪنڌيءَ تي قائم آهن.

ويندي هئي، جنهن کي ممڪن آهي تہ، 'اُيرنديُن شاخ' ۽ 'اترين شاخ' سڏيو ويندو هجي. اهو ئي سبب آهي جو گجراتي، ڪڇي، مارواڙي، ميواڙي، جيسلميري، ڍاٽڪي، هڙوتي ٻوليءَ، بانگڙو ۽ ڪاشميري شاخن ۾ ٻيءَ هڪجهڙائيءَ کان سواءِ، متصل ضميرن جهڙيون خصوصيتون پڻ نظر اچن ٿيون. جيڪا سنڌي ۽ لهنديءَ جي خاص خوبي چئي ويندي آهي.

هڪ طرح سان، لاشعوري طور، ڊاڪٽر جيٽلي پڻ منهنجي هن راءِ سان، سندس مذڪوره انٽرويو ۾ اتفاق ڪيو آهي. هُو (ڊاڪٽر جيٽلي) بہ سنڌو- ماٿر ۾ هڪ ئي زبان کي رائج زبان تسليم ڪري ٿو. جيڪا ڌار ڌار لهجن ۽ شاخن ۾، ورهايل هئي. ڊاڪٽر نواز علي 'شوق' جو، ڊاڪٽر جيٽلي کان هڪ سوال هي هو تہ:

> "هڪ اهو بہ نظريو آهي تہ انڊس وئليءَ جي هڪڙي ئي زبان آهي، يعني اها سنڌي زبان آهي. ان جا مختلف ڊائليڪٽس آهن. ڪٿي اُن کي هندڪو سڏيو وڃي ٿو تہ، ڪٿي سرائڪي، ڪٿي پوٺواري سڏيو وڃي ٿو. اوهان جي راءِ ڇا آهي؟"[11]

هن سوال جي جواب ۾، ڊاڪٽر جيٽلي صاحب منهنجيءَ راءِ سان بلڪل اتفاق ڪيو آهي. هن جواب ۾ فرمايو تہ:

> "اهو صحيح آهي. اهي فقط اسپوڪن (Spoken/ ڳالهايل) فارم ۾ الڳ الڳ آهن، پر ڏسجي تہ ٻولي هڪ آهي، جيئن ملتاني ۽ سنڌي صفا هڪ آهي، جنهن ۾ ٿورو لهجي جو ۽ گرامر جو فرق آهي. حقيقت ۾ ڏسنداسين تہ سنڌ واري علائقي جي ٻوليءَ کي مرڪزي ٻولي ڪري ڪڍون تہ ان مان ٻيون ٻوليون اُسريون آهن، جيئن ملتاني ٻولي، سنڌي ۽ پنجابيءَ جي ميل مان نُهيل آهي، ڪٿي اُن جا فارم سنڌيءَ سان، تہ ڪٿي پنجابيءَ سان ملن ٿا؛ ۽ پنجابي وري هندي ۽ سنڌيءَ جي ميل مان نُهيل آهي، يعني پنجابي اُن جي وچ جي ٻولي آهي. وري ڏکڻ طرف ڏسون تہ سنڌي ۽ گجراتيءَ جي وچ جي ٻولي ٿي ڪڇي، اُها ٿوري تبديل ٿي. سنڌي ٻولي، اها گجراتي ۽ سؤراشٽيءَ جي اثر ڪري ڪڇي ٻوليءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي. وري اوپر طرف سنڌي ٻولي، راجسٿانيءَ جي اثر ڪري ڍاٽڪي، جيلسميري ۽ ٿري وغيره ٿي. ائين اسان ڏسنداسين تہ مرڪزي ٻولي سنڌ واري ٻولي ٿي ڏسجي. ائين ٻين ٻولين جا اثر ڪٺي، ٻيا لهجا ان اختيار ڪيا.

---

11- ڏسو سماهي مهراڻ، 1991/1ع، ص ص 184 ۽ 185.

ائين پرواريون ٻوليون نهيون."[12]

جيتلي صاحب جو بيان ڪيل اهو اصول ۽ نظريو، سنڌو- ماٿر جي مرڪزي ٻوليءَ 'سئنڌئي' سان بہ لڳائي سگهجي ٿو ۽ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو- ماٿر واري ملڪ، سنڌُو/ سئنڌُو جي ٻولي، 'سئنڌئي'، مرڪزي ٻولي هئي، ۽ پوءِ اهو بہ چئون تہ هن ملڪ جي سرحدن اندر ۽ اُن جي آسپاس وارن خطن ۽ علائقن جون ٻوليون- گجراتي، شؤراشنٽري، جيلسميري، مارواڙي، ڍاٽڪي ۽ بانگڙو ٻوليون، 'سئنڌئي' ٻوليءَ مان اُسريون آهن.

ٻيو سبب هيءُ بہ ٿي سگهي ٿو تہ هزارين سال گڏ رهڻ جي ڪري، هن سرزمين جي ماڻهن، ٻولين ۽ تهذيب ۽ تمدن جي سلسلي ۾، هڪ ٻئي کان ايترو ڪجهہ ورتو آهي، جو هاڻ اهو چئي نٽوسگهجي تہ ڪهڙيءَ ٻوليءَ يا ڪهڙيءَ قوم، ٻوليءَ، تهذيب ۽ تمدن جي سلسلي ۾، ٻين قومن کان ڇا ڇا ورتو آهي؟ بهرحال اهو تہ ڊاڪٽر جيتلي بہ قبول ڪري چڪو آهي تہ سنسڪرت، سنڌي ٻوليءَ جي ماءُ هرگز ڪانهي. ڊاڪٽر ٽرومپ بہ اها دعوا ڪري چڪو آهي تہ: "سنڌي هڪ خودمختيار ٻولي آهي."[13]

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب تہ، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾ ڏنل منهنجي راءِ کي مروڙي سروڙي ۽ غلط نموني سان بيان ڪيو آهي. هو (ڊاڪٽر جوڻيجو) صاحب، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' جي سلسلي ۾ ذڪر تہ منهنجي ڏنل راءِ جو ٿو ڪري، پر اُن سلسلي ۾ حوالا 1967ع ۾ ڇپيل منهنجي مقالي مان ٿو ڏي، جڏهن تہ 1967ع کان پوءِ هن سلسلي ۾ مون پنهنجا رايا 1974ع (سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد)، 1987ع (سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس) ۽ 1991ع ۾، (An Indtroduction to the history of Sindhi Literature) ڪتابن ۾ ڏنا آهن، پر ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب، 1967ع ۾، مهراڻ ۾ ڇپيل منهنجي مقالي[14] جي حوالي سان لکيو آهي تہ:

> "الانا صاحب جي راءِ موجب، سنسڪرت ۽ سنڌي ڀينرون آهن، جو جو لفظي معنيٰ موجب بہ پراڪرت ۽ سنسڪرت جو سنبنڌ اهڙو آهي، جنهن ۾ ڪنهن مونجهاري جي گنجائش نہ آهي، پراڪرت اصل آهي ۽ سنسڪرت اُن جهڙي. ان ڪري بہ سنسڪرت، اُپکنڊ جي ٻولين جي ماءُ، اصل يا بنياد نہ آهي، پر سنسڪرت تہ پاڻ پراڪرت جي هڪ لهجي (محاوري) جو

12- ڏسو ٽماهي مهراڻ، 1991/1ع، ص ص 186.

13- Trumpp, E., Dr. Op. Cit., Introduction.

14- الانا غلام علي: ڏسو مهراڻ، 1967/2ع

سڌاريل سنواريل نمونو آهي."[15]

مهراڻ رسالي جي، 1992/4ع واري پرچي ۾ مون ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب جي، مٿينءَ تنقيد جو جواب ڏنو هو. مون پنهنجي وضاحتي جواب ۾ ڄاڻايو هو ته:

"جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو اٿم ته، ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب جي لکت موجب، هن منهنجي اها راءِ، مهراڻ رسالي جي نمبر1967/2ع جي صفحي 86 تان کنئي آهي.

پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ عرض آهي ته مون پنهنجو اهو مقالو وري پڙهي ڏٺو آهي ۽ حيراني انهيءَ ڳالھ تي اٿم ته هڪ پروفيسر ۽ مڃيل محقق ۽ Ph.D ٿيسز لاءِ هڪ پراڻو رهنما ٻه، جيڪڏهن ٻئي ڪنهن جي راءِ کي، پنهنجي نموني سان بدلائي، مروڙي سروڙي ۽ ڊبل ڪامائن يعني واڪ جي نشانين ۾ ائين پيش ڪري، جو ائين پيو محسوس ٿئي ته جڻ ته هن (جوڻيجي صاحب)، منهنجي راءِ هُوبهو مهراڻ 2/ 1967ع جي صفحي 86 تان نقل ڪئي آهي، ۽ اها راءِ هُوبهو منهنجي ئي آهي، پر حقيقت اُن جي اُبتڙ آهي. مون کي افسوس آهي جو هڪ سينيئر پروفيسر ۽ هڪ محقق، تحقيق جي اصولن جي برخلاف وڃي، پنهنجا ٺاهيل لفظ، ڊبل ڪامائن ۾ رکي، اُنهن کي منهنجي راءِ طور پيش ڪيو آهي. تحقيق جي اصولن موجب جيڪڏهن ڪنهن جي ٻه راءِ، اصلوڪي ليکڪ جي لفظن جي بدران، پنهنجن لفظن ۾ ڏيڻي هجي ته پوءِ اهي لفظ يا اهو پيراگراف، ڊبل ڪامائن ۾ رکڻو نه آهي، پر خبر نه آهي ته ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب ڪهڙيءَ مصلحت تحت ائين ڪيو آهي ۽ غلط فهمي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس."[16]

مون پنهنجي ساڳئي مقالي (مهراڻ 1992/4ع، صفحو 100) ۾ اڳتي وضاحت ڪندي لکيو آهي ته:

"حقيقت هيءَ آهي ته مهراڻ رسالي جي نمبر 1967/2ع واري صفحي 86 تي، منهنجي مقالي ۾، 'سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد' جي باري ۾ ڪوبه بحث ٿيل ڪونهي. صفحي 86 تي ته سنسڪرت جو بڻ بنياد ۽ پراڪرت لفظن جون معنائون ۽ وصفون ڏنل آهن ۽ وڌيڪ هن سوال تي بحث ڪيل آهي ته ڪهڙي ٻولي قديم ۽ پراڻي آهي، سنسڪرت يا پراڪرت؟ دراصل ٻوليءَ جي بڻ بنياد

15- عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: مقالو، سنڌي ٻوليءَ جو محاورو، سماهي مهراڻ 1992/2ع، 139.

16- ڏسو سماهي مهراڻ، 1992/2ع، ص ص 98 ۽ 100.

جي باري ۾ منهنجي راءِ مهراڻ رسالي 1967/2ع جي صفحي 92 تي ڇپيل آهي ۽ نہ ڪ صفحي 86 تي. ثبوت لاءِ آءٌ مهراڻ رسالي (نمبر 1967/2ع) جي صفحي 92 جي فوٽواسٽيٽ ڪاپي شامل ڪريان ٿو، جنهن ۾ جيڪي ڪجھ لکيل آهي سو پڙهندڙ پاڻ پڙهي فيصلو ڪن تہ ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب ڪهڙي سبب جي ڪري منهنجي راءِ وارن لفظن ۾ ڦيرگهير ڪري، غلط فهمي پيدا ڪئي آهي."[17]

پڙهندڙن جي خدمت ۾ گذارش آهي تہ اُهي ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب جو مقالو (مهراڻ 1992/3ع ۽ منهنجا مقالا (1967/2ع ۽ مهراڻ 1992/4ع) پڙهي ڏسن:

منهنجي مذڪوره ڪتاب ڪي محترم محمد عمر چنڊ پڻ ساراهيو آهي. هُو صاحب (محمد عمر چنڊ)، سندس ڪتاب، 'لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون' ۾، باب پهرئين جي صفحي پهرئين تي لکي ٿو تہ:

"ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب هن ڪان اڳ لسانيات جي ميدان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پڙهندڙن کي، ڪي تمام ڪارائتا ڪتاب ڏنا آهن. جن مان 'سنڌي صورتخطي' (1964ع)، 'سنڌي صوتيات' (1967ع)، ۽ 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' (1974ع) وغيره جا نالا وٺي سگهجن ٿا."[18]

اهڙيءَ طرح ڀارت جي، پوني يونيورسٽيءَ جي لسانيات واري انسٽيٽيوٽ جي ﮬﮏ ماهر، پروفيسر ڊاڪٽر پرسي گدوائيءَ بہ هن ڪتاب (سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد) ۾، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾، ڏنل دليلن کي ساراهيو هو. هن مون کي 15- جون 1982ع تي، هن ڪتاب جي باري ۾ پنهنجي راءِ موڪلي هئي. ڊاڪٽر گدوائيءَ واري خط کي حوالي طور (ڊاڪٽر جيٽلي جي انهيءَ الزام تہ مون (الانا) کي دراوڙي ٻولين جي ڪابہ ڄاڻ ڪانهي.) مون مهراڻ 1992/4ع ۾، منهنجي جوابي مقالي ۾ شامل ڪيو هو. اهو خط ﮬﮏ دفعو وري هيٺ ڏجي ٿو. پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ عرض آهي تہ منهنجو ڪتاب (سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد)، 1974ع ۾ شايع ٿيو هو ۽ پوني (ڀارت) مان، ڊاڪٽر پرسي گدوائيءَ، مون کي انهيءَ ڪتاب جي حوالي سان، 15- جون 1982ع تي خط لکيو هو. اهو خط مون وٽ محفوظ آهي. ڊاڪٽر گدوائيءَ سان، منهنجي اڳ ۾ ڪابہ واقفيت يا ڏيٺ ويٺ ڪانہ هئي. ڊاڪٽر گدوائيءَ جي خط مان، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾، منهنجيءَ راءِ کي حمايت مليَ ٿي.

---

17- ڏ ـو مهراڻ 1992/2ع، ص ص 98 ۽ 100.

18- محمد عمر چنڊ: لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون، حيدرآباد، باب پهرئين جو صفحو پهريون.

ڊاڪٽر گدواڻي لکيو هو تہ:

"13 سال سنڌي ڊڪشنريءَ تي ڪم ڪرڻ جو نتيجو، منهنجو جلد ئي انگريزيءَ ۾ شايع ٿيندڙ مونوگراف آهي:

Dravidian elements in Sindhi Language ۾ مون ڪي اٽڪل 500 Cognate سنڌي ۽ تامل جا مليا آهن. اُن سوچيءَ ۾ اٽڪل هڪ هزار لفظ، جي تامل ۾، ۽ سنسڪرت ۾ ساڳيا آهن، اُهي، شمار نہ ڪيل آهن. مثلا: ''اَما' (mother)؛ تامل ۾ بہ 'اَمإ' آهي. پر اسان جي سنسڪرت جي ودوانن، اُن جو اشتقاق، سنڪسرت 'امبا' مان ڳولهي ڪڍيو آهي. اهڙا لفظ بہ مون پنهنجي سوچيءَ ۾ شامل نہ ڪيا آهن- خير سک.

مون 1980ع ۾ مئسور ۾ جتي 'سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لئنگئيجز' آهي، اُتي دراوڙ ٻولين جي ودوانن اڳيان ۽ 1981ع ۾ مارچ ۾، 'آناملائي يونيورسٽيءَ ۾'، جتي Centre for Advanced study in Dravidin Lingnistics آهي، اُتي اٽڪل 150 دراوڙ ٻولين جي ودوانن اڳيان، سنڌن خاص نيئڊ تي وچي، پنهنجو مقالو پيش ڪيو. ويچارن جي ڪافي ڏي- وٺ ٿي، پر هڪ حقيقت آهي تہ مقالو قبول پيو. هن وقت ڪوشش اها آهي تہ مان مقالي جو پهريون واليوم جلد شايع ڪرايان. ٻيون واليوم morphology تي ۽ ٽيون واليوم Syntax تي ٿيندو.

ها! مهربان سائين، توهان جو ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڏٺو اٿم. وشواس سان چئي سگهان ٿو تہ منهنجو مقالو منهنجي ' شخصي ڪوشش ۽ ڪشالي جو نتيجو آهي. اهو عجب coincidence آهي تہ سنڌ ۽ هند جي ٻنLinguists ، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي ساڳئي نظرئي ڪان سوچيو آهي. توهان جو ڪم پهرين شايع ٿيو، ان جو شرف توهان کي ضرور ملندو. دراصل ان سبب ئي، هيءَ چٺي لکڻ لاءِ سمجهو تہ جڻ هڪ نموني مجبور ئي ڪيو.

هن چٺيءَ لکڻ جو مقصد فقط اهو آهي تہ توهين ۽ مان، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد کي، ڪنهن حد تائين ساڳيو ٿا مڃون، ان ڪري وقت بوقت، هڪ ٻئي سان ويچارن جي ڏي- وٺ ڪندا رهون، ۽ موقعو ملڻ تي روبرو ملاقات ٿي سگهي[19] تہ اُن لاءِ هٿ

---

19- ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ سان، پوني ۾، چوٽين ڊسمبر 1997ع تي منهنجي ملاقات ٿي. اسين ٽي ڏينهن پوني کان اجنتا غارن تائين گڏ هئاسين. ڊاڪٽر صاحب مون کي احمد نگر، 'اورنگ آباد'، 'دولتپور'، 'اجنتا ۽ ايلورا' جون (جاري)

پير هلائيندا رهون."[20]

ڊاڪٽر گدوائيءَ، "سنڌي ادب" رسالي ۾ سنڌس ڇپيل مقالي ۾ ڪجھ ويچار هنن لفظن ۾ لکيا آهن:

"وقت بوقت ودوانن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجھ دراوڙي اثرن جي باري ۾ ڏيان ڏنو چڪايا آهن. انهن ۾ خاص ڪري ڀيرومل آڏوائيءَ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ سنڌيءَ جي اپڀاشا (dialect) لاڙيءَ تي دراوڙي اثر (ص-125) ۾ ان ڳالھ ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي پر ان ڏس ۾ وڏي ۾ وڏو عالماڻو ۽ پهريون وگيانڪ (scientific) يوگدان (contribution) آهي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد'. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب ڀُراثر مثالن جي مدد سان هڪ عالماڻي سند پيش ڪئي آهي."[21]

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ منهنجي راءِ کي مروڙي سروڙي، غلط نموني سان بيان ڪيو آهي. ڪانئس ورتل انٽرويو ۾ هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته:

"هاڻ ڊاڪٽر بلوچ يا الانا صاحب جيڪا غلطي ڪئي هئي، اها هيءَ ته، بلوچ چيو ته هن تي عربيءَ جو اثر آهي؛ مون چيومانس ته، ڏيکار، هي عربي لهجي جي اثر جي آهي. الانا، موهن جي دڙي جي ٻولي جيڪا ڪنهن سامي سٽ جي هئي، جنهن تي پوءِ آريائي زبانن جو اثر پيو، جنهن ڪري هاڻي اها بدلجي آريائي زبان ٿي آهي. اهو بلڪل غلط نظريو آهي. مون اها ڳالھ الانا صاحب کي ٻه چئي. سنڌس دراوڙي زبانن جو گهڻو اپڀاس نه آهي، نڪو هو هن مان واقف آهي."[22]

مون کي اچرج انهيءَ ڳالھ تي آهي ته، ڊاڪٽر جيٽلي جهڙي ودوان، منهنجي اصلي راءِ کي، مروڙي سروڙي، غلط نموني سان پيش ڪيو آهي. مون ڪٿي به ۽

تاريخي غارون گهمايون، ۽ قلعا ڏيکاريا. پوني ۾ جن ماهرن سان ملاقات ڪرايائين، انهن ۾ محترم 'ريٽا شاهاڻي'، 'تارا مير چنداڻي'، 'شبنم'، ڊاڪٽر يشوڌرا وادواڻي، ڊاڪٽر سندري پرچاڻي، 'ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي' ڊاڪٽر ڪنيو ليکواڻي، ڊاڪٽر مشرا ۽ ڊاڪٽر پديا خاص ودوان هئا.

20- ڏسو مهراڻ 1992/4ع، ص ص 112 ۽ 113.

21- پرسو گدوائي، ڊاڪٽر: مقالو: سنڌڪي ۽ دراوڙي شخصي نالن ۾ هڪجهڙايون ۽ مينگهواڙ شخصي نالا، 'سنڌي ادب رسالو'، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، جلد-12، نمبر-2، 1994ع، ص 49

22- ڏسو مهراڻ 1991/1ع، ص-186.

ڪڏهن به ائين ڪونہ چيو آهي تہ موهن جي دڙي جي ٻولي، ڪنهن سامي سٽ واري ٻولي هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو، جنهن ڪري هاڻي اها بدلجي آريائي زبان ٿي آهي.

اُن کان پوءِ، ڊاڪٽر شوق صاحب جي سوال جي جواب ۾، جيٽلي صاحب پنهنجي جواب ۾ سنڌ وارن کي تاريخي لسانيات کان غيرواقف ٿو ڪوٺي.

هيٺ ڊاڪٽر شوق صاحب جو پڇيل سوال ۽ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جو ڏنل جواب مهراڻ رسالي (1991/1ع) مان صفحي 186 تان هُوبهو نقل ڪري پيش ڪجي ٿو:

"سوال- معاف ڪجو، اسان وٽ تہ سنڌي عالم ڪو دراوڙي زبانون ڄاڻي ئي ڪونہ ٿو؟

جواب- الانا جڏهن هسٽريءَ جا ڪتاب پڙهيا يا ڪالڊويل جو گرامر پڙهيو يا سرجان مارشل جو رايو پڙهيو، تڏهن موهن جي دڙي ۾ ڪا دراوڙي سڀيتا هئي. انهيءَ آڌار تي چيائين تہ، انهيءَ جي ٻولي بہ دراوڙي هوندي. هن ان ڳالهہ تي جيڪا ڳنڍ ٻڌي چيو تہ هاڻ اهو ڪيئن ثابت ڪري تہ موجوده آريائي ٻولي، سنڌي آريائي ٻولي آهي: پوءِ سمجهيائين اها اصل موهن جي دڙي جي آريائي زبان مان هن جو بڻ بنياد آهي، جيڪا پوءِ آريائي ۽ سنسڪرت، پاليءَ جي اثر ڪري بدلجي آريائي زبان ٿي ويئي آهي. انهن ڳالهين کي ڪوبہ مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي."[23]

پنهنجي هن جواب ۾ ڊاڪٽر جيٽلي ڇا ٿو چوڻ چاهي، اها ڪيس ئي خبر هوندي. محسوس ائين ٿو ٿئي تہ ڊاڪٽر جيٽلي، منهنجو ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' پڙهيو ئي ڪونهي، پر جيڪڏهن پڙهيو اٿس تہ ڪيس ڪجهہ بہ ياد ڪونهي تہ هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد لاءِ ڇا چيل آهي، يا ائين بہ ممڪن آهي تہ انٽرويو جي وقت هو ذهني طرح تيار نہ هو. انهيءَ ڪري ڪابہ صحح ڳالهہ ڪري نہ سگهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي ڪجهہ هن منهنجي نظرئي جي حوالي سان، سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ چيو آهي، اهو منهنجو رايو يا نظريو ڪونهي.

اڄرج انهيءَ ڳالهہ تي بہ اٿم تہ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب هند ۽ سنڌ ۾، فقط پاڻ کي لسانيات جو ماهر ٿو سمجهي، ۽ پنهنجي ساڳئي انٽرويو ۾ بہ اها دعوا ٿو ڪري تہ ٻئي ڪنهن بہ تاريخي لسانيات جو اڀياس ئي نہ ڪيو آهي. هُو مهراڻ (1991/1ع) ۾ صفحي 186 تي، ساڳئي جواب ۾ فرمائي ٿو:

23- ڏسو: سماهي مهراڻ 1991/1ع، ص ص 186.

"اِنهن جو هسٽاريڪل لنگويج جو ڪو اڀياس ڪونهي، ان ڪري اهي غلط ڳالهيون پيش ڪن ٿا. جيڪڏهن انهن جو اڀياس ڪن ها تہ اهڙا غلط نظريا هو پيش نہ ڪن ها.

هاڻ تازو ڊرئويڊيئن ٿيئوري بہ رد ڪئي ويئي آهي. هينئر جيڪي آرڪيالوجسٽ آهن يا هسٽريءَ جا ماهر، انٿراپالاجيءَ جا، انهن سرجان مارشل جي ٿيئوري رد ڪئي آهي تہ ڪو دراوڙ لوڪ، موهن جي دڙي ۾ رهندا هئا، جن تي آرين لوڪن حملو ڪري ڏکڻ هندوستان ڀڄائي ڇڏيو، جنهن تي پوءِ، آرين اُتر هندستان ۾ اچي پنهنجو راڄ قائم ڪيو. اهو نظريو هاڻ بلڪل غلط ثابت ٿي چڪو آهي، ڇاڪاڻ جو هاڻ جيڪي کوجنائون ٿيون آهن تہ سرجان مارشل کي لاشن جون کوپڙيون هٿ لڳيون هيون، جيڪي هن لنڊن موڪليون هيون، ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ، ٽيسٽائين هُو مري ويو ۽ اُن جي رپورٽ ڪونہ پهتي."[23]

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب اهو نٿو ٻڌائي تہ اهي ڪهڙا ماهر هئا، جن سر جان مارشل واريءَ ٿيئوريءَ کي رد ڪيو آهي. ها! بيشڪ ڀارت جا بہ آرڪيالاجسٽ ڊاڪٽر ڪرشناراءُ ۽ مسٽر ايس- آر راءُ ۽ ڪي ٻيا مغربي ۽ آمريڪي سر جان مارشل جي راءِ سان اتفاق نٿا ڪن. تحقيق ۾ اختلاف راءِ رکڻ ڪا نئين ڳالھ ڪانهي، پر دنيا جي آرڪيالاجيءَ جي ماهرن جي اڪثريت، هن وقت بہ سر جان مارشل جي راءِ سان ڀرپور نموني سان اتفاق رکي ٿي: مثال طور، پگٽ، فادر هيراس، ڊاڪٽر هنٽر، پروفيسر بڻشم ۽ ڊاڪٽر ڊيلس ڪان سواءِ روس، فنلئنڊ جا ماهر، ڀارت ۾ ڪالڊويل کان سواءِ ڊاڪٽر هيريماٿ، ڊاڪٽر پڊيا، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ۽ پاڪستان جي ماهرن ۾ ڊاڪٽر مهر عبدالحق، ڊاڪٽر محمد رفيق مغل ۽ ٻيا بہ ڪيترا ئي ماهر سر جان ماشل واري راءِ جي حمايت ڪن ٿا. هيٺ ڏنل خاڪي ۾، موجوده زماني تائين ڪن ماهرن جي ڪيل تحقيق جا عنوان ۽ ڇپائيءَ جو سال بہ ڏجي ٿو، جن ۾ انهن سر جان مارشل جي راءِ جي پُٺڀرائي ڪئي آهي:

---

24 – ڏسو: سماهي مهراڻ 1991/1ع، ص ص 186.

ماڻي ڊاڪٽر جيٽلي صاحب پاڻ فيصلو ڪري ته برطانوي، امريڪي، روسي، فرينچ، فنلئنڊ ۽ ڀارت جي ماهرن کان سواءِ پاڪستان جي آثارقديمه جي ماهرن جي اڪثريت ۽ تاريخدان سرجان مارشل جي نظرئي جا حامي آهن يا نه؟ جيڪڏهن ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ ۽ ڪن ٻين ماهرن، سرجان مارشل جي راءِ سان اتفاق نه ڪيو آهي ته به ائين چوڻ غلط ٿيندو ته سر جان مارشل وارو نظريو هاڻ رد ٿي چڪو آهي.

بلڪ ماهرن جي تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته سنڌو- ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن ۾ تسلسل قائم ۽ دائم رهيو آهي. انهيءَ تسلسل جا هن وقت به ڪيترائي مثال ملن ٿا، جن مان ڪن جو هن ڪتاب جي متن اندر مثالن سان ذڪر ڪيو ويو آهي. لهاذا ڊاڪٽر جيٽلي صاحب کي گذارش آهي ته انهن حقيقتن کي سامهون رکي، هن نظرئي جي باري ۾ وري سوچي.

’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ ڪتاب (پهريون ڇاپو 1974ع)، جي هن ٻئي ڇاپي تي، نئين سر نظر وڌي وئي آهي، ۽ اُن ۾ تمام گهڻو نئون مواد شامل ڪيو ويو آهي. هن ڇاپي (ٻئي) ۾ ماهرن جا وڌيڪ رايا ۽ وڌڪ پختا دليل ڏيئي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته، سنڌي ٻولي، هر لحاظ کان، غير-آريائي ٻولي آهي. هن ٻوليءَ جون پاڙون سنڌو- ماٿر واريءَ تهذيب ۾ کتل آهن. موجوده سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌو ماٿر واري اها قديم ٻولي آهي، جيڪا هن ماٿر جا رهواسي لوڪ، پنهنجي روزانه وهنوار، اُٿڻيءَ ويهڻيءَ ۽ وڻج واپار جي ڏي- وٺ ۾، روزانه ڪم آڻيندا هئا.

سنڌو- ماٿر جا اهي لوڪ ۽ سنڌن تهذيب ۽ تمدن، هن واديءَ ۾ ڪٿان ٻاهران لڏي آيل لوڪن جي تهذيب ۽ تمدن ڪانهي، پر هي ماڻهو، هن واديءَ جا اصلوڪا ۽ بنيادي رهاڪو آهن. هنن ماڻهن ۽ سندن تهذيب ۽ تمدن، هن واديءَ ۾ ئي جنم ورتو. سندن ٻولي، هن سرزمين ۾ ئي، انهن لوڪن ۽ سندن سماج جي اوسر سان گڏ اُپري، اُسري، وڌي ۽ ويجهي. هن ماٿر (سنڌو- ماٿر) جو اصلوڪو نالو سئنڌُو/ سنڌو هو، ۽ هن ماٿر ۾ رهندڙ لوڪن کي سئنڌُوئي/ سئنڌُئي/ سنڌي سڏيو ويندو هو، ۽ سندن ٻوليءَ کي سئنڌوُئي/ سئنڌُئي/ سنڌي سڏيندا هئا.

’سئنڌُئي‘ ٻولي ڏهن ڌار ڌار شاخن جي مدد سان سنڌو- ماٿر جي ڌار ڌار خطن ۾ ڳالهائي ويندي هئي. انهن مان هڪ شاخ کي ’سئنڌُئي‘ يعني ’سنڌيءَ‘ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هيءَ شاخ سنڌو-ماٿر جي مرڪزي ۽ ڏاکڻين حصني ۾، سامونڊي ساحل تائين ماڻهن جي روزانه وهنوار لاءِ ڪم آندي ويندي هئي.

ٻي شاخ سنڌو- ماٿر جي اُترئين علائقي ۾، ڪشمير جي واديءَ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. ٽين شاخ داردي علائقي ۾ رائج هئي. ڪشمير ۽ دادستان جي حدن تائين هڙپا تهذيب جا آثار مليا آهن. چوٿين شاخ کي لهندي شاخ سڏيو ويندو هو. هيءَ شاخ اڄتي هلي سرائڪي، ملتاني هندڪي، پوٺواري، شاه پوري ۽ ڏني وغيره

لهجن ۾ ورهائجي وئي. پنجين شاخ کي اُبرنديں شاخ سڏيو ويندو هو. اوپر طرف لوڻل کان اڳتي اوپر طرف نرمدا نديءَ تائين ٻولين هن شاخ لاءِ ثبوت آهن. هيءَ شاخ وري ڏار ڏار ٻولين ۾ ورهايل هئي. اُهي ٻوليون هي هيون: اوپر وارين ٻولين ۾ بيڪانيري، جيسلميري، ڍاٽڪي، مارواڙي، ميواڙي ۽ ڀيلي. اهڙيءَ طرح اُتر-اوپر ۾ موجوده رياست هرياڻا جي ٻولي بانگڙو، باگڙي وغيره ٻولين ڇهين شاخ واريون ٻوليون آهن. پارڪري، گجراتي، ۽ سؤراشٽري (ڪاٺياواڙي) ڪڇي ٺڪڻ- اوپر واريءَ شاخ ۾ شمار ڪيون آهن.

اٺين شاخ بروهڪي آهي، جيڪا بروهي جاتيءَ طرفان، لهندي شاخ واري علائقي جي ڏاکڻين حصي ۾، سنڌ ۽ بلوچستان جي جابلو علائقي ۾ ڳالهائي ويندي آهي ۽ نائين شاخ قديم- دراوڙي (Proto-Dravidian) ٻولي هئي، جيڪا موجوده دراوڙي ٻولين جي ماتر- ڀاشا (ماءُ ٻولي /Parent Language) آهي. هن شاخ مان جديد دراوڙي ٻوليون ڦٽي نڪتيون.

اهڙيءَ طرح هيءَ دعويٰ به ڪري سگهجي ٿي ته سنڌي ۽ گجراتيءَ، سرائڪيءَ ۽ گجراتيءَ يا سنڌيءَ ۽ راجستاني ٻولين يا سرائڪي ۽ راجستاني ٻولين ۽ ڪشميري ۽ توڙي داردي ۽ سنڌيءَ ۾ جيڪا صوتي ۽ وياڪرڻي هڪجهڙائي نظر اچي ٿي، اهڙي هڪ جهڙائي، سنڌي ۽ بنگاليءَ، سرائڪي ۽ بنگاليءَ، گجراتيءَ ۽ بنگاليءَ، راجستانيءَ ۽ بنگاليءَ يا ٻين ٻولين ۾ هرگز معلوم نٿي ٿئي. اهڙيءَ طرح دراوڙي ٻوليون به سنڌو- ماٿر واري قديم ٻوليءَ، سنڌُئيءَ' جي نسل واريون ٻوليون آهن، جن ۾ صوتي ۽ وياڪرڻي سٽاءُ جي هڪجهڙي هجڻ جو سبب هيءُ آهي، جو دراوڙي ٻولين جو بڻ بنياد، سنڌو- ماٿر واري قديم تهذيب واريءَ ٻولي سان واسطو رکي ٿو.

سر جان مارشل انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجيءَ راءِ جو اظهار هن طرح ڪيو هو

> "سنڌو-ماٿر واري تهذيب، قبل- آريائي (pre-Aryan) تهذيب ۽ سنڌو-ماٿر جي ٻولي يا ٻوليون، يقيناً قبل- آريائي ٻولي يا ٻوليون هيون. اُنهن ٻولين مان ڪا هڪ ٻولي (جيڪڏهن اُتي هڪ کان ڪي وڌيڪ ٻوليون رائج هيون)، 'دراوڙي' (Dravidic) هئي." [23]

هاڻ جيڪڏهن ماهر اها دعويٰ ٿا ڪن ته سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو ڪٿان نه ٻاهران، ڪنهن ٻئي ملڪ يا علائقي مان لڏي ڪونه آيا هئا، پر اهي ماٿهو هن واديءَ جا ئي اصلوڪا، بنيادي ۽ مقامي رهاڪو هئا، جن جي ٻولي به هن ئي واديءَ ۾ رائج قديم ٻولي هئي، جيڪا (ٻولي)، هن ئي واديءَ (ڀونءِ) ۾

23- John Marshal, Sir, Mohan-Jo-Daro and the Indus Civilization, Vol: I, London, Arthur Probsthain, 1931, P. 24.

اُپري، اِتي ئي اُسري ۽ اِتي ئي وڌي ۽ ويجهي، سا يقيناً ڪا غير-آريائي ٻولي هئي. جيڪڏهن دنيا جي ماهرن جو اهو گروهه جيڪو سنڌو- ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن، اُتي جي رهاڪن ۽ اُنهن جي ٻوليءَ کي، هن سرزمين ۾ ئي جنم ورتل يعني غير-آريائي ٻولي ٿو مڃي: جيڪڏهن سر گريئرسن، ڊاڪٽر ٽرومپ ۽ ڪاڪو ڀيرومل بہ پنهنجيءَ پراڻيءَ راءِ تان هٿ کڻي ٿا وڃن، ۽ جيڪڏهن آثار قديمہ ۽ علم الانسان جي موجوده زماني جا ماهر (ڊاڪٽر مهر عبدالحق، ڊاڪٽر محمد رفيق مغل، ڊاڪٽر لوئيس قليم، ڊاڪٽر مارڪ ڪنائر، ڊاڪٽر فيئر سروس، ڊاڪٽر ڊيلس، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر پديا، شيخ خورشيد حسن، ڊاڪٽر اَسڪو پرپولا ۽ ڊاڪٽر آلچين) بہ اها دعويٰ ٿا ڪن تہ سنڌو- ماٿر جي قديم زماني واري تهذيب ۽ تمدن، پنج هزار سال گذري وڃڻ جي باوجود ختم نہ ٿي آهي پر اُن ۾ تسلسل (continutity) قائم رهندو آيو آهي، ۽ اُن تهذيب ۽ تمدن جون ڪئين ڳالهيون ۽ خصوصيتون، هنر ۽ فن، قومون ۽ جاتيون، وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا، فصل ۽ پوکون، برتن ۽ ٿانو، ڪنڀارڪو چڪ، جانور ۽ پکي، زيور، برتنن ۽ زيورن تي چٽ، نشان، علامتون ۽ اهڃاڻ ۽ آمدرفت لاءِ بيل گاڏي ۽ ٻيڙيون، هنرمندن جا اوزار، هر، تور ۽ وٽ شين جي ماپڻ ۽ تورڻ لاءِ تڪڙي/تڪڙي، پاٽي ۽ پٽڪي، انگن جا نالا وغيره اڄ بہ سنڌو سماج ۾ رائج ۽ قائم هلندا ٿا اچن، تہ پوءِ هيءَ دعويٰ چو نہ ڪجي تہ سنڌو- تهذيب وارين خصوصيتن سان گڏ، سنڌي ٻولي بہ ختم ڪا نہ ٿي آهي، بلڪ اُها (سنڌي ٻولي) موجوده زماني تائين قائم ۽ دائم رهي آهي ۽ رهندي اچي. هتي جي تهذيب ۽ تمدن ۽ اُن ٻوليءَ تي ڌار ڌار قومن، نسلن ۽ جاتين جي تهذيب ۽ تمدن، توڙي ٻولين جي اثر جي باوجود، هتي جي اصلوڪي ۽ قديم زبان 'سنڌُئيءَ' جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ قائم رهندي آئي آهي.

هن ڪتاب جو ڀهريون ڇاپو 1974ع ۾ زيب ادبي مرڪز طرفان شايع ڪيو ويو هو. ڪتاب تہ هڪ سال اندر ختم ٿي ويو پر ٻئي ڇاپي لاءِ زيب ادبي مرڪز جي مالڪ ۽ منهنجي ننڍپڻ جي دوست سيٺ احمد جو شرط هو تہ هو ٻيو ڇاپو مارڪيٽ ۾ تڏهن آڻيندو، جڏهن آءٌ هن مواد تي نئين سر نظر وجهندس. آءٌ پنهنجي نوڪريءَ سبب ايترو تہ مشغول رهندو هوس، جو وقت ئي نہ پئي ملي سگهيو جو ويهي، ٻئي ڇاپي لاءِ ڪاپي تيار ڪريان. جيتوڻيڪ نظرثانيءَ لاءِ مون وٽ تمام گهڻو نئون مواد موجود هو.

آءٌ سيٺ احمد جو شڪرگذار آهيان جنهن 1974ع ۾ هن ڪتاب جو ڀهريون ڇاپو ڇپائي پڌرو ڪيو هو. جنهن اڳ ۾ عرض ڪري آيو آهيان تہ هن ڇاپي واري مسودي ۾ تمام گهڻو نئون مواد شامل ڪيو ويو آهي، بلڪ آءٌ ائين بہ چوندس تہ ڀهرئين ڇاپي (1974ع) ۾ ڏنل منهنجيءَ راءِ ۾ ڪجهه تبديلي پڻ آندي اٿم.

آءٌ ڀاءُ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جو بہ شڪرگذار آهيان، جنهن ڀارت جي پوني

شهر ۾، ۽ سندس گهر ۾ سنڌي زبان جي ڀاشا وگيانين سان 1997ع ۾ منهنجي ملاقات ڪرائي، ۽ هڪ اهڙي دراوڙ عالم ڊاڪٽر پديا سان پڻ ملاقات ڪرائي جيڪو نه فقط پوني يونيورسٽيءَ ۾، آرڪيالاجي ۽ تاريخ جو وڏو ودوان آهي. پر هُن سنڌي ۽ دراوڙي تهذيب ۾ هڪ جهڙائيءَ تي، آرڪيالاجيءَ جي روشنيءَ ۾ وڏو تحقيقي ڪم ڪيو آهي.

مون کي اهو اعتراف ڪندي ڪوبه عار محسوس نٿو ٿئي ته پارت ۾، سنڌ ته ڇا پر پاڪستان جي مقابلي ۾، سنڌي لسانيات تي مهارت رکندڙ گهڻائي عالم موجود آهن، جن مان ڪن سان ملي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. اُنهن ودوانن ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر محترمه يشوڌرا واڌواڻي، ڊاڪٽر ڪنيا لال ليکواڻي ۽ ڊاڪٽر سندري پرچاڻيءَ جا نالا وڏي فخر سان وٺي سگهجن ٿا. ياد هيري ٺڪر سان بمبئيءَ ۾ (ڊسمبر 1997ع) ۾ جيڪي ڪچهريون ٿيون، تن مان محسوس ڪيم ته هيرو ٺڪر ڀ: ڀاشا وگيان ۾ وڏي ڄاڻ رکي ٿو.

آءٌ پڙهندڙن جي خدمت ۾، هيءَ ڪتاب، نئين ڇاپي جي صورت ۾ پيش ڪندي خوشي محسوس ٿو ڪريان. هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ آءٌ سنڌ جي نوجوان ۽ ڇپائيءَ جي فن ۾ ماهر محترم نور احمد ميمڻ جو شڪر گذار آهيان. منهنجي پڙهندڙن کي اها وينتي آهي ته جيڪڏهن ڪين ڪٿي به ڪا هيٺ مٿاهين نظر اچي ته مهرباني ڪري مون کي ان کان آگاهه ڪن.

مون بار بار پئي لکيو آهي ته علم اللسان هڪ وڏو مهاساگر آهي، جنهن ۾ آءٌ هڪ سيڪڙاٽ وانگر هٿ پير هٽي، اُن مان ڪجهه نه ڪجهه هٿ ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي پڙهندڙن جي سامهون پيش ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهيان. آءٌ سنڌي ڀاشا وگيان جي شروعات ڪندڙ هڪ شاگرد آهيان، جيڪو اڃا ٻاراڻو ڪتاب (ٻاڙٻوڌ) به پورو ڪري نه سگهيو آهي، پر سکڻ جو شوق ضرور اٿم، جنهن ڪري ڪجهه قدر اڳتي وڌيو آهيان. چوندا آهن ته، 'پلا پليءَ جو ڇيه ڪونهي.' هن علم جي وسيع ميدان ۾ وڏا وڏا عالم، فاضل ۽ ودوان، مشهور ۽ ڏاهن گهوڙي سوارن وانگر، پنهنجا گهوڙا ڊوڙائي، ملاکڙو کٽي چڪا آهن: پر مون کي ته اڃا گهوڙي تي لانگ ورائي چڙهڻ به نٿو اچي.

مون کي اميد آهي ته منهنجي هيءَ محنت قبول پوندي.

حيدرآباد سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جو فدائي

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

# ٻيو ڀاڱو پهريون

## سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ نہ آهي:

1- سنڌي ٻولي، برصغير جي قديم ٻولين مان هڪ آهي. هن شاهوڪار ٻوليءَ جي 'ٻڻ بنياد، ساخت ۽ سٽاءُ' جي اڀياس ۾، ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهرن خاص دلچسپي ورتي آهي. انهيءَ هوندي بہ هن ٻوليءَ جي 'ٻڻ بنياد' لاءِ ڪا آخري راءِ قائم ڪرڻ، لسانيات جي ماهرن لاءِ اڃا تائين هڪ اهم مسئلو بڻيو رهيو آهي.

(الف) سنڌي ٻوليءَ جي 'اصل نسل ۽ ٻڻ بنياد' لاءِ هيستائين پنج نظريا سامهون آيا آهن. انهن نظرين ۾، سڀني کان پراڻي ۽ پهرئين نظرئي موجب، سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان پراڪرت ← پالي ← شؤرسيني ـــ اپڀرنش، ۽ پوءِ اپڀرنش مان وراچڊ اپڀرنش جي معرفت، ڏارهين صديءَ عيسويءَ ڌاري، هاڻوڪي صورت ورتي آهي. انهيءَ نظرئي موجب سنڌي ٻولي، سنسڪرت جي شاخ آهي. 'ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ' هن نظرئي جو محرڪ آهي.[1] ڊاڪٽر ٽرومپ کان سواءِ ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي[2]، مرزا قليچ بيگ[3]، ڊاڪٽر گربخشاڻي[4] ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ڏيهي توڙي پرڏيهي بزرگ ۽ ماهر، هن نظرئي جا حامي رهيا آهن. سندن راءِ موجب: "سنڌي ٻولي سنسڪرت جي لائق ڌيءَ آهي." هن راءِ جي پٺڀرائيءَ لاءِ، هو اهو دليل ڏين ٿا تہ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ سنسڪرت جي لفظن- تَتسَم ۽ تَدڀَو- جو اَڪُٽ ڀنڊار آهي. هو اڃان بہ چون ٿا تہ سنڌيءَ ۽ سنسڪرت جي صوتي ۽ صرفي هڪجهڙائي ثابت ٿي ڪري تہ سنڌي سنسڪرت جي شاخ آهي.

(ب) (i) هن سلسلي ۾ ٻئي نظرئي جو محرڪ، برصغير جو وڏو عالم ۽ فاضل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي. ڊاڪٽر صاحب اها دعويٰ ڪئي تہ

---

1- Trumpp, E., The Grammar of Sindhi Language, Lepzig, F.A. Brokhans, Introduction, 1872, P.1.

2- ڀيرو مل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص69

3- مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو-3، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع، ص 14

4- گربخشاڻي، هه- م: مقدمہ لطيفي، حيدرآباد سنڌ، آفتاب پريس، 1950ع، ص114

سنڌي زبان، سنسڪرت جي ڄائي نہ آهي. ڊاڪٽر صاحب، انهيءَ ڏس ۾، پنهنجي انهيءَ راءِ ۾ ڪجھ قدر ڦيرڦار بہ ڪئي آهي، جيڪا راءِ هن، پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' جي پهرئين ڇاپي ۾ ڏني هئي. پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي ٽئين ڇاپي ۾، انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"موجوده سنڌي ٻولي سنئون سڌو، سنسڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اُسري. اُها 'هند- آريائي' ٻولي آهي؛ لهاذا '(سرائڪي- بهاولپوري- ملتاني- ديري والي- هندڪو)، ڪشميري ۽ اُترئين سنڌو ماٿر جون 'داردي ٻوليون' اُن جون ڀينرون آهن. ٻودوباش جي لحاظ سان اِهي مڙيئي سنڌو ماٿر جون اڳاٽيون هند- آريائي ٻوليون آهن، پر سڌاءَ ۽ تاريخي ارتقا جي لحاظ سان اهي هن برعظيم جي ٻين 'هند- آريائي' ٻولين کان نراليون آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي بناوت ۽ اوسر ۾ مُنڍا ۽ دراوڙي ٻولين کان سواءِ هند- ايراني ۽ اولھ کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين جي اثر کي پڻ دخل آهي"[5]

(ii) ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي ٻئي ڪتاب جامع لغات سنڌيءَ ۾، صفحي 9 تي، هن سلسلي ۾ هن عنوان تي، وڌيڪ وضاحت هن طرح ڪئي آهي:

سنڌي هڪ قديم هند-آريائي ٻولي آهي، جنهن جو بڻ بنياد، سنڌو-ماٿر جي سنسڪرت کان اڳ واري دور جي ڪا 'هند-ايراني' ٻولي آهي؛ لهٰذا ۽ ڪشميري هن جون ڀينر ٻوليون معلوم ٿين ٿيون، جو تہ انهن سيني ٻولين ۾، داردي ٻولين واريون هڪ جهڙيون خصوصيتون موجود آهن. سنڌي ٻولي خاص ڪري موهن جي دڙي واري تهذيب جي قديم ٻولي، جا سميري ۽ بابل جي ٻولين سان نسبت رکي ٿي، تنهن کان اثر قبول ڪيا هوندا. تاريخي دور ۾ اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ جي اثر کان پوءِ ڪنشڪا (78-144ع) جي زماني ۾ پالي پراڪرت جي معرفت، سنسڪرت جو اثر ٿيو. ويجهڙائيءَ واري زماني ۾ عربي ٻولي جيڪا اٺين صديءَ عيسويءَ کان ٻارهين صدي عيسويءَ تائين، سرڪاري زبان رهي ۽ فارسي ٻولي جيڪا چوڏهين صديءَ کان اوڻيهينءَ صديءَ

---

5- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄام شورو، 1990ع/ 1411ھ، ص 33

تائين دفتري زبان رهي، تن جو سنڌي ٻوليءَ تي گهرو ۽ دائمي اثر رهيو. تنهن ڪري پنهنجي پراڻي ۽ لنبي تاريخ ۽ لسانياتي پس منظر، لغوي خوبين ۾ ڳوڙهي سٽا جي ڪري اسان جي موجوده ڄاڻ پٽاندر اهو ممڪن نہ آهي جو اُن جي ڪيترن ئي لفظن جي اصل ۽ بنياد جي باري ۾ ڪا راءِ قائم ڪري سگهون."[6]

(iii) ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سنڌ جي قديم تمدن جي زبان ڪي، سامي صفت زبان هجڻ جي دعويٰ ڪندي، پنهنجي ڪتاب، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، جي ٽئين ڇاپي ۾ فرمائي ٿو:

"سنڌ جي قديم تمدن جي زبان شايد سامي- صفت هئي. اُن تي جيڪي اوائلي اثرات پيا هوندا، سي خاص طرح منُڊا، دراوڙي ۽ ايراني زبانن جا، ۽ بعد ۾ داردي زبانن جا. سنڌ جي ٻولي يا ٻولين تي سنسڪرت جو اثر، دير سان پالي محاوري جي واسطي سان پيو: مگر انهيءَ عرصي ۾ مغربي ۽ شمالي زبانن- جهڙوڪ ايراني، يوناني، ترڪي ۽ درديءَ- جو پڻ اثر ٿيو. انهن اثرن جي علاوه سنڌ جي ٻولي يا ٻولين، مان اُسريل 'سنڌي ٻوليءَ' جي ذاتي اصليت خواه تاريخي حقيقت، سنسڪرت ۽ اُن جي پراڪرت ٻولين کان بلڪل نياري هئي: انهيءَ ڪري ئي 'سنڌي ٻولي'، ٻين پراڪرت ٻولين جي ڀيٽ ۾ هڪ نرالي نوعيت ورتي. ٻيون پراڪرت ٻوليون، جيڪي پنهنجي ٻئي ارتقائي دور مان گذري وڌيڪ بگڙيون، انهن ٻولين کي آڳاٽن نحوين 'اپڀرنش' سڏيو، يعني 'معيار کان ڪريل': اُنهن نحوين جي پرک جو معيار هو 'سنڪسرت سان ويجهائپ ۽ مناسبت:' مگر سنڌي ٻولي جيڪا پنهنجي اصلي سنجت ۽ سٽاءَ ۾ نرالي هئي ۽ جنهن تي هندوستاني پراڪرتن جي ڀيٽ ۾ مغربي ۽ شمالي ٻولين جا اثر زياده پيا هئا، سا انهيءَ معياري پرک موجب تہ گهڻو بگڙيل هئي. انهيءَ ڪري ڪن محققن جي چوڻ موجب، جنهن ٻوليءَ کي انهن نحوين 'وراچڊ اپڀرنش' يعني 'گهڻو گهڻو بگڙيل' سڏيو، سا 'سنڌ جي ٻولي' هئي. حقيقت ۾ 'وراچڊ اپڀرنش' جو نالو سنڌ کان گهڻو مٿي، اُتر واري خطي جي ڪنهن ٻوليءَ تي اچي سگهي ٿو ۽ نہ سنڌي ٻوليءَ تي: ڇاڪاڻ تہ 'وراچڊ اپڀرنش' جي اصطلاح ۾ 'سنسڪرت سان

6- Baloch, N.A., Dr., Comprehensive Sindhi Dictionary, Hyderabad, Sindhi Adabi Board, 1960, P.9.

مناسبت' ملحوظ آهي."[7]

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي، پنهنجي مقالي، 'سنڌي ڀاشا ۽ ساهيت جي اتهاس جي ڀومڪا' (1993ع ۾ ڇپيل) ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي خيالن تي تنقيد ڪئي آهي، ۽ سنڌو ماٿر جي اصلوڪن رهاڪن جي باري ۾ ڊاڪٽر يشودرا واڌواڻيءَ جي مقالي (ڊاڪٽر يشودرا جو اهو مقالو شاهه 'رهاڻ' ۾ 1988-89ع ۾ شايع ٿيو هو). 'سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيتن جو ماضي، حال ۽ مستقبل' جي حوالي سان لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر يشودرا واڌواڻيءَ، ڊاڪٽر بلوچ جي اِن راءِ کي رد ڪندي صاف چيو آهي ته، مٿاڇري ڪنهن مشابهت جي آڌار تي ئي، سنڌي ٻوليءَ کي 'سامي' نسل جي ٻولي ٺهرائڻ ٺيڪ نه ٿيندو. هن صاحب اڳتي هلي ڏيکاريو آهي ته، سنسڪرت، سنڌي ۽ ڀارت جي آريائي ٻولين جي وياڪرڻ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون هڪجهڙايون آهن.

هائو، سنڌي ٻوليءَ تي دراوڙي، عربي، فارسي ۽ داردي ٻولين جا اثر اوس پيا آهن، ليڪن اُهي اثر آهن، سنسڪرت- پريوار جي سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي جدا فطرت نه آهي."[8]

جوتواڻي صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

"دراصل، ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب جي صفحي 2 تي اهو لکيو آهي ته، 'سنڌيءَ جي سنڪسرت واري نظرئي جو هڪ ڪارڻ ڪن هندو صاحبن جون لکيتون آهن، جن جي اڪثريت هن خيال جي وڌي تائيد ڪئي، مگر انهن لکيتن جي حيثيت تبليغي چئي سگهجي ٿي ۽ نه علمي ۽ حقيقي.....' اُن مان سندس ئي خيال جي تبليغي حيثيت جا اُهڃاڻ ملن ٿا. هو صاحب ڀارت- پاڪستان اُپکنڊ جي ڪا نئين تاريخ جوڙڻ چاهي ٿو، ۽ شايد اِن نئين تحقيق کان اڻ- واقف آهي ته آريا اصل، ڀارت جا ئي رهاڪو هئا ۽ اُهي ٻاهران ڪٿان ڪونه آيا هئا. اسان جي

---

7- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص 24

8- موتيلال جوتواڻي، ڊاڪٽر: مقالو: سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيه جي اتهاس جي ڀومڪا، ساهيته سنسار ڪتاب ۾ شامل، نئي دهلي، سمپرڪ پرڪاش، 1994ع، ص ص 46 ۽ 47

ڀارت- پاڪستان اُپکنڊ جي هڪ ئي تاريخ آهي؛ اُن ۾ هندڪي- مسلمانڪي ٿيپائي ڪٿي اچڻ صحيح ناهي."[9]

(IV) ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ ۾ تمام گهڻو تضاد آهي. هو هڪ طرف لکي ٿو ته:

"بودوباش جي لحاظ سان اهي مڙيئي سنڌو- ماٿر جون اڳاٽيون 'هند- آريائي' ٻوليون آهن؛ پر سنڌ ۽ تاريخي ارتقا جي لحاظ سان اهي هن برعظيم جي ٻين 'هند- آريائي' ٻولين کان نراليون آهن، ڇاڪاڻ ته انهن جي بناوت ۽ اوسر ۾ مُنڊا ۽ دراوڙي ٻولين کان سواءِ هند- ايراني ۽ اوله کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين جي اثر کي پڻ دخل آهي."[10]

ته وري ٻئي طرف هو ساڳئي ڪتاب جي صحفي 33 تي لکي ٿو ته:

"سنڌي، انهيءَ وراچڊ اپڀرنش مان نڪتل ڪانهي، جنهن جو اڳين نحوين ذڪر ڪيو آهي. سنڌيءَ جو خمير سنڌ جي سرزمين ۾ تيار ٿيو؛ اُن جو بڻ بنياد، اُن جو پنهنجو مورثي سرمايو آهي، جنهن جي تاريخ سنسڪرت کان اڳ واري پروٽو- پراڪرت يا پهرين پراڪرت تائين پهچي ٿي."[11]

ته وري ٽئين طرف لکي ٿو ته:

"قديم دور اٽڪل چوٿين صدي عيسويءَ ۽ اُن کان اڳ وارو زمانو آهي، جنهن کي 'سنڌ جي ٻولي يا ٻولين وارو دور' چئي سگهجي ٿو. ان وقت سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون ضرور هيون، مگر 'سنڌي ٻولي' جنهن جي اسان کي علمي ڄاڻ آهي، سا اڃا ناپيد هئي. هن عرصي ۾ سنڌ ديس جي ٻولي يا ٻولين تي سامي، دراوڙي ۽ آريائي ٻولين جو اثر پيو.
'مُئن جي دڙي' جي آثارقديم مان مليل مواد ۽ معلومات جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته، 'سنڌ جي قديم ٻولي' شايد ڪا 'سامي'

---

9- موتيلال جوتواڻي، ڊاڪٽر: مقالو: سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ جي اتهاس جي ڀومڪا، ساهتيہ سنسار ڪتاب ۾ شامل، نئي دهلي، سمپرڪ پرڪاش، 1994ع، ص ص 46 ۽ 47

10- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص 33

11- ايضاً

زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي دراوڙي ۽ پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو. انهن آريائي ٻولين مان، هن قديم زماني ۾ 'سنڌ جي ٻولي' تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ايراني ۽ داردي ٻولين جو پيو، ۽ ان بعد پالي پراڪرت ذريعي سنسڪرت جو."[12]

ڊاڪٽر صاحب، سنڌ جي قديم ٻوليءَ کي 'سامي- صفت' زبان هجڻ جي دليل ۾ ساڳئي ڪتاب جي صفحي 3 ۽ 4 تي لکي ٿو ته:

"سرزمين سنڌ کي جن ماڻهن اول اول اچي آباد ڪيو، سي اُلهندي وارن ملڪن مان آيا ۽ اُنهن سنڌو درياءَ جي الهندي ڪناري واري ايراضيءَ ۾ پنهنجون بيٺڪون قائم ڪيون. سنڌن تمدن جي انتهائي ترقي 'مُئن جي دڙي' واري تهذيب جي صورتِ اختيار ڪئي. 'مُئن جي دڙي' جي آثار قديمه جي انڪشاف مان قطعي ثبوت ملي ٿو ته، سنڌ جو هي قديم تمدن، 'مغربي دريائي تمدن' يعني ته دجله ۽ فرات دريائن جي سمير ۽ بابلي تمدن جو ساٿياري آهي. سر جان مارشل جي تحقيق موجب، 'سنڌ، سُمير ۽ بابل جي تهذيبن جي وچ ۾ ڪافي هڪجهڙائي هئي؛ خصوصاً سنڌ ۽ عراق جي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گهاٽي اچ وڃ هئي، جا سمنڊ توڙي سيستان ۽ ايران مان خشڪيءَ ذريعي جاري هئي.

ازانسواءِ سنڌ جو هيءُ قديم تمدن هڪ قسم جو غير-آريائي تمدن آهي ۽ انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته، قديم سنڌي تمدن جي ٻولي به ڪا غير-آريائي يا سامي- صفت زبان هئي، جا سنڌ ملڪ جي اوائلي زبانن مان هئي. انهيءَ جا مسخ شده نشان 'مُئن جي دڙي' مان لڌل مهرن تي موجود آهن."[13]

ڊاڪٽر صاحب سندس ڪتاب ۾ هيٺ، حاشئي ۾ صفحي چوٿين تي سامي- صفت لفظ جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

"سرياني، عبراني ۽ حبشيءَ کي علم لغات جي اصطلاح ۾ 'سامي زبانون' سڏيو ويو آهي. سامي- صفت يعني انهن ٻولين جهڙي."[14]

(ت) سنڌي زبان، سامي زبانن جهڙي بلڪل ڪانهي، جنهن لاءِ ماهرن

---

12- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص 1 ۽ 2
13- ايضاً- ص 3 ۽ 4
14- ايضاً- ص 4

ڪيترائي دليل ڏنا آهن:
(ت) سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾، ٽئين نظرئي جو محرڪ محترم سراج الحق ميمڻ آهي. سراج صاحب جي راءِ موجب:

> "سنڌي سنسڪرت جي ڄائي نہ، پر سنسڪرت سنڌيءَ جي ڄائي آهي."[15]

سراج صاحب پنهنجي نظرئي وسيلي هي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مشرق توڙي مغرب جي تهذيب ۽ ٻولين جو اصل مقام ۽ بنياد، سنڌو- ماٿر آهي، جتان سنڌ ملڪ جي ماڻهن، اوله طرف يعني بابل ۽ ميسوپوٽيميا وارن خطن ڏانهن پنهنجي تهذيب ۽ زبان کي پکيڙيو. سراج صاحب، دراصل سوامي سنڪرانند واري نظرئي کي، سنڌي ويس وٺايو آهي[16]، ۽ هو آرين واري نظرئي کي محض افسانو ۽ جرمن عالمن جو ذهني اختراع تصور ڪوني.[17] سراج صاحب جي لکڻ موجب 'بابل' ۽ 'سمير' تهذيب جو، سنڌي تهذيب تي، ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو آهي، بلڪ هن جي راءِ موجب اٽلو بابل ۽ سمير جي تهذيب تي سنڌو- تهذيب يعني هڙپا ۽ موهن جي دڙي واريءَ تهذيب جا اثر نمايان نظر اچن ٿا، جا واپارين ۽ تاجرن جي معرفت اوڏانهن پهتي ۽ پکڙي. پنهنجيءَ راءِ جي دليلن ۾، سراج صاحب آرڪيالاجيءَ جي مشهور امريڪي ماهر، نوح ڪريمر جي ڪتاب مان حوالا ڏنا[18] آهن. سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾، سراج صاحب جو نظريو، سندس هيٺين دليلن مان ظاهر ٿئي ٿو:

> "سنڌي جيڪڏهن سنسڪرت لفظن جي مرهونِ منت آهي تہ سنسڪرت تي تہ سنڌيءَ جو اُن کان بہ وڏو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي- سڌيءَ طرح نہ سهي، اَٽسڌيءَ طرح سهي."[19]

(ث) (i) ڊسمبر 1991ع ۾، ڀارت جي لسانيات جي مشهور سنڌي ماهر، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، سچل سيمينار جي سلسلي ۾، سنڌ آيو هو. هن صاحب ٽنڊي آدم ۾، سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾، ڊاڪٽر نواز علي 'شوق' صاحب کي انٽرويو ڏنو هو، جيڪو ٽماهي مهراڻ رسالي جي نمبر 1991/1ع ۾ صفحي 171 کان 190 تائين ڇپيو هو. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي بيان موجب، موهن جي دڙي

---

15- سراج الحق: سنڌي، حيدرآباد سنڌ، عظيم پبليڪيشن، 1964ع پيش لفظ، ص4
16- Swami Sankarananda, Rigvedic Culture of Pre-historic Indus, part:1, Calcultta, 1946, preface, PP. 2-4, 9&11
17- سراج الحق ميمڻ: سنڌي ٻولي، حوالو ڏنل آهي، ص 14
18- ايضاً
19- ايضاً، پيش لفظ

واري ٻولي ۾ لکت جي سلسلي ۾، سنڌن راءِ جو مدار، سنڌن والد محترم جي راءِ ۽ ڊاڪٽر ايس- آر- راءِ جي ڪتاب 'Dawn and Devolution of the Indus Civ-ilization' ۾ ڏنل راءِ تي آهي.

(ii) هيٺ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جا رايا پيش ڪجن ٿا، جن جي گهري اڀياس کان پوءِ چٽي سگهجي ٿو ته ڊاڪٽر جيٽلي اُها ڪنهن به راءِ تي قائم رهڻ جو فيصلو ڪري نه سگهيو آهي. هڪ طرف هو (ڊاڪٽر جيٽلي)، پنهنجي ڏنل انٽرويو ۾ مهراڻ رسالي (نمبر 1991/1ع) جي صفحي 183 تي، ٻولين ۾ هڪجهڙن لفظن جي آڌار تي، 'ٻولين جو هڪ ئي خاندان واريون ٻوليون هجڻ' يا هڪ ئي بنياد/ بُڻ واريون ٻوليو هجڻ، ٿو قرار ڏئي: مثال طور هو مهراڻ رسالي جي صفحي 183 تي فرمائي ٿو:

> "هاڻ اسان پيٽينداسين ته اسان سنڌيءَ جي 'بيسڪ واڪوبلري' (Basic vocabulary) ڪٿون. اُن مان منهنجو مقصد بدن جي عضون جا نالا، ڳٽپ جا نالا هڪ، ٻه، ٽي، چار، رشتن جا نالا، ٻيا فعل، ته اهي هڪ بنيادي شبد آهن: الفاظ آهن جيڪي هڪ 'ڪورنيوڪلس' ٿاهين ٿا. اهي شبد جيڪڏهن اسان پيٽيون ته اهي سڀ آريائي ٻولين: هندي، بنگالي، مراٺي، گجراتي، آسامي، پنجابي يا انهن سان ملي اچن ٿا، جي فونيٽڪس (Phonetics) چٽجن ٿيون ته انهن کي سمجهائي سگهن ٿيون: مثلاً:
>
> سنسڪرت ۾ 'هستيه' سو هنديءَ ۾ 'هاٿ' ڪونجي ٿو. ساڳيءَ طرح سنسڪرت ۾ 'آنک'، پنجابي ۾ 'اک' ۽ سنڌيءَ ۾ به 'اک' آهي. اهڙي نموني سان اهي فارمولا سمجهائي سگهون ٿا ته ڪهڙي نموني، ٻوليءَ جي تبديلي ٿي آهي."[20]

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي هن دليل سان، ايندڙ صفحن ۾، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي راءِ جي مدد سان اختلاف ڪيو ويو آهي.

(ii) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي هن دليل کي، 'سر وليئم جونز' جي ڏنل اصولن (ٻولين جي بڻ بنياد جي مطالعي جي سلسلي ۾ قائم ڪيل اصول) سان جڏهن پيٽي ڏسجي ٿو ته، ائين چوڻو ٿو پوي ته ڊاڪٽر جيٽلي جي اها راءِ يا اهو دليل صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ ته ڪن به ٻولين ۾، ساڳين ساڳين يا هڪ جهڙن لفظن هجڻ جي آڌار تي اهو چٽي نٿو سگهجي ته ڪو اهي ٻوليون، ساڳئي خاندن واريون ٻوليون آهن، يا اهي ٻوليون، ڪنهن هڪ ئي بنياد مان ڦٽي نڪتيون آهن،

---

20- مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: ڊاڪٽر مرليڌر سان ڳالھ ٻولھ، سماهي مهراڻ، 1991/1ع، ص 183

پر في الحال جيڪڏهن ڪٿي اهو قبول به ڪجي ۽ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي انهيءَ دليل کي مڃجي به ڪٿي، ته پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي عربي يا فارسي ٻولين مان ڪنهن به هڪ جي شاخ يا پيڙ قبول ڪرڻو پوندو، جو ته موجوده سنڌي ٻوليءَ ۾ سڀ سيڪڙي ڪان به وڌيڪ اهڙا لفظ آهن، جيڪي Basic Vocabulary جي حيثيت رکن ٿا، پر اهي دراصل عربي يا فارسي ٻوليءَ لفظ جا آهن ۽ جيڪي اسان جي روزمره واريءَ سنڌيءَ ۾ نه فقط علمي ۽ ادبي زبان ۾، پر شهرن ۽ ڳوٺن جي عام ماڻهن جي گفتگو ۾ به ڳالهايا ويندا آهن: مثال طور:

شلوار، قميص، رومال، جوراب، سر، سينو، پيشاني، چشم، بازو، زانو، مغز، ذهن، دست، دست وپا، جگر، ڪليجي، دل، گردو، قلب، ڪمر، انگشت، دندان، دماغ، زبان، رو، لب، درخواست، عرض، نماز، ڪلمو، رسول، امام، نبي، پيغمبر، خط، تحرير، تقرير، اخبار، اشارو، انتظار، ڪاغذ، ڪتاب، حال، احوال، حال احول، خبر، دور، دوربين، نزد، قريب، ماضي، مستقبل، نزديڪ، ڪرسي، ميز، در، دري، مڪان، جاءِ، صفحو، نشست و برخاست، فنا، بقا، فاني، دنيا، پير، مرشد، صوفي، درويش، ولي، قبول، مقبول، نظر ۽ نشر وغيره. اهڙيءَ طرح ماڻهن (زالن ۽ مردن) جا نالا، لباس جا نالا، ٿانون جا نالا ۽ ڪاٺن جا نالا توڙي روزمره جي استعمال جا ٻيا لفظ وغيره دليل طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

اهڙيءَ طرح انگريزي، پورچگيزي ۽ ٻين پرڏيهي ٻولين جا بيشمار لفظ جهڙوڪ: گلاس، ڪوپ، ساسر، پليٽ، ماچيس، اسٽيشن، ٽڪيٽ، اسڪول، ڪلاس، پگهار، ڪمرو، ڪاپار ۽ نيلام وغيره لفظ ان ڏس ۾ دليل طور پيش ڪري سگهجن ٿا. هي به سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا سنڌيءَ جا لفظ 'پاڻ' ۽ اگلو/اگلي به جيٽلي صاحب جي دعويٰ جي لاءِ دليل طور قبول ڪري سگهبا؟

اهڙيءَ طرح سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾، انگن ڳڻڻ جي سلسلي ۾ 'ڪوڙين جو حساب رکڻ'، يعني چاليهن لاءِ به ڪوڙيون چوڻ. سڀ لاءِ ٽي ڪوڙيون ڳڻڻ جي باري ۾، ڊاڪٽر جيٽلي صاحب ڇا فرمائيندو؟ هن ڏس ۾ ڪاڪو ڀيرومل پنهنجي ڪتاب 'قديم سنڌ' ۾ لکي ٿو ته:

> "ڪولن جي ٻوليءَ جو هن وقت سنڌ ۾ نالو به ڪونهي، پر نشان آهن. مثلاً: اسان جا ڪيترا هاري ناري ۽ ٻيا اٿڙهيل ماڻهو اڪثر ويه ويه ڪري ڳڻيندا آهن. 'اهي پنجاه ٻدران چون اڍائي ڪوڙيون' ۽ 'سٺ ٻدران چون ٽي ويهون'." 21

بلڪل ساڳيءَ طرح نحوي سٽاءُ ۾ (جملن ۾ لفظن جي ترتيب ۽ ويهڪ) صفتن ۽ حرف جر جي ويهڪ (Order) لاءِ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب ڪهڙو دليل ڏيندو؟

---

21– ڀيرومل، آڏواڻي: قديم سنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 61 ۽ 62

سنڌيءَ ۾ ٻٽن متعدي بالواسطہ فعلن ۽ ٻٽين متصل ضميري پڇاڙين جي باري ۾ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب ڪهڙي رهنمائي ڪندو؟

اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ، سنڌي ٻوليءَ ڪي، ڊاڪٽر سنتي ڪمار چٽرجيءَ جي حوالي سان، نئين هند- آريائي (New Indo-Aryan) ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتل ٻولي ته تسليم ڪري، جيڪا نئين هند- آريائي (N.I.A.)، وچين هند- آريائي (Middle Indo-Aryan) ٻوليءَ مان 1000 عيسويءَ ڌاري، يا ان جي لڳ ڀڳ ڌار ٿي هئي."22

(IV) سنڌي ۽ انڊو- آريائي ٻولين جي وياڪرڻ جي تقابلي مطالعي مان اهو ٻہ ظاهر ٿو ٿئي تہ انهن ٻولين ۾ ڪا گهڻي هڪ جهڙائي ڪانهي. البت جڪڏهن ڪن ڪن صورتن ۾ ڪا هڪ جهڙائي نظر اچي ٻہ ٿي تہ ان لاءِ ٻہ وڏا سبب آهن، جن جي وضاحت ڌار سري هيٺ ايندڙ صفحن ۾ ڪئي وئي آهي: تنهن ڪري صرف هڪ جهڙن لفظن يا ساڳئي لغوي مواد يا لفظن جي هڪ جهڙي هجڻ مان، 'ٻولين جو ساڳئي بڻ بنياد مان هجڻ' واري مراد يا مقصد وٺڻ وارو دليل قبول ڪري نہ سگهبو. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، جيڪي لفظ پنهنجي دليل طو ڏنا آهن، اُهي لفظ، سنڌي ٻوليءَ، سنسڪرت ۽ پراڪرت ڪان آڌارا ورتا آهن، جيئن ايندڙ صفحن ۾ چيو ويو آهي.

(V) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، ٻئي طرف ٻولين جي هڪجهڙي هجڻ يا ساڳئي خاندان يا بنياد مان هجڻ جي لاءِ، ٻولين جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ يعني Structure جي هڪجهڙي هجڻ جو دليل ٿو ڏئي. آءٌ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي هن راءِ سان اتفاق ٿو ڪريان، چاڪاڻ تہ اهوئي نقطو سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي مطالعي لاءِ منهنجو مرڪزي نقطو ۽ مرڪزي خيال آهي، جنهن جي آڌار تي، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد لاءِ هن ڪتاب ۾ چنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي، ۽ 'ٻولين جو تقابلي اڀياس' پيش ڪيو ويو آهي. انهيءَ نقطي تي ئي، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب جي پهرئين ڇاپي جي صفحي 'ح' تي زور ڏيئي لکيو ويو هو تہ:

> "ڪنهن بہ زبان جي اصل نسل يا بڻ بنياد تي تحقيق ڪرڻ لاءِ، يا اُن زبان جي ڪنهن ٻيءَ زبان سان ڀيٽ ڪرڻ لاءِ، ٻنهي زبانن جي فقط لغوي خزاني کي ڀيٽڻ سان اصل مقصد يا اصل مراد تي پهچي ڪونہ سگهبو، پر اصل مقصد يا اصل مراد حاصل ڪرڻ لاءِ، يا ڪنهن نتيجي تي پهچڻ لاءِ ضروري آهي تہ، جن ٻولين جي ڀيٽ ڪئي وڃي، انهن جي ساخت ۽ سٽاءَ يعني انهن جي -Struc

22- Khubchandani Lachman, Dr. Dahin Sadia men Sindhi Mahabharta jo Arabi naqul (An Arabic Version of 10th century Sindhi Mahabharta) Sindi translation of S.K. Chatterji, 1958 Kahani 49-66 (Bombay, May 1959), article P.528.

ture تي بحث ڪجي. ڪنهن ٻ ٻوليءَ جي، ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ سان ڀيٽ ڪرڻ ۽ ٻنهي ٻولين جي پاڻ ۾ هڪجهڙائي معلوم ڪرڻ لاءِ، اهو ئي هڪ واحد ذريعو ۽ دليل آهي."

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، ڏهين آڪٽوبر، 1993ع تي، دهليءَ مان، مون کي خط لکيو هو، جنهن ۾ فرمايو هئائين ته:

"حقيقت ۾ سنڌ جي ٻين ٻ ڪن عالمن، سنڌيءَ جي بڻ بنياد بابت جيڪو لکيو آهي، اُنهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته سندن دل ۽ دماغ ۾ گهڻو مونجهارو آهي. ان جو مکيه سبب اهو آهي ته اشوڪ جا پٿرن تي اُڪريل ليک، سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اپڀرنش وغيره جون لکيتون، براهمي ۽ ديوناگري اکرن ۾ هئڻ ڪري، هو پڙهي نٿا سگهن. گذريل ايائي- ٽن هزار سالن جو آريائي زبانن جو ادب شايع ٿيل آهي؛ ٻئي طرف تامل ۽ ٻين دراوڙي ٻولين جو ٻ اڳاٽو لکيل ادب موجود آهي. اوهين سلسليوار تاريخي رڪارڊن سان ڀيٽ ڪري ڏسو ته ظاهر ٿي پوندو ته سنڌي ٻولي آريائي نسل جي آهي يا دراوڙي نسل جي".

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب ۽ لسانيات جي ٻين سيني سنڌي ۽ غير- سنڌي عالمن کي اها ڄاڻ آهي ته سنڌو- ماٿر (موهن جي دڙي ۽ هڙپا تهذيب) جي ٻولي يا خود موجوده سنڌي زبان جي بڻ بنياد، جي باري ۾ آخري ۽ حتمي راءِ قائم ڪرڻ، هڪ اهڙو مسئلو آهي، جنهن تي ڪوبه ماهر اها دعويٰ ڪري نه سگهيو آهي ته ڪو سندس راءِ آخري سَنَد جي حيثيت ٿي رکي. جيڪڏهن ڪن ماهرن جي مَن ۾ ڪو مونجهارو هوندو تڏهن ته قورو قلندو: تڏهن ته ڪو حل ڳولهي ڪڍبو.

جيڪڏهن سڀ کان اول، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب اها دعوا نه ڪري ها ۽ پنهنجيءَ راءِ لاءِ صاف صاف دليل نه ڏئي ها ته پوءِ ملڪي ۽ غيرملڪي پنڊت اڃا ٻ ڏڏڙ ۾ پير هڻيو بيٺا هجن ها ته: "سنڌي زبان، سنسڪرت جي اڻين پيڙهيءَ مان، وراچڊ اپڀرنش جي شاخ آهي." هن وقت ته ڊاڪٽر جيٽلي ۽ پارت جا ٻيا ماهر ٻ، ڊاڪٽر ٽرومپ، سرگريئرسن ۽ ڪاڪي ڀيرومل جي انهي دعوا تان هٿ کڻي چڪا آهن، ته پوءِ ائين چئبو ڇا ته ڊاڪٽر ٽرومپ کان وٺي ڊاڪٽر جيٽلي تائين (مون سميت)، سڀ ماهر اڳ ٻ منجهيل هئا ۽ اڄ ٻ منجهيل آهن.

هن ڏس ۾ سڀ کان پهرين سرگريئرسن منجهيل هو. جنهن هڪ سؤ سال اڳ سندس جڳ مشهور ڪتاب، Linguistic Survey of India جي اٺين جلد ۾، 1919ع ۾، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ جيڪا دعوا ڪئي هئي، تنهن ۾ ڪيس سندس ساڳئي ڪتاب جي جلد پهرئين (1927ع ڇپيو هو) ۾، ترميم ۽

تبديلي ڪرڻي پيئي، ۽ پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي جلد پهرئين ۾، هن (سرگريئرسن) ڪي سنسڪرت ٻوليءَ جي اصل نسل ۽ پراڪرت جي باري ۾، پنهنجيءَ اڳوڻي راءِ (جلد ائين ۾ ڏنل) ۾ ڦيرقار ڪرڻي پيئي.

ڪاڪو ڀيرومل پڻ، اڳتي هلي هڪ راءِ تي قائم نہ رهيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، نہ فقط پنهنجي ڪتاب جي عنوان ۾ ڦيرقار ڪئي پر سنڌس ساڳئي ڪتاب جو ٻيون ڇاپو تہ بلڪل نئين مواد تي مشتمل آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾، خود ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي راءِ ۾ تضاد آهي. هو (ڊاڪٽر جيٽلي) پاڻ بہ هن سلسلي ۾ مُنجهيل لڳي ٿو. اهڙيءَ طرح پارت ۾ رهندڙ، پوني يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف لنگئسٽڪس جو مشهور ماهر، پروفيسر ڊاڪٽر پرسو گدواڻي بہ پارت جي اڪثر لسانيات جي ماهرن سان، سندن راءِ ۾ اختلاف ٿو رکي، ۽ هو موجوده سنڌي ٻولي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ هڪ جهڙي صوتي، صرفي، نحوي ۽ لغوي مواد هجڻ جي دعوا ٿو ڪري.

هن ڪتاب جي هن (ٻئي) ڇاپي ۾، تمام گهڻن دليل ۽ ثبوتن سان واضح ڪيو ويو آهي تہ اها دعوا هرگز صحيح ڪانهي تہ سنڌي ٻوليءَ، موجوده صورت ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ ورتي هئي. هن سلسلي ۾ پارت جي هڪ ٻئي وڏي ماهر لسانيات، ڊاڪٽر لڇمڻ کوبچندانيءَ طرفان ڏنل دليل، هن ڪتاب اندر پيش ڪيا ويا آهن.

هن ڪتاب جي هن (ٻئي) ڇاپي ۾، وضاحت سان، اهو عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌي، سرائڪي، گجراتي، راجستاني ٻولين، ٻانگڙو، داردي ۽ دراوڙي ٻولين جي 'ماتر ڀاشائن' جو بڻ بنياد ساڳيو آهي، ان ڪري سنڌي ٻوليءَ کي، دراوڙي نسل واري ٻولي سمجهڻ جي بدران، قديم دراوڙي، براهوئي، سنڌي، داردي، لهندي، ڀيلي، گجراتي، ٻانگڙو، ڪڇي ۽ سنڌو- ماتر ۾ هن وقت رائج ٻولين کي، سنڌو- ماتر ۽ قديم زماني ۾ رائج 'سئنڌُئي' ٻوليءَ جي نسل جون ٻوليون سمجهڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو. جيئن هن ڪتاب جي متن ۾، اندر بيان ڪيو ويو آهي.

هت اهو ڄاڻائڻ بہ مناسب ٿو سمجهان تہ تازو 3- ڊسمبر 1997ع تي، مون 'ممبئي يونيورسٽيءَ جي، سنڌي وڀاڳ ۾ "Archaeological Study of Sindhi Language" جي موضوع تي، وضاحتي ليڪچر (Extension Lecture) ڏنو هو. جنهن ۾ لسانيات جي ٻين ماهرن کان سواءِ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر عبدالستار دلوي، محقق هيرو ٺڪر، پروفيسر ٻلديو مٽلاڻي ۽ پروفيسر منوهر مٽلاڻيءَ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي استاد ۽ شاگرد موجود هئا. مون پنهنجي مذڪور ليڪچر ۾، سلائيڊن ذريعي انهيءَ دعواتي زور ڏنو تہ: "قديم دراوڙي ٻولي، براهوئي، داردي، سنڌي ۽ لهندي ٻوليون،" سنڌو- ماتر جي اصولڪي زبان 'سئنڌُئي' جي نسل جون ٻوليون آهن.

آءٌ اڳ ۾ عرض ڪري آيو آهيان تہ سنڌي ٻوليءَ جي 'بڻ بنياد' جي سلسلي ۾، ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي راءِ ۾ ڪجهڙائي ڪانهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، سندس پتا ۽ ڀارت جي آرڪياجيءَ جي ماهر ايس- آر- راءِ جي راين جي حوالي سان سماهي مهراڻ (نمبر1/1991ع) جي صفحي 187 ۽ 188 تي فرمائي ٿو تہ:

"مان پنهنجي ليکي، پنهنجي پتا ۽ ايس- آر راءِ جي نتيجن جو اڀياس ڪيان پيو، ۽ ٻين جا رايا بہ پڙهان پيو. انهن سڀني راين کي پڙهي مان ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ جيڪا موهن جي دڙي جي ٻولي هئي، تنهن کي پروٽو- انڊويورپيئن نسل جي ٻولي مڃڻي پوندي، ۽ انهيءَ مان موجوده سنڌيءَ جي وڪاس يا ارتقا مڃڻي پوندي. اهي ويچار ايم- ايچ پنهور صاحب بہ ساڳيا هڪ آرٽيڪل ۾ ڇپايا آهن، جيڪا سنڌالاجيڪل اسٽڊيز ۾ ڇپي آهي. اهو بہ انهن ساڳين نتيجن تي پهتو آهي. اِتي اسان کي اهو مڃڻو پوندو تہ اُتي ڪا اهڙي هڪ قوم هئي جيڪا پروٽو- انڊويورپيئن يا آرين کان اڳ، هن نسل جو هو. هنن جي ٻولي، ويدن جي سنسڪرت کان اڳ واري لهجن مان هڪ پراڻو لهجو هو، جيڪو هو ڳالهائيندا هئا."[23]

هڪ طرف ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي اها راءِ آهي تہ ٻئي طرف هو صاحب (ڊاڪٽر جيٽلي)، سنڌي ٻوليءَ کي ناگر اپڀرنش جي شاخ ٿو ڪوٺي. هو ڀارت جي مشهور ودوان، پروفيسر ڊاڪٽر گنگارام گرگ جي ڪتاب "International Encyclopaedia of Indian Literature" جي جلد اٺين (سنڌي ٻوليءَ جو ادب) جي مهاڳ ۾ Brief Survey جي سري هيٺ، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ بہ رايا ٿو ڏئي. مثال طور هو لکي ٿو تہ:

"جيتري قدر وچ واري هند- آريائيءَ (Middle Indo-Aryan) جي حيثيت جو واسطو آهي، موجوده سنڌي، ناگر يا شئورسيني اپڀرنش سان گهڻي هڪ جهڙائي ڏيکاري ٿي، جيڪا (شئورسيني اپڀرنش) هندوستان جي اُن زماني ۾ ساهتيہ ٻولي هئي، جيڪو زمانو نئين هند- آريائي ٻولين جي وجود کان اڳ هو. پر اسان وٽ لکت ۾ ڪوبہ اهڙو رڪارڊ موجود ڪونهي، جيڪو ناگر اپڀرنش جي هڪ مقامي لهجي جي، مختلف خصوصيتن جي اڀياس ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪري، جو تہ ناگر اپڀرنش، سنڌو- ماٿر جي

23- مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: ڳالھ ٻولھ، سماهي مهراڻ، 1/1991ع، ص ص 187 ۽ 188

هينئين خطي، جتان سنڌي ٻولي، هڪ نئين هند- آريائي ٻوليءَ جي حيثيت ۾ غالباً 1000ع ڌاري وجود ۾ اچي، اُسري هئي:
مارڪنڊيہ (17 صدي عيسوي) پنهنجي ڪتاب Prakrta-Sarvasa ۾ لکي ٿو تہ وراچڊ اپڀرنش، سنڌو- ديش ۾ ڳالهائي ويندي هئي. هن، وراچڊ جون خاص خاص خصوصيتون بہ بيان ڪيون آهن. پر افسوس آهي جو مارڪنڊيہ جا بيان ڪيل اهي مثال ۽ وراچڊ جون اهي خصوصيتون، سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي خصوصيتن سان هڪ جهڙائي نٿيون رکن ۽ نہ ئي وري وراچڊ ۾ ڪو ادبي مواد ملي ٿو، جيڪو اسان کي اُن ٻوليءَ جي لسانياتي ساخت جي جاچ ۾ مدد ڪري سگهي."[24]

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، ناگر اپڀرنش ٻولي، جيڪا سندس راءِ مطابق، ادبي اپڀرنش هئي، تنهن جا ٻہ بيت مثال طور ڏيئي، اُن ٻوليءَ (ناگر اپڀرنش) جي سنڌيءَ سان، هڪ جهڙائي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، اهي ٻئي بيت هيمچندر (ٻارهين صدي عيسوي) جي ڪتاب مان کنيا آهن. مثال طور:[25]

| ناگر اپڀرنش | سنڌي |
|---|---|
| ڍولا سامَلا ڌڻ چمپا- وڻي | ڍولو سانولو ڌڻ چمپا ورني |
| جاڻ سونا- ريهہ ڪسوٽئي ڏئي | نائي سونَ- ريهہ ڪسوٽيا ڏئي |
| ڍولا مون تو واريو، مر ڪرُ ڊيهاماڻو | مائي توهون واريا، ماڪر ڊگهو ماڻ |
| ننڊ گوائي راتڙي، دڙ وڙ هوئي | ننڊئي گماهي راتري، ڌڙ وڙ هوءِ وهاڻ |

هاڻ پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن تہ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد يا خود سنڌو- ماٿر جي اصلوڪن رهاڪن جي باري ۾، ڊاڪٽر جيٽلي پاڻ ڪنهن هڪ راءِ تي بيهي سگهيو آهي؟

(ج) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، ڊاڪٽر ايس- آر، راءِ (ڊاڪٽر جيٽلي صاحب راءِ سڏيو آهي) جو، پنهنجي مذڪور انٽرويو (مهراڻ1/1991ع) ۾ ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر راءِ پنهنجي تحقيق Dwan and Devolution of the Indus Civili-

24- Gang Ram Garg, International Encyclopaedia of Indian Literature, Vol: VIII (Sindhi), A brief Survey, written by Dr. Murlidhar Jetley, New Delhi, Mittal Publications, 1991, P.IX

25- Ibid.

zaion ۾ صفحي 3 تي جيڪو رايو ڏنو آهي، تنهن جو هيٺ ترجمو پيش ڪجي ٿو. هو لکي ٿو:

"آرين جي حملي واري نظرئي (theory)، ودوانن جي سوچ تي، سنڌو- لکت جي راءِ جي سلسلي ۾ اُلٽو اثر ڇڏيو آهي. انهيءَ سوچ تہ سنڌو- ماٿر وارا ماڻهو غير- آريا هئا، جن کي آرين نہ فقط تباهہ ڪيو، پر ڪين هندستان جي ڏاکڻين علائقي طرف ڀڄائي ڪڍيو، تنهن سوچ، اڪثر ودوانن کي اُتساهہ ڏياريو تہ هو سنڌو- ماٿر جي مهرن (seals) کي، دراوڙي ٻولين جي آڌار تي پڙهن. اُهي ماهر، جن انهن مهرن جي پڙهڻ ۾ ڇنڊڇاڻ لاءِ ڪمپيوٽر جو سهارو ورتو آهي، اُهي پڻ اهو قبول ڪرڻ کان محتاط ۽ مجبور (reluctant) ٿا لڳن تہ ڪ سنڌو- ماٿر ۾ رائج ٻولي، هند- آريائي ٿي سگهي ٿي."[26]

ڊاڪٽر راءُ طرفان، سنڌو- ماٿر مان هٿ آيل مهرن جو ورتل جائزو ۽ اُنهن ۾ ڪم آندل ٻوليءَ کي، 'قديم- هند آريائي' ۽ 'قديم ايراني ٻولين' جي گڏيل ٻولي، ۽ 'ٻنهي ٻولين جي ميلاپ' (mixture) واري ٻوليءَ، واري اصول کي سجهڻ واريءَ راءِ، هڙپا تهذيب جي رهاڪن جي مذهب واري منجهيل مسئلي کي حل ڪيو آهي.[27] ڊاڪٽر راءُ جي انهيءَ ڪتاب کي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان، محترم عطا محمد ڀنڀري ترجمو ڪيو آهي، ڊاڪٽر راءُ لکي ٿو تہ:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ بناوت ۽ گردانن (تصريفن) جا اهڙا گڻ آهن، جن مان اسان کي وڏيڪ ثابتي ملي ٿي تہ سنڌي ٻولي ۽ قديم هند- آريائي ٻوليءَ جي وچ ۾ ڪو ويجهو سنٻنڌ ضرور آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۽ لفظي معنيٰ مان ظاهر ٿئي ٿو."[28]

ڊاڪٽر راءُ اڳتي لکي ٿو تہ:

"سنڌي دراوڙي ٻولين جي گروهہ مان ڪانہ آهي. انهن گمانن ۽ انومانن جي آڌار تي اها پرکي تصديق ڪرڻ جا گهڻا امڪان آهن تہ سنڌي ٻوليءَ جو قديم هند- آريائي ٻوليءَ سان ضرور

26- Rao, S.R., Dawn and Devolution of the Indus Civilization, 1991, p.3.

27- Ibid

28- راءُ، ايس. آر: سنڌو- لکت، ترجمو، عطا محمد ڀنڀرو، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص ص 35-36

ڪو سنبنڌ آهي. (اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ، سنڌي ۽ قديم هند- آريائي لکت جي وچ ۾ وقت جي وڏي وٿي ڪانہ آهي)، پر سنڌي ۽ قديم تامل ٻوليءَ جي وچ ۾ ڪو لاڳاپو ثابت ڪرڻ انهيءَ ڪري ناممڪن آهي جو ٻنهي جي وچ ۾ ٻارهن سؤ سالن جي وڏي وٿي موجود آهي، تنهن ڪري ٽينءَ صديءَ ق- م جي تامل ٻوليءَ جا لفظ، 2000 ق- م کان 1500 ق- م جي قديم سنڌي ٻوليءَ ۾ جاچڻ وڏي غلطي ٿيندي."[29]

حيرانيءَ جي ڳالهہ هيءَ آهي جو پارت جا دراوڙ ۽ غير- دراوڙ ودوان، يا تہ هڪ ٻئي جي راءِ کي پڙهڻ پسند نٿا ڪن، ۽ هڪ ٻئي جي راءِ کي پڙهن ئي ڪونہ، پر جيڪڏهن وڏي دل ڪري پڙهن بہ ٿا تہ وري نسلي اختلاف سبب هڪ ٻئي جي راين کي قبول نٿا ڪن. جيڪڏهن ڊاڪٽر راءُ، پروفيسر ڊاڪٽر هيريماٺ جو ڪتاب پڙهيو آهي ۽ جيڪڏهن هن (ڊاڪٽر راءُ) پوني يونيورسٽيءَ ۾ آرڪيالاجيءَ جي پروفيسر 'ڊاڪٽر پديا' جو مقالو نظر مان ڪڍيو آهي تہ پوءِ ڪيس قبول ڪرڻو پوندو تہ سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ ويجهي هڪجهڙائيءَ جا تمام گهڻا ثبوت ملن ٿا.

هاڻ هڪ طرف ڊاڪٽر ايس- آر- راءُ جو خيال آهي تہ سنڌو- ماٿر جي ٻولي، رگ ويد کان بہ اڳ جي ٻولي آهي. انهيءَ راءِ لاءِ هو هي دليل ٿو ڏئي تہ:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ پد وارن لفظن جي گهڻائي آهي ۽ هڪ پد وارن نالن جي گهڻائيءَ مان، اسان کي پتو پوي ٿو تہ، هيءَ ٻولي ويدن کان گهڻي پراڻي آهي."[30]

راءُ صاحب ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ:

"جيئن تہ گهڻا سنڌي لفظ شڪل ۽ معنيٰ جي لحاظ کان (پت pat را سادا sada وانگي) رگ ويد ۽ اويستا ۾ نظراچن ٿا، ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي نحوي ۽ صرفي بناوت کي سمجهڻ جو روشن امڪان آهي."[31]

راءُ صاحب، هڪ طرف سنڌي ٻوليءَ کي، ويدن کان اڳ جي ٻولي ٿو بيان

---

29- راءُ، ايس آر: سنڌو لکت ۽ ٻولي Dawn of Devolution of Indus Civilization، مترجم: عطا محمد ڀنڀرو، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1991ع، ص 63

30- راءُ، ايس، آر: سنڌو لکت، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 37

31- ايضاً، ص 62

ڪري ته ٻئي طرف اها به راءِ ڏني ته: "اها قديم هند- آريائي ۽ قديم ايرانيءَ جي گڏيل ٻولي آهي،" ته وري سنڌي ۾ قديم- ايراني ٻوليءَ جي پاڻ ۾ ويجهڙائيءَ جي دعوا به ڪري ۽ لکي ٿو ته:

"جهڙيءَ ريت اسان 'هيت' ۽ 'سپت'، 'باڪاما' ۽ 'باڪاسا' ۾ ڏسون ٿا: اهو پڻ اُن ڳالھ جو اهڃاڻ ڏئي ٿو ته، سنڌي ۾ قديم ايرانيءَ جي پاڻ ۾ ويجهڙائي ضرور هئي."[32]

اها ويجهڙائي، جنهن جو ذڪر راءِ صاحب ڪيو آهي، سا گجراتيءَ، مراٺيءَ، هنديءَ، اُڙيا، بنگاليءَ ۽ هندستان جي ٻين ٻولين ۽ قديم ايرانيءَ جي وچ ۾ ڇو ڪونهي؟ اهو هڪ تحقيق طلب مسئلو آهي.

راءِ صاحب، سنڌي ۽ قديم هند- آريائي ٻولين ۾ هڪ جهڙائيءَ لاءِ دليل ڏيندي، لکي ٿو ته:

"هيٺ اسان ڪن لفظن جا مادا ڏيئي رهيا آهيون، جن مان معلوم ٿيندو ته هند- آريائي ٻوليءَ ۾ گهٽا لفظ، سنڌي ٻوليءَ سان واسطو رکن ٿا. اهو به امڪان آهي ته هن ٻوليءَ ۾ هند- يورپي بنياد تي، ٻين ٻولين جهڙوڪ: هند- ايرانيءَ مان ڪيترا لفظ ورتا هوندا ۽ انهن ٻولين مان به ڪنيا هوندا، جيڪي هند- يورپيءَ جي مجلي ڪان ٻاهر آهن."[33]

هو (مسٽر راءِ) اڳتي لکي ٿو ته:

"جهڙيءَ ريت اويستا جو تاريخي طور اُبتو پير کڻبو ته اچي سُر آوازن جي هند-ايراني ۽ هند- يورپي وسيلن وٽ بيهبو. ساڳيءَ ريت، سنڌي سُر آوازن جي پنتي تاريخ وچي، هند- ايراني ۽ هند- يورپيءَ جي سُر آوازن سان ملي ٿي."[34]

ساڳين صفحن تي هو (مسٽر راءِ)، قديم هند- آريائي ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ جهڙائيءَ لاءِ دليل ڏيندي لکي ٿو ته. اها هڪ جهڙائي، هڪ ٻئي تي ڊگهي عرصي تائين گڏ رهڻ جي ڪري ٿيل اثر سبب آهي. هو لکي ٿو ته:

---

32- راءِ، ايس- آر: سنڌو لکت ۽ ٻولي Dawn of Devolution of Indus Civilization، مترجم: عطا محمد ڀنڀرو، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1991ع، ص 62

33- راءِ، ايس- آر: سنڌو لکت ۽ ٻولي، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 67

34- ايضاً، ص ص 77 ۽ 78

"جيڪڏهن سنڌي ۽ قديم هند- آريائي ٻولين ۾ موجود لفظن جو معنوي نقطءِ نگاهه کان، سچيتائيءَ سان مطالعو ڪبو ته ٻنهي زبانن ۾ موجود لفظن ۾ قيرن گهيرن جو چڱيءَ ريت پتو پئجي ويندو. اها هڪ فطري ڳالهه آهي، ڇاڪاڻ ته ٻوئين هڙپا دور ۾، هتان جي ماڻهن جي کاڌي خوراڪ، ڌرمي ريتن رسمن، ويندي لوڙهه لٽڻ تائين، وڏو فرق اچي چڪو هو. اُن دور ۾ نون لفظن جي ضرورت پيئي هوندي، ان صورت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ٻين ٻولين مان به ڪي لفظ ورتا هوندا. اهو پويون هڙپا وارو زمانو هوندو، جيڪو گذرندو اچي، رگ ويد واري دور سان مليو هوندو."35

راءِ صاحب اڳيان به اڳتي لکي ٿو ته:

"سنڌي ٻوليءَ ۾، هند- يورپي ٻوليءَ جي فعلي بنيادن وارن لفظن جي گهٽائي ملندي. ويدن واري دور ۾، سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ، صرفي نقط نگاهه کان ڪجهه مٽجي سٽجي ويا هوندا."36

رگ ويد ۾، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي موجودگيءَ جي باري ۾، پنهنجي راءِ ڏيندي، مسٽر راءِ لکي ٿو ته:

"سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ رگ ويد ۾ ملن ٿا، تن لاءِ فقط ايترو چئي سگهجي ٿو ته اهي هند- يورپي ٻوليءَ ۾ مستقل طور ڪتب ايندا هئا."37

هوڏانهن راءِ صاحب هيئن به فرمائي ٿو ته:

"سنڌي ٻوليءَ جو قديم ايرانيءَ سان به لاڳاپو هو، پر لغوي ۽ معنوي نقط نظر کان، سنڌي ٻوليءَ جو قديم لاڳاپو هند- آريائي ٻوليءَ سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو."38

بهرحال ايس- آر، راءِ جي مٿي بيان ڪيل راين مان هي نتيجو ٿو نڪري ته سنڌي ٻولي، رگ ويد جي زماني کان اڳ جي ٻولي آهي، جنهن جو واسطو قديم هند- آريائي ٻوليءَ سان هو: يعني ته سنڌو- ماٿر ۾ ويدن واري زماني کان به اڳ، هند- آريائي نسل جي ڪا جاتي/ جاتيون آباد هيون.

35- راءِ، ايس- آر: سنڌو لکت ۽ ٻولي، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 68
36- ايضاً
37- ايضاً
38- ايضاً

(ح)- هندوستان جو آرڪيالاجيءَ جو هڪ ٻيو ودوان، ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ سنڌو- ماٿر جي قديم رهاڪن لاءِ، اُن پراڻي نظريي جي پٺڀرائي ڪري ٿو، جنهن لاءِ گنگارام سمراٽ، پنڊت دوارڪا پرشاد ۽ سوامي سنڪراند اڳ ۾ دعوا ڪري چڪا آهن. ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ جي راءِ، ڊاڪٽر رفيق مغل ۽ ڊاڪٽر مهر عبدالحق جي راءِ سان ٻه هڪ جهڙائي رکي ٿي، پر انهن جي راءِ ۾ فرق فقط هيءُ آهي ته ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ، سوامي سنڪراند ۽ پنڊت دوارڪا پرشاد چون ٿا ته آريا ڪٿان ٻاهران لڏي ڪونه آيا هئا، پر اُهي سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو ئي هئا.

پنڊت دوراڪا پرشاد شرما 1944ع ۾ جيڪو رايو ڏنو هو، سندس ڪتاب 'سنڌ جو پراچين اتهاس' (ڀاڱو2) مان هُوبهو نقل ڪري هيٺ ڏجي ٿو:

"مون کي وشواس آهي ته اسان جي سنڌو سڀيتا، ڌارين ملڪن جي سڀيتا جي درخت جي شاخ نه، بلڪ انهن جو بنياد آهي، يعني سميريئن ۽ مصري سڀيتا، اسان جي سنڌو يعني ڀارت ورش جي سڀيتا جا ميوا آهن."39

پنڊت دوراڪا پرشاد اڳتي لکي ٿو ته:

"سڀيتا ڌرم جي پيڻ ڪندي به ڏسڻ ۾ ايندو ته 'مهن جي دڙي' جا ماڻهو ونڊڪ هندو آريه هئا."40

(خ)- پنڊت دوارڪا پرشاد بلڪل انهيءَ راءِ جو هو، جيڪا راءِ لڳ ڀڳ 45 سال پوءِ يعني 1982ع ۾ ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ بيان ڪئي آهي. دوارڪا پرشاد لکي ٿو ته:

"اها ڳالھ ياد رکڻ گهرجي ته مهن جي دڙي يا هڙپا ۾ جيڪي ماڻهو رهندا هئا، تن مان گهڻو انداز ونڊڪ آرين يعني هاڻوڪن هندن جي وڏن جو هو، مگر انهن جي سڀيتا ۾ زماني گذرڻ سبب، انقلاب ضرور اچي ويو هو."41

ساڳي دعوا ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ به ڪئي آهي، هو لکي ٿو ته:

"هو صاحب ڀارت- پاڪستان اُپکنڊ جي ڪا نئين تاريخ جوڙڻ

39- دوارڪا پرشاد، شرما: سنڌ جو پراچين اتهاس ڀاڱو 2، حيدرآباد سنڌ، جون 1944ع، ص135.
40- ايضاً
41- ايضاً

چاهي ٿو ۽ شايد اِن نئين تحقيق کان اڻ– واقف آهي ته آريا اصل، ڀارت جا ئي رهاڪو هئا ۽ اُهي ٻاهران ڪٿان ڪونه آيا هئا."[42]

ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ پنهنجيءَ تحقيق ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌو- ماٿر جي رهاڪن جي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ماهرن جي راءِ ۾ گهڻو اختلاف آهي. هڪڙن جو رايو آهي ته سنڌو- ماٿر جا رهاڪو دراوڙي يا مُنڊا گروهه واري نسل سان واسطو رکندا هئا. جڏهن ته ٻين جو خيال آهي ته اِهي دراصل آريا نسل وارا هئا. قادر هيراس ۽ ويجهڙائيءَ ۾ روسي ودوانن، سنڌن ٻوليءَ جي نشانين جي، لفظن جي، اول ۽ آخر ۾ استعمال جي تجزئي جي مدد سان رايو ڏنو آهي ته انهن لوڪن جي ٻولي 'قديم دراوڙي' (Proto-Dravidian) هئي. انهيءَ هوندي ٻه اهي سڀئي رايا ظني آهن ۽ 'اندازي' (assumption) تي مدار رکن ٿا."[43]

ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ اڳتي لکي ٿو ته:

"سنڌو- ماٿر جي لکت جي پڙهڻيءَ مان ثابت ٿيو آهي ته، سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙ اصلوڪي قوم، 'آريا' ۽ 'اُشور'، هڪ گڏيل نسل واري اُها قوم هئي، جنهن جو اصل نسل ۽ تهذيب ۽ تمدن ساڳئي بڻ بنياد وارو هو. اها جاتي، سنڌو- ماٿر ۾، ڪٿان ٻاهران آيل ڪا نئين جاتي (new comers) نه آهي، پر اها قوم ۽ اُن جا ماڻهو جُڳن کان هن ئي سرزمين ('سنڌو ماٿر') جا اصلوڪا رهاڪو آهن، ۽ اهي ماڻهو (اَشور ۽ آريا)، تيستائين هن ئي ماٿريءَ ۾ رهندا هئا، جيستائين سنڌو- تهذيب قائم هئي، يعني اُن جو خاتمو نه ٿيو هو.

اهي ماڻهو هڪ ٻئي کان اِلڳ تڏهن ٿيا، جڏهن سنڌو- تهذيب جو خاتمو آيو. اها قوم، آريا (Aryans) جي نالي سان سنڌن همعصر تهذيب ۽ تمدن وارين قومن وٽ، سڃاتي ويندي هئي. اها گڏيل نسل (آريا ۽ اشور) واري قوم، انسان ذات جي چڱن وڏين ۽ طاقتور قومن ۾ شمار ٿيندي هئي. اُنهن مان هڪ قوم

---

42- موتيلال جوتواڻي، ڊاڪٽر: مقالو: سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيه جي اتهاس جي ڀومڪا حوالو ڏنل آهي، ص46 ۽ 47

43- Krishna, Rao, Dr. M.V.N., Indus Script deciphered, Delhi, 110035, B.N. Printers, 4240, Budh Nagar Rampura, 1982, P. Inner Cover, P.2.

تہ هئي سنڌو- ماٿر واري قوم، ۽ باقي ٽي قومون هيون: سامي، هامي ۽ توراني.“44

ڊاڪٽر راءِ پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾ اڳتي لکي ٿو تہ:

”ٻيا ودوان جهڙوڪ ’گاڊ‘ (Gadd) ۽ ڪرنل واڊل (Colonel Waddel) پڻ هن راءِ جا آهن تہ قديم زماني کان وٺي، سنڌو- ماٿر ۾ ڪاٻہ نئين قوم (New comers)، ڪٿان ٻاهران ڪانہ آئي، پر دراصل موهن جي دڙي ۽ هڙاپا تهذيب جا رهاڪو، آرين جا ابا ڏاڏا هئا.“45

## 2- سنڌو- تهذيب، آرين جي اچڻ کان اڳ جي تهذيب آهي:

هن حقيقت کي هر ماهر تسليم ڪيو آهي تہ موهن جي دڙي ۽ هڙپا تهذيب، يعني سنڌو- ماٿر جي تهذيب، آرين جي، هن علائقي ۾ اچڻ کان اڳ جي تهذيب آهي. آثار قديم، علم الانسان ۽ تاريخدان هاڻ هن فيصلي تي پهتا آهن تہ سنڌو- تهذيب ۽ اُن تهذيب جا ڌڻي، هت ڪٿان ٻاهران لڏي ڪونہ آيا هئا، بلڪ اها تهذيب (سنڌو- تهذيب)، سنڌو- ماٿر جي اصلوڪي ۽ مقامي تهذيب ئي آهي، جيڪا سنڌو- ماٿر اندر ئي اُسري، وڌي ۽ ويجهي، ۽ هن واديءَ ۾ ئي نش و نما حاصل ڪيائين.

(الف)- هن سلسلي ۾ پاڪستان جو مشهور ماهر لسانيات، محترم عين الحق فريد ڪوٽي لکي ٿو تہ:

”آثار قديم جي مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ آرين جي اچڻ کان اڳ، سنڌو- ماٿر ۾ جيڪا قوم آباد هئي، سا پنهنجي زماني جي لحاظ کان تهذيب ۽ تمدن ۾ بلند مقام رکندي هئي. يقيناً اهڙي سماج ۾ رائج زبان بہ ضرور ترقي يافتہ هوندي. هن ماٿريءَ مان هٿ آيل چٽيل مهرن مان اهو بہ پتو پوي ٿو تہ هن تهذيب جا مالڪ (هتي جا ماڻهو) فن تحرير مان بہ واقف هئا. افسوس اُن ڳالھ تي آهي تہ اهو رسم الخط ۽ اهي مهرون اڃا پڙهجي نہ سگهيون آهن. ان ڪري هن زبان جي باري ۾ وثوق سان ڪجھ

44- Krishna, Rao, Dr. M.V.N., Indus Script decipherd, Delhi, 110035, B.N. Printers, 4240, Budh Nagar Rampura, 1982, P. Inner Cover, P.2.
45- Ibid, PP. 20 & 21.

ٻـ چوڻ مشڪل آهي."[46]

(ب) هن سلسلي ۾ پاڪستان جو ٻيو ماهر، مؤرخ ۽ علم اللسان جو وڏو ڄاڻو، ڊاڪٽر مهر عبدالحق پنهنجي ڪتاب The Soomras ۾ لکي ٿو تہ:

"اها راءِ تہ سنڌو- ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن ڪٺان ٻاهران آيل آهي، يا سنڌو- تهذيب، ڪٺان ٻاهران لڏي آيلن جي تهذيب ۽ تمدن تي مدار رکي ٿي، يا اها تهذيب، ٻين قومن جي تهذيب تان اُڌاري ورتل تهذيب آهي، اها سوچ هڪ پراڻي سوچ يا اهو نظريو هڪ پراڻو نظريو آهي. انهيءَ سوچ تيءِ هاڻي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ تحقيق ڪان پوءِ نئين سوچون ۽ نوان نظريا، انهيءَ پراڻي سوچ ۽ پراڻيءَ تحقيق تي حاوي پئجي چڪا آهن.

نئين تحقيق، نئين سوچ ۽ نون نظرين کي جنم ڏنو آهي، جنهن موجب 7000 ق-م ڌاري، سنڌو- ماٿر جي مقامي تهذيب ۽ تمدن جي نشونما ٿي، ۽ واهن جي ذريعي (آب ڪلاڻي)، زرعي آباديءَ واري طريقي جي ابتدا ٿي."[47]

(ت) اهڙيءَ طرح پاڪستان جي آثارِ قديم کاتي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل ۽ مشهور ماهر، ڊاڪٽر محمد رفيق مغل صاحب، 1996ع ۾، 4 مئي تي، ڊان اخبار (انگريزي) ۾، انهيءَ سلسلي ۾، ٻين ڳالهين سان گڏ، سنڌو- تهذيب جي باري ۾، راءِ ڏيندي فرمايو تہ:

"وثوق وارن ثبوتن ۽ دليلن سان مون انهيءَ نظرئي کي رد ڪيو آهي تہ، سنڌو- تهذيب ڪا ڪٺان ٻاهران يعني ميسوپوٽيميا يا ايران کان هن علائقي ۾ آيل آهي. مون پنهنجيءَ تحقيق ذريعي ثابت ڪيو آهي تہ سنڌو- ماٿر جي تهذيب، ڏيهي يعني 'مقامي' (Indigenous) تهذيب آهي، جنهن جون پاڙون، سنڌو- تهذيب ۾ ئي کُتل آهن، ۽ جيڪا سنڌو- ماٿر مان ئي پروان چڙهي آهي. هن تهذيب جو خاتمو بہ، هن ئي واديءَ ۾ ٿيو."[48]

---

46- عين الحق فريد ڪوٽي: اردو زبان کی قديم تاريخ، لاهور، اورينٽ ريسرچ سينٽر، طارق ڪالوني، ملتان روڊ، لاهور، 1979ع، ص 56

47- Mahar Abdul Haq, Dr., The Soomras, Multan, Beacon Books, 1992, P.43.

48- Mughal, M. Rafique, Dr., Interview, published in Daily Dawn (English), Karachi., May-4, 1996.

(ٿ)- ساڳيءَ طرح وسڪانسن يونيورسٽيءَ جي انٿراپالاجي شعبي جي، ائسوشيئيٽ پروفيسر، ڊاڪٽر جي- مارڪ ڪنائر (J.Mark, Kenoyer) جيڪو گهڻي عرصي کان، 'هڙپا' جي کنڊرن جي کوٽائي ڪري رهيو آهي، تنهن ڪراچيءَ ۾، جون مهيني ۾، 1997ع ۾ 'Ancient Cities of Inuds Valley" جي موضوع تي ڪوٺايل هڪ سيمينار ۾، هن موضوع تي پنهنجن خيالن جو اظهار هن طرح ڪيو:

> "اهو سمجهڻ غلط آهي تہ سنڌو- تهذيب ۽ اُن جي شهرن کي ڪو ٻاهران آيل ماڻهن يا قومن اچي تعمير ڪيو. پر در اصل 'هڙپا شهر' واري حصي کي، هتي جي مقامي يعني ڏيهي ماڻهن 3300 ق- م کان 2600 ق- م ڌاري آباد ڪيو هو ۽ اهڙو ڪوبہ ثبوت نٿو ملي تہ هن علائقي ۾ ڪا ٻاهرين/ ڌارين قوم اچي قيام پذير/ آباد ٿي هئي."[49]

(ج)- هندستان جي، پوني يونيورسٽيءَ جي ڊپارٽمينٽ آف آرڪيالاجيءَ جو مشهور ودوان، پروفيسر ڊاڪٽر پديا، سنڌو- ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن جي دراوڙي تهذيب ۽ تمدن سان هڪجهڙائيءَ تي تحقيقي نظر وڌي آهي. ڊاڪٽر پديا کي دراوڙي ٻولين ۽ تهذيب، ۽ سنڌو- تهذيب ۽ تمدن ۾ گهڻي هڪ جهڙائي نظر آئي آهي. انهن ٻولين ۽ سنڌيءَ ۾ وياڪرڻي هڪجهڙائيءَ ۾ صوتياتي سنٻنڌ ڪيئن ٿيو ۽ اُهو سنٻنڌ ڪيئن قائم رهيو، جڏهن تہ دراوڙي زبانن وارو علائقو، سنڌو- ماٿر کان ڪافي پري ۽ هزارين ميلن جي مفاصلي تي آهي، پر پروفيسر پَڌيا جي راءِ موجب انهن ٻنهي علائقن جي وچ ۾ ثقافتي ۽ تجارتي ناتا ۽ رشتا قائم هئا. ڊاڪٽر پَڌيا لکي ٿو تہ:

> "سنڌ جو، قبل از تاريخ وارو زمانو، لڳ ڀڳ 1500 ق- م واري زماني کان وٺي، عيسوي صديءَ جي شروع ٿيڻ واري عرصي تائين رهيو. گذريل صديءَ (يعني اوڻيهين صديءَ) جي وچ واري عرصي کان وٺي، سنڌ جي اُلهندئين ڏاڪرو علائقي ۾، قبرن جا اُهي آثار ۽ ماڳ هٿ آيا آهن، جيڪي پٿرن جي طاقن (بلاڪن) جون ٺهيل آهن. انهيءَ ڪري انهن قبرن کي 'وڏن پٿرن واري تعميرات' يعني megalithis چوندا آهن. انهيءَ قسم جا آثار، سنڌ ۾، ڪراچيءَ جي ويجهو ۽ ٻين هنڌن تي ڏٺا ويا آهن، اهي قبرون ٽن نمونن جون ملن ٿيون. اُهي نمونا هي آهن:

49- Kenoyer, J. Mark, Lecture on 'Ancient Cities of the Indus Valley, Daily Dawn (English), Karachi, Tuesday, June 3, 1997.

Cairn (iii) ۽ گول پٿرن جون (ii) dolmen (i)
عجب جهڙي ڳالھ هيءَ آهي تہ انهن قسمن جون قبرون، ڏکڻ هندستان ۽ وچ مشرق جي وچ ۾ تهذيبي ۽ تمدن جي هڪ جهڙائيءَ (homogenecity) لاءِ دليل آهن. ان کان سواءِ، انهن قبرن مان لوھ مان ٺهيل هنر (artifacts)، مٽيءَ جا برتن ۽ ٻيو اهڙو سامان پڻ هٿ آيو آهي، جيڪو سنڌ ۽ ڏکڻ هند ۾ ثقافتي هڪ جهڙائيءَ جا ثبوت ڏئو ڏئي.
بلڪل اهڙيءَ طرح برهمڻ آباد ۽ ميرپور خاص واري هڏمت جي ڪاهوءَ جي دڙي واري اسٽوپا ۽ ٻين بستين مان هٿ آيل سامان، بلڪل اهڙوئي آهي جهڙو هندي اُپبيٽ وارن آثارن مان هٿ آيل سامان؛ لهاذا ماهر هن راءِ جا آهن تہ سنڌو- ماٿر ۽ ڏکڻ هند جي ويجهڙائيءَ وارن شهرن ۽ بستين جي وچ ۾ ماڻهن جي اچ وڃ، سوچن ۽ ويچارن جي ڏي- وٺ ۽ سامان جي ڏي- وٺ عام طور جاري هوندي هئي. انهن هڪجهڙاين جي آڌار تي ماهرن اها راءِ ڏني آهي تہ اها قديم- دراوڙي (Proto-Dravidian) تهذيب هئي، جنهن تي پوءِ آرين ۽ ٻين قومن ۽ جاتين جي تهذيب ۽ ثقافت حاوي پئجي ويئي.[50]

ڊاڪٽر پَدّيا اڳتي لکي ٿو تہ:

"1930ع ڌاري فادر هيراس (Father Heras) ۽ ٻين ودوانن اها دعوا ڪئي هئي تہ سنڌو- لکت، قديم دراوڙي (Proto-Dravidian) ٻولين جي نمائندگي ٿي ڪري.
ويجهڙائيءَ ۾ ساڳئي قسم جو رايو روس، فنلنڊ، امريڪي ۽ ٻين ملڪن جي عالمن ڏنو آهي."[51]

ڊاڪٽر پديا، ڊاڪٽر ايف- آر آلچين ۽ برجيٽ آلچين جي حوالي سان، سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ڳالهائيندڙ خطن ۾ ثقافتي، تجارتي-لساني ناتن جو ذڪر ڪيو آهي. هو (ڊاڪٽر پديا) لکي ٿو تہ:

"ڍاڳيا/ مارو ماڻهو (Cattle breeder)، ڏکڻ هندستان مان چوپايو مال، سنڌو- ماٿر ۾ پهچائيندا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ اُتر ڪرناٽڪا جي بستيءَ 'بُديهال' (Budihal) ۾ کوٽائيءَ دوران، ڳوٺن ۾

50- Paddaya, K., Dr., Cultural and Linguistic Connections between Sindh and Dravidian Speaking Area in Indian Sub- continent, P.3.
51- Ibid.

رهندڙ ڳوٺاڻن ماڻهن (pastoral) جون بسيون هڻ آيون آهن، جيڪي 2500 ق- م کان 1000 ق- م جون معلوم ٿين ٿيون. اهڙيءَ طرح ڏکڻ هند ۾ قديم زماني ۾ رائج مذهب جا ٻه ڪيترائي 'اُهڃاڻ' ۽ نشان، موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن ۾ ملن ٿا، مثال طور موهن جي دڙي جي هڪ مشهور مُهر تي 'پَشوپتي' (جانورن جي ديوتا) جي تصوير نُهل آهي، انهيءَ ديوتا (پشوپتيءَ) کي 'شِو' جي 'قديم تصوير' (Proto-type Shiva) طور عزت ڏني ويندي آهي، 'شِو' کي دراوڙ قبيلن جي مشهور ديوتا طور مڃيو ويندو آهي."[52]

ڊاڪٽر پديا جي هن راءِ مان پڪا ثبوت ملن ٿا ته، سنڌو- ماٿر ۽ ڏکڻ- هند جي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن توڙي ڌرمي مڃتائن ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي هئي، ۽ انهن ملڪن جا هڪ ٻئي سان تجارتي، سماجي ۽ ثقافتي رشتا ۽ ناتا رهيا.

## 3- سنڌو- تهذيب جي ثقافت ۽ ٻوليءَ ۾ تسلسل ۽ تواتر:

(الف) ڪنهن به قوم جي تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ، اُن قوم جي، ملڪ جي قديم آثارن مان مليل مواد کان سواءِ، اُن قوم جي ٻوليءَ جي تاريخ جو اڀياس ڪرڻ نهايت ئي ضروري آهي. اُن لحاظ کان، سنڌ جي ماڻهن، خاص ڪري هتي جي قديم ۽ اصلوڪن رهاڪن جي تهذيب ۽ تمدن جي ابتدا ۽ تاريخي ارتقا جي اڀياس لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا جو تفصيلي اڀياس ڪرڻ ضروري آهي. هن سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده مواد کي، سامهون رکي، اُن جا پنُيرا پيرا کڻڻا پوندا، ۽ ماضيءَ ڏانهن موٽڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته ڪنهن به ملڪ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جي اڀياس لاءِ، اُن ملڪ جي تهذيب ۽ تمدن جي حال واريءَ حيثيت کان ماضيءَ ڏانهن موٽڻ ۽ ان جا پُنيرا پيرا کڻڻ سان ئي، پنهنجي مقصد ۽ منزل تي پهچي سگهبو. ان سلسلي ۾ جيئن جيئن ماضيءَ ڏانهن وڃبو، تيئن تيئن نئيون نئيون ڳالهيون ۽ نوان نوان نڪتا سامهون ايندا. ڇاڪاڻ ته سنڌو- تهذيب ۽ تمدن ۾، ماهرن جي راءِ موجب، سواءِ ٿوريءَ تبديليءَ جي، تسلسل قائم رهندو آيو آهي ۽ قائم رهندو اچي.

(ب) سنڌو- تهذيب جي ڌار ڌار پهلوئن مان ڪيترا ئي پهلو اهو ظاهر ٿا ڪن ته هن تهذيب ۾ رائج ٻولي، سنڌس ابتدائي زماني کان وٺي ختم ڪانه ٿي آهي، پر ان ۾ تسلسل قائم رهندو آيو آهي. هن تهذيب جو تسلسل، عام ماڻهن جي

52- Paddaya, K., Dr., Cultural and Linguistic Cnections between Sindh and Dravidian Speaking Area in Indian Sub- continent, P.3.

قبيلن ۽ ڪٽنبن جي نمائندگي ٿي ڪئي، جن جو انهن شهرن تي قبضو هو يا اُهي جا حڪمران هئا.“[55]

ڊاڪٽر ڪنائر اڳتي فرمائي ٿو تہ:

”مڇي، پکي ٿوڙي ٻيون شيون علامت طور ڪم آنديون وينديون هيون. اهي (مڇي ۽ پکي وغيره) ’انساني نسل جي واڌاري‘ ۽ آباديءَ (Fertility) جون علامتون سمجهيون وينديون هيون. ڍڳو، ’سگهہ‘ ۽ ’طاقت‘ جي علامت طور استعمال ڪيو ويندو هو. ’پپل‘ جي وڻ کي، ’سات‘ ۽ ’همدرديءَ‘ (ڇانو) جي علامت سمجهندا هئا. اهي چٽ ۽ نقش، مٽيءَ جي برتنن، ڪاشيءَ جي ٿانون تي اڄ بہ نظر ايندا آهن. اهي چٽ، گل ۽ نقش، ان وقت بہ هٿ سان ٺاهيا ويندا هئا.“[56]

ڊاڪٽر ڪنائر ساڳئي سلسلي ۾ اڳتي فرمايو تہ:

”زيور ۽ ڳهڻا، فقط هار سينگار لاءِ ڪونہ پائبا هئا، پر اُهي بہ ڪنهن ديوتا جي مڃتا يا سڃاڻپ (Indentity) طور پاتا ويندا هئا. اُنهن مان ڪي زيور اڄ بہ، اُنهيءَ ئي طرز ۽ نموني جا ٺاهيا ويندا آهن، جن جهڙا موهن جي دڙي جي تهذيب واري زماني ۾، سنڌو- ماٿر ۾ ٺاهيا ويندا هئا.“[57]

ڊاڪٽر ڪنائر زور ڏيندي فرمايو تہ:

”عام طور سياحن جي ڪتابن ۽ مواد ۾، موهن جي دڙي مان هٿ آيل ڏاڙهيءَ واري ماڻهوءَ جي مورتي، ’ديوتا‘ (King priest) جي مورتي نہ آهي، پر اها مورتي، ڪنهن قوم يا جاتيءَ جي سردار يا چڱي مڙس جي يادگار مورتي آهي. هن (مورتي) جي مٿي جي ڪياڙيءَ وارو حصو، ويٺل، (flat) آهي. مٿي جو اهو حصو (ڪياڙي)، انهيءَ ڪري ويهاريندا هئا تہ جيئن مٿي تي پٽڪو يا پڳ ٻڌي سگهي. پٽڪي جو اهو نمونو اڄ بہ سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو جاري رکيو اچن.“[58]

پروفيسر ڪنائر جي انهيءَ تحقيق مان ثابت ٿو ٿئي تہ، واديءِ سنڌ جي

55- Kenoyer, J. Mark, Op. Cit.
56- Ibid.
57- Ibid.
58- Ibid.

'سنڌو' لفظ جي صورت ۾ بدلايو ويو."[63]

ڪئپرس لکي ٿو ته:

"واديءِ سنڌ جي 'ڊمگهن' (Damghan) ماڻهن جو تعلق موجوده پنجاب جي ماڻهن سان ايترو ته گهرو آهي جو هي نسل 'اَرل ڪئسپيئن' (Aral Caspain) سمنڊ جي 'سير' (syr)، 'آمون' (Amon) ۽ 'داراجا' (Daraja) جي بالائي-درمياني خشڪ گذرگاه (لنگهه) ڪان لڏي، هندو-ڪش جبلن جي تنگ ۽ سوڙهن درّن مان لنگهي، اُترين لاهين ۽ سنڌوءَ درياءَ جي بالائي خشڪ گذرگاهن کي تلاش ڪندي، آخر پنجاب پهتا ۽ اُتي ئي رهي پيا."[64]

سنڌو- ماٿر تي ڌارين جا حملا هميشه ٿيندا رهيا آهن. تاريخ شاهد آهي ته انهن حملن جي باوجود، ۽ هن واديءَ تي ڌارين ۽ حملا آورن جي قبضي ٿيڻ جي باوجود، هن سرزمين جي سموري آبادي، يعني هتي جا رهاڪو يعني سڀ ماڻهو، حملا آورن جي خوف ۽ ڀڄ وڃان، پنهنجو ملڪ ۽ پنهنجي زمين ڇڏي، هتان ڀڄي ڪونه نڪتا هئا، البت سنڌ آباديءَ جو ڪجهه حصو، يعني ڪي ڪٽنب ۽ ڪي قبيلا، خوف ۽ هراس وچان، هتان لڏي، پروارن ملڪن يا رياستن ۾ پناه يا اُجهي وٺڻ لاءِ ضرور ڀڄي ويا هوندا، جيئن 'لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ' ڪتاب ۾ چيو ويو آهي. اُن راءِ ۾ هيئن چيو ويو هو:

"اسلام جي آمد کان اڳ واري سنڌي علم ادب جي تاريخ جي ڪاٻه خبر پئجي نه سگهي آهي. هن ڏس ۾ راجستان ۽ گجرات جي پراڻن ڪتبخانن کي ائلائڻ پٿلائڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته فاتح سنڌ، غازي محمد بن قاسم جي حملي وقت (712ع)، ۽ ديبل جي فتح وقت، ڪي سنڌي لوهاڻا ۽ ٻيا، پروارين غير- مسلم حڪومتن ڏانهن لڏي ويا ۽ اوڏانهن وڃي پناه ورتائون. ممڪن آهي ته لڏپلاڻ وقت هو ڪي علمي ۽ ادبي شيون پاڻ سان کڻي ويا هجن، جيڪي شايد هن ڏس ۾ اسان جي رهنمائي ڪن."[65]

---

63- Mahar Abdul Haque Dr., The Soomras, Op. Cit., P.30

64- Kappers, An Introduction to the Anthropology of the Near- East in Ancient and Recent Times, Amsterdam, Oxford University Press, P.112.

65- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1977ع، ص 170

بلڪل اهڙيءَ طرح، آرين جي حملي وقت ۽، ماڻهن جي آباديءَ جي اڪثريت، حملہ آورن جي اڳيان پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري، سندن آڻ مڃي هوندي ۽ اُنهن (حملہ آورن) کي پنهنجو حڪمران قبول ڪيو هوندو، ۽ پنهنجن پنهنجن ماڳن ۽ مڪانن تي ئي، رهجي ويا هوندا. اهوئي سبب آهي جو هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، سنڌو- تهذيب ۽ تمدن ۾، تسلسل قائم ۽ دائم رهندو آيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو آمريءَ جي دڙي، ڪوٽ ڏجيءَ، ڪاهوءَ جي دڙي، چانهوءَ جي دڙي، جُهڪر جي دڙي، ڪوٽ رُڪن، پنبور ۽ برهمڻ آباد (منصوره) جي کنڊرن جي کوٽائيءَ مان، قديم آثارن جي ماهرن کي، سنڌو- ماٿر جي قديم رهاڪن جي نہ فقط تهذيب ۽ تمدن جي باري ۾ نئين نئين معلومات ملي آهي، پر انهن کنڊرن جي کوٽائين، سنڌي تهذيب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس جي ارتقائي تاريخ ۾ نوان نوان موڙ آندا آهن.

(الف) سنڌو- ماٿر جي موجوده پنجاب (هڙپا) واري خطي ۾ آرين جي آيل پهرين کيپ:

هن ڪان اڳ آرين جي قبيلن جو، سنڌو- ماٿر ۾ پهچڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر سنتي ڪمار چٽرجي ۽ ٻين ماهرن جو خيال آهي تہ آريا قبيلا سنڌو- ماٿر ۾ 1500 کان 1000 ق- م داري وارد ٿيا هوندا.[66] اُهي پوءِ آهستي آهستي سنڌو- ماٿر جي اوپر طرف ۽ ٻين حصن ۾ پکڙجي ويا هوندا. انهيءَ ڪري ماهر جي خيال موجب، ايران وارن آرين جي زبان يعني هند- ايراني، ٻن مکيہ شاخن ۾ ورهائجي وئي: جيڪي آريا قبيلا ايران ۾ رهيا، انهن جي ٻوليءَ کي قديم- ايراني سڏيو ويو[67]، ۽ جيڪي قبيلا سنڌو- ماٿر ۾ اچي آباد ٿيا، انهن جي ٻوليءَ کي ماهرن 'هندڪي' (Indic)[68] سڏيو. پر هيءَ غلط فهمي نہ ٿيڻ کپي تہ مانسهرا واري هزارا خطي ۾ رائج زبان 'هندڪو' (Hindko)، اهائي زبان آهي، جيڪا آريائي قبيلن سنڌو- ماٿر ۾ اچي ڳالهائي يا ڪم آندي، پر موجوده 'هندڪو زبان' جو جڏهن اڀياس ٿو ڪجي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ 'هندڪو زبان' ۽ سنڌي زبان جي وچ ۾ تمام گهڻي هڪ جهڙائي آهي، بلڪ هڪ پوري تهذيبي، تمدني ۽ لساني پٽي، جنهن کي 'لهندي زبان وارو خطو' چاٺايو ويو آهي، ان خطي ۾ رائج سيئي زبانون ۽ 'هندڪو ٻولي' پاڻ ۾ تمام گهڻي هڪ جهڙائي رکن ٿيون، ۽ ائين ٿو ثابت ٿئي تہ 'هندڪو'، 'الهندي شاخ' وارين ٻولين مان ڪا هڪ

66- Chatterji, S.K., Indo-Aryan and Hindi, Ahmedabad, 1942, PP. 18 & 156.

67- Buck, C.D., Comparative Grammar of Greek and Latin, University of Chicago, 1962, P.4.

68- Ibid.

جي تحقيق کان اڳ، برصغير هند- پاڪ جا قديم ڏيهي ماهر، سنسڪرت، گريڪ ۽ لئٽن جي لفظي، صوتياتي، صرفي ۽ نحوي خزاني کي هڪ جهڙو ڏسي، هيءَ راءِ قائم ڪري ويٺا هئا تہ، 'گريڪ'، 'لئٽن' ۽ 'زند'، يعني اهي سڀ زبانون سنسڪرت جون شاخون آهن.[70] يعني تہ انهن (هندوستاني پنڊتن) جي راءِ موجب سنسڪرت ٻولي، يورپ ۽ هند- پاڪ جي بيشمار ٻولين جي ماءُ ٿئي: پر سر وليئم جونز، سنسڪرت، گريڪ، لئٽن ۽ زند جي تقابلي جائزي کان پوءِ مٿي بيان ڪيل مفروضي کي رد ڪري، اها دعوا ڪئي تہ:

> "اهي چار ئي زبانون- سنسڪرت، گريڪ، لئٽن ۽ زند- ڪنهن هڪ ئي اصلي بنياد مان ڦٽي نڪتيون آهن."[71]

## 6- ڪن ٻہ ٻولين جي هڪ جهڙي هجڻ يا هڪ ئي خاندان مان هجڻ واريءَ راءِ کي سمجهڻ لاءِ ڪي اصول:

ڪن ٻہ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ٻولين جي تقابلي اڀياس لاءِ جن ٻہ اهم نقطن (جزن) جي اڀياس ۽ ڇيڙ جي ضرورت هوندي آهي، اُهي هي آهن: (i) صوتي هڪجهڙايون، (ii) لفظن جي ڌاتوئن (roots) ۾ هڪجهڙايون، (iii) ڪردنتن جي بناوت جا هڪ جهڙا اصول، (iv) اسمن ۽ فعلن جي گردانن ۾ هڪ جهڙايون، (v) ضميرن ۽ حرفن (participles) ۽ حرف جر وغيره جي استعمال ۾ هڪجهڙايون: مطلب تہ جيڪڏهن ڪن ٻہ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ٻولين ۾، اهي سڀ هڪ جهڙايون موجود هونديون تہ پوءِ چئبو تہ يا تہ هڪ زبان، اُن/ ٻيءَ زبان مان ڦٽي نڪتي آهي، يا ٻئي (يا وڌيڪ) زبانون، ڪنهن هڪ ئي ۽ ساڳئي بنياد جون شاخون آهن، يعني هڪ ئي بنياد مان ڦٽي نڪتيون آهن.

مون 1967ع ۾، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' جي عنوان تي هڪ مضمون شايع ڪرايو هو، جيڪو سماهي مهراڻ جي ٻئي جلد (1967ع) ۾، صفحي 66 کان 94 تائين ڇپيو هو. ان مضمون ۾، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ هي نتيجو ڪڍيو هئم:

> "ماهرن جي بيان ڪيل نظرين جي مطالعي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي، سنسڪرت جي شاخ نہ آهي، پر سنڌي، سنسڪرت ۽ لهندا، ٽنهي جو اصلي بنياد، قديم پراڪرت جي هڪ ئي لهجي، يعني اڌيچيہ لهجي جو هڪ محاورو، 'وراچڊ

70- Bloom field, L., Language, London, George Allen and Unwin Ltd., 1961, P.12.
71- Ibid.

اپڀرنش' آهي"[72]

پر ساڳئي ئي عنوان تي، وڌيڪ تحقيق ڪان پوءِ، انگريزي زبان ۾ هڪ مضمون لکيم، جنهن ۾ 1967ع ۾ قائم ڪيل راءِ ۾ ترميم ۽ تبديلي آڻي، هيٺيان نتيجا ڪڍيا هئم:

(i) سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان هرگز ڦٽي نڪتل نہ آهي.

(ii) سنڌي، هڪ خودمختيار سُنڌُو پراڪرت آهي، جڪا سنڌو- ماٿر جي هيٺئين حصي ۾ ڳالهائي ويندي هئي.

(iii) سنڌي، سنسڪرت، وراچڊ (لهندا جي ماءُ) ۽ پئشاچي (داردي ٻولين جي ماءُ) يعني اهي چار ئي ٻوليون، هڪ ئي بنياد مان ڦٽي نڪتل آهن.

منهنجيءَ انهيءَ راءِ کي، پروفيسر پوپٽي هيرانندائيءَ جي راءِ، وزندار بنايو. پروفيسر پوپٽيءَ، پنهنجي راءِ ۾ لکيو هو تہ:

> "سنڌي، سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي، پر سنڌي ۽ سنسڪرت جو بنياد ساڳيو آهي: ٻنهي جو سرچشمو سنڌو- ماٿر جي اصل آريائي ٻولي آهي. سنسڪرت اوائلي مول ڀاشا جو هڪ روپ آهي، ۽ سنڌي ٻيو روپ، هڪ ماءُ جون ٻہ ڌيئون هئڻ ڪري، ٻنهي ۾ سمانتا آهي."[73]

آءٌ پنهنجيءَ تازيءَ تحقيقي ڪاوش، 'ثقافتي ورثو' ۽ هن ڪتاب ۾ اُترين علائقن جي ٻولين تي تحقيق ڪندي هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ، 'سنڌي ۽ داردي ٻولين' ۾ تمام گهڻي هڪ جهڙائي آهي، بلڪ داردي خاندان واريون ٻوليون ۽ انهن جو بڻ بنياد بہ، سنڌو- تهذيب واري قديم ۽ اصلوڪي زبان، 'سُنڌُئيءَ' سان واسطو رکي ٿو. جيئن ايندڙ صفحن ۾ ڏنل چارٽ مان معلوم ٿيندو، سُنڌُئي ٻولي، سنڌو-ماٿر جي پنهنجي قديم ۽ مقامي تهذيب مان اُپري ۽ اُسري آهي، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. انهيءَ ڪري مٿي ڪڍيل نتيجن مان، نتيجي نمبر (ii) ۽ (iii) ۾، تازي تحقيق ڪان پوءِ، ڦيرقار ڪئي اٿم. هن سلسلي ۾، انگريزي زبان ۾ لکيل منهنجي ڪتاب The Origin and growth of Sindhi Language ۾ مثالن ۽ دليلن سان، تفصيل ڏيئي، هن نقطي کي هن طرح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم تہ:

> "سنڌي زبان، سنڌو- ماٿر ۾ ڪٿان ٻاهران آيل ڪنهن قوم جي زبان مان هرگز اُپري يا اُسري نہ آهي، يا اُن زبان مان ڦٽي ڪانہ نڪتي آهي، بلڪ سنڌي زبان، سنڌو-ماٿر جي قديم سنڌو-تهذيب

72- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، مقالو، سماهي مهراڻ، جلد2، 1967ع ص ص 66-94.

73- پوپٽي هيرانندائي، پروفيسر: ڀاشا شاستر.

۾ رائج 'سَنڌُئي زبان' جي هڪ اُها صورت آهي، جيڪا هن واديءَ جي، مقامي ۽ اصلوڪي زبان آهي ۽ جيڪا اڳتي هلي، 'سَنڌُئي'، 'لَهندي'، داردي، براهوئي، قديم-دراوڙي (Proto-Dravidian) يعني دراوڙي زبانن، راجسٿاني، گجراتي، ڪڇي، ڪاٺياواڙي، بانگڙو، ڀيلي ۽ ٻاگڙي جي ماءُ ٻولي (Parent Language) آهي جيڪا اُترين، اُتر-اوڀر وارين، اُپرندين، ڏکڻ-اوڀر وارين، اُتر-اولهه واري ۽ ڏکڻ-اولهه وارين شاخن ۾ ورهائجي وئي."[74]

## 7- سنڌيءَ ۽ سنسڪرت ۾ ڪي هڪجهڙايون:

مون هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي ۾، سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ ڪن هڪجهڙاين جا ڪي مثال ڏنا هئا. اُهي مثال هيٺ دُهرايا، وڃن ٿا؛ پر سنڌي، سنسڪرت ۽ هند- آريائي ٻولين ۾ هڪ جهڙاين جو خاص سبب هي بہ آهي تہ آرين جي فاتح هجڻ جي حيثيت ۾، فاتح قوم جي تهذيب ۽ ٻوليءَ/ ٻولين جو، مقامي تهذيب ۽ ٻولين تي اثر ٿيڻ عام ڳالهہ هئي. اهڙيءَ طرح سنڌو- ماٿر جي ترقي يافتہ تهذيب، ڌرمي ڪرياڪرمن ۽ ٻوليءَ جو، آرين جي تهذيب ۽ ٻولين تي پڻ اثر ٿيو. هن ڏس ۾ پروفيسر سنتي ڪمار چٽرجيءَ ۽ ڪولن ماسيڪا جي بيان ڪيل راين مان ڪي رايا مثال طور هيٺ ڏجن ٿا. پروفيسر چٽرجي لکي ٿو تہ:

> "آرين جي ٻوليءَ، قديم هندستان جي ساهتيہ، ڌرم ۽ سوچ ويچار ۽ اخلاق جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهي ٻوليون خيالن جي اظهار، تهذيب ۽ تمدن، جن جو بنياد آسٽريلوي ۽ دراوڙي نسل وارين قومن رکيو هو، تن تي سنسڪرت، اُتر-اولهہ واري پراڪرت، پالي ۽ ٻين ٻولين جو اثر پيو. اُن ڪري هتي جي مقامي ٻوليءَ تي انهن ٻولين جي صوتي، صرفي ۽ نحوي صورتن جو اثر پيو."[75]

هن ڏس ۾ ڪولن ماسيڪا جو رايو آهي تہ:

> "اها هڪ اهم ڳالهہ آهي تہ، سنڌو- ماٿر تي آرين جي تسلط کان پوءِ، پوري ڀارت ۾ آرين جي پکڙجي وڃڻ کان پوءِ، هتي جي ماڻهن آريائي ٻوليون اختيار ڪيون، خاص ڪري مشرقي بنگال، آسام، اوڙيسا ۽ ڏکڻ بهار خاص علائقا هئا، جتي آريائي ٻوليون غالب پئجي ويون."[76]

---

74- Allana, Ghulam Ali, Dr., Origin and Growith of Sindhi Language, Jamshoro, Institute of Sindhology, 2002, P.245.

75- Chattergi, S.K., Op. Cit., P.3

76- Collin Masica, Op. Cit., P.4.

انهن اثرن جي ڪري اُن وقت جي سنڌو- ماٿر ۾ رائج ٻوليءَ تي سنسڪرت جو اثر ٿيڻ ضروري هو. مثال طور:

**(الف) صوتي هڪجهڙايون:**

سنڌي ۽ سنسڪرت جي صوتياتي نظام جي ڀيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌيءَ ۾، سنسڪرت واريون مڙيئي صوتياتي خصوصيتون نه، پر ڀنهي زبانن ۾، ڪي خصوصيتون ضرور ساڳيون آهن.[77] سنسڪرت وانگر سنڌيءَ ۾ به سڀ 'ڌوڪڻا وينجن' (plosive sounds)، ٻچپوان (bilabial)، ڏندوان (dental)، مورڌني (retroflex)، سخت تارونءَ وارا (palatal) ۽ نرم تارونءَ وارا (velar)، گهڻا ويجن (nasal consonants) [م، مھ، ن، نھ، ڻ، ڻھ، ڃ ۽ ڱ]، اهڙيءَ طرح گسڻا (fricatives)، ڦرڻا (rolled) ۽ ڦڙڪي وار (flaps) آوازن مان، ڪن ڪن آوازن جي اچارن ۾ فرق جي باوجود، ٻنهي ٻولين جي صوتياتي نظام ۾ عام آهن. انهن آوازن مان ڪن جا مخرج به، سنڌي زبان جي صوتياتي نظام ۾، لڳ ڀڳ ساڳيا سنسڪرت جهڙا آهن. سنسڪرت ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾، 'نيم- سر' (semi- vowels) به زياده آهن، ۽ سنسڪرت ۾ 'ڇُوسڻا آواز' (Implosive sounds) بلڪل نه آهن.[78]

هتي هي نقطو به واضح ڪرڻ مناسب ٿيندو ته جيئن اڳتي هلي اهو ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌو- ماٿر جي ٻولي يعني سئنڌُئي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام جو، آرين جي ٻولين- پراڪرت ۽ اُن جي شاخن جهڙوڪ سنسڪرت- تي تمام گهڻو اثر ٿيو، جنهن ڪري سنسڪرت ٻوليءَ، 'مورڌني آواز' ۽ ڪي 'گهڻا آواز' سنڌو- ماٿر جي ٻوليءَ (سئنڌُئي) تان اُڌارا ورتا، بلڪ جنهن پراڪرت (اُديچيه جي تڪش شلا واري علائقي ۾ مروج) ڪي سنسڪرت جو روپ ڏنو ويو هو، ان پراڪرت ئي اُڌارا ورتا هئا.

**(ب) صوتياتي هڪ جهڙايون:**

(i) اڳتي هلي، مثالن ذريعي، اهو سمجهايو ويو آهي ته، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي آخر (final position) ۾، هميشه ڪونه ڪو 'سُر' (vowel) ضرور اُچاريو ويندو آهي.[79] پر برصغير جي ٻين ٻولين ۾ ائين نه آهي: مثال طور:

---

77- Allen, W.S., Phonetics in Ancient India, London, Oxford University Press, 1953, PP. 20,39,51 and 83.

78- Ibid.

79- Khubchandani, L.R., The Phonology and Morphophanemics of Sindhi, M.A. Thesis, Pensylvania University, 1961, p. 16.

| سنسڪرت | سنڌي |
|---|---|
| هَتس | هَٿُ |
| جيو | جيُو |
| ڪَشتَ | ڪَشٽُ |
| مَيگهَ | ميگهَ |
| ماترَ | ماءُ |
| مترَ | مٽُ |
| پُترَ | پُٽُ |

(ii) سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي لفظن جي مُنڍ (Initial position) ۾ سنسڪرت جي اثر ڪان، سنسڪرت ٻوليءَ جي صوتياتي نظام وانگر 'مرڪب آواز' اُچاريا ويندا آهن. اها خصوصيت سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام جي پنهنجي خصوصيت نہ آهي، پر اها خصوصيت، سنسڪرت، پراڪرت ۽ پاليءَ جي اثر ڪان سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي آهي. اهو واضح ڪرڻ بہ تمام ضروري آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾، سنسڪرت جي اثر جي ڪري صرف ڪن مرڪب آوازن ڪان سواءِ يا انهن جي دائري ڪان ٻاهر ڪي بہ مرڪب آواز سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي مُنڍ ۾، اُچاريا نٿا وڃن. انهيءَ مقرر دائري موجب، اهڙن مرڪب آوازن جو 'پويون جُز' (second component) گهڻو ڪري [ر] يا [ي] هوندو آهي.[80]

سنسڪرت زبان ۾ لفظن جي مُنڍ ۾ ڪم ايندڙ مرڪب آوازن جو دائرو تمام وسيع آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾، سواءِ سنسڪرت مان اُڌارن ورتل ڪن لفظن جي، سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي صوتياتي نظام ۾، لفظن جي مُنڍ ۾ مرڪب آوازن جو استعمال ناممڪن آهي. هيءَ خصوصيت ڪنهن بہ 'سامي ٻوليءَ' يا سامي ٻولين جي ڪنهن بہ شاخ ۾ بہ استعمال ۾ نہ آهي، پر هند- آريائي يا هند- يورپي ٻولين ۾، هن خصوصيت جو استعمال تمام گهڻو ۽ وسيع آهي.[81]

سنڌي ٻوليءَ ۾، سنسڪرت مان 'ورتل لفظن' (borrowed words) ۾ هيءَ خصوصيت ملاحظہ فرمايو:

---

80- اهو ياد رهي تہ [ ] نشان کي چورس ڏنگيون يعني square brackets چئبو آهي، ۽ انهن جي وچ واريءَ صورت کي آواز سمجهبو. جڏهن تہ / / ليڪن اندر آيل صورت کي 'صوتيہ' چئبو ۽ { } ڏنگين اندر آيل صورت کي 'صرفيہ' چئبو آهي.

81- خواجہ غلام علي الانا: مقالو "سنڌي"، سماهي مهراڻ، نمبر 3-4، حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع، ص ص 108- 110

| مُنڊ وارا ڳڏيل آواز | سنڌي لفظ |
|---|---|
| [تي] | ڌيانُ |
| [ڀي] | ڀيائي، ڀيان |
| [پي] | پيارُ |
| [ڏي] | ڏياري، ڏياڻي |
| [ني] | نياپو، نياءُ |
| [گي] | گيانُ |
| [ڪي] | ڪياڙي |
| [جي] | جياپو |
| [پر] | پريمُ |
| [ڪر][82] | ڪروڌ |
| [گر][83] | گراهڪُ |

انهن لفظن جي مُنڊ ۾ ڪم ايندڙ مرڪب آوازن جي سلسلي ۾، هن ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ وڌيڪ ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي.

**(ت) صرفي هڪجهڙايون:**

سنڌيءَ ۽ سنسڪرت ۾، صرفي هڪ جهڙاين جا ٻه ڪيترائي مثال ملن ٿا، پر اهي هڪجهڙايون ٻه سنڌو- ماٿر ۾ رائج ٻوليءَ (سَنڌئي) ۽ سنسڪرت جي، هڪ ٻئي تي اثر ڪري، ٻنهي ٻولين هڪ ٻئي کان اهي خصوصيتون اُڌاريون ورتيون آهن.

مثال طور سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جي 'اڳياڙين' (prefixes) ۽ 'پڇاڙين' (suffixes)، ڪردنتن جي نشانين ۽ صفتي اُهڃاڻن بابت مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

(i) سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾، هيٺيون اڳياڙيون هڪجهڙيون آهن:

| اڳياڙي | سنسڪرت | سنڌي |
|---|---|---|
| اُپ- | اُپ[83] اُپياشا | اُپياشا |
| اَو- | اَو-[84] | اَوڳڻ |
| وِ | وِ-[85] | وِديشي |

82- Whiteney, W.D., Sanskrit Grammar, London, Oxford University Press, 1950, PP. 7 & 23.

83- Ibid., P.

84- Ibid., P. 396

85- Ibid. 84- Ibid.

| اڳياڙي | سنسڪرت | سنڌي |
| --- | --- | --- |
| اَپ- | اَپ-[86] | اَپمان |
| بنا- | ونا-[87] | بناپئسي |
| اَ- | اَ-[88] اَونت | اَہل، اَجاڻ، اَميو |
| اَڻ- | اَن-[89] اَن اَنت، اَن اَرتَ | اَڻهوند، اَڻجاڻ، اَڻميو. |
| س- | س-[90] | سَرهو، سَڀاڳ، سَڪرمي |
| سُ- | سُ-[91] سڀاڳيہ | سُپت، سُچيت |
| دُش- | دُش-[92] دشڪال | ڏُڪار |
| ڪَ- | ڪَر-[93] | ڪَپوٽ |
| ڏُ- | دُر-[94] دُر ڀاڳيہ | ڏتَرُ |

(ii) پڇاڙيون- سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هيٺيون پڇاڙيون هڪجهڙيون آهن. اهي پڇاڙيون، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ سنسڪرت مان آيون آهن يا نه، انهيءَ سلسلي ۾ هن ڪتاب جي ڀاڱي ٻئي ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي:

| پڇاڙي | سنسڪرت | سنڌي |
| --- | --- | --- |
| - اڪَ | - اَڪَ[95] | وَڏڪَ |
| - تا | - تا[96] | ديوتا، ويرتا، مجتا، سندرتا |
| آل | - آل[97] | ديال، ڏيال |
| - وَنت/- وَند | - وَنت[98] | ڀاڳونت/ ڀاڳوند، مالوند |
| - مَند | - مَنت[99] | عقلمند، جرئتمند |

(iii) صفت تفضيل (degree of Comparison)- سنسڪرت ۾ صفت تفضيل لاءِ صفت خالص جي پويان- تر پڇاڙي ملائي ويندي آهي.[100] هيءَ پڇاڙي،

---

86- Whiteney, W.D., Sanskrit grammar, London, Oxford University Press, 1950, PP. 397.
87- Ibid., P. 411
88 Ibid., P.411 & 508.
Also See: Vigaye Krishna Brothers, Literary History of India, New York, Omle Co: INC, P.5.
89 Ref: 1, P.112.
90- Ibid., 412 & 508
91- Ibid.
92- Whiteney, W.D., Op. Cit. P.46
93- Ibid., P. 508.
94- Ibid.
95- Ibid., P.167.
96- Ibid.
97- Vijya Krishna Brothers, Op. Cit. P.5
98- Ref:80, P.10
99- Ibid., P.175
100- Ibid.,

فارسي زبان واريءَ تَر پڇاڙيءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾، هن صفت لاءِ ڪم ايندڙ- ايرو يا- اير پڇاڙي ڏيان ڇڪائي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ تفضيلي صفت 'چڱيرو'، 'سُٺيرو' ۽ 'ڀلير' وغيره ۾ /ر/، سنسڪرت ۽ فارسي زبانن واريءَ پڇاڙيءَ- تَرَ جو هڪ اُهڃاڻ يا نشان آهي. سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام جي جائزي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌيءَ جي ڪنهن به لفظ ۾، يا ڪنهن به صورت يا شڪل ۾، /ڳَ + ت/ يا / ٽ+ ٿَ/ صوتين جو گڏجي (sequence) ۾ اُچارڻ، يعني مرڪب صوتين جو اچارجڻ، ممڪن نه آهي. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ جون قديم صورتون/ چڱو+ تَر/ ۽ / سٺو+ تَر/ پهرين پهرين / چڱير/ يا/ سُٺير/ اُچارجڻ لڳيون هونديون: يعني /ت / صوتيه ڪي پهرين حذف ڪيو ويو هوندو: / ڀلير/ لفظ انهيءَ دعوا جو ثبوت آهي. تنهن کان پوءِ آخري سُر صوتيه / ا/، مذڪر حالت ۾ بدلجي/او / ٿيو هوندو، جڏهن ته مؤنث جي حالت ۾ /ا/ بدلجي / اِي/ سُر ٿيو هوندو. هن پوري بحث مان هي نتيجو ڏو نڪري ته سنڌي ٻوليءَ جي 'تفضيلي صفتن' جي نشاني/-ايرو/، سنسڪرت ۽ فارسيءَ جي /-تَر/ پڇاڙيءَ جو 'نعم البدل' آهي. اها پڇاڙي ڏيهي ٻولين مان فقط سنڌيءَ ۾ نظر اچي ٿي، جيڪا سنسڪرت ۽ سنڌيءَ، يا فارسي ۽ سنڌيءَ جي ميل جول جي اثر جو نتيجو آهي. هن سلسلي ۾، ٻاڪي ٻئي ۾ هن پڇاڙيءَ جي مطالعي جي چندچاڻ پڙهڻ ضروري آهي، جنهن ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.

(IV) اسم حاليه(present participle) : سنسڪرت زبان ۾ اسم حاليه جي بنائڻ لاءِ فعل جي معروف صورت جي ڌاتوءَ (root) جي پويان /-اَنت/ پڇاڙي ملائي اسم حاليه ٺاهيو ويندو آهي، پر مؤنث جي حالت ۾ فعل جي ڌاتوءَ جي پويان/-اَتِي/ پڇاڙي ملائي ويندي آهي.[101] سنڌي گرامر موجب اسم حاليه بنائڻ لاءِ فعل جي ڌاتوءَ جي پويان /-اَند-/ علامت ملائي ويندي آهي، ۽ اُن جي پويان مذڪر لاءِ /- او/ ۽ مؤنث لاءِ /- اِي/ پڇاڙيون ملايون وينديون آهن: مثال طور:

هَلَ+ اَند+ او= هَلَندو

هَلَ+ اَند+ اِي= هَلَندِي

پر ڪن متعدي فعلن جا اهڙا به ڌاتو آهن، جن جي پويان، اسم حاليه ڪردنت بنائڻ لاءِ /-'اِيند-'/ علامت به ملائي ويندي آهي: جيئن:

مار+ اِيند+ او= مارِيندو (مذڪر)

مار+ اِيند+ اِي= مارِيندي (مؤنث)

ڊاهه+ اِيند+ او= ڊاهِيندو (مذڪر)

ڊاهه+ اِيند+ اِي= ڊاهِيندي (مؤنث)

---

101- Whiteney, W.D., Op. Cit. P. 235

(V) مرڪب انگن ۾ هڪجهڙائي- سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي انگن جي صرفي بناوت هڪجهڙي آهي، مثال طور:

| سنسڪرت[102] | سنڌي |
|---|---|
| ايڪَ | هڪُ، هيڪڙو (لاڙي لهجو)، هيڪڙائي<br>هيڪلو، ايڪو، ايڪ ايڪيهَ (۾ ايڪ)<br>ايڪَٽيهَ |
| دوَ | وَ (/ د/ کي حذف ڪيو ويو) > ٻَ > ٻ[103] |
| ترِيَ | ٽري (ڪڇي لهجي ۾/ ٽري/)، ٽي |
| شَشَ | ڇهَ (ش > ڇ، ش > س > ھ) |
| سَپتَ | سَتَ (/پ/ کي حذف ڪيو ويو) |
| اَشٽَ | اَٺَ (شٽَ > ٺ) |
| نَوَ | نَوَ |
| دَشَ | دَسَ > دَهَ > ڏَهَ |
| ايڪادَشَ | / د/ > / ر /= ايڪارهَ > ڪارهَ[104] يارهَ > يارهن[105] |
| دوادَشَ | ٻارَسَ > ٻارَهَ > ٻارهَ > ٻارهن |
| ترَيودَشَ | ترييودَسَ > تريئودَسَ > تيئوره تيرهَ > تيرهن |
| پَنچَدَشَ | پَندرهَ (چ > د > ر)، پَنرهَ (/د/ حذف ڪيو ويو) |
| شودَشَ | سورَهَ > سورهن |
| سَپتَدَشَ | سورهَ > سترهن |
| اَشٽادَشَ | اٺارهَ > اَٺرهَ > ارڙهَ > ارڙهن |
| بينشَتَ | بيس > ويهَ |
| ترينشت | ٽَريهَ > ٽيهَ |
| پنچاشَتَ | پَنجاهَ |
| اَشيِتي | اَسي |

اهڙيءَ طرح انگن جي وڌيڪ سٽاءَ جو تفصيل ڀاڱي ڇهين ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.

102- Whiteney, W.D., Op. Cit. P. 177.

103- > نشانيءَ جو مطلب آهي: بدلجي ٿيو.

104- خواجه غلام علي الانا ڊاڪٽر: مقالو، سنڌي، ٽماهي مهراڻ، نمبر 3-4، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 108.

105- ٻي ممڪن تبديلي هيءَ به آهي: ايڪارهَ > اي- آ= يارهَ > يارهن. بدين طرف 'ڪارهن' به چون.

هن گردان جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ ضميري پڇاڙيون هن ريت ڦرن ٿيون:

| ضمير | سنسڪرت | سنڌي (زمان حال) | سنڌي (زمان ماضي) |
| --- | --- | --- | --- |
| متڪلم واحد | – مِي | – آن ٿو | – م، – س |
| متڪلم جمع | – مه | – اؤن ٿا | – سون، – سين |
| حاضر واحد | – سِي | – اِين ٿو | – اِين، – اَو |
| حاضر جمع | – ٿا | – او ٿا | – و، – آن، – او |
| غائب واحد | – تِي | – اي ٿو | – ائين، – آئين |
| غائب جمع | – اَنتِي | – آن ٿا | – ائون، – آئون |

اهڙيءَ طرح زمان حال ۽ زمان ماضيءَ کان سواءِ، زمان مستقبل جي گردانن جي ڀيٽ به، سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ جهڙائي ڏيکاري ٿي؛ مثال طور:

| ضمير | ڌاتو | سنسڪرت واحد | سنسڪرت جمع | سنڌي واحد | سنڌي جمع |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| متڪلم | ددا | داسيامي | داسيامَس | ڏينديس، ڏيندم | ڏينداسين، ڏينداسون |
| حاضر | ددا | داسيسي | داسَيٿا | ڏيندين | ڏيندا |
| غائب | ددا | داسيتي | داسينتي | ڏيندو | ڏيندا |

سنسڪرت ۽ سنڌي ٻولين جي فعلن جي گردان جي مطالعي مان هيءُ معلوم ٿيو ته، زمان مستقبل جي صورت ۾ سنسڪرت ۽ سنڌي ٻولين ۾ ضميري پڇاڙيون هيٺ موجب ملايون ويندڙيون آهن:

| ضمير | سنسڪرت واحد | سنسڪرت جمع | سنڌي واحد | سنڌي جمع |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| متڪلم | – مِي | – مَس | – م / سِ | – سِين/ – سُون |
| حاضر | – سي | – ٿا | – اين | – آ |
| غائب | – تِي | – اَنتي | او | – اَ |

ضميري پڇاڙين جي سلسلي ۾، ياڳي ٻنهي ۾ جيڪو بحث ڪيو ويو آهي، تنهن جو مطالعو تمام ضروري آهي ۽ ان بحث مان هي ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ٻولي، هن سلسلي ۾ سنسڪرت سان اختلاف به رکي ٿي.

مٿي بيان ڪيل وياڪرڻي هڪ جهڙاين ۽ لفظن جي هڪجهڙي ذخيري جي آڌار تي اها دعوا ڪئي ويئي هئي ته سنڌي ۽ سنسڪرت هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهيون آهن، پر درحقيقت وڌيڪ مطالعي ۽ تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته انهن

ٻنهي ٻولين ۾ اهڙي هڪجهڙائي، اهو ثابت نٿي ڪري ته سنڌي زبان ڪو سنسڪرت جي شاخ آهي ۽ يا اهي ٻئي زبانون ڪنهن هڪ ئي بڻ بنياد مان ڦٽي نڪتيون آهن. پر اها هڪ جهڙائي، سنڌي زبان تي، سنسڪرت جي اثر جي ڪري ٿي آهي، ڇو ته سنڌو- تهذيب ۾ رائج زبان 'سَنڌُني' ۽ پراڪرت زبانون سالن جا سال گڏ رهيون هيون ۽ هڪ ٻئي کان گهڻو ئي ڪجھ اُڌارو ورتو هوندائون.

## 8- سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ نه آهي:

(الف) سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ راءِ قائم ڪندڙ پهريون محقق ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت جي شاخ سڏيندڙن جي علمبردار، ڊاڪٽر ٽرومپ، جيتوڻيڪ پنهنجيءَ مشهور تصنيف: "سنڌي ٻوليءَ جو گرامر" ۾ اها دعوا ڪئي آهي ته، 'سنڌي ٻولي، سنسڪرت جي ڌيءَ آهي.' پر سنڌي ٻوليءَ جي گهري مطالعي کان پوءِ ڪيس (ڊاڪٽر ٽرومپ کي) پنهنجي انهيءَ نظرئي ۾ تبديلي آڻڻي پيئي. پنهنجي ڦيرايل نظرئي موجب، ڊاڪٽر ٽرومپ لکي ٿو ته:

"سنڌيءَ ۾ جيڪي خصوصيتون آهن، تن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته، سنڌي، قديم پراڪرت سان هڪ جهڙائي رکي ٿي."

ڊاڪٽر ٽرومپ لکي ٿو ته:

> "سنڌي، نج سنسڪرتي ٻولي آهي. هيءَ ٻولي، اُتر- اولهه وارين ٻين ڏيهي ٻولين جي ڀيٽ ۾ پرڏيهي (ڌارئين) عناصرن کان وڌيڪ اُجي آهي. پراڪرت جا پراڻا وياڪرڻي، شايد ڪو سهڻو سبب ڏيئي سگهن ۽ اهو ٻڌائي سگهن ته اپڀرنش جو اهو ڪهڙو لهجو آهي، جنهن مان سنڌي، پراڪرت جي سڀني کان بگڙيل لهجي جي صورت ۾ ڦٽي نڪتي آهي، پر جڏهن سنڌيءَ جي پنهنجين ڀينر ٻولين سان، وياڪرڻ جي نقطہ نظر سان ڀيٽ ٿي ڪجي، تڏهن اسان سنڌيءَ کي، ٻين ڏيهي ٻولين جي مقابلي ۾ اولين حيثيت ڏيون ٿا. هيءَ ٻولي هاڻوڪي دور جي مرهٽي، هندي، پنجابي ۽ بنگاليءَ کان قديم پراڪرت کي وڌيڪ ويجهي آهي، ۽ هن ٻوليءَ، وياڪرڻ جي سڀني مکيه نقطن کي پاڻ وٽ جهانڪيو ۽ سنڀاليو آهي، انهيءَ ڪري هن جون سڀ ڀينر ٻوليو هن سان ساڻ رکن ٿيون."[106]

ڊاڪٽر ٽرومپ اڳتي هلي پنهنجي انهيءَ دعوا (سنڌي اپڀرنش مان ڦٽي

106- Trumpp; E., Dr. The Grammar of Sindhi Language, Op.Cit., Introduction, PP. I&II.

نڪتي آهي ۽ انهيءَ وسيلي سان سنسڪرت جي شاخ آهي) ڪان پاڻ شڪي ٿيو آهي، ۽ لکي ٿو تہ:

”سنڌي ٻوليءَ پنهنجي اصلي بُڻ بنياد ڪان ڇڇڻ واريءَ حالت جي وقت وارين قديم پراڪرت جهڙين سڀ خصوصيتون پاڻ وٽ سانديون، سوگهيون رکيون آهن، پر اهي سنڌيءَ جي ڀين سيني پيتر ٻولين قائم نہ رکيون آهن. اسان پنهنجي ڪتاب جي تمهيد ۾ ڄاڻايو آهي تہ پراڪرت وياڪرڻي، ڪرمديشور، اپڀرنش مان مثال ڏيئي، وياڪرڻ جا جيڪي قاعدا قانون ڄاڻايا آهن، اُهي اڄا تائين سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. اهي قانون ٻين ڏيهي ٻولين سان هاڻ لڳي نٿا سگهن. سنڌي ٻولي، اهڙيءَ طرح، هڪ ’خودمختيار‘ (Independent) ٻولي آهي، جيڪا سندس پينر ٻولين واري ساڳئي بڻ مان آهي، پر دراصل انهن ڪان مختلف آهي.“107

ڊاڪٽر ٽرومپ جي هن راءِ مان اهو بہ واضح ٿو ٿئي ٿو تہ، جَنهن اپڀرنش ٻوليءَ مان سنڌي ٻولي نڪتي هئي، سا ڪا آڳاٽي ٻولي هئي، جنهن مان ٻيون ڏيهي ٻوليون ڦٽي نڪتيون هيون، ۽ سنڌيءَ واري بنيادي اپڀرنش، ٻين ڏيهي ٻولين واريءَ بنيادي اپڀرنش ڪان، پراڪرت کي وڌيڪ ويجهي هئي، سنڌي گرامر مان ڪي اهڙا مثال هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي سنڌي ۽ پراڪرت ۾ هڪ جهڙا آهن:

(i) فعل متعدي مجهول بنائڻ لاءِ، ڌاتوءَ جي پويان پراڪرت ۾ /- اِڄَ/ پڇاڙي ملائي ويندي آهي.108 سنڌيءَ ۾ بہ فعل متعدي مجهول بنائڻ لاءِ، ڌاتوءَ سان /- اِڄ/ پڇاڙي ملائبي آهي؛ مثلاً:

لِڪ+ - اِڄ= لِڪِڄ

خط لکجي پيو.

ماني رڌجي پيئي.

(ii) پراڪرت ۾ ’تمنائي صيغي‘ (potential or optative mood) لاءِ فعل جي ڌاتوءَ جَي پٺيان، /- اِڄ/ پڇاڙي ملائي ويندي آهي.109 ساڳي پڇاڙي مستقبل مطلق (Definite future) لاءِ بہ ملائبي آهي. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ بہ ’امر استقبال‘ جي حالت ۾ /- اِڄ/ پڇاڙي ملائبي آهي؛ مثال طور: وَڃِڄ، لکڄ وغيره.

107- Trumpp, E., Dr. The Grammar of Sindhi Language, Op.Cit., Introduction, PP. I&II.

108- Dines Chandra Sircar, Grammar of the Prakrit Language, University of Calcutta, 1943, P.70.

109- Ibid., P.72.

جي ڪري چئبو تہ سڄي هندستان ۾ رڳو اسان جي سنڌي ٻولي هڪ ڳنڍيندڙ ڪڙو يا وچ وارو ڏاڪو آهي، جا هندستان جي ٻولين کي، ايرانيءَ سان ڳنڍي بيٺي آهي."[112]

اهي ئي اهم نڪتا آهن، جيڪي علم اللسان جي شاگردن جي ذهن ۾ ڪيترائي سوال پيدا ڪن ٿا. مثال طور: جيڪڏهن سنڌي ٻولي، شؤرسينيءَ جي معرفتہ سنسڪرت سان ملي ٿي، تہ پوءِ سنڌي، جيڪا بقول ديوان ڀيرومل، پاڪ و هند جي سيني ڏيهي ٻولين کان دير سان، يعني 1100ع ڌاري هاٺوڪيءَ صورت ۾ آئي،[113] سا، شؤرسينيءَ يا ٻين پراڪرتن مان ڦٽي نڪتل ڏيهي ٻولين، جهڙوڪ: گجراتي، هندي، پنجابي ۽ مرهٽي وغيره کان، سنسڪرت ۽ قديم پراڪرت کي وڌيڪ ويجهي ڪيئن ٿي؟

حقيقت ۾ مرهٽي، گجراتي، هندي توڙي پنجابي ٻوليون، جيڪي ڪاڪي ڀيرومل جي راءِ موجب، سنڌيءَ کان اڳ پنهنجون هاٺوڪيون صورتون قائم ڪري چڪيون هيون، سي تہ پاڻ سنسڪرت کي، سنڌيءَ کان وڌيڪ ويجهيون هئڻ گهرجن. سنڌي، لهذا ۽ سنسڪرت جون انيڪ هڪ جهڙايون ثابت ٿيون ڪن تہ يا تہ انهن ٽنهي ٻولين جو بڻ بنياد ڪا هڪ ئي ٻولي آهي، يا انهن ٻولين جو هڪ ٻئي تي تمام گهڻو اثر ٿيو آهي، ۽ يا هڪ ٻوليءَ ٻين تي زياده اثر ڪيو آهي.

## 9- برصغير جي ڪابہ ٻولي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل ڪانهي:

(الف) هن ڪتاب ۾ مثالن ۽ دليلن سان اهو پڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ برصغير، پاڪ و هند جي ڪابہ ڏيهي ٻولي، سنڌيءَ طرح يا اُتسنڌيءَ طرح سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل نہ آهي. ڪولن ماسيڪا، سرگريئرسن تي تنقيد ڪندي لکي ٿو تہ:

"گريئرسن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب (لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا واليوم پهريون، پارٽ پهريون 1927ع) ۾ ڄاڻائي ٿو تہ هندي ٻولي، تاتاري يا چالڊيئن خاندان جي ٻولين سان بنيادي طور واسطو رکي ٿي، جيڪا هندستان جي اترين علائقن ۾ رائج هئي، جتي پوءِ سنسڪرت ٻوليءَ پنهنجا پير کوڙيا. لهاذا هو (سرگريئرسن) هندي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ناتا يا هڪجهڙن

112- ڀيرومل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص 88

113- ايضاً ص 80

(iii) ڪنهن ٻـ شخص کي مخاطب ٿيڻ لاءِ پراڪرت ۾ 'ري' ۽ 'اري' ندائي آوازن سان مخاطب ٿبو آهي.[110] سنڌيءَ ۾ ٻـ /ڙي/ ۽/ اڙي/ ندائي آوازن مان ٻـ آواز آهن، جن سان مخاطب ٿبو آهي.

(ب) ديوان ڀيرومل آڏواڻيءَ، پنهنجو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" انهيءَ مقصد ڪاڻ لکيو هو تہ جيئن هو دليلن ۽ ثبوتن سان ثابت ڪري تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتي آهي. هن پنهنجي رٿا هن نقشي ذريعي سمجهائي هئي:

سنسڪرت
└── پراڪرت
  └── پالي
    └── شؤرسيني
      └── اپڀرنش
        └── وراچڊ اپڀرنش
          └── سنڌي

پنهنجيءَ هن مذڪوره رٿا ۽ ڏنل نقشي جي باوجود، ديوان ڀيرومل، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾، پنهنجيءَ راءِ مان مطمئن نظر نٿو اچي. هن (ديوان ڀيرومل) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي خاص ۽ انوکيون خوبيون ۽ خصوصيتون معلوم ڪري، دانستہ يا نادانستہ لکيو آهي تہ:

"سنڌي ٻولي، هندستان جي ٻولين ۽ ايراني ٻوليءَ جي وچ وارو ڪڙو آهي" [111]

ڪاڪو ڀيرومل ساڳئي صفحي تي لکي ٿو تہ:

"ضميري پڇاڙيون رڳو ڪشميري، لهندا، سرائڪي ۽ سنڌيءَ ۾ آهن: مثلاً:

| ڪشميري | سرائڪي | سنڌي |
| --- | --- | --- |
| مورِم | ماريمِ | ماريُم |

اهي پڇاڙيون، انهن ٻولين کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ (هندي ۽ اردو وغيره) ۾ ڪينهن، پر ايراني ٻولين ۾ آهن. انهيءَ سبب

110- Dines Chandra Sircar, Grammar of the Prakrit Language, University of Calcutta, 1943, P.93.

111- ڀيرومل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص 88

> بنيادن کي ثابت ڪري نہ سگهيو، جيئن تہ سماجي طور هندي ٻولي، سنسڪرت کان اڳ (Pre- Sanskrit) واري دور جي ٻولي آهي، ۽ تاتاري خاندان سان واسطو رکي ٿي." 114

هت اهو بہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ سنسڪرت ڪنهن بہ دور ۾، سڄي برصغير ۾ يا برصغير جي ڪنهن بہ خطي جي، روزمره واري ٻولي (spoken Language) هرگز ڪانہ رهي آهي. 115

عين الحق فريد ڪوٽي صاحب جو رايو آهي تہ:

> "سنسڪرت کي هميشہ مذهبي ۽ اوچي طبقي جي ماڻهن جي سرپرستي حاصل رهي. انهيءَ هوندي بہ سنسڪرت، مقامي زبانن جي اثرن کان پاڻ کي بچائي نہ سگهي، پر انهيءَ جي باوجود اها زبان (سنسڪرت) عام ماڻهن کان پري رهي، تنهن ڪري عوام ۾ زنده رهي نہ سگهي. اُن جي مقابلي ۾ پراڪرتون يعني مقامي غير- آريائي ٻوليون، جن کي عوامي زبانون سڏڻ وڌيڪ موزون ٿيندو، هميشہ عوام جي روزمره جي وهنوار ۽ گفتگو ۾ ڪم اينديون هيون. اهي زبانون (پراڪرتون) زماني سان گڏ بدلبيون رهيون، ۽ لساني محرڪات کان اثر وٺنديون رهيون. انهن پنهنجي حقيقي ڍانچي (ساخت يا رچنا) کي برقرار رکڻ سان گڏ، آريائي زبانن جي عنصرن کي پڻ، پاڻ ۾ سموهيو" 116

## (ب)- سنڪرت ۽ پراڪرت جي وصف ۽ وضاحت:

هن ڏس ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظن جون لغوي معنائون، ڏيهي ٻولين جي بڻ بنياد جي کوجنا ۽ اڀياس ۾ گهڻي قدر مددگار ثابت ٿيون آهن. سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظن جي اصلي ڌاتن، لفظي معنيٰ ۽ وصف جي وستار مان، اها حقيقت بلڪل واضح ٿيو پوي تہ برصغير جون سڀئي ڏيهي ٻوليون، سڌو سنئون يا اَڻسڌيءَ طرح سنسڪرت مان ڦُٽي نڪتل نہ آهن.

ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' جي 24 ۽ 38 صفحن تي، پراڪرت ۽ سنسڪرت جي وصف ڏني آهي. صفحي 24 تي سنسڪرت لفظ جي معنيٰ سمجهائيندي هو لکي ٿو تہ:

> "سنسڪرت لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي 'ڪره'، جنهن جي معنيٰ

---

114- Colin Masica, Op. Cit.

115- Pischell, R., Comparative Grammar of the Prakrit Languages, Delhi, Motilal Banarasidas, 1965, P.4.

116- عين الحق فريد ڪوٽي: حوالو ڏنو ويو آهي، ص54

آهي، ’ڪرڻ‘، جنهن جو اسم مفعول ’ڪرت‘ معنيٰ ’ڪيل‘ آهي. ’سم-‘ هڪ اڳياڙي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’چڱو‘ تنهن ڪري سم+ ڪرت (سنسڪرت) معنيٰ چڱي يا صاف ٿيل، يعني اُجاريل يا سڌاريل (polished or refined) ٻولي"[117]

اهڙيءَ طرح صفحي 38 تي پراڪرت لفظ جي معنيٰ سمجهائيندي، ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو ته:

"پرڪرتيءَ جي معنيٰ پيدا ٿيل ٻولي. پراڪرت جي هڪ معنيٰ آهي ’قدرتي‘ (natural)، ۽ ٻي معنيٰ اٿس اصلوڪي (original) ٻولي"[118]

ڪاڪو ڀيرومل ’قديم سنڌ‘ ڪتاب ۾ سنسڪرت لفظ جي وصف جي باري ۾، حاشئي ۾ هن طرح ٿو فرمائي:

"سنسڪرت لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي ’ڪر‘ (kr) معنيٰ ڪرڻ (To do). ان جو اسم مفعول آهي ’ڪرت‘ معنيٰ ’ڪيو‘ يا ڪيل (done). ’سم‘ هڪ اڳياڙي (prefix) آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’چڱو‘، جنهن ڪري ’سمڪرت‘ (سنسڪرت) معنيٰ ’چڱي يا صاف ٿيل يعني اُجاريل ٻولي يعني "Polished or refiend language"[119]

ڪاڪو ڀيرو مل ساڳئي ڪتاب جي متن ۾ لکي ٿو ته:

"ياسڪ ۽ پاڻني مُنين، انهيءَ (قديم ڀاشا) جو اونهو اڀياس ڪيو ته يقين ٿين ته اها ٻولي نهايت وگيانڪ (scientific) ريت جڙيل آهي، تنهن ڪري اُن کي سنسڪرت نالو ڏنائون، جنهن جي معنيٰ آهي ’چڱي يا صاف ٿيل‘ يعني اُجاريل يا سڌاريل ٻولي. هيءُ نالو خود ڄاڻائي ٿو ته اهو ٻوليءَ جي صفت ظاهر ڪري ٿو، ۽ ياسڪ ۽ پاڻني مُنين، هن ڀاشا (ٻوليءَ) جي عمدي بناوت ڏسي، متس اهو نالو رکيو. اهو لفظ ئي سندر وقت جو جڙيل آهي، ۽ جوڙيو ئي شايد پاڻ هئائون، جو ڪانئن اڳ اهو نالو ڪٿي به ڪم آيل ڪونهي.[120]

هن سلسلي ۾ لاڪ وڊ (Lock wood) لکي ٿو ته:

---

117- ڀيرو مل آڏواڻي: قديم سنڌ، حيدرآباد 1980ع، ص 24
118- ايضاً، ص 38 119- ايضاً، ص 396
120- ايضاً، ص 397

"ويد اٽڪل هڪ هزار ق- م پراڻا آهن. ويدن کان پوءِ، ڪلاسڪ سنسڪرت، جا پاڻينيءَ جي وياڪرڻي اصولن موجب چوٿين صديءَ ق- م ۾ سڌاري ۽ سنواري وئي. سنسڪرت معنيٰ 'شستہ' (وياڪرڻين جي اصولن موجب) ۽ پراڪرت معنيٰ 'غير شستہ'. پراڪرت جو اصطلاح اول اول اُن زبان ڏانهن، اشاري طور استعمال ڪيو ويو، جيڪا عام رواج ۾ هئي، يعني عام طور مروج ۽ عوام ۾ مقبول هئي، ۽ سنسڪرت جي ڀيٽ ۾ عوام ۾ گهڻي استعمال ٿيندي هئي. پراڪرت جي ابتدائي بدليل صورت پالي زبان آهي، جيڪا پهرينءَ صديءَ ق- م ۾، ٻڌمت جي پيروئن ڪم آندي."121

ساڳيءَ طرح سرگريئرسن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب Linguistic Survey of India ۾ بہ پراڪرت کي 'اصلوڪي ٻولي' ٿو چاڻائي، ۽ سنسڪرت کي اُن مان 'ڦٽي نڪتل ٻولي' ٿو سڏي. هو لکي ٿو تہ:

"هندو- پاڪ جي آرين جي هند آريائي ٻولين جا سچا پچا مثال، رگ ويد جي گاٿائن مان ملي سگهن ٿا. انهن مان ڪيترين ئي گاٿائون، شاعرن جي پنهنجي روزمره واري لهجي ۾، اصلي روپ ۾ جوڙيون ويون هيون، جيڪو اصلوڪو لهجو هو، جنهن جي ٻولي اصلوڪي هئي، ۽ جنهن ۾ ڪابہ ڦيرڦار يا تبديلي ٿيل ڪانہ هئي، اُن جي مقابلي ۾ ڪلاسيڪل سنسڪرت، برهمڻن جي هٿ ۾ وٽيڪ نقلي، سڌاريل، سنواريل ۽ غير اصلي زبان هئي.

صدين تائين، هندستان جي آريائي ٻولين کي، پراڪرت سڏيو ويندو هو. پراڪرت مان مراد آهي 'قدرتي' يا 'اصلوڪي زبان'. هن جي مقابلي ۾ سنسڪرت (سمڪرت) معنيٰ 'سڌاريل'، 'سنواريل' ۽ 'هٿرادو بنايل ٻولي'. پراڪرت لفظ جي انهيءَ معنيٰ ۽ وصف مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ويدڪ منترن جي دور واريون مقامي ٻوليون، هٿرادو سڌاريل ٻوليءَ يعني سنسڪرت جي مقابلي ۾، اصلوڪيون ٻوليون هيون. انهن کي برصغير جون 'ابتدائي پراڪرتون' (Primary Prakrits) چئي سگهجي ٿو.

اُهي مقامي ٻوليون جيڪي هنن پراڪرتن (Primary Prakrits) مان اُسريون، ۽ جيڪي سنسڪرت سان ڳڏوگڏ ترقي پذير رهيون، ۽ جيڪي برهمڻن جي اثر کان آجيون هيون، ۽ سنسڪرت جو

121- Lock wood, W.B., Indo-European philology, London, Hutohinson University Library, 1969, P.33.

آهي، جيڪي دراصل هڪ مشهور روزمره واريءَ يعني عوامي ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون آهن.

سنسڪرت، سياسي ۽ مذهبي بنياد تي ادبي ٻوليءَ جي حيثيت ورتي، پر مشڪل ڳالهه هيءَ آهي تہ اهو ناممڪن پيو لڳي تہ سڀ پراڪرت ٻوليون، هڪ ئي يعني ساڳئي بُڻ يا اصلي بنياد ما ڦٽي نڪتيون هونديون. اها تہ پڪ آهي تہ اهي پراڪرتون سنسڪرت جون شاخون نہ آهن، جيئن هندوستاني ۽ مغربي عالمن- هوفر، لئسن، ڀنڊارڪر ۽ جنڪب وغيره- سمجهي ويٺا آهن. سڀني پراڪرت ٻولين ۽ ويدڪ ٻوليءَ ۾، لغات جي لفظن ۽ وياڪرڻ جي خصوصيتن جي هڪ جهڙاين جا ڪيترائي مثال ملن ٿا، جيڪي خصوصيتون سنسڪرت ۾ عدم موجود آهن.”124

گريئرسن بہ پنهنجي ڪتاب Linguistic Survey of Inida جي جلد پهرئين ۾، ٻشل واري ساڳي ڳالهه ثو ڪري، ۽ سنسڪرت کي، پراڪرت جي شاخ ٿو ڄاڻائي. هو لکي ٿو تہ:

”اشوڪا (250 ق- م) جي ڪتبن ۾، برصغير جي مشهور وياڪرڻي ’پتنجليءَ‘ (150 ق- م) جي لکيتن مان اسان کي معلوم ٿيو آهي تہ عيسوي سن کان ٽي سو سال اڳ، آرين جي هڪ ٻولي (مختلف لهجن ۾) اُتر- هند ۾ ڳالهائي ٿي وئي. هيءَ ٻولي آهستي آهستي قديم عوامي ٻولين مان اُسري هئي. هيءَ ٻولي، عوام جي اظهار جو ذريعو هئي. ساڳئي دور ۾ برهمڻن جي اثر هيٺ، انهن لهجن مان هڪ لهجو، سنسڪرت جو روپ وٺي وجود ۾ آيو، ۽ جا دراصل ثانوي ٻولي هئي. هن (ثانوي) ٻوليءَ جي اهائي حيثيت هئي، جهڙي وچئين دور ۾ لئٽن جي.”125

سر گريئرسن سنسڪرت کي پرائمري پراڪرت (Primary Prakrit) جي هڪ لهجي جي سڌاريل صورت بيان ڪندي لکي ٿو:

”مقامي ٻولين جي هن ٻگهي ارتقائي دور سان گڏوگڏ اسان کي ڪلاسيڪل سنسڪرت بہ اُسرندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جا پرائمري پراڪرت جي هڪ لهجي مان ڇڇي، سنسڪرت جي نالي سان وجود ۾ اچي رهي هئي.”126

124- Pischell, R., Op. Cit., P.4
125- Grierson, G., Op. Cit., Vol.I, PartI, P.121
126- Ibid.

شري پٽ آچاريہ سنسڪرت کي، پراڪرت ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتل ٻولي ڪوني. هو لکي ٿو تہ:

"سنسڪرت، پراڪرت (يعني اصلوڪي) ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتي آهي"[127]

هو وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"سنسڪرت، سڌاريل ۽ سنواريل پراڪرت آهي. هيمچندرَ بہ پنهنجي ڪتاب Sabdan u'sasana vritti ۾ ساڳي راءِ قائم ڪئي آهي."[128]

شري پٽ آچاريہ سوال ٿو پڇي تہ:

"ڪهڙي ٻولي قديم ۽ پراڻي آهي، سنسڪرت يا پراڪرت؟ سنسڪرت مان، پراڪرت جو ڦٽي نڪرڻ، هڪ غير فطرتي اصول آهي. سڌاريل ۽ سنواريل ٻولي غير اصلي ٻولي، يعني سنسڪرت، ضرور دير سان، يعني اصلي ٻوليءَ يعني پراڪرت کان پوءِ (۽ دير سان) وجود ۾ آئي هوندي. پهرين تہ عوامي ٻولي ضرور ايتري ترقي ڪئي هوندي، جو اُن ۾ خيالن جو اظهار آسانيءَ سان ڪري سگهيو هوندو. تنهن ڪري، پراڪرت، ويدڪ ٻوليءَ جو اوائلي روپ لڳي ٿي".[129]

هندستان جو هڪ ٻيو عالم، ڪي- اي- نيلَڪَنت (K.A.Nilakanta) بہ هن راءِ جو آهي تہ سنسڪرت، برصغير جي مقامي ٻولين جو بڻ بنياد نہ آهي. هُو پنهنجي ڪتاب 'Comprehensive History of India" ۾ لکي ٿو تہ:

"سنسڪرت کي، 'پاڻينيءَ'، 'ڀاشا' سڏيو آهي. هيءَ ٻولي، برهمڻن جي پاٺشالائن ۾ تعليم جو ذريعو تہ بڻي هئي پر هيءَ ٻولي، اُديچيہ خطي جي، عوامي ٻولي ڪانہ هئي، جتي پاڻيني بہ ڄائو هو. عوامي ٻوليءَ، پنهنجو خودمختيار رخ ورتو هو. اهڙيءَ طرح اها ٻولي، جنهن کي پاڻينيءَ سڌاريو ۽ سنواريو هو، سا آهستي آهستي برهمڻن جي نظر ۾، پسنديده ۽ مقبول بڻجي وئي، ۽ پاٺشالائن ۾ تعليم جي ذريعي طور ڪم اچڻ لڳي".[130]

---

127- Bhattacharyya, H.K., Op. Cit. P.5

128- Ibid.

129- Ibid.

130- Nilakanta, K.A., A Comprehensive History of India, Bombay, The Indian History Congress, Orient Longmans, 1957, PP. 627 and 628.

پروفيسر سنتي ڪمار چٽرجي ٻـ هن راءِ جو آهي تـ:

"برهمڻن جي سکيا جا اوائلي مرڪز، پنجاب وارو خطو ۽ مڌيہ ديش (midland) وارو خطو (يعني پنجاب جو ڏکڻ- اوڀر ۽ گنگا دو- آبي جو مٿيون علائقو) هئا. پر هن ملڪ جي اُتر- اولھ واري علائقي ۾، يعني اُديچيہ واري آريائي ٻولين جو لهجو، وڌيڪ صاف سٿرو ۽ چڱيءَ طرح ڳالهايو ويندو هو، جيڪو انهن علائقن جي برهمڻن وٽ، ادبي ٻوليءَ جي هڪ نموني (model) طور مڃيو ويو هو. انهيءَ ادبي ٻوليءَ جي مقامي لهجي کي بهترين نمونو سمجهي، ادبي ٻوليءَ جو باقاعدي بنياد رکيو ويو، جيڪا اڳتي هلي، انساني تهذيب، تمدن ۽ سوچ ويچار جي زبان بڻجي وئي، جنهن کي سنسڪرت سڏيو ويو. اُن (سنسڪرت) ٻوليءَ جو وياڪرڻ پاڻينيءَ لکيو. هو (پاڻيني)، اُتر- اولھ پنجاب جو رهاڪو هو ۽ پنجينءَ صديءَ ق- م ۾ ٿي گذريو آهي."131

هولگر پيڊرسن (Holger Pederson)، پنهنجي ڪتاب The Discovery of Language ۾، هن ڏس ۾، جيڪو رايو ڏنو آهي، سو هن طرح آهي:

"تمام قديم زماني ۾، برصغير پاڪ و هند جي ماڻهن ادب تخليق ڪيو هو. انهيءَ ادب جا قديم ترين ثبوت (دستاويز)، شاهڪار يادگيريون، عمارتن ۽ مذهبي متن ۽ اصولن تي مشتمل آهن. ويد، مذهبي رسمن جي دعائن جا مجموعا آهن. انهن ۾ سڀ کان پراڻو ۽ قديم ڪتاب 'رگ ويد' آهي. عام طور 'قديم ترين ويدڪ ادب' جي تاريخ تقريباً 1500 سال ق- م سمجهي ويندي آهي. هن ڳالھ جي وضاحت ڪرڻ ڪافي مشڪل آهي تـ 1500 ق- م کان وٺي، موجوده وقت تائين، 'قديم ويدڪ ادب' ڪيئن محفوظ رهي سگهيو آهي؟ اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن هتي جي رهاڪن کي پنهنجي هڪ الڳ نفيس علمي ۽ ادبي تحرير هئي.

مذهبي تحريرن (sacred texts) مان جيڪا تحرير ملي آهي، اُها وياڪرڻ جي مطالعي جي صورت ۾ آهي. اُن کان پوءِ، جنهن تحرير کي غير- مذهبي ادب جي لاءِ استعمال ڪيو ويو، اهو غير-مذهبي ادب، هڪ زبان جي صورت ۾ تحرير ڪيو ويو، جنهن کي محدود معنيٰ ۾ 'سنسڪرت' نالو ڏنو ويو، ڇاڪاڻ تـ

131- Chatterji, S.K., Indo-Aryan and Hindi, Ahmedabad, Gujrat Vernacvlar Society, 1942, PP, 58-59.

اها زبان ويدڪ زبان کان ڪجھ مختلف هئي، ۽ جا شاهڪار رزميہ نقمن، غنائيہ ۽ ڊرامائي ادب، حڪايتن ۽ فيلسوفياڻين تحريرن تي مشتمل هئي.

سنسڪرت جلد ئي علمي زبان بڻجي وئي، جهڙيءَ طرح يورپ ۾ لاطيني زبان علمي زبان جي صورت اختيار ڪئي هئي؛ ۽ اڄ تائين برهمڻن، اُن زبان يعني سنسڪرت کي برقرار رکيو آهي. هن زبان، اعليٰ جاتين ۾ پاڻ کي باقي قائم رکيو آهي. غالباً برصغير جي مشهور وياڪرڻي، پاڻينيءَ جي زماني ۾، يعني 300 ق- م تائين، سنسڪرت يقيناً خاص خاص جاتين ۾ ئي، رائج رهي هوندي، ليڪن اُن وقت تائين، عوامي سطح تي، بلڪ اُن کان بہ اڳتي، هيءَ زبان چڱيءَ طرح بدلجي چڪي هوندي.

250 ق- م جي لڳ ڀڳ، ٻڌ ڌرم جي حاڪم، اشوڪا، هن زبان کي بيشمار ڪتبن ۾ استعمال ڪيو، جيڪي هن جا قديم ترين ڪتبا آهن. اهي ڪتبا پراڻي سنسڪرت ۾ نہ آهن، بلڪ انهن ڪتبن جي زبان، ويدڪ جديد ۽ ترقي يافتہ پراڪرت هئي. هندي ڊرامن ۾ عام قاعدو هيءُ هوندو هو تہ، اونچين جاتين جا مرد، سنسڪرت ۾ گفتگو ڪندا هئا، جڏهن تہ عورتون ۽ بيشمار گهٽ ذاتين وارا مرد، پراڪرت ۾ ڳالھ ٻولھ ڪندا هئا."[132]

12- (الف) مٿين دليلن مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنسڪرت، برصغير جي ٻولين جو اصلي بڻ بنياد نہ آهي، پر سنسڪرت تہ پاڻ، پراڪرت (پراڪرتن مان هڪ) جي ڪنهن هڪ لهجي جو سڌاريل ۽ سنواريل نمونو ۽ روپ آهي؛ يعني سنسڪرت جو بنياد يا اصلي بڻ، ابتدائي پراڪرت (Primary Prakrit) جو ڪو لهجو يا شاخ آهي. هيءُ نتيجو، تنهن ڪري، انهيءَ مفروضي کي بلڪل رد ٿو ڪري تہ:

"پراڪرت ٻولي ڪا سنسڪرت جي بگڙيل صورت آهي."

مٿي ڏنل دليلن مان اهو پڻ ثابت ٿو ٿئي تہ اُن وقت، پراڪرت ڪا هڪ ٻولي ڪانہ هئي، پر اُن (پراڪرت) جا بہ ڌار ڌار لهجا يا شاخون هيون، جيڪي (لهجا يا شاخون) ڌار ڌار خطن ۽ علائقن ۾ ڳالهايون وينديون هيون. انهن لهجن مان هڪ لهجي، برهمڻن جي اثر هيٺ، ۽ پنڊت پاڻينيءَ جي هٿ هيٺ، نئون نالو ۽ نئون روپ اختيار ڪيو، جنهن کي سڌاريل ۽ سنوايل روپ يعني 'سنسڪرت' سڏيو

132- Holger Pederson, The Discovery of Language, Translated by John Webster Spargo, Bloomington, Indiana University Press, 1959, PP, 14-18.

ويو. پر پراڪرت جي هڪ لهجي جو اهو سڌاريل ۽ سنواريل روپ، يعني 'سنسڪرت' برهمڻن تائين محدود رهيو.

هن بحث مان هي به نتيجو ٿو نڪري ته سنسڪرت جي حيثيت، پراڪرت جي ٻين لهجن وانگر هڪ لهجي جهڙي هئي، جو برصغير جي ڪنهن هڪ خطي تائين محدود هو. ۽ نه ڪ اها (سنسڪرت) ٻولي: سڄي برصغير ۾ رائج هئي ۽ اهڙيءَ طرح اهو به ثابت ٿو ٿئي ته اهو لهجو برصغير ۾ عوامي ٻوليءَ جي حيثيت ۾ هرگز ڳالهايو نه ويندو هو.

## (ب)- پراڪرت جا لهجا:

هاڻ سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته ابتدائي پراڪرت ٻولي، ڪهڙن ڪهڙن مکيه لهجن ۾ ورهايل هئي، ۽ اُهي لهجا ڪٿي ڪٿي ڳالهايا ويندا هئا؟ هن سلسلي ۾ لسانيات جو مشهور هندستاني ماهر ڊاڪٽر سنتي ڪمار چٽرجي لکي ٿو ته:

> "ويدڪ ٻوليءَ 'ڪُنستسپراچي' (Kunstsprache)- 'ويدن جي منترن واري ٻولي'- کان سواءِ هند- آريائي ٻوليءَ جي عوامي لهجن (spoken dialects)، برصغير ۾، ترقي ڪرڻ ۽ سڌرڻ شروع ڪيو.[133] هڪ هزار کان 600 ق- م تائين وارو زمانو جيڪو برهمڻن جي تمام پراڻين لکيتن وارو زمانو هو، اُن عرصي دوران لکيل ڪتابن ۾، اسان کي ڪٿي ڪٿي هندو- پاڪ ۾ ٻولين جي حيثيت ۽ حالتن جي باري ۾ لکيل اشارا ملن ٿا. انهن اشارن مان معلوم ٿو ٿئي ته آرين جون عوامي ٻوليون ٽن گروهن ۾ ورهايل هيون.[134] اُهي هيون:
>
> (i) اُديچيه يا اُتر- اولهه وارو لهجو.
>
> (ii) مڌيه- ديشيه يعني وچ هندستان وارو لهجو.
>
> (iii) پراچيه يا اوڀر وارو لهجو".[135]

انهن لهجن مان اُديچيه لهجو، رگ ويد جي زبان جي ڪجهه قدر ويجهو هو. جڏهن ته 'پراچيه لهجو' رگ ويد جي ٻوليءَ کان بلڪل بدليل هو.[136]

## (ت) پراڪرت جي ڪهڙي لهجي مان سنسڪرت روپ ورتو:

هاڻ هي به سوال ٿو پيدا ٿئي ته پراڪرت جو اهو ڪهڙو لهجو هو، جنهن کي

133- Chatterji, S. K., Indo-Aryan and Hindi, Ahmedabad, Gujrat Vernaular Society, 1942, PP. 58-59.

134- Ibid.

135- Ibid.

136- Ibid.

سڌاري ۽ سنواري، سنسڪرت جو روپ ۽ نالو ڏنو ويو. ۽ اهو لهجو ڪهڙي خطي ۾ ڳالهايو ويندو هو؟

پشل جي راءِ موجب، 'مهاراشٽري لهجي'، سنسڪرت جي صورت ورتي. هو لکي ٿو ته:

"سنسڪرت، پراڪرت جي ڌار ڌار لهجن مان هڪ لهجي جو اهم حصو آهي. خاص طور مهاراشٽري لهجو جو شاعريءَ طور ڪم ايندو هو. انهيءَ لهجي جا شعر- 'گئوڊوَ هو' ۽ راوڻوهو'- سنسڪرت جي نموني تي جوڙيا ويا هئا" 137

پر گريئرسن جي خيال موجب، سنڌو نديءَ جي ڪنڌيءَ وارن لهجن مان، هڪ لهجي، سنسڪرت جو روپ ورتو. هو لکي ٿو ته:

"ٻئي طرف، برصغير جي سرَ اولهه طرف، ايراني ٻولين واري خطي سان لڳولڳ، هڪ لهجو ڪلاسيڪل سنسڪرت جي اوسر جو سرچشمو بڻيو. هن لهجي جي وجود جي شاهدي، پراڪرت جي 'ٻئي درجي' مان ملي ٿي" 138

مٿي پروفيسر سُنتي ڪمار چٽرجيءَ جي راءِ ڏني ويئي آهي. اُن مطابق، برصغير جي اُتر- اولهه واري پراڪرت جي اُديچيہ لهجي مان، سنسڪرت ٻولي اُسري: يعني اُديچيہ لهجي جي ڪنهن هڪ محاوري (sub-dialect) سنسڪرت جو روپ ورتو.

هو لکي ٿو ته:

"سنسڪرت ٻولي، اُديچيہ لهجي جي هڪ محاوريَ مان اُسري، ۽ برهمڻن اُن کي، مڌيہ ديش، پورب ۽ ڏکڻ ۾، گهڻي اُتساهہ ۽ چاهہ سان پنهنجو ڪيو." 139

'امپيريئل گزيٽيئر آف انڊيا' (Imperial Gazetteer of India) جو ايڊيٽر بہ هن راءِ جو آهي ته، سنسڪرت ٻولي، اُديچيہ پراڪرت جي هڪ لهجي جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ آهي. هو ڄاڻائي ٿو ته:

"اها دعوا ڪرڻ هڪ غلطي آهي ته برصغير جي ڪابہ هاڻوڪي (modern) ٻولي، سنسڪرت مان ڦُٽي نڪتي آهي. وڌ ۾ وڌ ائين چئي سگهجي ٿو ته اُها ٻولي ۽ سنسڪرت ساڳئي بنياد مان

137- Pischell, Op. Cit., P.7.

138- Grierson, Op. Cit., Vol:I, Part-I, P.123.

139- Chatterjii, Opp. cit, p.58: No:1. PP, 58-59

قٽي نڪتل ٻوليون آهن."[140]

اِمپيريئل گزيٽيئر جو ايڊيٽر اڳتي لکي ٿو:

"اسان کي رگ ويد جي ٻوليءَ کي، مثانهين دو– آبي جي ٻوليءَ جو نمونو سمجهڻ گهرجي، جنهن ٻوليءَ جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ سنسڪرت آهي."[141]

مٿي بيان ڪيل مختلف راين ۽ نظرين جي اڀياس کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ، پراڪرت جي اُديچيہ لهجي جو هڪ محاورو (sub-diatect)، جيڪو سنڌو نديءَ جي اُترئين علائقي جي ڪناري تي ڳالهايو ويندو هو، تنهن سنسڪرت جو روپ ورتو.

مهاتما گوتم ٻڌ جي زماني ۾، اُديچيہ خطي کي علمي ۽ ادبي حيثيت حاصل هئي. پوري برصغير جا ماڻهو، هن خطي لاءِ اعليٰ خيال رکندا هئا. برهمڻن جي هڪ ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهي تہ:

"اُديچيہ وارو لهجو، ماڻهو گهڻي امتياز سان ڳالهائين ٿا. سڄي ملڪ جا ماڻهو ۽ شاگرد، اُديچيہ جي عالمن وٽ وڃي، گفتگوءَ جا آداب سکندا هئا. جيڪو بہ هن خطي (اُديچيہ) مان علم حاصل ڪري موٽندو هو، تنهن کي ماڻهو چاهہ سان ٻڌڻ پسند ڪندا هئا."[142]

درحقيقت اهو اشارو اُن خطي طرف هو، جتي 'تڪش شلا'، 'وديا آليہ' قائم هئي. هن ئي خطي (اُديچيہ) ۾ 'تَڪش شلا' يونيورسٽي، پنڊت پاڻينيءَ واري دور (500 ق– م) ۾، علم ادب جو مرڪز هئي. 'پاڻيني'، هن ئي اداري يعني تڪش– شلا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو هو. هت وڏا وڏا ودوان موجود هوندا هئا، جن وٽ پاڻينيءَ بہ تعليم حاصل ڪئي. پوءِ پاڻينيءَ هن ئي اداري ۾ پنڊت بڻيو. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ 'تڪش شلا' واري خطي ۾ رائج روزمره واري محاوري، برهمڻ جي هٿ هيٺ علمي ۽ ادبي صورت ورتي، ۽ نيٺ پنڊت پاڻينيءَ 500 ق– م ڌاري، اُن محاوري کي، نئين سر سنواري ۽ سڌاري، اُن کي پهرين ڀاشا ۽ پوءِ سنسڪرت نالو ڏنو. سنڌي، لهندا ۽ سنسڪرت ۾ بيشمار هڪجهڙاين جو سبب بہ اهو ئي آهي، ڇو جو تڪش شلا وارو خطو، تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز

140- The Ethnology, Language, Literature and Religions of India, Reprinted from the third edition of the Imperial Gazetteer of India (1907-09) Oxford University Press. 1931.

141- Ibid. P.358. 142- Chatterji, S.K., Op. Cit., P.55.

رهيو آهي، جتي 'سَنڌُئي لوڪن' جي ٻوليءَ ۽ اُڌيچڊ لهجي واري ٻولي ڳالهائيندڙ لوڪن جو هڪ ٻئي سان گهرو تعلق رهيو هوندو.

هن سڄي بحث مان هي نتيجو نٿو نڪري ته برصغير جي ڪابہ ٻولي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل نہ آهي، تنهن ڪري اهو مفروضو تہ "سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان ڦٽي نڪتي آهي." غلط ثابت ٿو ٿئي.

هن ڪتاب ۾ اهو پڻ ثابت ڪيو ويو آهي تہ سنڌي ٻولي، سنڌو- ماٿر جي اصلوڪي رهاڪن جي اصلوڪي ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون سنڌو- تهذيب ۾ کُتل آهن. هن تهذيب ۾ ئي هن ٻوليءَ جنم ورتو: هتان ئي اها ٻولي اُسري، وڌي ۽ ويجهي. لهاذا سنڌي هڪ غيرآريائي ٻولي آهي، ان ڪري پروفيسر پوپٽي هيرانندائيءَ جي هن راءِ سان بہ اتفاق نٿو ڪري سگهجي، جنهن ۾ هن فرمايو هو تہ:

> "سنڌي، سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي، پر سنڌي ۽ سنسڪرت جو بنياد ساڳيو آهي: ٻنهي جو سرچشمو سنڌو- ماٿر جي اصل آريائي ٻولي آهي، سنسڪرت اوائلي مول- ڀاشا جو هڪ روپ آهي ۽ سنڌي ٻيو روپ. هڪ ماءُ جون ڌيئون هئڻ ڪري ٻنهي ۾ سمانتا آهي".[142]

هن ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ اهو پڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ سنڌي ٻولي آريائي خاندان جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڄائي نہ آهي، پر اها (سنڌي ٻولي)، دراصل، برصغير ۾، آرين جي اچڻ کان تمام گهڻو اڳ جي ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون سنڌو- ماٿر جي تهذيب ۾ کُتل آهن. هيءَ سنڌو- ماٿر جي اصلوڪن رهاڪن، 'سَنڌُوَ لوڪن'، جي 'سَنڌُئي' زبان آهي، جنهن تي آرين جي قبضي کان پوءِ پراڪرت، پالي ۽ سنسڪرت جو اثر ضرور ٿيو آهي، جيئن مثالن ذريعي اهو اثر ثابت ڪيو ويو آهي. لهاذا The Indo- Aryan Languages ڪتاب جي مصنف، مسٽر ڪولن ماسيڪا، پنهنجي ڪتاب ۾ 449، 451 ۽ 452 صفحن تي، ٻولين جي باري ۾ جيڪي نقشا ڏنا آهن، انهن ۾ ڪافي تبديلي اَٽي پوندي. اهي چارٽ هت نقل ڪري ڏجن ٿا:[143]

---

143- پوپٽي هيرانندائي، پروفيسر: ڀاشا شاستر

144- Colin P. Masica, The Indo Aryan Languages, Cambridge, Cambridge University Press, 1991, PP. 449-456.




ٻولين جي شاخن جو هي چارٽ لڳ ڀڳ اهو ئي آهي، جيڪو سرگريئرسن جي ڪتاب جي جلدن کي سامهون رکي جوڙيو ويو آهي.

## هند- آريائي گروه
## (Indo- Aryan Branch)



## سر گريئرسن طرفان برصغير جي ٻولين جو تاهيل چارٽ

هند-آريائي ٻوليون




سر گريئرسن جي هن چارٽ تي، منهنجي نئين انگريزي زبان ۾ لکيل ڪتاب "History of Sindhi Language & Literature at a glance" ۾ خاص ڪري بيروني، وسطي ۽ اندروني گروهه وارين ٻولين تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.

# ٻيو ڀاڱو

## 1- آرين جي اچڻ کان اڳ، سنڌو- ماٿر ۾ رائج قديم ۽ اصلوڪي ٻوليءَ جا اُهڃاڻ:

ڀاڱي پهرئين ۾ چيو ويو آهي تہ ڪنهن زماني ۾ هي نظريو عام هوندو هو تہ آرين جي حملي وقت، سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙ سڀ قومون ۽ جاتيون، حملي ڪندڙن جي خوف ۽ هراس وچان، پنهنجو هيءُ ملڪ ڇڏي، ڪي ڏکڻ- اوڀر طرف ڀڄي ويئون، تہ ڪن اولهہ طرف وارن جبلن ۽ غارن ۾ وڃي پناهہ ورتي، تہ ڪي وري جهنگلن ۾ وڃي لڪا. هن سلسلي ۾ ڀاڱي پهرئين ۾ واضح لفظن ۾ چيو ويو آهي تہ سنڌو- ماٿر تي ڌارين جا حملا هميشہ ٿيندا رهيا آهن ۽ ٻاهران ايندڙن جي حملن جي وقت ڪي خاندان ۽ ڪٽنب ضرور لڏي ويا هوندا؛

ڀاڱي پهرئين ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ، انهن حملن جي باوجود ۽ سنڌو- ماٿر تي ڌارين ۽ حملہ آورن جي قبضي ٿيڻ جي باوجود، هن سرزمين جي سموري آبادي، يعني هتي جا سڀ جا سڀ ماڻهو، حملہ آورن جي خوف ۽ هراس وچان، پنهنجو هي وطن ۽ پنهنجي هيءَ سرزمين ڇڏي، هتان ڀڄي ڪونہ نڪتا هوندا؛ البت سنڌن آباديءَ جو ڪجھ حصو، ڪي ڪٽنب ۽ قبيلا، خوف ۽ هراس وچان، هتان ضرور ڀڄي ويا هوندا، ۽ اُتر، اوڀر، اولهہ ۽ ڏکڻ وارن علائقن ۽ رياستن يا جبلن ۽ جهنگلن ۾ وڃي پناهہ ورتي هونداڻون. جيئن ديوان ٿڌاڻيءَ جي حوالي سان اڳ ۾، 'لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ' ڪتاب ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان ڪتاب ۾ چيو ويو آهي تہ:

> "محمد بن قاسم جي حملي وقت، سنڌ جا ڪي لوهاڻا ڪٽنب، سنڌ ڇڏي، اوڀر طرف وارين هندو رياستن بيڪانير، جيلسمير، جوڌپور ۽ جئپور ۾ وڃي آباد ٿيا، پر سنڌن اڪثريت سنڌ ۾ ئي رهي، جن مان ڪي مسلمان ٿيا ۽ ڪي هندو ڌرم تي ئي قائم رهيا". [1]

اهڙيءَ طرح سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙ آباديءَ جي اڪثريت، حملہ آورن جي

---

1- Thandhani, Op. Cit., P.166.

۽ پڻ ڏسو: الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڇاپو ٻيو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1977ع، ص 170

اڳيان پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري، سنڌن اڳ مڃي هوندي ۽ اُنهن (حملہ آورن) کي پنهنجو حڪمران قبول ڪيو هوندائون، ۽ پنهنجن پتهنجن ماڳن ۽ مڪانن، ڳوٺن ۽ بستين ۾ ئي رهڻ پسند ڪيو هوندائون.

جيڪڏهن سؤ في صد ماڻهو هتان لڏي ويا هجن ها تہ پوءِ صرف سنڌ ۾ ئي سنڌو- ماٿر جي قديم جاتين جهڙوڪ: مهاڻن، پڙين (واڻين)، ماڇين، ميربحرن، اوڏن، ڀيلن، ڪوهلن (ڪولهين)، شودرن (سودرن)، آهيرن، اُپيرن، پرهيارن، باگڙين ۽ بروهين جو، هت، وجود ئي نہ هجي ها. سنڌو- ماٿر جي قديم لوڪن جي هت رهجي وڃڻ ڪري ئي، ۽ هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، هن ماٿر ۾، تهذيب ۽ تمدن جو تسلسل قائم رهيو آهي، جاڪاڻ تہ سنڌو- ماٿر جي قديم لوڪن (سنڌَوَ لوڪن)، آرين جي تسلط جي باوجود، پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾، پنهنجي روزمره جو ڪاروبار هلايو هوندو: سنڌن روزانہ زندگيءَ ۾، سنڌن ئي ماحول اندر، سنڌن ئي ٻولي- سنڌُوئي ٻولي- رائج رهي هوندي، جا ڪين سنڌن ابن ڏاڏن کان، اُنهن (ابن ڏاڏن) کي، اُنهن جي ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ملي هوندي. البت هيءَ ڳالھ ضرور قبول ڪبي يا مڃبي تہ انهن لوڪن (سنڌُوَ لوڪن) جي ٻوليءَ تي، آهستي آهستي، بتدريج، آرين جي ٻوليءَ/ ٻولين- پراڪرت/ پراڪرتن- جو اثر ضرور ٿيو هوندو. حاڪمن جي ٻولي هجڻ جي ڪري، محڪوم ماڻهن يعني قديم ۽ اصلوڪن رهاڪن يعني سنڌُوَ لوڪن، آرين جي ٻوليءَ/ ٻولين جا ڪيترائي لفظ اُڌارا ورتا هوندا، پر ائين هرگز ممڪن نہ آهي تہ انهن ماڻهن پنهنجي سڌريل، شاهوڪار ۽ مهذب ٻوليءَ کي بلڪل ڇڏي ڏنو هوندو يا ترڪ ڪيو هوندو: البت 'سنڌُوَ لوڪن' جي ٻوليءَ جو لغوي ذخيرو، گاڏڙ بڻجي ويو هوندو، پر سنڌن (مقامي لوڪن) ٻوليءَ جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ تي آرين جي ٻولين جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جو ايترو گهڻو اثر ڪونہ ٿي سگهيو، جو سنڌو- ماٿر جي اُن قديم ۽ مقامي ٻوليءَ جي سٽاءَ ۾ فرق اچي سگهيو هجي، يا اها ٻولي بلڪل ختم ٿي وئي هجي يا مري وئي هجي. جيڪڏهن ائين ٿيو هجي ها تہ پوءِ صرف سنڌ ۾ اوڏن جي ٻولي، باگڙين جي ٻولي، بروهين جي ٻولي ۽ سنڌو- ماٿر مان لڏي ويل جپسين جي ٻولي، جيڪي اڄا تائين لڪجي نہ سگهيون آهن، (البت هاڻ بروهڪي ٻوليءَ لاءِ ڪوشش ٿي آهي) پر تڏهن بہ هزارين سالن کان زنده رهنديون آيون آهن، ۽ زنده رهنديون اچن. انهن ٻولين کان سواءِ، سنڌو- تهذيب ۽ تمدن جي مختلف پهلوئن ۾ جيڪو تسلسل قائم رهندو آيو آهي، تنهن مان پڻ اهو ثابت ٿو ٿئي تہ 'سَنَڌُوَ لوڪن' نہ فقط پنهنجي زبان کي قائم رکيو آهي، پر انهن پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کي بہ زنده رکيو آهي، ۽ اُن تهذيب ۽ تمدن ۾، هر زماني ۾ تسلسل قائم رهندو آيو آهي.[2]

2- Shaikh Khurshid Hassan, an article, Ethnoarchaeology as an aid to Civilization, published in Journal Pakistan Archaelogy and Museums, Karachi, 1991, P. 110.

هن راءِ کي ڊاڪٽر ڪولن ماسيڪا (Colin Masica) بہ قبول ڪري ٿو. جيپسي قوم جو حوالو ڏيندي هو لکي ٿو تہ:

”آرين جي حملي ۽ تسلط جي ڪري، غير- آريائي قبيلن سندن (آرين) تهذيب ۽ ٻولين کي قبول ڪيو، جيئن مشرقي بنگال، آسام، اوڙيسا ۽ ڏکڻ بهار وغيره جي ٻولين جا مثال ملن ٿا، پر ٽي مثال اهڙا آهن، جن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ، اُهي غير-آريائي قبيلا جيڪي آرين جي اچڻ کان اڳ جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، يا جنهن سڀيتا کي پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ڪندا هئا، تنهن کي سؤ في صد ڇڏي ڪو نہ ڏنو هئائون. اُهي ٽي مثال هي آهن:

(i) قديم زماني ۾ سنڌو- ماٿر مان جپسي قبيلن جي لڏپلاڻ، پهرين مشرق- قريب وارن ملڪن ۾ ٿي، جتان پوءِ اهي جپسي قبيلا يورپ طرف لڏي ويا. ايتري عرصي گذري وڃڻ جي باوجود جپسين، صدين تائين پنهنجي ٻوليءَ کي، پنهنجيءَ جاتيءَ اندر روزانہ وهنوار لاءِ، مخفي طور ۽ پنهنجي جاتيءَ جي سڃاڻپ ۽ انفراديت لاءِ قائم رکيو آهي.

(ii) اوڻيهين صدي عيسويءَ ۾، برصغير ۽ ٻين ملڪن مان مزور ۽ واپاري لڏي، فيجي ٻيٽن، موريشس، مشرقي ۽ ڏکڻ آفريڪا، گيانا، ٽرنيڊاڊ ۽ ٻين ملڪن ۾ وڃي آباد ٿيا، پر انهن هڪ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصي گذري وڃڻ جي باوجود، پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ تهذيب کي، پنهنجيءَ جاتيءَ جي سڃاڻپ ۽ جاتيءَ اندر وهنوار لاءِ قائم رکيو آهي.

(iii) ويهين صديءَ عيسويءَ جي وچ واري عرصي کان وٺي، اڳوڻي هندستان، سري لنڪا، برما ۽ برطانوي ڪالونيءَ مان لکن جي تعداد ۾ ماڻهو، برطانيا ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾ وڃي آباد ٿيا. اُنهن ماڻهن، پنهنجيءَ تهذب ۽ ٻولين کي، پنهنجيءَ جاتيءَ اندر وهنوار ۽ اُن جي سڃاڻپ لاءِ قائم رکيو آهي.“[3]

اهڙيءَ طرح صديون اڳ جٽ قبيلا، سنڌو- ماٿر مان لڏي، ايران، عراق، لبنان ۽ مصر ۾ وڃي آباد ٿيا هئا. انهن بہ پنهنجيءَ تهذيب ۽ ٻوليءَ کي پنهنجيءَ جاتيءَ اندر قائم رکيو آهي.

هاڻ جيڪڏهن ڪئين صديون اڳ، سنڌو- ماٿر مان لڏي ويل جٽن ۽ جپسين، اُنهن ملڪن ۾، جتي هو هاڻ رهن ٿا، اُتي انهن پنهنجيءَ پنهنجيءَ تهذيب ۽ زبان

3- Collin Masica, Op. Cit, P.385.

کي قائم ۽ دائم رکيو آهي ته پوءِ سنڌو- ماٿر اندر رهندڙ ماڻهن، پنهنجي ٻوليءَ ۽ تهذيب کي ڪيئن قائم نه رکيو هوندو؟ البت اهو ضرور مُجبو ته انهن مقامي ماڻهن، آرين ۽ ٻين فاتح قومن جي تهذيب ۽ ٻوليءَ کي به ضرور قبول ڪيو هوندو.

آثار قديمه جا ماهر هن راءِ جا آهن ته 'سنڌو- تهذيب' آرين جي فتح کان پوءِ به ختم ڪانه ٿي هئي، بلڪ هن تهذيب ۽ تمدن جو سلسلو، موهن جي دڙي ۽ هڙپا تهذيبن جي خاتمي جي باوجود، قائم ۽ دائم رهيو، ۽ هن تهذيب جون ڪيترون ئي ڳالهيون ۽ خصوصيتون، اُن جا آثار ۽ اُهڃاڻ، موجوده دور تائين به قائم رهندا آيا آهن. لهاذا هن تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ ۾ به تسلسل جا ڪيترائي ثبوت ۽ دليل ملن ٿا. جيتوڻيڪ آرين ۽ ٻين حملي آورن ۽ فاتح قومن جي حملن ۽ سنڌن تسلط جي ڪري، پراڪرت، سنسڪرت، پالي، ايراني، يوناني، عربي ۽ ٻين ٻولين جو، سنڌو- تهذيب واريءَ قديم ٻوليءَ (سنڌُئي) تي گهڻو ئي اثر ٿيو، ۽ انهن ٻولين جا هزارن جي تعداد ۾ لفظ، سنڌو- تهذيب واريءَ ٻوليءَ (سنڌُئي) جي لغوي خزاني ۾ داخل ٿي ويا، پر سنڌو- ماٿر ۾ رائج ٻوليءَ (سنڌُئي) جي لغات ۾، انهن ٻولين جي لفظن جي داخل ٿي وڃڻ جي باوجود، سنڌو- ماٿر جي ٻوليءَ جي صوتي، صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ تي، معمولي اثر کان ڪو وڌيڪ اثر ڪونه ٿي سگهيو. جان بيمز هن سلسلي ۾ پنهجن خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو ته:

> "آرين پنهنجن مخالف ماڻهن جي زبان، تهذيب ۽ تمدن تي گهرا اثر ڇڏيا، پر ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته موٽ ۾ آرين جي زبان، تهذيب ۽ تمدن تي، برصغير جي مقامي ماڻهن (آرين جي هن ملڪ ۾ اچڻ ۽ هت قيام پذير ٿيڻ کان اڳ واري زماني جا لوڪ) جي زبان، تهذيب ۽ تمدن جو اثر ٿيو. اهو ئي سبب آهي جو سنسڪرت ۾ به، غير- آريائي زبانن جي لفظن جو وڏو ذخيرو ملي ٿو. اهڙن لفظن جو اصل نسل، غير- آريائي زبانون آهن، جن کي آريائي زبانن ۾ ڳولي هٿ ڪرڻ مشڪل آهي".[4]

## 2- سنڌو- ماٿر واريءَ سرزمين کي، قديم زماني ۾ ڪهڙي ملڪ/ ملڪن جي نالي/ نالن سان سڏيو ويندو هو؟

**(الف) سياسي پس منظر:** هاڻ هي سوال ٿو پيدا ٿئي ته اها سرزمين جنهن کي قديم زماني کان ماهرن سنڌو- ماٿر پئي سڏيو آهي، يا جيڪا سرزمين آرين

4- John Beames, Comparative Grammar of the Modern Aryan Languages, Vol:I, London, Trubner & Co:, 1872, P.9.

جي اڃڻ کان اڳ هڪ سڌريل تهذيب ۽ تمدن جي مالڪ هئي، ۽ جنهن سرزمين کي پنهنجي زبان ۽ پنهنجو معاشرو هو. اُن سرزمين کي آرين جي اچڻ کان اڳ ۽ آرين جي اچڻ کان پوءِ، ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو هو؟ اُن کان پوءِ ٻيو سوال هي پڇيو ويندو آهي ته، اهو قديم ملڪ يا اُن زماني واري سنڌو- ماٿر، ڪهڙن ڪهڙن علائقن/ ملڪن تي مشتمل هوندي هئي؟ ۽ اُن ملڪ/ ملڪن جون سرحدون ڪيستائين پکڙيل هيون؟

هن سلسلي ۾ سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ سڄڻن ڪي، هن سلسلي جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو احوال، رگ ويد مان ئي ملي ٿو، جنهن کي ماهرن ترجمن جي صورت ۾، پنهنجن پنهنجن پڙهندڙن لاءِ، سندن زبانن ۾ پيش ڪيو آهي. هن موضوع تي وڌيڪ بحث مباحثي ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان اڳ، هن ملڪ جو تاريخي ۽ سياسي پس منظر ڄاڻڻ ضروري آهي. 'رگ ويد' ۽ هندن جي ٻين مذهبي ڪتابن توڙي پارسين جي مذهبي ڪتاب 'اوستا'، قديم ايراني ۽ قديم يوناني مؤرخن کان سواءِ، قديم چيني سياحن ۽ سنڌ ۾ عربي حڪومت جي شروع واري زماني ۾ آيل عرب سياحن جا لکيل احوال به، هن سلسلي ۾ محققن جي گهڻي مدد ڪن ٿا.

## (ب) سنڌو- ماٿر جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو احوال ڪٿان ڪٿان ملي سگهي ٿو؟

(i) سنڌو- ماٿر جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو احوال رگ ويد مان ملي ٿو.

(ii) رگ ويد کان پوءِ، هن علائقي جي باري ۾ معلومات قديم ايراني ۽ قديم يوناني تاريخن مان ملي ٿي. انهن تاريخن مان معلوم ٿو ٿئي ته ايران جي هخامنشي خاندان جي باني بادشاهه، خسرو اول، (588 ق- م کان 530 ق- م تائين)، سڀ کان پهرين هن ملڪ طرف رخ ڪيو، ۽ سڄي ملڪ تي قبضو ڪيائين. اُن کان پوءِ 'دارا اعظم' (522 ق- م کان 486 ق- م تائين)، 516 ق- م ۾ سنڌو نديءَ جي ڇوڙ واري علائقي تائين ڪاهي آيو، ۽ هي سڄو ملڪ پنهنجي تابع ڪيائين.[5] 'ائبٽ' جي خيال موجب، 'سنڌو ندي'، سرحد طور، قديم سنڌو- ماٿر تي مشتمل حڪومت ۽ ايراني حڪومتن جي سرحدن کي ورهايو ٿي. 'ائبٽ' لکي ٿو ته:

> "ٿاڊ جي خيال موجب 'سنڌو'، 'ٿاٿار' يا 'سنٿين' ٻوليءَ جو لفظ آهي. 'سنڌو' لفظ، 'سڌ' مان نڪتل آهي، جنهن جي اصلي معنيٰ آهي: ورهائيندڙ، 'سَندُ ڏيکاريندڙ' يعني 'حد ڏيکاريندڙ' يا 'ڀري ڪندڙ'. يونانين ئي هن درياءَ کي 'سند ملڪ' ۽ ايراني سرزمين کي ڌار ڪندڙ درياءُ سڏيو. ايرانين هن درياءَ کي 'هندو' سڏيو، ڇاڪاڻ ته ايراني ٻوليءَ ۾ 'س' کي 'ه' ۾ تبديل ڪري

5- Encyclopaedia Brittanica, Vol: VII, P.59.

اُچاريندا آهن. اڳئين هلي [ه] آواز حذف ٿي ويو ۽ 'هندو' لفظ 'اندو' اُچارجڻ لڳو".[6]

(iii) ايرانين کان پوءِ، يونانين هن ملڪ تي قبضو ڪيو. يوناني تاريخن مان معلوم ٿيو آهي ته، 326 ق- م ۾، سڪندر اعظم، هن ملڪ تي ڪاهي آيو. هُن، اَٽَڪ جي ويجهو، اُن (اٽڪ) جي اُتر طرف، پندرهن- سورهن ميلن جي مفاصلي تي، سندو- درياءَ تي، 'هَند بستيءَ' وٽ، 'هَند' نالي گهيڙ وٽان، ٻيڙين جي پُل ٺاهي، سندو درياءُ پار ڪيو، ۽ گنڌارا ماٿر کان هيٺ، 'ڪيڪيه ديش'[7]، جي حاڪم، 'راجا پورس' کي شڪست ڏنائين؛ پر هن (سڪندراعظم)، 'راجا پورس' کي، سندس ملڪ واپس ڪيو، ۽ پوءِ ملتان کان ٿيندو، سندو درياءَ ذريعي، هيٺ سنڌ جي لاڙ واري خطي ۾، قديم سنڌ جي هڪ مرڪزي شهر 'پٽالا' پهتو.[8] 'سڪندراعظم' جي حملي وقت، 'پٽالا' واي خطي جو حاڪم 'موئرس' (Moeris) هو، جنهن نيٺ آڻ مڃي.[9]

سڪندر اعظم پوءِ 'موئرس' حاڪم کي سندس حڪومت واپس ڪئي، ۽ پاڻ اڳتي وڌيو. پوءِ 'مينا نگرا' جي 'يادوونسي'، 'راجا سامس' کي شڪست ڏيئي، ڪجھ لشڪر پنهنجي فوج جي سپہ سالار، 'نيرخش' (Nearchus) جي اڳواڻيءَ هيٺ؛ مڪران ڏانهن روانو ڪري، سنڌوءَ جون حدون ڇڏي، 'حب ندي' ٽپي، روانو

6- Abbot, J., Sindh, reprinted, Indus publishers, Karachi, 1977, P.23.

7- ڪيڪيه ديش جي باري ۾، پنڊت دوارڪا پرساد، 'سنڌ جو پراچين اتهاس' جي صفحي 159 تي لکي ٿو ته: "پراچين سنڌ جي هن ڀاڱي جي سرحدن جو پورو پتو نٿو پوي، ممڪن آهي ته هاڻوڪو 'بنو' پراچين سمي ۾ 'برٽو'- علائقو، ڪيڪيه راڄ جو حصو هجي. هن وقت بنو شهر سرحدي پرڳڻي- جي ويجهو 'پرت' ۽ 'ڪڪي' يا 'ڪڪئي' نالي ننڍا ڳوٺ آهن، جي شايد 'پرت' ۽ سندس ماءُ، 'ڪيڪئيءَ' جي نالي تي ڪنهن وقت آباد هجن. بنوءَ جي ويجهو، 'اڪرا' نالي هڪ ٻيو بہ ڳوٺ آهي، جنهن مان گريڪ زماني جون مهرون اڄ بہ پيئون ليجن. اها ڪافي ثابتي آهي ته اهي ڳوٺ بنھ پراڻا آهن. منهنجي انومان موجب ڪيڪئہ راڄ بنوءَ کان وٺي هاڻوڪي سبيءَ جي اوير ۾ هو."

مهاڀارت جي پڙهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته، مهاڀارت جي وقت ۾ ڪيڪيه راڄ جا ننڍا وڏا راجائون، ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويا هئا.

8- Haig, M.R., Indus Delta Country, London, Kegan Panl, also see: Rapson, E.J., the Cambridge History of India, Vol:I, Chand & Co, Fountain, Delhi, 1950, P.339.

9- Aitken, E.H., Gazetteer of Province of Sindh, Vol:A, Bombay, Govt. Press, 1907, P.

ٿي ويو، ۽ وطن واپس ويندي، 'بابل' ۾ وفات ڪيائين[10] هنن حوالن مان اهو ب ثابت ٿو ٿئي تہ سنڪدر اعظم جي حملي واري زماني (326 ق- م) ۾ بہ 'سنڌو' (ملڪ) ۾ 'سنڌو درياءُ'، 'حب ندي'، 'پتالا'، 'ميناڻگرا' ۽ مڪران جي نالي سان ملڪ ، شهر ۽ درياءَ موجود هئا.

(IV) 275 ق- م ۾، 'راجا چندر گپت موريا'، موريا گهراڻي جو پايو وڌو. هن جي حڪومت جي زماني ۾ ئي، موريا گهراڻي جي حڪومت جي مضبوط بنياد پوڻ کان اڳ، 'اشوڪا' (جو پوءِ خود بادشاه بڻيو ۽ مهاراجا جو لقب مليس)، 'تڪش شلا' واري خطي ۾، موريا گهراڻي جو وائسراءِ هو. هن (اشوڪا) ئي، 'گندارا' واري خطي ۾، 'ٻُڌمت' جو تعارف ڪرايو، ۽ ٻڌمت هتان ئي، 'بلتستان'، 'وچ- ايشيا'، 'تبت'، 'چين'، 'ڪوريا' ۽ جپان تائين پکڙيو.

جپان جي قديم تخت گاه، 'نارا شهر' ۾، هڪ مندر ۾، 'مهاتما گوتم ٻُڌ' جا يادگار، علامت طور موجود آهن. بادشاه بڻجڻ کان پوءِ، مهاراج اشوڪا، ٻڌمت کي، هن خطي ۾ گهڻو زور وٺايو، ۽ 'مانسهره' توڙي 'شهباز ڳڙهيءَ' وارن شهرن ۾، ٻڌمت جي تبليغ ۽ سندس انتظامي اُمور جي سلسلي ۾، پٿرن تي فرمان لڪرائي، لڳرايائين. مهاراج اشوڪا 232 ق- م ۾ وفات ڪئي.

اُن کان پوءِ بختر قوم جو ذڪر ملي ٿو. هن قوم (بختر قوم) جا يوناني حاڪم، 180 ق- م ۾، لاڙ واري علائقي تائين ڪاهي آيا، ۽ 'ڏميسٽريئس' نالي هڪ شهزادي، 'پتالا' تي قبضو ڪيو.[11]

(VI) سن 70 ق- م ۾، 'ساڪن' يا 'سٿين'، بولان واري ڏڙي رستي، سنڌو- ماٿر تي حملو ڪيو. اهي فاتح، سنڌ ۾ ڪُپ ڪوڙي ويهي رهيا. لاڙ واري خطي ۾، هنن ايتري قدر تہ پنهنجو اثر ڄمايو هو جو اُن حصي تي 'انڊو- سٿيا' (Indo- Scythian) نالو پئجي ويو.[12] هنن حاڪمن (سٿين) جا نشان ۽ اُهڃاڻ، ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان بہ مليا آهن.[13]

(VII) سٿين کان پوءِ پهرينءَ صديءَ عيسويءَ ۾ 'پارٿيا' (Parthian) هن علائقي ۾ آيا. 'پارٿين'، 'انڊو- سٿيا' ۾ اچي، پنهنجو ڏاڪو ڄمايو.[14] پارٿين جا نشان بہ، ڀنڀور جي کنڊرن جي کوٽائيءَ مان مليا آهن.[15] ان کان سواءِ،

---

10- Haig, M.R., Ref:8, PP. 29&31. Also see: Rapson, E.J., Op. Cit., P.341; & Also see Smith, V.A., The Oxford History of India, Oxford, 1920, P.85.

11- Haig, M.R., Op. Cit., P.24.

12- Rapson, E.J., Op. Cit., P.512.

13- Khan, F.A., Dr. Bhambore Excavations, P. 37.

14- Rapson, E.J., Op. Cit., P.512.

15- Khan, F.A., Dr. Bhambore Excavations, P. 37.

سنڌو نديءَ جي ڪناري تي، ڪاهي طرف، صوبہ سرحد ۾، ’چلاس‘ جي قديم شهر وٽ، جبلن جي ڇپن تي، سٽين ۽ پارٿين جا لکيل ڪتبا موجود آهن.

(VIII) پهرينءَ صديءَ عيسويءَ جي سن 60ع ۾، ڪُشان گهراڻي وارا هن ملڪ ۾ افغانستان ڪان آيا. انهن ’پارٿين‘ کي هٽائي، هن ملڪ تي قبضو ڪيو. ٻيءَ صديءَ عيسويءَ ۾ ڪُشان دور ۾، گنڌارا واري شهنشاهت، پنهنجيءَ اعليٰ منزل تي پهتل هئي. اُنهن (ڪُشانن) جي حڪومت جون حدون، اُپرندي طرف ايران ڪان وٺي، گنگا نديءَ جي واديءَ تائين، پکڙيل هيون. ’ڪُشانن‘، تڪش شلا جو نئون شهر آڏايو، جيڪو هن علائقي جو تخت گاهہ بڻيو.

تحقيق مان ائين بہ معلوم ٿيو آهي تہ ”گنڌارا آرٽ، ڪُشان دور ۾ چلاس واري خطي تائين پهچي چڪو هو. چلاس واري خطي ۾ گنڌارا آرٽ جو نمونن مان ثابت ٿو ٿئي تہ ڪُشان دور جو، سنڌن آخري زماني تائين، گنڌارا تهذيب سان واسطو رهيو.“ 16

(IX) 455ع ۾ ’سفيد هَنَن‘ (White Huns)، تڪش شلا تي حملو ڪري، اُن شهر کي اهڙو تہ تباهہ ڪيو، جو هي شهر وري ڪڏهن بہ اُسري نہ سگهيو. پر هن شهر (تڪش شلا) جي تحقيقي سفر دوران معلوم ٿو ٿئي تہ هي، بلڪ هي سمورو خطو، ڏار ڏار تاريخي دورن جي قديم آثارن تي مشتمل آهي.

(X) راءِ گهراڻي جي حڪومت- ڪُشان بہ ٻُڌمت جا پيرو هئا. هن وقت تائين، ٻڌمت، سنڌ تائين پکڙجي چڪو هو. ۽ ’راءِ گهراڻي‘ جي حڪومت (492ع ڪان 640ع)[17] جي خاتمي تائين، بلڪ برهمڻ گهراڻي جي ڪجهہ عرصي تائين ٻڌمت سنڌ ۾ غالب رهيو.

راءِ گهراڻي جو باني ’راءِ ديوائجي‘ (ڏيوجي) هو. هو ٻڌمت جو پوڄاري هو. هن حاڪم، ايران جي ’ساساني‘ خاندان جي حاڪم ’ڪئڪباد‘ کي شڪست ڏيئي، ايراني حڪومت جو، سنڌ جي سرحدن مان خاتمو آندو. راءِ گهراڻي جا پنج حاڪم ٿيا: اُهي هئا: (i) راءِ ديوائجي، (ڏيوجي) (ii) راءِ سهارس پهريون، (iii) راءِ سهاسي پهريون، (iv) راءِ سهارس ٻيو ۽ (v) راءِ سهاسي ٻيو. راءِ گهراڻي جي خاتمي (642ع) ڪان پوءِ، ’چچ‘ برهمڻ جي هٿ هيٺ، برهمڻ سنڌ جا حاڪم بڻيا.[18] برهمڻ، هندو ڌرم جا مڃيندڙ هئا. هي ڌرم، سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم تي اثرانداز

---

16- Dani Ahmed Hassan, Dr., Human Recording on Karakuram High way, Islamabad, 1983.

17- محترم محمد حسين پنهور جي راءِ موجب راءِ گهراڻي جي حڪومت 499ع ڪان وٺي 632ع تائين رهي: ڏسو: Pahnwar M.H., Chrnological Dictionary of Sindh, 1983, P.114.

18- علي ڪوفي: فتح نامہ عرف چچنامو، مترجم مخدوم امير احمد، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع، ص 98.

ٿي ويو، پر عربن جي سنڌ تي فتح واري حملي يعني 712ع تائين، ٻڌ ڌرم، عوام جي دلين تي اثرانداز رهيو، ۽ برهمڻ دور ۾، ڪيتري ئي عرصي تائين وڏي تعداد ۾ ماڻهن جو مذهب رهيو.

محترم محمد حسين پنهور جي راءِ موجب چچ برهمڻ 640ع ۾ سنڌ جي تخت تي قبضو ڪيو، پر چيني سياح، هيون- شئنگ جيڪو انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۾ موجود هو، تنهن جو بيان آهي ته:

> ”هن ملڪ (سنڌ) جو حاڪم شودر' (Sudra) هو، جيڪو ’راءِ ديوائجيءَ' جي خاندان مان هو. ان لحاظ کان چئبو ته برهمڻ گهراڻي جي حڪومت 642ع ۾ شروع ٿي هوندي.“

ڪاڪو پيرو مل لکي ٿو ته:

> ”هوان- شيانگ نالي هڪ چيني مسافر، عيسوي سن ستين صديءَ ۾، راءِ سهاسيءَ جي وقت ۾ آيو هو. هن صاحب پنهنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌ جو راجا هڪ شودر هو. ڀانئجي ٿو ته انهيءَ وقت کان سگهوئي پوءِ، هي (راءِ گهراڻي) حاڪم، کتري راجپوت سڏجڻ ۾ آيا“.[19]

چچنامي ۾ ڄاڻايل آهي ته عربن سنڌ (ديبل) تي 636ع کان (يعني راءِ گهراڻي جي زماني کان) حملا ڪرڻ شروع ڪيا هئا، پر ڪين ڪڏهن ٻه ڪاميابي نصيب ڪانه ٿي[20] هئن نيٺ 712ع ۾، برهمڻ گهراڻي جي حاڪم راجا ڏاهر کي شڪست ڏيئي، سنڌ تي فتح حاصل ڪئي، ۽ اسلامي حڪومت جو بنياد رکيو.

هن ساري بيان مان هي ٿو معلوم ٿئي ته سنڌ تي قديم مسيح واري زماني کان وٺي، ڌارين قومن جا حملا ٿيندا رهيا آهن. اُنهن ۾ آرين جا تاريخي دور کان حملا، اڳاٽي ۾ اڳاٽا حملا هئا، جن جو تفصيلي احوال رگ ويد مان ملي ٿو، ۽ هن ڪتاب (رگ ويد) مان، هن ملڪ (سنڌو- ماٿر) جي، اُن وقت رائج نالي جي بہ خبر پوي ٿي.

## 3- ملڪ جو نالو:

**(الف)** (i) **ڊاڪٽر دانيءَ جي راءِ:** ماهرن جي بيان موجب، رگ ويد ۾، هن ملڪ (سنڌو- ماٿر تي مشتمل) جو نالو ’سپت- سنڌو'، يعني ’ستن دريائن وارو ديش' ڄاڻايل آهي، پر ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ جي راءِ موجب:

---

19- پيرومل آڏاڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حوالو ڏنل آهي، ص 55.
20- علي ڪوفي: فتح نامہ عرف چچنامو، حوالو ڏنل آهي، ص 55.

”سنڌو لفظ، رگ ويد جي ڪيترن ئي سلوڪن ۾ آيل آهي. اهو لفظ، هڪ نديءَ جي اسم خاص جي معنيٰ ۾، توڙي نديءَ جي اسم عام طور ڪتب آندو ويجي ٿو. پهرينءَ معنيٰ ۾، نديءَ جي لاءِ چيو ويجي ٿو ته اهو درياءُ ’ورڻ ديوتا‘ کوٽيو هو. اهو هڪ زبردست درياءُ آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان شاخون، اُن ۾ پاڻي پهچائين ٿيون، جن شاخن کي ’سنڌو‘ ائين ضابطي ۾ رکي ٿي، جيئن ڪو جنگجو راجا، پنهنجي لشڪر جي ٻن پاسن جي، سالاري ڪندو آهي. ٻيءَ معنيٰ ۾ اُن کي رگ ويد وارن جي اصطلاح ۾ ’سپت- سنڌو واه‘، يعني ’اُتر ديس‘ سڏيو ويو آهي. ٻنهي مان ڪهن به صورت ۾ اهو لفظ، محدود علائقائي مفهوم ۾ استعمال نه ڪيو ويو آهي“.[21]

### (ii) ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ جي راءِ:

رگ ويد مان ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ هيٺيون شلوڪ چوندي، پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي، جنهن ۾ ’سنڌو لفظ‘، ’درياءَ‘ توڙي ’ملڪ‘ لاءِ استعمال ڪيل آهي: مثلاً:

اي اَجهل، اَٿموٽ سنڌو، ٻل واري، سگهاري ’سنڌو‘ [22]  
ڏيهن ۽ ميدانن مان،  
اَپار پاڻيءَ جا ڦهلاءَ ڪٽي،  
جرڪندي، ڪڙڪاٽ ڪندي وهندي رهي ٿي،  
جهڙي ابلق گهوڙي، سونهاري ۽ سوپياوان.

’سنڌو‘[23] ڀلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،  
۽ آهي شاهوڪار رٿن ۽ ويسن وڳن ۾،  
سهڻي گهڙيل سون ۾ شاهوڪار، اَڻ مَئي مايا جي مالڪ،  
هتان جا گاهه نيڻ ٺار ۽ لذت وارا،  
اُنَ اهڙي جو وينو ڏس،  
شربت جو ميناج نه پڇ[24]  
(سنڌو ڪشت رگ ويد جو هڪ سنڌي رشي)

---

21- داني، احمد حسن، ڊاڪٽر: سنڌو- سوِير، سنڌ جي اوائلي تاريخ تي هڪ نظر، ترجمو- سنڌ صدين ڪان، مرتب ممتاز مرزا، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1982ع، ص 51.

22- هت سنڌوءَ مان مراد، سنڌو درياءُ آهي.

23- هت سنڌوءَ مان مراد سنڌو ملڪ آهي.

24- علي. اي- اي جعفري: اوائلي آريائي دؤر ۾ سنڌ ۽ سنڌي، سنڌ صدين ڪان، ترجمو ٿيل، مرتب ممتاز مرزا، حوالو ڏنل آهي، 1982ع، ص ص 108 ۽ 110.

### (iii) ڪاڪي ڀيرو مل جي راءِ:

ڪاڪي ڀيرو مل آڏواڻيءَ جو خيال آهي تہ:

"اڳاڻن آرين، سنڌو نديءَ جي اُستتي (ساراهہ) ڪئي آهي. اُنهيءَ اُستتيءَ جو مضمون وڏو ۽ وڻندڙ آهي، جنهن ۾ هڪ رشي چوي ٿو تہ:

اي سنڌو:
جڏهن تون ميدانن مان وهين ٿي،
تڏهن بيشمار ڪاڏو پاڻ سان آڻين ٿي،
تنهنجو پاڻي اُتم آهي.
اي سنڌو!
جيڪڏهن تنهنجي خوبصورتيءَ جي ڀيٽ ڪجي تہ
تون نوورني ڪنئار وانگر آهين،
تون سدائين جوان ۽ سدائين سهڻي آهين،
سنڌوءَ جي گڙڪاٽ ڌرتيءَ تان اُٿي ٿي،
۽ اُها آسمان پريو چڙهي.
سنڌو نهايت زور سان وهي ٿي ۽ مُنهن مٿيادار اٿس،
سندس پاڻيءَ جو آواز اهڙو ٿو ٿئي جو ائين پيو ڀانئجي جڻ تہ،
مينهن جون اوڙڪون گجگوڙ ڪري پيئيون وسن؛
اِجها، سنڌو ڍڳي وانگر رنڀندي پيئي اچي.
اي سنڌو!
جيئن سوئا ڳانئيون کير سان ڀريل اوهن سان
پنهنجن ڦرن ڏي ڊوڙن ٿيون،
تيئن ٻيون نديون جدا جدا هنڌن مان پاڻي کڻي،
تو ڏي رنڀنديون اچن ٿيون" 25

ڪاڪو ڀيرو مل اڳتي لکي ٿو تہ:

"رگ ويد ۾ جنهن رشيءَ هي لفظ چيا آهن، تنهن، جنهن مهل سنڌوءَ جي پرتي ڪندڙ ندين کي، سنڌوءَ طرف وهندو ڏٺو آهي، تنهن مهل تشبيهہ ٿي اور ڪم آندي اٿس. چوي ٿو:

اي سنڌو! جيئن ڪو راجا جُڌ ڪرڻ لاءِ
نڪرندو آهي ۽ پٺيان لشڪر هوندو اٿس،

---

25– ڀيرومل آڏواڻي: قديم سنڌ، حوالو ڏنل آهي، ص ص 171، 172 ۽ 173.

تيئن تون ٻه (شاهاڻي شوڪت سان) ندين جي اڳيان،
مهندار ٿي هلين ٿي، ۽ ٻيون نديون ٻه پلٽڻيون ڪري
تنهنجي پٺيان ائين هلن ٿيون، جو ڄڻ ته
ساڳئي رٿ ۾ سوار آهيو"[26]

ڪاڪو ڀيرومل اڃا ٻه اڳتي، رگ ويد مان حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

"سنڌو، جا اجيت آهي (ڪنهن جي جيتڻ جي ڪانهي)،
سا، سڌي وهي ٿي. سندس ورڻ يا رنگ اڇو ۽ روشن آهي،
(پاڻي لڙانئيل نه اٿس).
۽ هوءَ وڏي ندي آهي. سندس پاڻيءَ ۾،
تک گهڻي آهي، ۽ چئن ئي طرف
ٻوڙ ٻوڙان ڪري ٿي، جيڪي ٻه
متحرڪ يا چرندڙ شيون آهن سي اهڙيون تيز رفتار نه آهن،
جهڙي هيءَ سنڌو ندي"[27]
سياڻيءَ سنڌو، جا،
ماڪي ڏيندڙ گلن سان سينگاريل آهي"[28]

ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ، 'سپت- سنڌو واهه' لفظ ۽ 'واهه" پڇاڙيءَ جو حوالو ڏيئي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اها پڇاڙي (- واهه)، ملڪن/ملڪ جي نالي لاءِ علامت طور ڪم آندي ويندي هئي، حالانڪ قديم ايراني حڪمرانن جي زماني ۾ واهه/ وا' پڇاڙي، شهرن جي نالن وارن لفظن پٺيان لڳائي ويندي هئي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

"فتح نامي جي قلمي نسخن ۾ برهمڻ آباد نالي جي صورتخطي 'برهمناباد' آهي. بهرصورت هن نالي جي پڇاڙي 'آباد' مان ظاهر آهي ته هي اصل ايراني نالو آهي. تاريخ مان دليل نڪري ٿو ته هي شهر غالباً ايران جي بادشاهه 'بهمن اردشير' جي حڪم سان ٻڌو ويو، ۽ انهيءَ لحاظ سان، هن جو اصل نالو 'بهمن آباد' هو، مگر پوءِ اهو ٻه 'بهمينا' سڏجڻ لڳو"[29]

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، مجمل التاريخ جي حوالي سان، صفحي 397 تي لکي ٿو ته:

---

26- ڀيرو مل آڏواڻي: قديم سنڌ، ص 173.
27- ايضاً، ص ص 173 ۽ 174.
28- ايضاً، ص 171.
29- علي ڪوفي: فتح نامه چچنامو، ٽيون ايڊيشن، مترجم مخدوم امير احمد، حوالو ڏنل آهي، 1954ع، ص 397.

"سنڌ کي ٻهمن اردبشر، ايراني حاڪم، پنهنجي بادشاهيءَ هيٺ آندو. هن سندس نالي پٺيان ٻه شهر آڏايا: هڪڙو ترڪن ۽ هندن جي سرحد تي قندابيل (گنداوا) ۽ ٻيو ٻئي پرڳڻي ۾ 'ٻهمن آباد'، جنهن جي نالي سان هينئر منصوره سڏيو وڃي ٿو.
برهمڻ دور ۾، هن شهر کي برهمڻ آباد سڏيو ويو. البيرونيءَ هن شهر جو نالو 'ٻهمنوا' لکيو آهي، جنهن مان هن شهر جي اصلي ايراني نالي جي تائيد ٿئي ٿي." [30]

انهن مثالن ۾ 'گنداوا' ۽ 'ٻهمنوا' نالن مان ثابت ٿو ٿئي ته 'وا' يا 'واهه' پڇاڙي، شهرن، خطن ۽ ملڪن جي نالن پٺيان استعمال ڪئي ويندي هئي. جيئن ڊاڪٽر دانيءَ 'سپت- سندواهه' لفظ ۾، 'واهه' پڇاڙيءَ مان ثابت ڪيو آهي.
(IV) ائيٽ جو به رايو آهي ته:

"ٿاڊ جي خيال موجب 'سندو'، 'تاتاري' يا 'سٿين' ٻوليءَ جو لفظ آهي. سندو لفظ 'سڌ' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، 'ورهائيندڙ'، 'سَنڌُ' يعني 'حد ڏيکاريندڙ' يا 'پري ڪندڙ'.
"مشرقي جاگرافيدان (Oriental geographers) 'سندو' نالي کان اڻڄاڻ هئا. يورپ جي ماهرن هن نالي کي مشهور ڪيو ۽ اُن جي واقفيت ڪرائي. يونانين هن کي 'Indus' يا 'Indos' سڏيو. ايرانين ئي هن درياءَ کي 'هندو' سڏيو، ڇو ته ايراني ٻوليءَ ۾ 'س' کي 'ھ' آواز ۾ تبديل ڪري اُچاريندا هئا. اڳتي هلي 'ھ' آواز حذف ٿي ويو ۽ 'هندو' لفظ بدلجي 'اِندو' اُچارجڻ لڳو: يعني ته قديم ايرانين، هن ملڪ (سنڌ) کي 'هپت- هندو' سڏيو آهي." [31]

(V) ايراني عالم، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفري، پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو ته:

"جُهيڻو ڳالهائيندڙ يا لس ٻولڻا' (The soft speakers) رواجي طرح 'س' کي 'ھ' ۾ مٽائيندا هئا. ڪن سُرن کي 'ٻڱهو' يا 'ڳهڻو' ڪندا هئا، ۽ ڪن وينجن کي 'وِسرگ' ڪندا هئا، جيئن 'سپت- سندو'، 'هپت- هندو'؛ 'سرسوتي/ هَرزوئتي/، هرهوئتي'". [32]

(VI) هن ئي موضوع تي ديوان ڊي- بي- ميرچندائيءَ به وضاحت سان لکيو آهي. هُو لکي ٿو ته:

---

30- علي ڪوفي: فتح نامہ چچنامو، ٽيون ايڊيشن، مترجم مخدوم امير احمد، حوالو ڏنل آهي، 1954ع، ص 397.

31- Abot, J., Sindh, reprinted, Indus Publishers, Karachi, 1977, P.23.

32- علي اي، جعفري، ڊاڪٽر: اوائلي آريا دور ۾ سنڌ ۽ سنڌي، سنڌ صدين کان مرتب ممتاز مرزا، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1982ع ص ص 108 ۽ 110.

"اها عام روايت هوندي آهي تہ ملڪن، شهرن، جبلن ۽ ندين کي تاريخي مشاهيرن، فاتحن، قومن ۽ ذاتين جي باني جي نالن سان منسوب ڪيو ويندو آهي. راماڻ ۾ ڪيڪيہ، سنڌو ۽ سؤوير نالا ملن ٿا، جيڪي ملڪن جا نالا آهن. ڪاليداس جي لکڻ موجب، رام، 'سنڌو- ديش'، ڀرت جي حوالي ڪيو. ڀرت پوءِ 'گنڌارا' فتح ڪري، اهو علائقو، سندس پٽن کي تحفي طور ڏنو، جن اُتي 'پُشڪلاوتي' ۽ 'تڪش شلا' جا شهر اڏايا. هت 'سنڌو- ديش' مان مراد 'سنڌو ملڪ' آهي. پاڻينيءَ بہ، پنهنجن شلوڪن ۾، 'سنڌو- ديش' سان گڏ 'تڪش شلا' جو نالو ڪم آندو آهي".[33]

(VII) عام مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ دنيا جا ڪيترائي ملڪ، انهن ملڪن جي وچ مان وهندڙ دريائن جي نالن جي پٺيان سڏبا آهن. سنڌ ملڪ لاءِ بہ عام رايو اهو ئي آهي. هن سلسلي ۾ مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب قديم سنڌ ۾ لکي ٿو تہ:

"سنڌ ملڪ تي نالو، 'سنڌ' تان پيو، جيئن هندستان يا هند تي نالو 'هند' تان پيو. 'سنڌ' ۽ 'هند' ٻئي ڀائر هئا، ۽ حامؑ بن نوح جا پٽ هئا".[34]

(VIII) مولائي شيدائي، مولانا سيد ابوالحسن جي حوالي سان لکي ٿو تہ:

"اسلامي تاريخ ۾ لکيل آهي تہ 'هند' ۽ 'سنڌ'، حام بن نوح عليہ السلام جو پٽ هئا، جن جي هن سرزمين تي، سندن اولاد سميت، گهڻو وقت حڪومت رهي، تنهن ڪري سندن نالي پٺيان ئي هن ملڪ تي 'سند' (سنڌ) نالو پيو".[35]

مولائي شيدائي صاحب ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ:

"رگ ويد ۾، سنڌ جو نالو 'سپت- سنڌو' يعني 'ستن دريائن وارو ملڪ' لکيل آهي. آرين لوڪن، سنڌ تي، 'سنڌو درياءَ' جي ڪري اهو نالو وڌو."[36]

---

33- Mirchandni, B.D., Glimpses of Ancient Sindh, A Collection of Historical papers, P.19.

34- مرزا قليچ بيگ: قديم سنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ

35- مولائي شيدائي: جنت السنڌ، ڇاپو ٻيو، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1985ع، ص 3، ۽ پڻ ڏسو: مولانا سيد ابوالحسن، مطبع نظامي، ڪانپور، 1305هہ، ص 3.

36- ايضاً، ص 6

(IX) ديوان ڀيرومل 'قديم سنڌ' ڪتاب ۾، 'پروفيسر مئڪس مولر' جي حوالي سان لکي ٿو ته:

"سنڌ تي اهو نالو سنڌو نديءَ تان پيو آهي. سنسڪرت ۾ 'سنڌو معنيٰ سمنڊ' يا وڏو درياءَ."[37]

ڪاڪو ڀيرومل، 'قديم سنڌ' ڪتاب ۾ صفحي 47 تي لکي ٿو ته:

"سڪندر اعظم سان جيڪي تاريخ نويس آيا، تن به سنڌو-ماٿر ۾ رهندڙن کي سڏيو 'سنڌو' (هندو)، پر اُچار ڦيرائي ڪيائون "انڊو- انڊوئي ( Indoi)، ۽ نديءَ سڏيائون 'انڊوس' (Indos) ۽ سڄي ملڪ کي سڏيائون 'انڊيڪا' (Indica) ۽ 'انڊرڪوس' پوءِ لئٽن ٻولي ڳالهائيندڙ 'انڊوس' (Indos) جو اُچار ڦيرائي ڪيو 'انڊس' (Indus) ۽ هندستان کي 'انڊيا' (India) سڏيائون."[38]

ديوان ڀيرو مل اڳتي لکي ٿو ته:

"قديم ايراني لوڪ، سنڌو- ماٿر (پنجاب ۽ سنڌ) ڪان پري ڪونه ويا، تنهن ڪري جيڪو ملڪ ڏٺائون ته آريا لوڪ والاري ويٺا هئا، تنهن کي هندستان (هند+ آستان) سڏيائون، مطلب ته 'سنڌو نديءَ وارو ملڪ'."[39]

ڪاڪو ڀيرو مل اڃا به اڳتي Cambridge History of India جي صفحي 324 جي حوالي سان لکي ٿو ته:

"آوستا ۾، Inida (هندستان) جو نالو 'هندو' ڄاڻايل آهي، جيڪو قديم فارسي زبان ۾ Hi(n)du آهي، جيڪو 'سنڌو' (سنسڪرت) درياءَ جي نالي تان ورتل آهي."[40]

(X) ڊاڪٽر سورلي به هن سلسلي ۾، پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب 'ويسٽ پاڪستان' گزيٽيئر (سنڌ ريجن) ۾، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته:

"علم اللغات جي ماهرن (philologists) کي لفظ 'سنڌو'، جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڪا به ڄاڻ ڪانهي، پر اهو لفظ 'هند-يورپي' معلوم ٿئي ٿو،[41] جيڪو قديم زماني، ڪان هن درياءَ تي رکيو ويو

37- ڀيرو مل آڏواڻي: قديم سنڌ، حوالو ڏنل آهي، ص 44
38- ايضاً، ص 47. 39- ايضاً، ص 46.
40- ڀيرو مل آڏواڻي: قديم سنڌ، ص 46
41- هن ڪان اڳ مسٽر ٽاڊ جي حوالي سان، ائبٽ جو حوالو ڏيندي لکيو ويو آهي ته، 'سنڌو' 'تاتاري' يا 'سٿين' ٻوليءَ جو لفظ آهي. ڏسو Abbot, J.Op., Cit., P.23

آهي. 'سنڌ'، 'هند' ۽ 'انڊ' (Ind) ساڳيا ۽ ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ آهن، جن ۾ [س ۽ هه] جو بدلجڻ هميشه ممڪن رهيو آهي"[42]

ڊاڪٽر سورلي اڳتي لکي ٿو ته:

"اهو چٽي نٿو سگهجي ته 'سنڌو درياءَ' جو نالو, 'سنڌ ملڪ' تان پيو آهي يا 'سنڌ' نالو، سنڌو درياءَ جي نالي جي ڪري ۽ 'سنڌ ملڪ' تي پيل آهي".[43]

(XI) شريف ڪُنجاهي صاحب, ڊاڪٽر سورلي جي هن راءِ کي قبول نٿو ڪري، لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر سورلي اهو پڻ قبول ڪيو آهي ته ڪيس 'سنڌو' لفظ جي اصل نسل يا 'بڻ بنياد' جي خبر ڪانهي، ۽ ڪوبه عالم اهو ٻڌائي نٿو سگهي ته سنڌ جي سرزمين تي 'سنڌ'، يا 'سنڌو' نالو سنڌو درياءَ جي نالي جي ڪري پيو آهي يا سنڌو درياءَ تي اهو نالو (سنڌو)، 'سنڌو ملڪ' جي نالي جي ڪري پيو".[44]

شريف ڪُنجاهي صاحب اهو قبول نٿو ڪري ته ڪو:

"دنيا ۾ ڪٿي به، ڪنهن نديءَ تي، اُن ملڪ جو نالو پيو آهي جنهن ملڪ وچان اُها ندي وهندي هجي، تنهن ڪري سنڌو درياءَ تي، 'سنڌو' نالو، 'سنڌو ملڪ' (سرزمين سنڌو) جي ڪري ڪونه پيو آهي، پر دراصل سنڌو درياءَ جي ڪري، هن ملڪ (سرزمين) تي 'سنڌو' نالو پيو آهي، جنهن سرزمين (ملڪ) جي وچان هيءَ ندي وهي ٿي".[45]

شريف ڪُنجاهي صاحب اڳا به اڳتي لکي ٿو ته:

""سِنُ' به 'سنڌوءَ' جو هڪ نعم البدل آهي، جو ته صوبه سرحد ۾ هن درياءَ (سنڌو درياءَ) کي 'اَباسين' چوندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي 'وڏي ۾ وڏي ندي' يا 'سيني دريائن جو ابو'.[46]

42- Sorley, H.T., Gazetteer of West Pakistan, Sindh Region, Govt: of West Pakistan, Lahore, 1968, P.1.
43- Sorley, H.T., Gazetteer of West Pakistan, Sindh Region, Govt: of West Pakistan, Lahore, 1968, P.1.
44- Sharif Kunjahi, Panjab- Scandinavian Language Contact, Gujrat Pakistan-, Chenab Academy, 61, Mazhar Colony, 1991, P.12.
45- Ibid.
46- Ibid.

شريف ڪُنجاهي صاحب اجا بہ اڳتي لکي ٿو تہ:

”اسان کي ’سنڌ‘ ۽ ’سنڌُوَ‘ جي باري ۾ ڄاڻ، رگ ويد واري دور کان اڳ نٿي ملي، ڇاڪاڻ تہ رگ ويد کان اڳ ڪوبہ لکيل مواد اسان وٽ موجود ڪونهي. رگ ويد هن ملڪ ۾ ’سپت- سنڌوَهہ‘ (داني صاحب ’سنڌ واهہ‘ ٿو لکي)، سڏيو ويو آهي، جنهن کي ’اويستا‘ ۾ [س] کي [هہ] ۾ بدلائي ’هپت- هندو‘ لکيو ويو آهي. اِن لفظ جي معنيٰ آهي ’ستن دريائن وارو ملڪ‘. اُهي ست درياءَ هئا: ڪُڀا، (ڪابل)، سوِستوو (سوات)، ڪُرُومَ (ڪُرَم)، گومتي (گمال)، سنڌوُ، وپاس (بياس) ۽ سَرسوَتي. انهن نالن مان اها خبر نٿي پوي تہ رگ ويد ۾ سپت- سنڌوَ، ڪهڙيءَ نديءَ کي سڏيو ويو آهي. ڊاڪٽر دانيءَ جي راءِ موجب انهن ندين مان مکيہ ندي ’سنڌو‘ هئي ۽ باقي سنڌوءَ جون پرتي ڪنڌڙ نديون هيون: سوِستوُ، گوري (پنجڪوره)، ڪُڀا (ڪابل)، ڪرومَا، گومتي، وتاستا (جهلم)، اسيڪني (چناب)، پَرُشُني (راوي)، وپاسا (وپاسُ) ۽ سُتُدرا (ستلج)“.[47]

شريف ڪنجاهي صاحب اجا بہ اڳتي لکي ٿو تہ:

”آريا جڏهن هن ملڪ ۾ آيا تڏهن هي ملڪ يا هيءَ سرزمين ڪو واريءَسو ميدان نہ هئي، پر هن ملڪ مان جيڪي نديون وهنديون هيون، تن تي نالا بہ رکيل هئا. انهيءَ ڪري اسان کي اهو مڃڻو پوندو تہ هن ملڪ تي ’سنڌو‘/ ’سِنڌوَهہ‘ نالو، آرين جي اچڻ کان اڳ جو نالو آهي، جڪو هن درياءَ ۽ هن ملڪ تي رکيل هو. ۽ ائين بہ ممڪن آهي تہ آرين هن علائقي ۾ اچڻ کان پوءِ هن ملڪ ۽ هن درياءَ جو اصلوڪو نالو بدلائي سنڌو/ ’سِنڌوَهہ‘ رکيو هجي“.[48]

(XII) ڊاڪٽر سورلي جو رايو آهي تہ:

”پلني لکي ٿو تہ، مقامي ماڻهو، درياءَ کي ’سنڌو درياءَ‘ سڏيندا هئا، ۽ هاڻ سنڌ وارا هن درياءَ کي ’سنڌو ندي‘ سڏيندا آهن.“[49]

(XII) هن کان اڳ ايراني عالم، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ جي مقالي مان، هن ملڪ جي نالي جي باري ۾ سندس رايو ڏنو ويو آهي. هُو لکي ٿو تہ:

47- Sharif Kunjahi, Op. Cit., P.13.
48- Ibid., P.14.
49- Sorley, H.T., Dr., Gazetteer of West Pakistan, Sindh Region, Op.Cit., P.1.

”ويدن ۾ سنڌوءَ کي ’پاڻ وهيٺي سونَ- ورني ندي‘ سڏيو ويو آهي. آريا هڪ تمام وڏي علائقي ۾ آباد هئا. جيڪو ’اويستا‘ واري زماني ۾ ’سورهن ڏيهن‘ اندر هو. هڪ ٻئي کي اباڻن ۽ قبائلي نالن سان سڏڻ کان سواءِ، ساٿيهن جي نالن پويان پڻ ضرور سڏيندا هئا. ان ڪري ئي اسين ڏسون ٿا ته ايائي هزار ورهيه اڳ جي هخامنشي بادشاهن پنهنجن ٿُلهن جي ڪتبن ۾، سورهن آريائي پرڳڻن جا، ڪي تيه نالا چاٿايا آهن. اُنهن ۾ اسان کي ’هندو‘ (سنڌو) ۽ اُن جي صفت، ’هُندويہ‘ (سئنتوئُي/ سَئندُوَ) ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهو پهريو پيرو هو، جو ماترڍءَ جي رهواسين جي نالي ڏيڻ لاءِ ’سَئنڌوئي/ سنڌي‘، لفظ لکت ۾ ڪتب آندو ويو“.[50]

(ب) ڊاڪٽر جعفريءَ رگ ويد مان جيڪو منڊل ڏنو آهي، اُن ۾ لفظ ’سنڌو‘ ٻن مفهومن جي وضاحت ڪري ٿو. منڊل جي شروعات ۾ ڪم آندل لفظ ’سنڌو‘، ’سنڌو درياءَ‘ جو مفهوم ادا ڪري ٿو، جڏهن ته اُن کان پوءِ ڪم آندل لفظ ’سنڌوءَ‘، مان مراد ’سنڌ ملڪ‘ آهي: جيئن:

سنڌو پلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي، ۽ آهي شاهوڪار ويسن وڳن ۾.
سهڻي گهوڙيل سون ۾ شاهوڪار، اَڻ مئي مايا جي مالڪ
هتان جا گاهه نيڻ ٺارڻ ۽ لذت وارا
اُن اهڙيءَجو وينُو ڏس
شربت جو ميٺاج نہ پڇ.[51]

(ت) رگ ويد جي انهيءَ منڊل کان پوءِ، هخامنشي بادشاهن جي ٿُلهن تي لکيل ڪتبن جا مثال ڏيئي، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ ’سَنڌو‘ لفظ مان ’سنڌ ملڪ‘ جي معنيٰ ڪڍي آهي، ۽ اُن (سنڌو) جي صفتي روپ ’هندويہ‘ يعني ’سنڌوئي‘ يا ’سئنڌُئي‘ مان مراد، هن ملڪ جا رهاڪو يعني ’سنڌي ماڻهو‘، ’سنڌ ملڪ جا رهندڙ‘ ورتي اٿس. اها لکت، مهايارت واري لکت ۾ رڪارڊ کان سواءِ ٻہ هزار سال پراڻي آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ، ’سنڌو‘ لفظ ٻن مفهومن- سنڌو درياءَ ۽ سنڌ ملڪ- لاءِ، سنڌو- ماتر ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ رائج هوندو هو. ٿورن لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ’سنڌو‘ لفظ جو اصل مفهوم هو ’سنڌو نديءَ جي ماتر‘ (سنڌو- ماتر) آهي، جنهن ۾ سڄو پنجاب، ڪشمير، داردستان، راجستان، گجرات، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ موجوده هرياڻا رياست وارا خطا بہ شامل هئا.[52]

**(ث) چيني سياحن جا سفرناما:**

هت اهو بيان ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ، راءِ گهراڻي جي حڪومت واري

---

50- علي اڪبر، جعفري، ڊاڪٽر: حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 109 ۽ 110.
51- ايضاً، ص 108 . 52- ڀيرو مل آڏواڻي: قديم سنڌ، ص 47.

زماني کان اڳ ۽ راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني ۾ بہ، چين، جپان ۽ ڪوريا تائين، ٻڌ ڌرم جي پکڙجي وڃڻ ڪري، گنڌارا ۽ سنڌو- ماٿر ۾ ڪيترائي چيني سياح، ماهر ۽ ودوان آيا. انهن سڀني هنن خطن تائين پهچڻ، هنن خطن ۾ رهڻ ۽ هن ملڪ جي سماجي، سياسي، علمي ۽ ادبي ماحول جي باري ۾ پنهنجن سفرنامن ۾ گهڻو ئي ڪجھ لکيو آهي.

(i) چيني سياحن ۽ ياترين پنهنجن انهن سفرنامن ۾، درياءَ جو نالو، ملڪ جو نالو ۽ ان ملڪ ۾ رهندڙ لوڪن ۽ حڪمرانن جي باري ۾ معلومات ڏني آهي. اِن سلسلي ۾ جنهن چيني سياح جو، سڀ کان پهرين نالو ملي ٿو، سو هو 'فاهيان' (Fa-Hsien). هيءُ سياح، راءِ گهراڻي جي حڪومت شروع ٿيڻ کان لڳ ڀڳ هڪ سو سال اڳ، يعني 399ع ڌاري، اُن زماني ۾، هن ملڪ ۾، ٻڌمت جي مرڪزي ۽ مشهور شهر 'تڪش شلا' ۾ آيو هو. 'فاهيان' جي لکيل احوال مان، معلوم ٿو ٿئي تہ، اُن زماني ۾ بہ 'سنڌو' نالو ساڳئي وقت 'سنڌ ملڪ' (سنڌو) ۽ 'سنڌو درياءَ' (سنڌو) تي رکيل هوندو هو. يعني تہ 'سنڌو' لفظ ساڳئي وقت 'ملڪ' ۽ درياءَ لاءِ ڪم آڻيندا هئا. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ رگ ويد، اويستا، مهاڀارت، رامائڻ ۽ هندن جي ٻين ڌرمي ڪتابن کان پوءِ چيني ودوان ۽ ياتري 'فاهيان' (Fa-Hsien) پنهنجي سفر نامي ۾، ملڪ ۽ درياءَ لاءِ هڪ ئي نالو، يعني 'سنڌو' ڪم آندو آهي. 'فاهيان' کان پوءِ چڻن ٻين چيني سياحن جا نالا ملن ٿا، جن بہ پنهجن سفرنامن ۾، 'سنڌو درياءَ' ۽ 'سنڌو ملڪ' لاءِ هڪ ئي نالو 'سِن- تو' (Sin-tu) (يعني سنڌو) ڪم آندو آهي.

'فاهيان' 399ع کان 420ع تائين وارو عرصو، 'تڪش- شلا' ۽ اُن جي آسپاس وارن علائقن ۾ گذاريو. هن سياح (فاهيان) جي باري ۾ 'ثقافتي ورثو' ڪتاب ۾ هن طرح ڄاڻايل آهي:

> "چلاس کان هيٺ، ڏکڻ طرف، سنڌو درياءَ جي کاٻي ڪناري تي 'شتيال' ۽ 'سازين' ٻالي بہ اهڙا قديم ماڳ آهن، جتي اڄ بہ درياءَ جي ڪناري سان لڳولڳ، جبلن جي چپن تي، ٻڌمت جي سياحن، شاگردن ۽ پرچارين پنهنجا نشان ۽ اُهڃاڻ ڇڏيا آهن.

فاهيان، 'شتيال' يا 'سازين' وٽان، ڪنهن بہ هڪ هنڌ تي درياءَ تي موجود ڦرھ وٽان، درياءَ اُڪري، درياءَ جو ساڄو ڪنارو وٺي، 'داريل' جي واديءَ ۾ پهتو هوندو، جتان يا تہ پشاور واري واٽ ورتي هوندائين ۽ يا تہ وري گوربند، واري واديءَ ذريعي، سوات واري ماٿريءَ ۾، 'اُديگرام' بستيءَ ۾ پهتو هوندو، جيڪو ان وقت ٻڌمت جو مرڪز هو، ۽ جتي وڏو مندر بہ ٺهيل هو.

فاهيان، 'تڪش شلا' ۾، سکيا وٺڻ لاءِ، پندرهن سال رهيو. هن (فاهيان)، پنهنجي سفرنامي ۾، اُن درياءَ جو نالو 'سن- تو' (Sin-tu) لکيو آهي، جيڪو (درياءُ) هن (فاهيان) 'شتيال' يا 'سازين' وٽان (ڪنهن بہ هڪ بستيءَ وٽان)، پار

ڪيو هو. اهو درياءُ دراصل قديم سنڌو درياءُ هو (۽ اڄ بہ آهي)، جيڪو 'فاهيان' پار ڪيو هو. اهو درياءُ اڄ بہ ان علائقي مان، وڏي دهشت ۽ دٻدٻي سان وهندو آهي، ۽ هيٺ ڏکڻ طرف وهي، سنڌ ۾ اچي ٿو.[53]

چيني سياح، فاهيان پنهنجي سفرنامي جي پهرينءَ منزل (چلاس تائين) جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

> "هيءَ هڪ تمام مشڪل ۽ جابلو رستو آهي. هتي جبلن جي چڙهائي تہ هڪ ديوار نُهل آهي، جيڪا ڏه هزار فوٽن جي اوچائيءَ تي ٿيندي. جڏهن جبلن جي اوتاهين تان نهارجي ٿو تہ، نيڻ- نهار تائين ڪابہ راهہ ۽ هلڻ لاءِ پيچرو نظر نٿو اچي. هيٺ هڪ ندي وهي ٿي، جنهن کي 'سِنت+ اُهوُ' (Sint-uho) چون ٿا."

(ii) 'فاهيان' کان پوءِ 'سُڱ- يُن' (Sung-yun)، چيني سياح، هت آيو هو. هو هڪ مهاودوان هو. هن کي چين جي 'عظيم في (Wei) خاندان' جي مهارائي، 'دوواگر' (Dowager)، هتان (سنڌو- ماٿر مان)، ٻڌمت تي لکيل ڪتابن جي هٿ ڪري اچڻ لاءِ موڪليو هو. هن سياح جي اچڻ جي سَنَ جي خبر پئجي ڪانہ سگهي آهي، پر هن جي زماني ۾ 455ع ۾، 'سفيد هَنَن' (White Huns) 'تڪش- شلا' تي حملو ڪري، اُن شهر کي اهڙو تہ تباهہ ڪيو، جو هي شهر وري ڪڏهن بہ اُسري نہ سگهيو.

(iii) 'سُڱ- يُن' (Sung-yun) کان پوءِ، ٻہ ٻيا چيني سياح ۽ ودوان، هڪ ٻئي پٺيان هت آيا. اُنهن جي اچڻ واري زماني تائين 'تڪش- شلا' تہ لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪو هو، پر ممڪن آهي تہ سوات جي واديءَ ۽ سنڌو- ماٿر ۾ هيٺ، ڏکڻ ۾ ڪنهن شهر/ شهرن ۾، ٻڌمت جي سکيا کي جاري رکيو ويو هجي، ڇاڪاڻ تہ سنڌو- ماٿر ۾ ٻيا بہ ڪيترائي شهر موجود هئا، جن ۾ ٻڌمت جي سکيا جاري هئي. انهن سياحن جي آمد واري زماني ۾ راءِ گهراڻي جي حڪومت هئي، جيڪا ٻڌمت سان عقيدو رکندڙ حاڪمن جي حڪومت هئي. ان کان پوءِ 642ع ۾ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت شروع ٿي. برهمڻ، هندومت جا مڃيندڙ هئا، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي.

بهرحال اِنهن چيني سياحن مان هڪ جو نالو 'هيون-چئانگ' (Hiuen-Chuang) هو، جيڪو سنڌو- ماٿر ۾، راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني ۾،

---

53- مون سرحد صوبي ۾ 'اَٽڪ'، 'هَند-گهيڙ' ۽ 'تَربيلا' کان وٺي ٺاڪوٽ، ۽ ٺاڪوٽ کان مٿي، شاهراهہ ريشم ذريعي شتيال، سازين، پَٽن، ڪوميلا، داسو ۽ چلاس، يعني شاهراهہ ريشم ذريعي، سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي درياءُ جي دهشت سان گڏ، انهن ڪنارن تي موجود قديم آثارن، ماڳن ۽ مڪانن کي آڪٽوبر 1983ع ۾ پهريون دفعو ۽ پوءِ ڪيترائي دفعا، تفصيل سان گهمي ڏٺو آهي.

يعني 627ع ڌاري آيو هو. هن سياح، موجوده صوبهِ سرحد جي 'ٽوپي شهر' جي ويجهو، 'هند- کهيڙ' وٽان سنڌو درياءَ پار ڪيو. هي سياح لڳ ڀڳ 18-19 سال، يعني 645ع (راءِ گهراڻي جي خاتمي ۽ برهمڻ گهراڻي جي شروعات) تائين پشڪلاوتي، ڪيڪيہ ديش ۽ سنڌو- ماٿر ۾ گذاريا. هن سياح، سوات واري واديءَ جي مشهور بستين 'اُديگرام' ۽ 'مَنگورا' کان اتر طرف، سنڌو درياءَ جي واديءَ ڏانهن وڃڻ واري سلسلي ۾ جيڪا رپورٽ لکي آهي، تنهن ۾ هن ب سنڌو- درياءَ کي 'سِن- توُ' (Sin-tu) لکيو آهي. هو لکي ٿو ت:

> "منگورا شهر کان اُتر- اوله طرف ويندي ۽ جبلن جون قطارون پار ڪرڻ کان پوءِ، 'سِن- تو' (Sin-tu) درياءَ جي واديءَ ۾ پهتاسين. هت رستا نهايت ئي اڻانگا ۽ جوکائتا هئا. جبل ۽ وادي، ٽنڊ واري ۽ ڪارسري ٿي نظر آئي. ڪڏهن ڪڏهن رسين وارين پلين جي مدد سان، درياءُ اُڪرڻو ٿي پيو، ت ڪڏهن ڪڏهن درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تي، لوهي تارن کي جهلي، درياءَ پار ڪرڻو ٿي پيو. ڪٿي ڪٿي درياءَ پار ڪرڻ لاءِ، ڦُڙهيون ب ٺهيل هيون."

اهڙيءَ طرح ٻيو سياح، جيڪو جاگرافيدان پڻ هو، ۽ محقق البيرونيءَ وانگر هن خطن (اُديگرام، سوات ۽ سنڌو نديءَ جي وادين) ۾ گهڻي دلچسپي رکندڙ، ۽ برصغير جي تاريخ ۾ شهرت حاصل ڪري چڪو هو، سو هو 'هيون- شئنگ' (Hieuen-Tsang). هي سياح ۽ ودوان، 'هيون- چئانگ' (Hieuen-Chuang) کان ٿي سال پوءِ، يعني 630ع ڌاري، پهرين 'تڪش- شلا' واري خطي ۾ آيو. هو 643ع تائين، 'ڪيڪيہ ديش'، پنجاب، سنڌ[54] ۽ بلوچستان جي علائقي ۾ سفر ڪندو رهيو.

(IV) جنهن زماني ۾ 'هيون- شئنگ' سنڌو- ماٿر ۾ آيو هو، تنهن زماني ۾، هن علائقي ۾، راءِ گهراڻي جي حڪومت ختم ٿي چڪي هئي ۽ چچ برهمڻ سنڌ جو حاڪم بڻيو هو. حڪمرانن جي درٻار ۾ ٻڌمت جو اثر ختم ٿي چڪو هو. جيتوڻيڪ حڪمران ت هندو برهمڻ هئا، پر عوام جي دلين ۾ ٻڌمت لاءِ احترام

---

54- سنڌ ۾ هيٺ ڏکڻ ۾، اُن زماني ۾ ۽ موجوده وقت نورائي شريف ۾ ڪتڙ جي ويجهو، 'سڏيہ سڏيرڻ جو ٺله'، ٻڌمت جو وڏو آستان هو. هن ٺله ۾ چون ٿا ت، مهاتما گوتم ٻڌ جون هڏيون (زک) دفن ٿيل هيون. هن پوري علائقي کي جهرڪن شهر جي سامهون واري سڄي خطي کي ٻڌڪا سڏيندا آهن. هن ماڳ تي هر سال، ويساک جي مهيني ۾ وڏو ميلو لڳندو هو. ممڪن آهي ت هيون- شئنگ هت ب آيو هجي. 'سڏيرڻ' جي ٺله کان سواءِ جهرڪن جي سامهون ٻڌڪا، جهرڪن جي ويجهو ماجيراءِ جي ماڙي ۽ ٻيا آستان هئا، جتي ٻڌمت وارن جو هر سال ميلو لڳندو هو.

موجود هو ۽ عوام ۾ خدمت ڪي مڃيندڙ هو.

’هيون- شئنگ‘ به سنڌو درياءَ ۽ سنڌ ملڪ کي ’سِن- تو‘ (Sin-tu) جي نالي (لفظ) سان سڏيو آهي، ۽ ائين ٿو معلوم ٿئي ته ان زماني ۾ به ’سنڌو‘ لفظ ٻنهي لاءِ، يعني ’سنڌو درياءَ‘ ۽ ’سنڌ ملڪ ‘ لاءِ، ڪم آڻيندا هئا. هو (هيون- شئنگ) لکي ٿو ته:

> ”هَند- گهيڙ وٽان درياءَ اُڪرڻ، خطري کان خالي ڪونه هوندو هو، ڇاڪاڻ ته هن هنڌ وٽ ’سِن- تُو‘ (Sin-tu) جو وهڪرو تيز هوندو هو. پاڻيءَ (يعني درياءَ جي تري) جي تري ۾، زهريلا اَجگر (dragons) ۽ بلائون وڏي تعداد ۾ رهنديون هيون. اُهي ماڻهو، جن جي هيڙين ۾ املهه ماڻڪ، موتي ۽ ٻيو قيمتي ۽ جوکم وارو سامان هوندو هو، اُنهن جون هيڙيون، پاڻيءَ جي لهرن جي سٽ جهلي نه سگهنديون هيون ۽ اونڌيون ٿي وينديون هيون. ان سبب جي ڪري، مسافر هتان، درياءَ پار ڪرڻ مهل ’سوتر‘ ۽ ’منتر‘ پڙهندا هئا.“

(ج) ’رگ ويد‘ کان وٺي، هن وقت تائين يعني 642ع تائين لکيل سيني ڪتابن ۽ سفرنامن ۾، سنڌو ندي ۽ سنڌ ملڪ کي، ’سنڌوءَ‘ جي نالي سان سڏيو ويو آهي ۽ انهن کي سنڌوُ نالي سان ئي رڪارڊ ڪيو ويو آهي، بلڪ راءِ سهاسي ٻئي جي طرفان شروع ڪيل ’سئنڌوئي سنبت/ سنڌو- ڪال‘ لفظ مان به ظاهر ٿو ٿئي ته، ”سنڌ“ ملڪ کي اُن وقت به ’سنڌو‘ نالي سان سڏيو ويندو هو.

عربي دور ۾، عرب سياحن جي اچڻ کان اڳ، ڇچنامي ۾ به هن ملڪ کي ’سنڌو‘ نالي سان لکيو ويو آهي.

البيرونيءَ جي بيان مان به اهو ثابت ٿو ٿئي ته راءِ گهراڻي جي حاڪم، راءِ سهارس ٻئي، 626ع ۾ جڏهن ايران جي ساساني حاڪم کي شڪست ڏيئي، سنڌ ملڪ کي ايران جي تسلط کان آزاد ڪرايو، تڏهن جيتوڻيڪ هو (راءِ سهارس ٻيو) پاڻ ته هن جنگ ۾ شهيد ٿي ويو، پر سندس پٽ راءِ سهاسي ٻيو خودمختيار حڪمران ٿيو. هن حاڪم، سنڌ جي، ايران جي تسلط کان آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ ۽ انهيءَ واقعي کي هميشه لاءِ تاريخي طور ياد رکڻ ۽ غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ ۽ يادگار طور، ’سنڌي ڪال‘/ ’سئنڌوئي- سنبت‘ (Sind Era) جي شروعات ڪئي. اهو سن 4 مارچ 626ع ۽ پهرين چيٽ، وڪرماجيت سنبت 548 هو.[55]

(ح) (i) مطلب ته هن وقت تائين سيني قديم ڪتابن توڙي انگريزن جي دور ۾ ڇپيل مواد ۾ ’سنڌو‘ لفظ ٻنهي مفهومن، يعني سنڌو درياءَ‘ ۽ ’سنڌ ملڪ‘ لاءِ

---

55- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ڪال/ سنڌو سبت، سنڌ صدين کان، حوالو ڏنل آهي، 1982ع، ص 154.

ڪم آندو ويو آهي. هن سلسلي ۾ مولائي شيدائي، ڊاڪٽر لئمبرڪ، پروفيسر پٿاوالا، ڊاڪٽر سورلي، ديوان بي- ڊي ميرچندائي، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفري، ڊاڪٽر داني، ڊاڪٽر مشتاق الرحمان ۽ شري جيرامداس دولترام جا رايا ۽ سندن بيان، مثال طور هيٺ ڏجن ٿا.

مولائي شيدائي صاحب لکي ٿو ته:

"رگويد ۾ سنڌ جو نالو، 'سپت سنڌو' يعني ستن دريائن وارو ملڪ آهي. آرين لوڪن سنڌ' تي، سنڌو درياءَ' جي ڪري اهو نالو وڌو."[56]

پاڪستان جو ماهر جاگرافيدان، پروفيسر پٿاوالا، جنهن سنڌ ۽ سنڌو- ماٿر جي جاگرافيءَ تي گهڻو ئي ڪم ڪيو هو، تنهن لکيو آهي ته:

"سنڌ جي سرزمين (سنڌ ملڪ)، سنڌو درياءَ جو هڪ انمول تحفو آهي. هيءُ قديم درياءَ (سنڌو)، هن سرزمين جي جياپي ۽ جيوت جو سهارو پئي رهيو آهي. هن صحرائي سرزمين کي، سنڌو درياءَ، بيابان مان خيابان بنايو آهي، ۽ هن درياءَ (سنڌو) جي نالي پٺيان، هن ملڪ کي 'سنڌ' نالو ڏنو ويو آهي"[57]

پروفيسر پٿاوالا، سنڌو درياءَ جي باري ۾ اڳتي لکي ٿو ته:

"هيءُ درياءُ ايترو ته قديم ۽ پوتر آهي، جو رگ ويد ۾ به هن درياءَ کي پوتر درياءَ سڏيو ويو آهي. رگويد جي خالقن هن درياءَ جي پاڻيءَ کي، 'امرت' سڏيو آهي".[58]

پروفيسر پٿاوالا اڃا به اڳتي لکي ٿو ته:

"رگ ويد جا لکندڙ ڪوي/ شاعر، سنڌو ماٿر جي مٿئين علائقي ٽئسيلا/ ٽنول جا رهاڪو هئا".[59]

(ii) ڊاڪٽر لئمبرڪ، سنڌو درياءَ ۽ سنڌو ملڪ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌ، جنهن جو صحيح اچار 'سنڌوُ' آهي، سو شروعاتي طرح

---

56- مولائي شيدائي: جنت السنڌ، ڇاپو ٽيون، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1985ع، ص 6.

57- Pithawala, M. Professor, A Physical and Economic Geography of Sindh, Hyderabad, Sindhi Adabi Board, 1959, P.9.

58- Ibid.

59- Ibid.

انهيءَ نديءَ جو نالو آهي، جيڪا اُلهندن ملڪن ۾ 'انڊوس' (Indus) جي نالي سان سڃاتي ويندي آهي. اهو غلط اُچار، انهيءَ ڪري قائم رهيو هو جو اُهو سڪندر اعظم جي ساٿين، سندن ڪاهُن جي تذڪرن ۾ ڪتب آندو هو، ۽ اُهو پوءِ عام استعمال ۾ اچي ويو.

بعد ۾ 'سِنڌ' جو نالو، انهيءَ سرزمين (ملڪ) تي پيو، جنهن کي 'سنڌو نديءَ' جو هيٺيون وهڪرو رجائي ٿو. يعني اُهو ملڪ، انهن 'ڏاتي ندين' جي سنگم کان هيٺ تي آهي، جن جي ڪَڏيل نالي تي، ۽ اُن کان مٿي واري ملڪ کي پنجاب سڏيو ويو، جنهن منجهان اُهي وهن ٿيون.

اها ڳالهه بلڪل مناسب آهي جو سنڌ جي سرزمين، 'درياءَ شاهه' جي نالي پٺيان سڏجي ٿي، جو ان کي سرجيو ئي 'درياءَ شاهه' آهي". 60

لئمبرڪ اڳتي لکي ٿو ته:

"هيءَ انهن علائقن جو مختصر بيان آهي، جن جون ڪڏهن نديون، ته ڪڏهن وڏيون ايراضيون، اُن سرزمين سان شامل رهيون آهن، جن کي سياسي طور 'سنڌ'جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ائين چئي سگهجي ٿو ته، طبعي لحاظ کان، سنڌ جي اوپر وارا واريا سا پٽ، راجپوتانا جو اُتر ۽ اولهه وارا نديا ٽَڪر، بلوچستان جو حصو آهن. تحقيق، اُلهندي ڪوهستان يعني 'ڪاڇي' جا، ۽ اُپرندي ريگستان يعني ٿر جا رهواسي، 'سنڌي هٺڻ' جي ڳالهه ڪندا آهن: هنن وٽ 'سنڌ' جي معنيٰ اها ئي اصل واري آهي، يعني اُها سرزمين جنهن کي سنڌو نديءَ ٺاهيو ۽ سدا ٽاتيو آهي."61

(III) ڊاڪٽر مشتاق الرحمان به هن راءِ جو آهي ته، 'سنڌ' نالو هن ملڪ (سنڌ) جي وچ مان وهندڙ، سنڌو درياءَ جي ڪري پيو آهي. اُن وقت سنڌ جون سرحدون هڪ طرف اُتر ۾ ڪشمير تائين هيون ته اوڀر ۾ ڪنوج تائين هيون؛ اولهه ۾ ايران جي صوبي ڪرمان تائين هيون، ته ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ جي ساحل تائين پکڙيل هيون.

---

60- Lambrick, H.T., Sindh, A general Introduction, Hyderabad, Sindhi Adabi Board, 1975, P.1.

61- Lambrick, H.T. Sindh, Op.Cit., P.4

ڊاڪٽر مشتاق الرحمان لکي ٿو تہ:

""سنڌ" نالو، سنسڪرت لفظ 'سنڌو'[62]، تان ورتل آهي. اهو نالو آرين، سنڌو درياءَ تي رکيو هو، جنهن کي پوءِ گريڪ ٻوليءَ ۾ 'انڊوس' (Indus) ۽ لاطينيءَ ۾ 'سنٿوس' (Sindthos) ۽ 'هندوس' (Hindos) سڏيو ويو. مقامي طور هن درياءَ کي اڄ بہ 'سنڌ' يا 'سنڌو' سڏيو ويندو آهي. لفظ 'هند' ۾ تہ فقط [س ۽ ھ] جي صوتياتي تبديلي آهي"[63]

(خ) (i) هن کان اڳ، ڊاڪٽر دانيءَ جي مقالي جي حوالي سان، 'سنڌُو-سؤوير' ديش/ ديشن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ 400 ق- م ۾ 'پنڊت پاڻينيءَ' بہ 'سنڌو ديش' جو ذڪر ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ ديوان ٻي- ڊي ميرچندانڻيءَ لکيو آهي تہ ڪوي ڪاليداس بہ 'سنڌو-ديش' جو حوالو ڏنو آهي. ديوان مير چندانڻي پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو تہ:

"شري رامچندر، پنهنجي ڀاءُ 'ڀرت' کي سنڌو- ديش حوالي ڪيو".[63]

مير چندانڻي صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

"هت لفظ 'سنڌو- ديش' مان مراد، 'سنڌو ملڪ' آهي، جيڪو پنجاب واري علائقي ۾ واقع هوندو هو. مارڪنڊيہ، پراڻن ۾ اُتر-اولہ جي رهاڪن جي نالن جي هڪ لڙهي ڏني آهي، جنهن ۾ 'سنڌو- سؤوير'، 'مَدَرَڪَ' ۽ 'ستدرج' (ستلج جا رهاڪو) جا نالا ڏنل آهن، جيڪي سڀ پنجاب جا ماڻهو هئا"[65]

مطلب تہ قديم زماني کان وٺي، سنڌو- ماٿر واري سڄي علائقي کي هڙپا تهذيب واري خطي تائين، ڪنهن هڪ ئي ملڪ جي نالي سان سڏيو ويندو هو يا هي سڄو علائقو (سنڌو- ماٿر) ڌار ڌار ۽ ننڍين ننڍين ملڪن تي مشتمل هوندو هو. تنهن لاءِ تاريخدان ۽ آثارقديمہ جا ماهر کهڙو رايو رکن ٿا، اُن جي باري ۾ ڄاڻ رکڻ ضروري آهي. اُن سلسلي ۾ هيٺيان سوال ڇنڊڇاڻ گهرن ٿا:

(i) **سنڌو - ماٿر وارو علائقو:** سياسي طور ڪنهن هڪ ملڪ تي مشتمل هو

---

62- اڳ ۾ ائبٽ جي حوالي سان ڄاڻايو ويو آهي تہ 'سنڌو' لفظ 'تاتار' يا سٿين ٻوليءَ جو آهي.

63- Mushtaq-ur-Rehman, Dr., A Geography of Sindh Province of Pakistan, Karachi, The Karachi Geographical Association, 1975, P.2.

64- Mirchandani, B.D., Op.Cit., P.21.

65- Ibid.

يا هي علائقو ڌار ڌار حڪومتن يا ملڪن ۾ ورهايل هو، ۽ هر ملڪ ڌار ڌار حاڪم جي قبضي ۾ هو؟

(ii) سنڌو- ماٿر جون سياسي ۽ جاگرافيائي حدون ڪيستائين پکڙيل هيون؟

(iii) ڇا سنڌو- سؤوير ۽ ڪيڪيہ ديش هڪ ئي ملڪ هو يا اهي ٽيئي، قديم سنڌو- ماٿر جون ڌار ڌار رياستون/ حڪومتون هيون، جن جي ٻولي، تهذيب ۽ تمدن ساڳيو هو، يا هر خطي جي ٻولي، تهذيب ۽ تمدن ڌار ڌار هو؟

(د) ماهرن جي راءِ موجب سنڌو- ماٿر وارو علائقو ڌار رياستن يعني ڌارڌار ملڪن تي مشتمل هو، ۽ اُهي رياستون هي هيون: (i) سنڌو ديش، (ii) سؤوير ديش ۽ (iii) ڪيڪيہ ديش، ڪشمير، داردستان، جيسلمير، ميواڙ، مارواڙ، گجرات، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ. پر اهو نطقو بہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ اهي رياستون، هڪ ئي مرڪزي حڪومت جو حصو هيون ۽ هر رياست صوبائي حيثيت رکندي هئي. انهن رياستن جي ٻولي، انهن جي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن ۾ بہ هڪ جهڙائي هئي؛ جيئن راءِ گهراڻي ۽ اُن کان پوءِ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت واري زماني ۾، هن ملڪ (سنڌو- ماٿر) تي هڪ ئي خاندان حڪومت ڪندو هو، جنهن جو تختگاهہ الور/اروڙ هوندو هو. اها بہ تاريخي حقيقت آهي تہ هي ملڪ ڌار ڌار صوبن يا رياستن ۾ تقسيم ٿيل هو. هر صوبي يا رياست جو رياستي/ صوبائي گورنر/ نواب ڌار ڌار هوندو هو، ۽ اهي نواب گورنر رياستي/ صوبائي تخت گاهن ۾ رهندا هئا.

(ذ) هن کان اڳ سنڌو- سؤوير، سنڌو ۽ سؤوير ديشن جي نالن جو ذڪر اچي چڪو آهي.

هاڻ ڏسڻو هي آهي تہ جيڪڏهن 'سنڌو ديش' ۽ 'سؤوير ديش' ڌار ڌار رياستون هيون تہ پوءِ انهن جون جاگرافيائي حدون ۽ سندن جاگرافيائي بيهڪ ڪهڙي هئي؟ هن سلسلي ۾ چيني سياح 'هيون- شئنگ'، 'سر گريئرسن'، 'ڊاڪٽر داني' ۽ 'ديوان مير چنداڻيءَ' جي ڏنل راين کي دليلن طور پيش ڪري، نتيجا پيش ڪيا ويا آهن. ديوان مير چنداڻيءَ 'هيون- شئنگ' جي حوالي سان، هن موضوع جي وضاحت 'آنندروما باروآهہ' (Anandroma Barooah) جي ڪتاب "Ancient Geography of India" جو حوالو ڏيندي، هن طرح ڪئي آهي:

> ""سنڌو- ديش' اُن ملڪ کي چوندا هئا، جيڪو سنڌو نديءَ جي مٿاهين (اُپي) حصي، يعني اُترئين حصي ۾ پکڙيل هوندو هو". 66

هن کان اڳ بيان ڪيو ويو آهي تہ 'هيون- شئنگ'، 630ع ڌاري تڪش شلا پهتو هو، ۽ 643ع تائين سنڌو- ماٿر ۾ رهيو: يعني هن (هيون- شئنگ) 'سنڌو ماٿر' ۾ بہ ڪافي زمانو گذاريو ۽ پورو ملڪ گهميو هئائين. 641ع ڌاري هو،

66- Mirchandani, B.D., Op.Cit., P.21.

سنڌو درياءَ جي اولهه واريءَ رياست ۾ به آيو هو. ان حڪومت ۽ اُن رياست کي 'هيون- شئنگ'، 'سن-تو' (Sin-tu) سڏيو آهي، يعني اُن زماني ۾ به 'سن-تو' (سنڌو) نالي ڪو ملڪ يا رياست هئي. مير چنداڻي صاحب جو، هن سلسلي ۾ خيال آهي ته:

"اهو ملڪ يعني 'سن- تُو' (Sin-tu)، پنجاب وارين حدن اندر هوندو هو. هيون- شئنگ، گُرجَرَ (Gurjjara) ملڪ کان، هن علائقي (سِن- تو) جو سفر شروع ڪيو هو. هن (هيون- شئنگ)، گُرجَر ملڪ جي جاگرافيائي بيهڪ، موجوده مارواڙ (ڏکڻ- اولهه راجپوتانا) جي ڏکڻ- اولهه ۾ مقرر ڪئي آهي. 'گُرجَرَ' ملڪ جو تختگاهه، هيون- شئنگ جي بيان موجب 'Pi-10-no-10' يعني 'پِلمال' هو.[67] پلمال (سريمال) جو شهر هاڻ 'ابو جبلن' جي اُتر- اولهه طرف، پنجاهه ميلن جي مفاصلي تي آهي".[68]

هيون- شئنگ جو حوالو ڏيندي، ديوان مير چنداڻي لکي ٿو ته:

"اسين پوائتي بيابان جي وچان، 1900 لي= (هڪ ليُ 4.88 ميل)، پنڌ ڪري، وڏي درياءَ 'سِن- توُ' (Sin-tu) تي پهچي، درياءُ اُڪري، 'سن- توُ' (Sin-tu) حڪومت ۾ پهتاسين. اُتان پوءِ، اوپر طرف 900 لي سفر ڪري، سنڌو درياءَ جو اُيرنديون ڪنارو وٺي، اسين Mu-10-san-pulu (مولُستّان پورا) يعني 'ملتان' پهتاسين،

---

67- 'پلمال' جو ذڪر، محقق البيرونيءَ پڻ گهڻي فخر سان ڪيو آهي، جاڪاڻ ته اُن شهر ۾ 'برهم گپت' جي نالي سان هڪ مهاودوان ٿي گذريو هو، جنهن جي ڪتابن کي البيرونيءَ عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. 'پلمال' شهر هڪ طرف علم نجوم، علم هئيت ۽ چندو وديا جي ودوانن جي ڪري مشهور هو، ته ٻئي طرف سنڌو سلطنت جي تسلط هيٺ هو. ان ڪري سنڌ ۽ پلمال جي عالمن جا هڪ ٻئي سان پراڻا ۽ گهاٽا تعلقات ۽ لاڳاپا هئا. 'پلمال' ۾، برهمڻ گهراڻي جي زماني کان، 'بنو علافي قبيلي' جا عرب رهندا هئا. انهن جو سردار 'محمد بن الحارث علافي' 680ع ڌاري، سنڌ ۾ اچي رهيو، ۽ راجا ڏاهر جي اعتماد وارن ماڻهن ۾ سندس شمار ٿيندو هو. هن علافيءَ- مقامي ماڻهن سان پنهنجا اثر رسوخ وڌايا، ان ڪري هتي جي ماڻهن محمد بن قاسم جي حملي وقت اُن جي سامهون پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ جنگ ڪرڻ ۽ وڙهڻ کان گريز ڪيائون. اهو به هڪ سبب هو جو سنڌ جي فتح کان پوءِ، سنڌ ۽ 'پلمال' جي وچ ۾ رشتا هيڪاري مضبوط ٿيا، جن علم ۽ سائنس جي فروغ ۾ گهڻي مدد ڪئي.

68- Mirchandani, B.D., Op.Cit., P.22.

69- هيون شئنگ جي ياترا واري زماني ۾ ملتان سنڌو حڪومت جو هڪ صوبو هو، جنهن جو تخت گاهه ملتان هو.

اُن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ 'سنڌو' ۽ 'ملتان' ٻئي پنجاب ۾ هئا،[69] ۽ هڪ ٻئي جا پاڙيسري ملڪ هئا".[70]

مير چنداڻي صاحب اڳتي، هيون- شئنگ جي حوالي سان، 'سِن- تو' (Sin-tu) ملڪ جي باري ۾ هن طرح وضاحت ڪئي آهي. هو لکي ٿو تہ:

"'سِن- تو' (Sin-tu)، هڪ اُهو ملڪ آهي، جيڪو اٽڪل 7000 لِي همچورس ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي. هن ملڪ جو تخت گاهہ Pi-shen-p'o-pu-lo آهي. اهو شهر 30 لي همچورس ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي. هن ملڪ ۾ چانور، ڪڻڪ ۽ مکئي گھڻي انداز ۾ پيدا ٿئي ٿي. هت سون، چانديءَ ۽ ٽامي جون کاڻيون آهن. هت ڳائو مال، ٻور ٻڪا، رڍون، اُٺ، گھوڙا ۽ ٻيا جانور گھڻي تعداد ۾ پاليا ويندا آهن. هت ڳاڙهي لوڻ جون کاڻيون آهن. هت اڇي ۽ ڪاري لوڻ جا جبل آهن. اهو لوڻ دوائن ۾ ڪم ايندو آهي.[71] هت سون جي تعداد ۾ سَنگارامس (Sangharamas) جون ياترائون آهن، جن ۾ ڏهہ هزار ڪن برهمڻ رهن ٿا. هت ٽيهہ ڪن مندر آهن. هتي جو حاڪم 'شُودر' جاتيءَ مان آهي. هو ٻڌمت جو پيرو آهي".[72]

شودر جاتيءَ جي حاڪم جي باري ۾ ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻيءَ جي ڪيل وضاحت اڳ ۾ عرض ڪيو وئي آهي، جنهن ۾ ڪاڪي ڀيرومل لکيو آهي تہ:

"هيون شئنگ نالي هڪ چيني مسافر، عيسوي ستين صديءَ ۾، راءِ سهاسيءَ جي وقت ۾ آيو هو. هن صاحب پنهنجي سفر نامي ۾ ڄاڻايو آهي تہ سنڌ جو راجا هڪ شودر هو. پانئجي ٿو تہ، انهيءَ وقت کان سگھوئي پوءِ هو (راءِ گھراڻي) حاڪم، ڪتري راجپوت، سڏجڻ ۾ آيا."[73]

هيون- شئنگ جي بيان تي، مير چندڻي صاحب پنهنجو رايو ڏيندي لکيو ٿو تہ:

"هيون- شئنگ جي بيان ڪيل مذڪوره 'پهاڙي لوڻ واري علائقي'، مان ائين ٿو ثابت ٿئي تہ، 'سن تو' (Sin-tu) شهنشاهت،

---

70- Mirchandani, B.D., Op.Cit., P.23.

71- موجوده وقت انهيءَ خطي کي 'کيوڙا' چيو ويندو آهي، جيڪو جهلم کان ڪجهہ مفاصلي تي آهي.

72- Mirchandani, B.D., Op.Cit., P.22.

73- ڀيرو مل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 55.

لوڻ وارن جبلن واري علائقي ۾ اُن جي آسپاس واري ملڪ جي ايراضيءَ تي مشتمل هئي.
'سِن تُو' (Sin-tu) يعني 'سنڌو'، يقيناً اُن ملڪ / رياست جو نالو هو، جيڪو/ جيڪا 'سِن تُو' (Sin-tu) يعني 'سنڌو' شهنشاهت جي سرحد ۾ اچي ٿي ويئي.
لهاذا اها دعوا، وثوق سان ڪري سگهجي ٿي ته هن پوري علائقي تي 'سِن تُو' (Sin-tu) يعني 'سنڌو' نالو هو، جيڪو 'سِن تُو' (Sin-tu) درياءَ جي نالي پٺيان، هن ملڪ تي پيو هو، جيڪو (سنڌو درياءُ) هن ملڪ جي پوري ايراضيءَ جي وچان وهندو هو." 74

مير چنداڻي صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

"'پارت ورش' ۾ قومن ۽ جاتين پنهنجا نالا، ضلعي علائقن ۽ خطن تي رکيا آهن، پر 'سنڌو' نالو، اُنهن مان ڪنهن به ضلعي جا نالو نه هو، ۽ نه ئي وري 'سنڌو'، ڪنهن نسل يا جاتيءَ جو نالو هو، بلڪ سنڌو هڪ ملڪ جو نالو هو.
هيون- شئنگ جي بيان مان ظاهر آهي ته، 'سِن تُو' (Sin-tu) شهنشاهت، سنڌو درياءَ جي ٻنهي پاسن يعني اوپر ۽ اولهه طرف، موجوده ديره جات واري علائقي ۾، اُن جي ڏکڻ طرف واري پوري ملڪ تي، مشتمل هوندي هئي، جا اولهه ۾ سليمان جبلن ۽ اوپر ۾ لوڻ وارن جبلن جي ايرضيءَ تائين پکڙيل هئي.
لوڻ وارن جبلن مان حاصل ٿيندڙ لوڻ کي سنڌيءَ ۾ 'سينڌو (Sendho) لوڻ'، سنسڪرت ۾ 'سِنڌُو لَوَڻَ (Sindhu Lavana)، بنگاليءَ ۾ 'سَئنڌَوَ' (Saindhava) لوڻ ۽ گجراتيءَ توڙي مرهٽيءَ ۾ 'سَئنڌَوَ' (Saindhava) سڏيندا آهن. انهيءَ لوڻ تي، اهو نالو، يقيناً 'قديم سنڌو ملڪ' سان، واسطيداريءَ ڪري پيو آهي."75

ديوان مير چنداڻي، 'سنڌو ملڪ' جي باري ۾، وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

"هيون- شئنگ' وارو جاڻايل ملڪ 'سِن- تُو'، اُهو ملڪ هو، جنهن جو تخت گاهه 'اَلور' هو، سو ساڳيو ملڪ نه هو، ڇاڪاڻ ته 'هيون- شئنگ' پنهنجي آمد واري زماني واري 'سِن- تُو' ملڪ جو حاڪم 'شودر' (Shu-to-lo) جاتيءَ جو ٻڌايو آهي، ۽ تاريخي

74- Mirchandani, B.D., Op.Cit., P.22.
75- Ibid., P. 23.

> رڪارڊ مان ٻہ معلوم ٿو ٿئي تہ هيون- شئنگ جي، هن خطي جي ياترا وقت (641ع ۾) 'سن- تو' ملڪ جو حاڪم، 'شودر' هو. اهو 'حاڪم راءِ سهاسي هيون' هو. 'شودر' سنڌ جي راجائن کي چوندا هئا. اهي برهمڻ نہ پر کتري هئا"[76]

هن راءِ مان اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ، راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني ۾ 'سن- تو' ملڪ، راءِ گهراڻي جي حڪومت جو حصو هو.

سرگريئرسن جو خيال آهي تہ:

> "ڪنهن زماني ۾ سنڌو- ماٿر جي پشاور کان وٺي، پنجاب (لهندا زبانن وارو خطو) ۽ سنڌ سميت ساحل وارو خطو ٽن حڪومتن ۾ ورهايل هوندو هو. اُنهن مان سر اُتر واري حڪومت کي 'گنڌارا' جي حڪومت چوندا هئا، جنهن ۾ 'ڪيڪيہ ديش' بہ اچي ٿي ويو؛ ۽ اُن کان هيٺ پرو سنڌو- ماٿر جو اُهو حصو اچي ٿي ويو، جنهن کي 'سنڌو- ديش' چوندا هئا، ۽ اُن کان هيٺ ڏکڻ واري حصي کي 'سؤويرديش' چوندا هئا."[77]

تاريخن مان معلوم ٿو ٿئي تہ راءِ گهراڻي جي حڪومت (سنڌوَ شهنشاهت) جون سرحدون، ڪشمير تائين پکڙيل هيون، جنهن ڪري 'سنڌوَ شهنشاهت' ۾، سنڌو، سؤوير ديش 'ڪيڪيہ ديش' ۽ گنڌارا بہ شامل هئا، جيتوڻيڪ انهن ٽنهي ملڪن جا علائقا ۽ ايراضيون، سنڌو- ماٿر جي نالي سان سڏبيون هيون، پر هن شهنشاهت ۾ چار ملڪ يا رياستون (هڪ سنڌو ديش ٻيو سؤوير ديش، ٽيون ڪيڪيہ ديش ۽ چوٿون ڪشمير) اچي ٿي ويئيون. جيئن مارڪنڊيہ بہ لکيو آهي.

انهيءَ سلسلي ۾ هيگ، وضاحت سان سمجهائيندي لکيو آهي تہ:

> "راجا چچ لوڻ وارن جبلن تائين وارو سڄو ملڪ فتح ڪري، پنهنجيءَ حڪومت جون سرحدون اوستائين، بلڪ اڃا بہ اُتر طرف مٿئين حصي تائين وڌايون هيون، ۽ ممڪن آهي تہ، هيون- شئنگ، غلطيءَ وچان اهو لکي ويو هجي تہ 'سن- تو' (Sin-tu) جو تختگاهہ، ملتان جي اولهہ ۾ هو؛ پر منهنجي خيال ۾ هيون- شئنگ، قديم سنڌوُ (ملڪ) جي هڪ رياست جي تختگاهہ کي، سڄيءَ شهنشاهت جو تخت گاهہ سمجهيو هجي."[78]

---

76- Mirchandani, B.D., Op.Cit., P.23.

77- Grierson, G., Linguistic Survey of India, Vol:VIII, .

78- Haig, M.R.S, Indus Delta Country, Karachi,Inuds Publishers, 1972, P.35.

هن سلسلي ۾ ڪننگهام پنهنجي ڪتاب Ancient Geography of India ۾ صحفي 87- 286 تي لکي ٿو ته:

"641ع ۾، راءِ سهاسي ٻيو، سنڌ جو حاڪم هو."[79]

اهڙيءَ طرح Vincent Smith (V.Smith) به پنهنجي ڪتاب Early History of India ۾ صفحي 369 تي لکيو آهي ته:

"سنڌ تي راءِ سهاسي ٻيو حڪمران هو، جيڪو ٻڌمت جو پيرو هو ۽ 'شودر' جاتيءَ جو هو."[80]

محقق سمٿ، هيون- شئنگ جي راءِ تي، پنهنجا خيال ظاهر ڪندي لکي ٿو ته:

"هيون شئنگ، هن حاڪم (راءِ سهاسي ٻئي) جي حڪومت جي تخت گاهه جو نالو 'P'i-she-p'o-pn-lo" لکيو آهي. محقق لئمبرڪ به پنهنجيءَ تحقيق ۾، هيو شئنگ واري 'سن- تو' (Sin-tu) جيڪو دراصل 'اروڙ' يا 'الور' هو، ۽ چچ برهمڻ، سنڌ جي هن تخت گاهه تي 646ع ۾ قبضو ڪيو هو. لهاذا -P'i-she-po'-pn" lo" شهر جي تلاش ديراجات وارن خطن ۾ ڪرڻ گهرجي."[81]

(iii) محقق لئمبرڪ به پنهنجيءَ تحقيق ۾، هيون- شئنگ واري 'سن- تو' (Sin-tu) 'ملڪ' کي موجوده 'اُترينءَ سنڌ' (Upper Sindh) جي اُتر واري حصي کي قبول ڪري ٿو. لئمبرڪ جو خيال آهي ته:

"ائين مچيون ٿو ڪٿي ته، 'الور'، جو، اُن وقت (641ع)، ڪو ٻيو نالو هو، تڏهن به سنڌو نديءَ، اُن وقت، 'الور' جي اوير طرف ڪان ڪونه وهندي هئي."[82]

(iv) ديوان مير چنداڻي، هيون- شئنگ' واري 'سنڌو ديش' (پنجاب ۾) ۽ سنڌو درياءَ جي هيٺئين حصي واري ملڪ (سؤوير ديش) جي وضاحت جي سلسلي ۾، 'وَراهه مهرا' (Varahamihira)[83] جي ڪتاب، برهتسَمِهتا (Brhatsmihita) جي حوالي

79- Cunningham Ancient, Geography of India, PP. 286-287.

80- Smith,V., Early History of India, P. 369.

81- Mirchandani, B.D., Op.Cit., P.25.
Also See: Smith, V. Op.Cit., P.369. & Also See Haig, M.R., Indus Delta Country, Op.Cit., P.35.

82- Lambrick, H.T., Sindh, Introduction, Op.Cit., P.148.

83- هي ڇهين صدي عيسويءَ ۾ ستارن جي علم (astronomy) جو وڏو ڄاڻو ٿي گذريو آهي.

سان ڄاڻايو آهي تہ، 'سنڌو ديش' ۽ 'سؤوير ديش' نالن سان ٻہ ڌار ڌار ملڪ موجود هئا، جيڪي 'وراهہ مهرا' پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايا آهن. اهو فرق (يعني ٻہ ڌار ڌار ملڪ سمجهڻ) محقق البيرونيءَ پڻ ڄاڻايو آهي.

ديوان مير چنداڻيءَ پڻ وضاحت سان 'سنڌو' ۽ 'سؤوير' ديشن جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ جاءِ وقوع تي پنهنجي ڪتاب ۾ بحث ڪيو آهي، ۽ هن نتيجي تي پهتو آهي تہ:

> "ڪن ماهرن جي نظر ۾ 'سؤوير ديش'، ملتان جي ڏکڻ طرف هو. هن ملڪ جي پوري ايراضيءَ ۾، سمنڊ جي ساحل تائين، موجوده سنڌ وارو علائقو پڻ شامل هو. انهن ماهرن جي خيال موجب 'سؤوير ديش' جو تخت گاهہ 'روروڪا' (Roruka) يا رورووا (Roruva) هو. اهو شهر موجوده 'روهڙي'، 'الور' يا 'اروڙ' هو. اڳتي هلي 'سنڌو- سؤوير' پاڻ ۾ ضم ٿي ويا، ۽ اُن سڄي علائقي جو هڪ ئي نالو سنڌو' استعمال ٿيڻ لڳو، يعني اڳوڻو 'سنڌو' ايراضيءَ وارو ملڪ (ڪنڌارا واريءَ واديءَ کان هيٺ سڄو ملڪ). ڪيڪيہ ديش ۽ ملتان جي چئني پاسن وارو علائقو، هيٺ ڏکڻ ۽ سامونڊي ساحل تائين 'سنڌوءَ' جي نالي سان سڏجڻ لڳو."[84]

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

> "مارڪنڊيہ هڪ نامعلوم مصنف جي حوالي سان سڄيون ساريون ستاويہ ٻوليون 'اپڀرنش' جي دفعي ۾ شمار ڪري ٿو. مارڪنڊيہ 'اپڀرنش' جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن: هڪ 'ناگر' جيڪا مڙني ۾ مکيہ آهي، ٻي 'وراچڊ' جا ناگر مان نڪتي ۽ 'سنڌو ديش' ۾ ڄنم ورتائين؛ ٽين 'اُپ ناگر' جا 'ناگر ۽ وراچڊ' جي سنگم مان اُسري. مارڪنڊيہ جي انهيءَ بيان مان گريئرسن ۽ ٻين ائين سمجهيو آهي تہ، وراچڊ، سنڌ ۾، اُسري، موجوده سنڌي 'وراچڊ' مان نڪتي ۽ 'وراچڊ'، 'اپڀرنش' مان. حقيقت ۾ مارڪنڊيہ ۽ ٻين اڳاڻن لکندڙن 'سنڌو' يا 'سنڌو- سؤوير' جا نالا ڪنيا آهن، تہ ان مان مراد موجوده سنڌ ڪانهي، بلڪ ملتان ۽ ڏکڻ اولهہ پنجاب وارو خطو آهي."[85]

هن ڏس ۾ ڊاڪٽر دانيءَ پڻ پنهنجي مقالي 'سنڌو- سؤوير' ۾ وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ:

---

84- Mirchandani, B.D., Op.Cit., PP. 27-30

85- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، 1990ع/ 1411هہ، ص 28.

> "البيرونيءَ، پنهنجو مواد، 'وايو پراڻ'مان ڪٺندي، اهي ٻئي جاگرافيائي اصطلاح- سنڌو ۽ سؤوير- شامل ڪري ٿو، ۽ ڄاڻائي ٿو ته، يونانين ٻنهي نالي مان مراد (گهٽ ۾ گهٽ سندس وقت ۾) 'ملتان' ۽ 'جهرور' وارو ترُ هو. ٻئي پاسي اهو سمجهڻ پڻ ممڪن آهي ته، اهو سمورو ڏيهه ته، پر 'سِن- تو' جي گاديءَ وارو شهر هو، جيڪو سنڌو نديءَ جي اولهه ۾ هو. جيڪڏهن اسان هيءَ صلاح قبول ڪنداسون ته پوءِ اهو سمجهڻ ڏکيو نٿو رهي، ڇو ته سنڌي ٻولي رڳو هينئين سنڌوءَ تائين محدود آهي، جڏهن ته انهيءَ ڏري کهڻ، ساڳيءَ ايراضيءَ ۾ هاڻ سرائڪي ڳالهائي وڃي ٿي، جيڪا البيروني، سؤوير جي بيهڪ ڏيکاري ٿو. سرائڪي ڳالهائيندڙ علائقي جي هن سمجهاڻيءَ جي آڌار تي ائين چئي سگهجي ٿو ته، 'سرائڪي' نالو شايد اصل لفظ 'سؤويراڪي' جي بگڙيل صورت آهي"[86]

حاصل مطلب ته سنڌو- ماٿر واري شهنشاهت، ڌار ڌار ملڪن جي سرحدن ۾ ورهايل هئي. اُهي ملڪ هي هئا: ڪيڪيه ديش، سنڌو ديش ۽ سؤوير ديش، ڪشمير، داردستان، جيسلمير، مارواڙ، ميواڙ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ. اڳتي هلي اهي ملڪ هڪ ئي ملڪ / ديش جي نالي، يعني 'سئنڌوَ ديش' جي نالي سان سڃڻ لڳا، البت ان ملڪ جي جاگرافيائي بيهڪ ۾ گهٽتائي اچي وئي.

## 4- سئنڌوَ ديش جا رهواسي (لوڪ اصلوڪا رهاڪو) ڪهڙي نالي سان سڏبا هئا؟:

(الف) محققن، سئنڌوَ ديش جي اصلوڪن رهاڪن ۽ سندن نسلن توڙي ڄاتين جا نالا به ڏنا آهن، ۽ اُن ڏس ۾ پنهنجا رايا پڻ ڏنا ائن. هن قديم ملڪ جي رهواسين کي رگ ويد ۾، عام طور ڪهڙي نالي سان سڏيو ويو آهي، تنهن جي باري ۾ ائبٽ صاحب پنهنجو رايو ڏيندي لکيو آهي ته:

> "جيمس ٽاڊ جي خيال موجب 'سنڌو'، دراصل 'تاتاري' يا 'سٿڪ' (Scythic) ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو اُن درياءَ لاءِ ڪم آندو ويو هو، جيڪو هن ملڪ (سنڌوءَ) جي وچان وهندو هو. سنسڪرت زبان ۾ اهو نالو (سنڌو) ڪم اچڻ لڳو. يونانين، 'سنڌو' لفظ کي 'اِندوس' 'Indus' ۽ 'Indos' جي اچار ۾ استعمال ڪيو، يعني 'يونانين'، سنڌو درياءَ کي 'اندوس' (Indos) سڏيو، ۽ ان جي ماٿر ۾ رهندڙ ماڻهن کي 'اِندوئي' (Indoi) سڏيائون.

---

86- داني احمد حسن، ڊاڪٽر: حوالو ڏنل آهي، ص 53.

ايراني ٻولين جي ڳالهائيندڙن، ’سنڌُوءَ‘ کي ’هندو‘ سڏيو، يعني [س] کي [ھ] ۾ بدلايائون.“[87]

ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته، ’سنڌو‘ ملڪ جي رهاڪن کي ’سنڌُوئي‘ سڏيو ويندو هو، جيڪو اڳتي هلي، پهرين ’سئنڌُئي‘، پوءِ سئنڌي ۽ پوءِ’سنڌي‘ ٿي ويو. (ب) هن سلسلي ۾ ڪاڪي ڀيرومل جي راءِ به پيش ڪجي ٿي. هُو لکي ٿو ته:

”قديم ايرانين وٽان، قديم يونانين کي، هندستان جي سُڌ پيئي. سڪندر اعظم سان جيڪي تاريخ نويس آيا، تن سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙن کي سڏيو ’سندو‘ (هندو)، پر اُچار ڦيرائي ڪيائون ’اِنڊو- اِنڊوئي‘ (Indoi)؛ نديءَ کي سڏيائون ’انڊوس‘ (Indos)، ۽ سڄي ملڪ کي سڏيائون ’اِنڊيڪا‘ (Indica) ۽ ’اِنڊيڪوس‘ (Indicos).“[88]

ديوان ڀيرومل اڳتي لکي ٿو ته:

”خود سنسڪرت ساهت ۾، ’سنڌو‘ لفظ جي ڪيترن هنڌ معنيٰ آهي: ’سنڌو نديءَ وارو ملڪ‘، ۽ ’سنڌو‘ يا ’سئنڌوَ‘ لفظ جي معنيٰ آهي، ’سنڌ ملڪ جا رهاڪو‘“.[89]

ڪاڪو ڀيرو مل سندس ساڳئي ڪتاب (قديم سنڌ) جي صفحي 46 تي لکي ٿو ته:

”رگ ويد واري زماني ۾، آڳاٽا آريه لوڪ، سنڌو نديءَ ۽ اُن جي ڀرتي ڪندڙ شاخن جا ڪنارا پاڻيءَ جي سهنج ڪري، والاري ويٺا هئا. تنهن ڪري ايرانين سيني هنڌن جي رهاڪن کي ڪٺي ’سنڌو‘ سڏيو، پر اُچار ڦيرائي ڪيائون ’هندو‘، ڇو جو ايراني لوڪ، عام طور [س] کي ڦيرائي [ھ] ڪندا هئا. انهيءَ ريت ’هندو‘ لفظ جي معنيٰ ٿي ’سنڌو نديءَ‘ جي ڪناري تي رهندڙ“.[90]

ساڳئي ڪتاب ۾، ساڳئي صفحي تي، هيٺ حاشئي ۾ ڪاڪو ڀيرو مل لکي ٿو ته:

”’هندو‘ لفظ لاءِ، قديم اويستا ۾ ڪم آندل لفظ ’هِندوَ‘ (Hendava) آهي ۽ سنسڪرت ۾ اُن کي سَئنڌوَ (Saindhava)

87- Abot, J., Op. Cit., P.23.

88- ڀيرومل آڏواڻي: قديم سنڌ، حوالو ڏنل آهي، ص 47

89- ايضاً، ص 47

90- ايضاً ص 46

## 5- سَنڌُئي/ سَنڌُوَ لوڪن جي ٻوليءَ کي سَنڌَوَ/ سَنڌُئي سڏيو ويندو هو:

اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ آرين، سنڌو- ماٿر جي اصلوڪن رهاڪن لاءِ سنڌُئي/ سنڌوَ نالو ڪم آندو، ۽ انهيءَ نالي پٺيان انهن لوڪن جي ٻوليءَ کي بہ سنڌُئي/ سنڌُوَ سڏيائون. هن دعوا جو وڏي ۾ وڏو ثبوت، اڳتي هلي ڪهڙو پوءِ ساڳيو ئي نالو، محقق البيرونيءَ جي تحقيق 'ڪتاب الهند' ۾، ڪم آندل آهي، جنهن ۾ محقق البيرونيءَ برهمڻ آباد ۾، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪم ايندڙ رسم الخط کي 'سنڌُوَ' جي نالي سان رڪارڊ ڪيو آهي. البيروني لکي ٿو تہ:

> "ڏکڻ سنڌ ۾، ڪاري واري خطي تائين 'مالوَشائؤ' (Malwashau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، اُن کي 'مالوارَي' بہ چئبو آهي: 'ٻهمنوا' (المنصوره) ۾ 'سنڌُوَ' رسم الخط ڪم ايندو هو: 'لاڙي خط' 'لاڙ ديس' ۾ ڪم ايندو هو: 'ارڌناگري رسم الخط' ڀاٽيا ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو هو."[93]

هن مثال مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌُوَ ملڪ جي ٻوليءَ کي پهرين 'سنڌُئي' ۽ پوءِ 'سنڌُوَ' جي نالي سان سڏيو ويندو هو، جنهن جي اُچار ۾ اڳتي هلي ڦيرو آيو ۽ اهو نالو پهرين 'سنڌُئي' ٿيو ۽ پوءِ بدلجي 'سنڌي' ٿيو.

ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچندائي، پنهنجي مقالي ۾، ماهرن جي حوالي سان، سنڌوَ- سؤوير ديش کي 'سنڌَوَس'، ۽ اُتي جي رهواسين کي بہ 'سنڌَوَس' سڏيو آهي. ڊاڪٽر خوبچوندائي لکي ٿو تہ:

> "موجوده وقت سنڌي ٻوليءَ جو پراڻو رڪارڊ موجود ڪونهي، البت 'ڀَرتسيءَ' پنهنجو ڪتاب، 'ناٽيشاستر'، جيڪو هن ٻينءَ صديءَ عيسويءَ ۾ لکيو هو، ان ڪتاب ۾ هن 'سنڌو- سؤوير ديش' جي ماڻهن جي معاشري ۾ رائج ٻوليءَ جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان ٻوليءَ جا حوالا بہ ڏنا اٿس. اهڙيءَ طرح 'سنڌَوَس' جي ٻوليءَ کي 'اُدَيوتن' (Udayotana)، پنهنجي ڪتاب، 'ڪُوَلَيمالا (Kuvalaýmala)، جيڪو هن 779ع ۾ لکيو هو، تنهن ۾ 'ديش ڀاشائن' مان 'سنڌَوَس' جي ڀاشا کي خاص اهميت ڏني هئي."[94]

---

93- Sachau, Edward, C., Dr., Alberuni's India, Kegan Paul Trench, Trubner, London, 1910, P.1973.

94- Kubchandani Lachman, Dr.. Dahin Sadia men Sindhi Mahabharata-jo Arabi naqulu (An Arabic Version of the 10th century Sindhi Mahabharata)- Sindhi translation of S.K. Chatterji (1958)- with comments, Karachi, 49-66 (Bombay. May 1959).

محترم عين الحق فريد ڪوٽيءَ جو خيال آهي ته:

"اڄ کان اٽڪل سايا ٽي هزار سال اڳ، جڏهن آريا قبيلا سنڌو-ماٿر ۾ آيا تڏهن سنڌو- تهذيب جي رهاڪن جي زبانن کي مختلف نالن سان سڏيو ويندو هو. ڪڏهن انهن زبانن کي هنن 'ناگ باني' جي نالي سان سڏيو ته ڪڏهن وري انهن زبانن کي هنن 'اسر ڀاشا' جو نالو ڏنو. ڪڏهن انهن کي'مليڇ ڀاشا' يعني 'ناپاڪ زبان' سڏيو. اڳتي هلي، آرين سندن زبان جي مقابلي ۾ هتي جي مقامي زبانن کي 'ديساجا' يعني ديسي زبانون ٿي ڪوٺيو. يعني هنن پنهنجي آريائي زبانن کي غير ملڪي زبان ٿي تسليم ڪيو.

اڃا به اڳتي هلي، مقامي زبانن کي، سنسڪرت جي مقابلي ۾ فطري زبانون يعني پراڪرت يعني خود رو زبان ۽ اپڀرنش يعني بگڙيل زبانو سڏيو."95

عين الحق فريد ڪوٽي صاحب اپڀرنش ٻولين کي سنسڪرت جي شاخ نه پرديسي زبانون ٿو ڪوٺي. هو لکي ٿو ته:

"اپڀرنش يا ديسي ٻوليون، اهي ٻوليون آهن جيڪي بنيادي طور سنسڪرت سان اختلاف رکن ٿيون، جيئن دراوڙي زبانون (مليالم، تامل، تيليگو، ڪنڙ ۽ براهوئي وغيره) يا منڊا، منڊاري، سنٿالي ۽ ڀيلي وغيره؛ يا پشاچي ٻوليون جهڙوڪ، پنجابي، سنڌي، ڪشميري، هرياڻوي ۽ اردو جيڪا پنجابيءَ مان نڪتي آهي؛ يا دارڊا (پشتو، بلتي، شينا ۽ ڪافرستان جون مختلف زبانون.)"96

(الف) رگ ويد جي حوالي سان، سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙ قديم قومن جا نالا:

(i) سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙ قديم قومن ۽ جاتين جا نالا رگ ويد ۾ به ڏنل آهن، جيڪي هن سلسلي ۾، لکيل صورت ۾ مليل قديم ترين رڪارڊ آهن. اِهي سڀ غير- آريائي جاتيون هيون. انهن مان ڪن جا نالا هي آهن:

(I) داسَ، (II) دَسيو، (III) پڻي، (IV) اَشورُ/ آهير، (V) شوُدر، (VI) ميد/ مهاٺا، (VII) اوڏ، (VIII) ڪولَ، (IX) جهانگلي (X) ڀيل ۽ (XI)باگڙي وغيره. انهن سڀني جاتين کي، ملڪ جي حوالي سان سنڌو/ سئِنڌو/ سئِنڌُو، سئِنڌُئي/ ۽ سنڌي سڏيو ويو هوندو. جيتوڻيڪ انهن جاتين جا ڌنڌا ۽ ڪرتون، سندن عقيدا ۽ ريتيون ۽

95- عين الحق فريد ڪوٽي: حوالو ڏنل آهي.ص 54

96- ايضاً، ص 78.

رسمون: الڳ الڳ هونديون هيون، پر سنڌن ٻولي ساڳي هوندي هئي: البت سنڌن جاتيوار ٻوليون يا اُنهن جا جاتيوار محاورا ضرور الڳ الڳ هوندا، يعني تہ جيڪو لهجو 'پٽي' يعني ٻيڙياتا يا واپاري (واڻيا) ڪم آڻيندا هوندا، اُهو لهجو 'داسن'، 'آهيرن'يا اَشورن جي لهجي ۾ لغوي لحاظ کان، فرق رکندو هوندو: لهاذا ٻوليءَ جي جاتيوار محاوري ۽ لهجي ۾، سنڌن ماحول جي لحاظ کان فرق ضرور هوندو.

اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ 'سئنڌئي' (سنڌي) لفظ مان مراد آهي سنڌو- ماٿر جا رهاڪو. 'سنڌو' لفظ جي اها صفتي صورت آهي، جيئن ۾ اڳ ۾ چيو ويو آهي.

رگ وِيد کان پوءِ ڇچنامي ۾ بہ سنڌ جي ذاتين ۽ نسلن جا بيشمار نالا ملن ٿا. اهڙيءَ طرح هن ڏس ۾ البيرونيءَ بہ ڪافي نالا ڏنا آهن: مثال طور:

(I) **ڇچنامي ۾ ڏنل ذاتين جا نالا:**

لوهاڻا، لاکا، سمہ، جوکيا، ڪاڪا، ٻُڌ، سهتا، ميد، نڪامره (نڳامره) هالا، ڀاٽيا، ڀنٽي، جَت، چنا، نَڪُر ۽ اَکهم وغيره.

(II) البيرونيءَ جي تحقيق ۾ ذاتين جا ڏنل نالا:

ٻُڌ، مليڇ، پشاچ، اَشُور، کتري، شُودر، برهمڻ، ويشيہ، وَهيلَڪ (واهيلا)، وَڏ(وَڏا)، واڻ (وائين)، آپير، پَهلَو، گندار، يوَن، سِنڌو، ساڪ، مَلا، ڪوڀار، ڪُليندا ۽ جهنگل.

## 6- سئنڌئي لوڪ (سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو) ڪهڙي نسل سان واسطو رکندا هئا؟

(الف) علم اللسان ۽ آثار قديمہ جا گهڻو ڪري سڀ ماهر هن راءِ تي متفق آهن تہ آرين جي، سنڌو ماٿر ۾ اچڻ کان اڳ، هت (سنڌو- ماٿر ۾) دراوڙ قومون آباد هيون.[97] اهي قومون دراوڙي ٻولي ڳالهائينديون هيون.[98]

مشهو روسي عالم، پروفيسر گنڪوسڪي (Gankovsky)، پنهنجيءَ تحقيق ۾ لکي ٿو تہ:

> "ادب ۾ گهٽي وقت کان وٺي اهو اندازو لڳايو پئي ويو آهي تہ هند- پاڪ ننڍي کنڊ جي اُتر- اولہ واري حصي ۾ I.E.(I.A.) کان اڳ واري دور، يعني مسيح جي اچڻ کان اڳين هزار سالن جي وچ واري عرصي کان بہ پهرين، هن علائقي ۾ دراوڙي نسل جي زبان (زبانون) ڳالهائيندڙ ماڻهو رهندا هئا. اهو بہ ممڪن آهي تہ

97–Grierson, G., Lingustic surVery of India, Vol: I, 1927,P.130

98- Mario A. Pei, The World's Chief Languages, third adition, London, George Allen and Unwin Ltd., P.485.

دراوڙي ڳالهائيندڙ آبادي، انهيءَ علائقي جي اُتر- اولهه ۽ ان کان به اولهه طرف، وڏي ايراضيءَ تي قابض هئي"[99]

پروفيسر سنتي ڪمار چٽرجي لکي ٿو ته:

"سنڌو- ماٿر جا قديم رهاڪو آفريڪي (Negrito tribes) قبيلا هئا. اُنهن کان پوءِ آسٽرڪ قبيلا (Austric tribes)، انڊو- چائنا کان آيا. انهن کان پوءِ مغرب کان دراوڙ قبيلا آيا. دراوڙن کان پوءِ اُتر- اوڀر کان آريا ايا ۽ اُتر کان تبت- و- چيني قبيلا آيا. مطلب ته جڏهن آريا هن ملڪ ۾ آيا تڏهن هن ملڪ ۾ انسان ذات جي آبادي هئي. هتي اعليٰ تهذيب وارا قبيلا رهندا هئا."[100]

ساڳئي سلسلي ۾ پروفيسر ٻئشم جي راءِ به وڏو وزن ٿي رکي. هُو پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

"اهي ماڻهو ڪير هئا، جيڪي هن عظيم تهذيب جا معمار هئا؟ ڪن مصنفن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اهي آريا هئا، يعني اُهي ماڻهو جن رگ ويد مرتب ڪيو هو، پر اها راءِ صحيح نٿي لڳي. سنڌو- ماٿر جي کوٽائيءَ مان حاصل ٿيل کوپڙين جي باقيات جي تجزئي مان ثابت ٿيو آهي ته هڙپا جا ڪي ماڻهو، ڏکڻي مٽي، نندي ۽ سنهي نڪ ۽ يونوچ سمنڊ جي رهاڪن واري وضع قطع جا هئا. اهي ماڻهو قديم وچ- مشرق ۽ مصر جي علائقي ۾ رهندا هئا، ۽ جيڪي اڄ جي هندي (برصغير پاڪ- هند) آباديءَ جي اهم عنصر کي تشڪيل ڏيئي رهيا هئا."[101]

1963ع ۾، پاڻيءَ جي جهاز (ايشيا) ۾، لنڊن کان واپس ايندي، سئيز واهه مان جهاز کي اُڪرڻ جي ڪري، جهاز جي ڪمپنيءَ طرفان، اسان کي بسن ۾ وهاري، قاهره پهچايو ويو. سئيزواهه جي ڪناري تان بسن ۾ سفر ڪندي، اسان سئيز واهه جي ڪناري تي، ڏار ڏار ترن تي، ڪن عورتن کي ڪپڙا ڌوئندي ۽ برتن مليندي ڏٺو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته اهي عورتون، اُن قوم سان واسطو رکن ٿيون جيڪا هتي جي اصلي مصري قوم سان واسطو نٿي رکي ۽ نه ئي وري هنن کي

99- Gankkovsky, Yu, V., The Peoples of Pakistan, Lahore, Peoples pub lishing House, U.S.S.R., Academy of Sciences, Dravary, 26, Shahrah-e-Quaid-e- Azam,P. 33.

100- Chatterji, S.K., Dr., Op. Cit.

101- Basham, A.L., Dr., Wonder that was Inida, London, Sidgwick and Jackson, 1961, P.24.

عرب ئي مڇيو وڃي ٿو: يعني تہ هنن عورتن جو واسطو ڪنهن غير- مقامي قوم سان هو. انهن عورتن جي لباس ۽ شڪل شبيه مان ائين ٿي معلوم ٿيو تہ اهي عورتون جت قوم مان هيون، جيڪا هزارين سال اڳ سنڌ مان لڏي، بلوچستان، ايران، عراق تائين پهتي هئي: ممڪن آهي تہ پونچ سمنڊ وارو نسل، سنڌو- ماٿر مان لڏي آيل ماڻهن جو هجي، جيئن ڪن عالمن جو رايو آهي تہ ، پٽي، جت، جپسي ۽ ٻيون قومون سنڌو- ماٿر مان لڏي ايران، عراق، لبنان ۽ اوله وارن خطن ۾ وڃي آباد ٿيون هيون.

پروفيسر ٻئشم اڳتي لکي ٿو تہ:

"هڪ ٻيو عنصر قديم- آسٽريلوي نما (Australoid) نسل جو هو. هن قسم جا ماڻهو، موجوده برصغير جي ڪجھ وحشي پهاڙي قبيلن مان آهن.
هڪ واحد ڪوپڙي، منگولي نموني جي بہ ملي آهي، جيڪا الپائن جبلن جي ماڻهن جي وضح جي نندي مٿي وارن ماڻهن جهڙي آهي. ڪنجهي مان لڌل رقاصہ عورت جي مورتي يقيناً آسٽريلوي نما نسل جي آهي. هن بيان مان اهو ثابت ٿيو تہ موجوده اُتر- اولهہ وارو علائقو، بيشمار نسلن جو گڏيل مقام رهيو آهي.
البت موجوده ڏکڻ هندستان ۾ پونوچ سمنڊ واري ۽ آسٽريلوي نما نسل جو امتزاج معلوم ٿئي ٿو. هڙاپا تهذيب جا بہ نمايان ۽ وڏا نسلي خدوخال، اُن کان علاوه هڙاپا تهذيب جي مذهب جون بيشمار هڪ جهڙايون، هندومت انهن جي مزاجي عنصرن سان ملن جهلن ٿيون، جيڪي بالخصوص دراوڙي علائقن ۾ مقبول آهن. بلوچستان جي پهاڙي علائقن ۾، جتي 'نل' ۽ 'زوب' تهذيب ۽ تمدن وارا ماڻهو ننڍا ننڍا ڳوٺ آڏي، اُنهن ۾ رهندا هئا. بروهي قبيلا جينوٽيڪ ايراني زبان جي اثر هيٺ رهيا آهن، تنهن هوندي بہ اُهي (بروهي) جيڪا زبان ڳالهائين ٿا، اُها دراوڙي آهي. اهو ئي سبب آهي جو تصديق سان هيءَ راءِ ڏني وئي آهي تہ هڙپا تهذيب وارا ماڻهو دراوڙ هئا: ۽ فادر هيراس، جهڙو ماهر، جيڪو سَنڌ جو درجو رکي ٿو، ۽ جنهن انهن جي تحرير کي پڙهڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي، اُن هيءَ دعوا ڪئي آهي تہ هنن (هڙاپا جي رهاڪن) جي زبان، تامل زبان جي هڪ ابتدائي صورت آهي"[102]

(ب) ڊاڪٽر پريولا جي خيال موجب بہ، سنڌو ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو دراوڙ

102- Basham, A.L., Dr., Op. Cit. P. 24

هئا. هو لکي ٿو ته:

"آريا جيتوڻيڪ، هر لحاظ کان تعداد ۾ ٿورا هئا، پر هنن پنهنجي فوجي طاقت جي مدد سان، دراوڙن کي مات ڪيو. انهن (آرين) پوءِ دراوڙن مان شاديون ڪيون ۽ دراوڙن، سندن فاتحن جي ٻوليءَ کي رواج ۾ آندو، ان ڪري سندن سياسي طاقت، سندن تهذيب ۽ تمدن جي پکڙجڻ ۽ ڦهلاءَ جو ذريعو بڻي. هنن (دراوڙن) جي ٻوليءَ، سنسڪرت تي گهرا اثر ڇڏيا، جيڪي سنسڪرت جي وينجن جي 'مرڪب يعني ڳنڍيل ميلن' 'mrdhravac' (Clusters) ۾ نمايان آهن.

ٻئي طرف آرين، دراوڙي تهذيب يعني سنڌو- تهذيب جي ڌرم مان گهڻوئي ڪجھ، پنهنجيءَ تهذيب ۾ شامل ڪيو"[103]

(ت) سنڌو- ماٿر جي قديم رهاڪن، قومن ۽ ذاتين جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجو رايو ڏيندي لکي ٿو ته:

"سنڌ جي قبيلن جي نسب نامن بابت ڪنهن وقت کي نهايت ضروري سوال سامهون ايندا آهن، جن جي پڪن پختن جوابن لاءِ وڏي تحقيق جي ضرورت آهي. هڪ اهم سوال اهو ڪيو ويندو آهي ته، سنڌ جا قديم ۾ قديم باشندا ڪهڙا هئا. هڪ تاريخي حوالي موجب، سنڌ جون قديم قومون ٽي هيون:

'موميد'، 'تاڪيا' ۽ 'پانيا'. 'موميد' ته 'ميد' يا 'ميھ' آهن، يعني 'مهاڻا' آهن. 'تاڪيا'[104] غالباً، 6-7 صدي عيسويءَ کان اڳ، سنڌ ڇڏي پنجاب طرف هليا ويا، جتي اڳ ۾ سندن گهڻائي هئي. 'پانيا' بابت پوري پڪ نه آهي ته اهو نالو ڪهڙيءَ قوم جو آهي. نتيجي طور چوندا سين ته صحيح معنيٰ ۾، سنڌ جا قديم باشندا مهاڻا آهن، جن کي اسلامي دور ۾، 'ميربحر' واري مانائتي نالي سان سڏيو ويو."[105]

(ث) سنڌو ماٿر جي قديم، قبيلي مان هڪ يعني 'پانيا' يعني 'پڻيءَ' جي باري ۾ ڊاڪٽر هيريماٺ لکي ٿو ته:

---

103- Asko Parpola, Indus Script Decipherment, 1970, P. 12.

104- تاڪيا شايد موجوده پنجاب جي 'ٽِڪا' نالي قوم هجي، جا وڏي تعداد ۾ پنجاب ۾ رهندي آهي. (مصنف)

105- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: مقالو: سنڌ جا قبيلا ۽ سنڌ جا نسبناما، سماهي مهراڻ، نمبر 2-1992/1ع، سنڌي ادبي بورڊ، ص 174.

"'پانيا' يعني 'پڻيا' يعني 'پَڻي' (Pani) قوم. 'پَڻين' کي 'فَني' (Fani) يا 'فَنيقي' پڻ سڏيو ويو آهي. 'پَڻي'، دراصل سنڌو- ماٿر جا قديم رهاڪو هئا، جن کي 'فني' (Fani) سڏيو ويو."[106]

اهڙيءَ طرح سنڌو- ماٿر جي قديم رهاڪن 'پَڻين' جي باري ۾ 'مسٽر ڊيمس' (Dames) جو خيال آهي ته:

"فَني' (Fani) ممڪن آهي ته اصل ۾ 'پَڻي' (Pani) هجن. 'پَڻي' لفظ پهرين بدلجي 'بَنيا' (Banya) ٿيو ۽ پوءِ اهو لفظ بدلجي 'واڻيا' (Vanya) ٿيو آهي."[107]

(ج) پڻي قوم يا جاتيءَ جي باري ۾، پنجاب (پاڪستان) جو مشهور عالم محترم شريف ڪُنجاهي صاحب لکي ٿو ته:

"رگ ويد ۾، سنڌو- ماٿر جي هڪ قديم قوم 'پڻيءَ' جو به ذڪر ملي ٿو. هيءَ هڪ، ٻيڙياتن، واپارين ۽ وڻجارن جي قوم هئي، جيڪا پنهنجن ٻيڙين ۾ واپار، وکر ۽ وَڙ پري/ ڪٽي، ڏکڻ- اوڀر (South- East) وارن ملڪ ڏانهن ويندي هئي، ۽ اُتي وڻج ۽ واپار جو ڪاروبار ڪندي هئي. ممڪن آهي ته رگ ويد وارا 'پڻي ۽ فنلئنڊ وارا 'فن' (Fin)، ساڳيءَ جاتيءَ وارا ماڻهو هجن. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ منهنجي خيال ۾ 'پڻي' 'بنيا'[108] هڪ ئي نسل يا جاتيءَ وارا ماڻهو آهن. 'بنيا' يعني 'هٽائي'، جن ماڻهن کي اجوڪي دور ۾ 'هٽائي' چئبو آهي، سي ئي سنڌو- تهذيب واري زماني ۾ 'وڻجارا' (سامونڊي واپاري) هوندا هئا."[109]

(ح) ڪاڪي ڀيرومل به پڻي قوم جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب 'قديم سنڌ' ۾ بحث ڪيو آهي. هُو لکي ٿو ته:

---

106- Hiremath, R.C., Dr., Genesis & Growth of Dravidian Lingusitics, Drarivdian Lingusitic Association, Trivandrum, 1984, P.53.

107- Dames, M.L., The Balochistan Race, a monograph, published in JRAS, Vol: IV, London, 1904, P.245.

108- 'بنيا' لفظ سنڌي ٻوليءَ واري ساڳئي- لفظ 'واڻيا' جو بدليل اُچار آهي. هن لفظ ۾ [ب] بدلجي [و] ٿيو آهي ۽ [ن] بدلجي [ڻ] ٿيو آهي. ائين ممڪن آهي ته 'پڻيا' لفظ بدلجي پهرين 'واڻيا' ٿيو هجي ۽ پوءِ 'واڻيا' بدلجي 'بنيا' ٿيو هجي.

109- Sharif Kunjahi, Panjab- Scandinavian Language Contact, Gujrat (Pakistan)- Chenab Academy, 61 Mazhar Colony, 1991, P.18

"رگ ويد ۾ ڪيترن ئي هنڌ، 'پڻي' لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'وڻجارا' يعني 'وڻج ڪندڙ' يا 'واپاري'. انهيءَ لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي، 'پَڻ'، معني 'سودو ڪرڻ'، 'ڳنهڻ' وغيره. رگويد جي منڊل ڇهين، سوڪت 51، رچا 14 ۾ هنن کي بگهڙن وانگر هيچي سڏيو ويو آهي، ڇو جو هو ڏاڍا پڪا، سودي ۾ مروت نه ڪندڙ، رکو پنهنجي سود يا نفعي جي ڳالهه ڪٿيندا هئا.

اهي پڻي (واپاري) اصل آريا هئا يا دراوڙ، يا ڪٿي فرض ڪجي ته اصل دراوڙ هئا، ۽ پوءِ آرين سان منتي مائتي ڳنڍڻ ڪري 'آريه' سڏجڻ ۾ آيا، ته به هن جهجهو ڏيان لهڻو، جو سنڌو- ماٿر جا اوائلي واپاري اهي هئا.

رگ ويد ۾ اهي 'پڻي لوڪ'، 'وَڻڪ' به سڏيا ويا آهن. هن مان ظاهر آهي ته، رگ ويد واري زماني جا 'پَڻي'، 'پَڻڪَ' ۽ 'وَڻڪ' اُهي آهن، جيڪي هن وقت 'واڻيا' (وڻج ڪندڙ) ۽ 'پائيبند' سڏجن ٿا، ۽ اڄ تائين 'وَڻشن' جي دفعي ۾ ليکجن ٿا."[110]

ڪاڪو ڀيرو مل ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

"ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي حقيقتون يورپي توڙي ڏيهي عالمن ويدڪ ساهت مان ڳولهي ظاهر ڪيون آهن، تن پٽاندر ڄاڻائجي ٿو ته، رگ ويد واري زماني ۾ ئي، سنڌو ماٿر جا 'پڻي' (وڻجارا)، جهازن ۾ مال ڪٽي، سمنڊ ڄهاڳي، ڏيساورن ڏي ڏن ڪمائڻ ويندا هئا" (رگ ويد، منڊل پهريون، سوڪت 48، رچا 3)".[111]

مسٽر ڪولن ماسيڪا جو رايو آهي ته:

"هرهڪ ماهر اهو مڃيو آهي ته آرين جي اچڻ وقت برصغير، انسان ذات جي آباديءَ کان خالي يعني ويران نه هو، پر سنڌو- ماٿر ۾ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ قبيلا موجود هئا، جن مان ڪن جي باقيات اڄ به موجود آهي، اهي قبيلا هڙپا تهذيب جا ڏٽي هئا. اها تهذيب اڄ به سڌريل تهذيب مڃي ويندي آهي".[112]

محترم تاج محمد صحرائيءَ 'پڻين'/ 'پڻي' قوم جي اصل نسل جي باري ۾ وڏي تحقيق ڪري هڪ مقالو لکيو آهي، اُن مقالي ۾ هو لکي ٿو ته:

---

110- ڀيرو مل آڏوڻي: قديم سنڌ، ص ص 360، 361 ۽ 325.
111- ايضاً، ص 365

112- Collin Masica,Op, cit. PP. 39 & 40.

”فينقي (Phoenicians) قوم، دراصل سنڌو- تهذيب جا قديم رهاڪو ’پڻي‘ آهن، جن کي پوءِ ’بَنيا‘ ۽ ’واڻيا‘ سڏيو ويو. هيءَ قوم، اُن زماني ۾، واپار سانگي، اولهه طرف (موجوده لبنان ۾) بہ رهندي هئي، جتي ’فنيقي‘ (Phoenician) جي نالي سان مشهور ٿي.“113

(د) پنجابي زبان ۽ ادب جي مشهور عالم، محترم آصف خان، سنڌو- ماٿر جي قديم قومن ۽ جاتين جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب ’پنجابي بولي دا پڇوڪڙ‘ ۾ تفصيل سان لکيو آهي. مذڪوره ڪتاب ۾ هو لکي ٿو تہ:

”آرين جي اچڻ کان اڳ، پنجاب ۾ گهٽ وڌ پنج نسلي گروهہ آباد هئا. آرين جي اچڻ وقت هيءَ سرزمين سڪٿي يعني خالي ڪانہ هئي. هت غير- آريائي لوڪ آباد هئا. اُنهن جا پنهنجا قلعا بہ هوندا هئا. انهن مان هڪ غير آريائي قبيلو/ قوم، ’اَسر‘ نالي هئي. ’اَسرن‘ کي آرين شيطان قبيلو سڏيو. هنن (اَسر) جي پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجو مذهب هو.
ٻيو قبيلو، ’پڻي لوڪن‘ جو هو. رگ ويد ۾ هن قبيلي جي ماڻهن کي ’لالچي‘ سڏيو ويو آهي. هي ماڻهو ناڪٽا بہ هوندا هئا ۽ ٻيڙن (واهڻن) تي مال ڀري، ڏيساور ۾ واپار ڪندا هئا. انهن جي واهڻن کي سڙهہ بہ هوندا هئا. ’پڻي لوڪ‘، حاڪم ٽولي سان تعلق نہ رکندا هئا. انهن جو ڌنڌو، واپار ڪرڻ هوندو هو. هي ماڻهو دستڪار بہ هوندا هئا. پڻي لوڪ، نيٺ واڻين (هٽ واڻين) جي روپ ۾ آريہ سماج جو هڪ حصو بڻجي ويا، جيو تہ اهي (پڻي)واپاري ۽ سرمائيدار هوندا هئا. سرمائيدار طبقو لڙائي ۽ جهيڙي کان پرهيز ڪندو هو. انهن لوڪن کي ٻاهرين ملڪن ۾ فني/ فنيقي (Phoenician) سڏيو ويندو هو.
’پڻي لوڪ‘، سنڌو- ماٿر کان، فرات نديءَ تائين ۽ پري پري ملڪن ۾ پنهنجا ٻيڙا ڪاهي ويندا هئا. هو ڪپڙي جو واپار بہ ڪندا هئا. هڪ پاسي سنڌو- ماٿر جي کنڊرن جي کوٽائيءَ مان ڪپڙي جا ثبوت مليا آهن تہ ٻئي پاسي بابل ۾، ڪپڙي کي ’سِندڻ‘ سڏيو

113- تاج محمد صحرائي: پڻي لوڪ- رگ ويد جي دور جا سنڌي وڻجارا- ناڪٽا، مقالو، حيدرآباد سنڌ، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ، 1996ع، ص ص 3-30.
تاج محمد صحرائي صاحب پنهنجي ڪتاب Lake Manchar ۾ هن موضوع تي تفصيلي بحث ڪيو آهي؛ ڏسو:
Taj Mohmmad Sahrai, Lake Manchar, Karachi, Sindhi Kitab Ghar, 1997, PP. 161-175.

ويندو هو. ڪيڙي جو اهو قسم يعني 'سنڌڻ'، سنڌو- ماٿر ۾ اُٿيو ويندو هو، جيڪو بابل ۽ ميسوپوٽيميا طرف، 'پٽي لوڪ ڪٽي ويندا هئا'. 114

(ر) سنڌو-ماٿر جي قديم لوڪن ۾، 'مهاڻن' کي بہ شمار ڪيو ويندو آهي، جيئن ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مٿي ڏنل راءِ مان ظاهر آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان سواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن، مهاڻن کي، سنڌو- ماٿر جي قديم قوم سڏيو آهي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو تہ:

"موهن جي دڙي جي رهاڪن مان ڪي هاري هوندا هئا، جيڪي هارپ ۽ کيتيءَ جو ڌنڌو ڪندا هئا تہ ڪي وري ناکوئا ۽ مهاڻا هوندا هئا". 115

ڊاڪٽر ڪالڊويل اڳتي لکي ٿو تہ:

"مهاڻا، سنڌو- ماٿر جي هڪ قديم قوم آهي. اِهي (مهاڻا) هن واديءَ جا اصلوڪا رهاڪو آهن. موهن جي دڙي، هڙپا، منڇر ڍنڍ، ڪينجهر ڍنڍ ۽ سنڌو درياءَ جي پراڻين شاخن ۽ ڍورن جي ڪنڌين تان، مهاڻن جي اصلوڪي رهڻي ڪهڻيءَ جا ڪي نشان ۽ اُهڃاڻ ۾ هٿ آيا آهن، جن جو ذڪر ماهرن پنهنجن تحقيقن ۾ ڪيو آهي". 116

ڊاڪٽر هيريماٿ بہ 'مهاڻن' کي سنڌو- ماٿر جي هڪ قديم قوم ٿو ڪوٺي. هو پنهنجيءَ تحقيقي ۾ لکي ٿو تہ:

"سنڌو درياءَ جي ڪن ماڳن ۽ مڪانن توڙي ساموندي ساحلي هنڌن تان مڇيءَ جا ڪنڊا لڌا ويا آهن. ان مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌو- تهذيب جا رهاڪو مڇي ماريندڙ يعني مهاڻا بہ هئا، ۽ اُنهن مان ڪي دريائي ۽ ساموندي ناکوئن جي ڪرت بہ ڪندا هئا". 117

---

114- آصف خان: پنجابي بولي دا پڇهوڪڙ، لاهور پاڪستان پنجابي أدبي بورڊ، 1996ع، ص ص 50، 66، 69، 74- 75 ۽ 76.

115- Caldwell, R.,Dr: A Comparative Grammar of the Dravidian or. South Inidan Family of Languages, London, Trubnar & Co., Ludgate Hill, 1875, Introducation, PP. 58-59.

116- Ibid.

117- Hiremath, R.C. Dr., The Genesis & Growth of Dravidian Language, Op. Cit, PP. 82 & 83.

(س) ڊاڪٽر هيريماٿ مهاڻن کي، سنڌو- تهذيب جا اصلوڪا ۽ قديم رهاڪو ڄاڻائيندي اڳتي لکي ٿو ته:

"'ديوس' يا 'آريا'، 'داسن' ۽ 'داسيو' سان وڙهيا. 'داس' جي معنيٰ آهي 'آرين جا مخالف يعني دشمن.' 'داس' لفظ مان غلام وارو مفهوم، پوءِ ڪم اچڻ لڳو. دراصل 'داس' مان مراد، اُهي ماڻهو هئا يا اُها قوم هئي، جيڪا آرين سان وڙهي هئي، ۽ 'شودر' مان مراد هئي 'مهاڻا' جاتي. ٻين لفظن ۾ هيئن وضاحت ڪبي ته: سنڌو- تهذيب جا رهواسي، ٻن اهم طبقن ۾ ورهايل هئا: هڪڙا زراعت جو پيشو ڪندڙ يعني هاري ناري هئا، جيڪي کيتين ۽ ٻنين ۾ هارپو ۽ زراعت جو ڪم ڪندا هئا: اَن اُپائيندا هئا ۽ پنهنجي سماج جي جياپي جو وسيلو هئا: ٻيو طبقو مهاڻن جو هو، جن جو گذران يا جياپو، دريائي، ٻندرن، ڍنڍن ڍورن ۽ سمنڊ مان مڇي مارڻ تي هوندو هو: يعني ته هي ماڻهو درياءَ، ڍنڍن ڍورن ۽ سمنڊ مان حاصل ڪيل خوراڪ يعني مڇيءَ تي گذران ڪندا هئا"[118]

(ش) ڪاڪي ڀيرومل 'قديم سنڌ' ڪتاب ۾ مهاڻن کي سنڌو- ماٿر جا قديم رهاڪو ٿو سڏي ۽ لکي ٿو ته:

"حال اسان ائين فرض ڪيو آهي ته اهي رواج ڪولن ۽ سنٿالن واري زماني جا آهن. جو آرين وٽ اهڙا رواج هئا ئي ڪين".[119]

پاڪستان آثارقديمه کاتي جو مشهور ماهر ۽ اڳوڻو ڊائريڪٽر، شيخ خورشيد حسن به مهاڻن کي، سنڌو- تهذيب جا قديم ۽ اصلوڪا رهاڪو مڃي ٿو. هو لکي ٿو ته:

"سنڌو- درياءَ تي رهندڙ مهاڻا، قديم سنڌو- تهذب واري زماني ۾، سنڌو- درياءَ ۽ اُن جي اُپرنديين شاخ (اُپرندو نارو) ۽ منڇر ڍنڍ واري خطي ۾ آباد هوندا هئا".[120]

---

118- Hiremath, R.C. Dr., The Genesis & Growth of Dravidian Language, Op. Cit, PP. 82.

119- ڀيرومل آڏواڻي: قديم سنڌ، ص ص 24 ۽ 25

120- Shiakh Khurshid Hassan, Ethnoarchaeology as an aid to Interpret Indus Civilization, an article published in Pakistan Archaeoloy, Number 26, 1991, Karachi, Department of Archaeology, Museum & Tourism, Ministry of Culture & Tourism, Government of Pakistan, PP. 110 & 111.

شيخ خورشيد حسن اڳتي لکي ٿو ته:

"مهاڻا، واديءَ سنڌ جا قديم رهاڪو آهن. انهن جا ڪارا چهرا، سنڌي عادتون، سنڌي رسمون ۽ رواج، سنڌي دراوڙ هجڻ جا ڏس پتا ۽ اهڃاڻ ڏين ٿا. هي گهڻو ڪري ٻيڙين تي ئي رهندا آهن، ڇو ته رهڻ لاءِ سنڌي ڪي ٻيا ناتا ۽ ٺڪاڻا ڪونه آهن". 121

شيخ صاحب اڃا به اڳتي لکي ٿو ته:

"مهاڻا، ٻين سنڌي نسلن ۽ جاتين (Ethnic groups) جي ڀيٽ ۾، هڪ لحاظ کان وڌيڪ خالص، وڌيڪ قديم ۽ سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو آهن.

هن نسل (مهاڻا) جا ماڻهو بلاشڪ اها دعوا ڪري سگهن ٿا ته هو سنڌو- تهذيب جا اصلوڪا رهاڪو آهن، جن ۾ سنڌو- درياءَ ۽ ڍنڍن تي آباد ٿيل ٻين نسلن ۽ جاتين جي ڀيٽ ۾، هن جاتيءَ جو نالي ماتر به 'گڏي' يا گاڏڙ نسل (گاڏڙ رت) جي هجڻ جو ڪو به ثبوت نٿو ملي، يعني ته مهاڻن جي نسل ۾، ڪنهن ٻئي نسل/ جاتيءَ جي رت جو گڏيل هجڻ يا گڏجي ويو هجڻ بلڪل ناممڪن نظر اچي ٿو". 122

ڊاڪٽر لئمبرڪ، مهاڻن کي سنڌو تهذيب جا قديم ۽ اصلوڪا رهاڪو ڄاڻائيندي لکي ٿو ته:

(ص) شيخ خورشيد حسن جي هن دعويٰ کان گهڻو اڳ، سر جان مارشل، مارٽمر وهيلر، جان منڪي، ڪاڪي پيرومل، ڊاڪٽر لئمبرڪ، ڊاڪٽر ڊيلس ۽ ڊاڪٽر هيريماڻ به اها ئي دعويٰ ڪئي آهي.

"درحقيقت، موهن جي دڙي مان جيڪي هڏاوان پڃرا هٿ آيا آهن، تن مان پتو پوي ٿو ته خود ان شهر جا ماڻهو، ڪيترن ئي نسلن مان هئا، تڏهن به اُن ڳالهه جو ٿورو گهڻو امڪان آهي ته متان منڇر ڍنڍ جي مهاڻن ۾ اصلوڪن رهاڪن جي هجڻ جو انگ ايترو هجي جو ٻيو ڪو به سنڌي قبيلو، انهن جيتري دعوا ڪرڻ چاهي ته هُوند نه ڪري سگهي؛ يعني اُهي ماڻها سڌيءَ طرح،

121- Shiakh Khurshid Hassan, Ethnoarchaeology as an aid to Interpret Indus Civilization, an article published in Pakistan Archaeology, Number 26, 1991, Karachi, Department of Archaeology, Museum & Tourism, Ministry of Culture & Tourism, Government of Pakistan, PP. 110 & 111.
122- Ibid., P112

سنڌو- تهذيب واري زماني جي 'ڊند- رهواسين' جا پونير آهن ۽ سنڌ رت ۾، ٻئي ڪنهن رت جي، نسبتي گهٽ ملاوٽ آهي. اُنهن سان 'ماڇي' به شامل ڪري سگهجن ٿا ، ۽ شايد 'چُنا' ۽ اُلهندن ٽڪرن جا ڪي غير- معروف قبيلا، جهڙوڪ: ٻِڪڪ ۽ 'ڪائچا' پڻ، جن جون خاصيتون ۽ ريتيون رسمون بنه پنهنجون آهن، ۽ جن بابت سنڌ پاڙيسري چوندا آهن ته اهي اصل ۾ 'ميربحر' آهن، پر اهڙين باريڪ شاهدين مان ڪي به انومان ڪڍڻ ننسوري ڏکيائي ٿيندي".[123]

اهڙيءَ طرح سراج الحق ميمڻ صاحب به مهاڻن، ملاحن ۽ ملاحن کي سنڌو- ماٿر جون اصلوڪيون ۽ قديم قومون سڏيو آهي. هن جي راءِ ۾ اهي دراوڙي قومون هيون ۽ سنڌ ٻولي، سنڌي- دراوڙي ٻولي آهي.[124]

پنجاب جي اصلوڪن رهاڪن (aborigines) جي باري ۾ وقاص احمد خواجه لکي ٿو ته:

"پنجاب جي اصلوڪن رهاڪن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي اڀياس مان ثابت ٿو ٿئي ته جڏهن آرين هن علائقي تي قبضو ڪيو تڏهن هتي جي اصلوڪن رهاڪن، يعني دراوڙ جاتين جهڙوڪ: ڀاٽ، جهونجا ۽ گهڙوَ ۾ اُهي ئي رسمون جاري هيون جيڪي هنن ختم نه ڪيون هيون، پر اڄ به منجهن اهي رسمون جاري آهن."[125]

هن ساري بيان مان هي ٿو ثابت ٿئي ته سنڌو- ماٿر ۾ هڪ جاتي يا هڪ قوم نه، پر ڌار ڌار جاتيون يعني قومون رهنديون هيون، جن جا ڌنڌا ۽ ڪاروبار به ڌار ڌار هوندا هئا. انهن لوڪن کي 'سَنڌُوَ لوڪ' سڏيو ويندو هو. هت هن نقطي تي وري به غور ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪو ڊاڪٽر مهر عبدالحق، ڊاڪٽر رفيق احمد مغل، پروفيسر ڪنائر ۽ ڊاڪٽر موتيلال جوتوانيءَ جي حوالن سان، پيش ڪيو ويو آهي، جنهن جو لُب لباب هي آهي:

"سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو، سنڌ تهذيب ۽ تمدن توڙي سنڌ ٻولي ڪٿان ٻاهران آيل نه آهي، يا سنڌو- ماٿر جي تهذيب، تمدن ۽ ٻولي ڪٿان ٻاهران لڏي آيلن جي تهذيب ۽ تمدن

---

123- لئمبرڪ، ٽي- ايچ: سنڌ، سلسلو تاريخ سنڌ، جلد پهريون، مترجم: سليم احمد، جام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، 1982ع، ص 329

124- سراج الحق ميمڻ: ڏسو رزانه هلال پاڪستان، 30- مئي، 1982ع، ص ص 5، 6 ۽ 13.

125- Waqas Ahmed Khawaja; Lahore throuth Looking Glass, an article, Published in monthly Herald, September, 1992, P.108.

تي مدار نٿي رکي، يا ائين چوڻ تہ اُها تهذيب ۽ ٻولي ٻين قومن جي تهذيب ۽ ٻوليءَ تان اُڌاري ورتل آهي، اها سوچ هاڻ پراڻي آهي؛ اهو نظريو هاڻ هڪ پراڻو نظريو آهي. ان سوچ ۽ نظرئي تي هاڻ نظر ثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ:

سنڌو- ماٿر جي تهذيب، ڏيهي يعني مقامي (Indigenous) تهذيب آهي؛ جنهن جون پاڙون، سنڌو- تهذيب ۾ ئي کُتل آهن، ۽ جيڪا سنڌو- ماٿر جي سرزمين مان ئي اُڀري، اُسري، وڌي، ويجهي آهي ۽ سنڌو- ماٿر ۾ ئي پروان چڙهي آهي."

انهيءَ سوچ ۽ نظرئي کي سامهون رکي سنڌو- ماٿر جي رهاڪن کي هتي جا اصلوڪا يعني مقامي رهاڪو، يعني 'سِنڌُوَ لوڪ' چئبو. جيڪي ڌار ڌار جاتين ۾ ورهايل هئا. هن واديءَ ۾، ماڻهن جي سماج ۾ رائج زبان کي هن ماٿر جي اصلوڪي ۽ مقامي 'سِنڌُئي زبان' چئبو. اها زبان ڌار ڌار لهجن ۽ جاتين جي محاورن ۾ ضرور ورهايل هوندي؛ ملڪ جي علائقن جي لحاظ کان اُن جا بہ ڌار ڌار لهجا هوندا، پر اُها سنڌو- تهذيب جي حوالي سان، هڪ ئي ٻولي يعني 'سِنڌُئي ٻولي' سڏبي هوندي.

## 7- ڇا سنڌي ٻوليءَ پنهنجي موجوده صورت، يارهين صدي عسويءَ ۾ ورتي هئي؟

(الف) (i) سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ هي نقطو بہ بحث طلب آهي تہ ڇا اهو صحيح آهي تہ سنڌي ٻوليءَ پنهنجي موجوده صورت، يارهين صدي عيسويءَ ڌاري ورتي هئي؟ هن ڏس ۾ ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو تہ:

"سنڌ ۾ جيڪا شؤرسيني پراڪرت جي نموني واري ٻولي چالو هئي، سا وڌيڪ بگڙيل هئي، تنهن ڪري اها 'وراچڊ اپڀرنش' يا وراچڊ اپڀرنش يا گهڻو بگڙيل پراڪرت سڏجڻ ۾ آئي، ۽ اها قري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي، جا اٽڪل سن 1100ع کان وٺي ڌار ٻولي ٿي ڪم اچڻ لڳي".126

ڪاڪو ڀيرومل، ساڳئي ڪتاب جي صفحي 72 تي لکي ٿو تہ:

"سنڌي، هندي ۽ ٻيون ڏيهي ٻوليون سنہ 1100ع ڌاري سومرن جي صاحبيءَ ۾، پراڪرت مان ڦٽي ڌار ٿيون هونديون."127

هن نڪتي تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ رايو ڏيندي لکي ٿو تہ:

126- ڀيرومل اڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص ص 69 ۽80

127- ايضاً، ص 72

"سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءَ وارو بنيادي دور راءِ گهراڻي، برهمڻ گهراڻي ۽ عربي حڪومت جي عرصي وارو دور آهي، جو ٿلهي ليکي عيسوي پنجين صديءَ کان وٺي، ٻارهين صديءَ جي آخر تائين سمجهڻ گهرجي. هن دور ۾ موجوده 'سنڌي ٻوليءَ' جي تشڪيل ٿي. انهيءَ عرصي کان اڳ واري دور کي اسان 'سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون' وارو دور چونداسون. ڇاڪاڻ ته اسان وٽ ڪوبه يقيني دليل موجود ناهي ته راءِ گهراڻي جي حڪومت کان اڳ، يعني پنجين صديءَ کان اڳ، موجوده سنڌي ٻوليءَ جو خاڪو موجود هو"128

ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ جي راءِ موجب، موجوده سنڌي ٻوليءَ جا اُهڃاڻ ۽ مثال 300 ق- م ڌاري ملن ٿا. هن جو دليل هي آهي ته، موجوده سنڌي ٻوليءَ جا اَڳاٽا اُهڃاڻ ۽ مثال ٻارهين صديءَ کان لڳ ڀڳ چوڏهن- پندرهن سؤ ورهيه اڳ ملن ٿا، ۽ سنڌي ٻولي، اُن زماني ۾ به موجوده صورت ۾ استعمال ٿيندي هئي. هو لکي ٿو ته:

"ايراني ٻوليءَ ۾ لکيل اَڳاٽن ۽ اوائلي احوال ۾، سنڌ جو ذڪر، مهاڀارت جي سورمن کان به اڳ ملي ٿو. شري جيرامداس دولترام، انهن ايراني تاريخن ۾ مجمل التاريخ توڙي ٻين تاريخن جي حوالي سان لکي ٿو ته: "سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل حوالا 300ق-م ڌاري ملن ٿا، جيڪي اُن زماني ۾ 'سپر' (Sapar) حاڪم جي درٻار جي هڪ وزير لکيا هئا.
اُن کان سواءِ ڏهين صدي عيسويءَ ۾ ڊاڪٽر سنتي ڪمار چٽرجيءَ، عربي ڪتابن جي حوالي سان، ڪن سنڌي نالن (اسم خاص) جي صوتياتي سٽاءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي."129

ڊاڪٽر خوبچنداڻي اڳتي لکي ٿو ته:

"موجوده وقت سنڌي ٻوليءَ جو پراڻي ۽ پراڻو رڪارڊ موجود ڪونهي، البت ڀَرَتسي جي ڪتاب 'ناٽيشاستر' جيڪو هن ٻين صديءَ عيسويءَ ۾ لکي هو، اُن ڪتاب ۾ 'سنڌو- سؤوير ديش' جي ماڻهن جي معاشري ۾ رائج ٻوليءَ جو هن ذڪر ڪيو آهي، ۽ اُن جا حوالا پڻ ڏنا اٿس. اهڙيءَ طرح 'اُدِيوتن' (Udhyotana)، 'سنڌو- سؤوير ديش' کي 'سئنڌوَس' (Saindhavas) ۽ 'سئنڌَوس'

128- نبي بخش خان بلوچ: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص 34.
129- Lachman Khubchandani, Dr., Op.Cit., P.529.

جي ماڻهن کي هن (اُدّيوتن)، پنهنجي ڪتاب، 'ڪُولَيَمالا' (Kuvalayamala)، جيڪو هن 779ع ۾ لکيو هو، تنهن ۾ 'ديش ڀاشائن' مان 'سنڌوَس' جي ڀاشا کي خاص اهميت ڏني آهي. اُن ٻوليءَ ۾ اوائلي .N.I.A جي لهجي جا نمونا موجود آهن. انهن نمونن ۾ 'سنڌوَس' جي رهاڪن جي ٻوليءَ جا نمونا ٻه ٽنا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ مصنف 'سنڌوَس' جي ماڻهن جي شاعريءَ کي نرملتا، ڪوملتا، رس، ڀاوَ ۽ مناس پريل ڄاڻايو آهي، ۽ سنڌن شاعريءَ کي حب الوطنيءَ لاءِ اُتساهه ڏياريندڙ جذبي ۽ خصوصيت سان ڀرپور بيان ڪيو آهي.[130]

(ب) (i) انهيءَ سلسلي ۾ وڌيڪ تحقيق دوران اهو معلوم ٿيو آهي ته ڏکڻ ۽ ڏکڻ- اوڀر سنڌ جا ڪڇ، گجرات ۽ راجستان جي اولهه وارين سرحدن سان سياسي، سماجي، وپاري، علمي ۽ ادبي لحاظ کان گهاٽا ناتا ۽ رشتا هئا. اهو ئي سبب آهي جو اُن وقت جا سگهڙ، سياڻا ۽ سالڪ، سنڌ جي سرحد پار ڪري، اوڀر وارن ملڪن ۾ بنا ڪنهن جهل پل جي پيا ايندا ويندا هئا.[131] پروفيسر جهمٽ مل ڀاونانيءَ جو هن سلسلي ۾ رايو آهي ته:

> "چارڻ، ڀٽ ۽ ڄاڄڪ وغيره، اپڀرنش جي زماني کان ٻوءِ ڳچ عرصي تائين سنڌ، مارواڙي، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ وغيره جا ساڳيائي هئا."[132]

پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناني اڳتي لکي ٿو ته:

> "اپڀرنش مان جدا جدا ديش ڀاشائون جهڙوڪ: سنڌي، گجراتي ۽ هندي وغيره ڇڇي ڌار ٿيون. اها ئي جدائي عيسوي ٻارهين صديءَ ۾ شروع ٿي، پر ٻوءِ ٻه گهٽ ۾ گهٽ ٻه صديون ٻوءِ سنڌ ۽ اولهه راجستان جي لوڪ وهنوار ڀاشا ۾ گهڻو ڦيرو ڪين آيو. حڪومتي ٻوليءَ ۾ برابر گهڻو ڦيرو آيو، پر انهيءَ جو لوڪ ڀاشا تي اثر خير ڪو ٿيو. ڪن سنڌي عالمن عربي ۽ فارسيءَ ۾ ادبي مهارت حاصل ڪئي، پر عام خلق جي ٻولي سنڌي ئي هلندي آئي، جا ان وقت جي اولهه راجستانيءَ کان گهٽي علحدي

130- Lachman Khubchandani, Dr., Op.Cit., P.529.

131- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڇاپو ٽيون، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1931ع.

132- جهمٽ مل ڀاوناني، پروفيسر: ڍولا مارو، بمبئي، هندستان ساهتيه مالا، 1956ع، ص 77.

ڪانه هئي"133

اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته، راءِ گهراڻي جي زماني ۾، ۽ پوءِ اڳتي هلي برهمڻ گهراڻي حڪومت واري زماني ۾، سنڌ جي قديم حڪومت جون سرحدون اوپر ۾ ڪنوج تائين هيون. انهيءَ لحاظ سان گجرات، ڪاٺياواڙ، ڪڇ، راجستان جون جيسلمير، بيڪانير، جوڌپور، جئپور واريون اڳوڻيون رياستون هڪ طرف سورت بندر تائين، ٻئي طرف اراولي ٽڪرين ۽ نرمدا نديءَ جي اوپر واريءَ حد تائين قديم سنڌ جي حڪومت جي سرحدن ۾ داخل هيون. انهيءَ پوري علائقي ۾ سنڌُو ٻوليءَ جو اُپرنديون لهجو، پنهنجين ڏار ڏار شاخن ذريعي ڳالهايو ويندو هو. اهو ئي سبب آهي جو پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ کي سنڌيءَ ۽ اولهه راجستانيءَ ۾ گهٽي علحدگي نظر ڪانه آئي.

قديم سنڌ جي سرحدن جي باري ۾ ڊاڪٽر مهر عبدالحق پنهنجي ڪتاب 'ملتاني زبان اور اس کا اردو سي تعلق' ۾ لکي ٿو ته:

"واضح هجي ته سنڌ جون سرحدون مختلف زمانن ۾ مختلف رهيون آهن، يعني سنڌ جي حاڪمن جو، جنهن هنڌ تائين قبضو هوندو هو، اُن ساري ملڪ کي سنڌ جي نالي سان سڏيندا هئا. عربن جي 712ع ۾ فتح وقت سنڌ ملڪ جون سرحدون هن طرح هيون:

(i) اُتر ۾ ڪشمير جا هيٺيان ضلعا شامل هئا ۽ ڪوهه ڪابل جي سلسلي تائين سنڌ جون سرحدون هيون:

(ii) اُتر– اولهه ۾ ايران ۽ سنڌ جي سرحد، ساحل جي سامهون- مڪران تائين.

(iii) ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ تائين.

(iv) ڏکڻ– اوپر ۾ ڪڇ جي نار تائين.

(v) اوپر ۾ اڳوڻي راجپوتانا ۽ جيسلمير رياست جو سرحدون سنڌ ملڪ ۾ شامل هونديون هيون.

مطلب ته ان زماني (712ع) ۾ اُتر ۽ مغرب طرف جا سڀ صوبا، پنجاب جو سڄو علائقو ۽ افغانسان جو اهو علائقو، جيڪو هلمند تائين شامل هو لهاذا سڄي بلوچستان، ڪڇ گجرات ۽ سميت موجوده سنڌ، جوڌپور جي سرحد تائين ملڪ جو نالو 'سنڌ' هوندو هو. انهيءَ علائقي جي لحاظ کان جيڪڏهن نقشو ٺاهيو وڃي ته سنڌ جو نقشو موجوده پاڪستان جي نقشي کان مختلف نه هوندو، پر ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جون ڪيترين ئي اڳوڻيون رياستون سنڌ جي حڪومت جي ماتحت هيون."134

---

133– جهمٽ مل ڀاوناڻي، پروفيسر: ڊولا مارو، بمبئي، هندستان ساهتيه مالا، 1956ع، ص 77.

134– مهر عبدالحق، ڊاڪٽر: ملتاني زبان اور اس کا اردو سي تعلق، حوالو ڏنل آهي، ص ص 79 ۽ 80.

ساڳيءَ طرح 'هندي ادب ڪي تاريخ' ڪتاب جي مصنف ڊاڪٽر محمد حسن جو هن سلسلي ۾ رايو آهي ته:

"اُن وقت جا شاعر ۽ سگهڙ، راجائن ۽ سردارن جا درٻاري هئا، تنهن ڪري ان وقت جي شاعريءَ ۾ 'رجز' ۽ 'ساراهه' يا 'واڪاڻ' جي جهلڪ وڌيڪ نظر اچي ٿي."[135]

پرم ابيچندانيءَ جو رايو آهي ته:

"هندي سينگار رس يا عشقي شاعريءَ جا عنوان ۽ ڪوتائون، سگهڙن دئاران پهتيون. سندرتا ۽ پريم جا اهي وشيه پهريائين راجستان جي سگهڙ ڀٽن ۽ چارڻن اتي جي راجائن، سردارن ۽ عوام جي وندر ورونهن لاءِ ياد ڪيا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي سرحدي ۽ پاڙيسري رياستن جهڙوڪ: بيڪانير، جوڌپور ۽ جيسلمير ۾ انهن جو چرچو پيدا ٿيو. ان ڪا پوءِ سينگار رس شاعريءَ جا اهي عنوان ۽ ڪوتائون، سنڌ جي سگهڙ ڀٽن ۽ چارڻن، منڇلن مڱڻهارن ۽ ٻين سجاڳ سگهڙن سنڌ ۾ رائج ڪيون." [136]

(iii) علم اللسان ۽ آثارقديمه جي ماهرن جي رپورٽن جي حوالي سان، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته سنڌو- ماٿر جي تهذيب جون سرحدون، اوڀر ۽ ڏکڻ- اوڀر ۾، ڀارت جي گجرات (اڳوڻي سؤراشٽر سميت) رياست جي اُڀرندين چيڙي ۾ 'لوٿل' واري خطي بلڪ نرمدا نديءَ جي اُڀرنديئين ڪناري تائين ۽ ٻئي طرف موجوده سنڌ جي اُتر- اوڀر طرف واري چيڙي ۽ ڀارت جي اُتر- اولهه واريءَ سرحد ۾، موجوده هرياڻا پرديش جي حدن تائين پکڙيل هيون. قديم زماني ۾، سنڌو- ماٿر ۾ رائج قديم 'سنڌُئي ٻوليءَ' جي اُڀرندين شاخ واريون ٻوليون هڪ طرف هيون، ته ٻئي طرف ڀارت جي اُتر- اولهه واري 'هرياڻا رياست' جي اوڀر واريءَ سرحد ۽ ان جي ڏکڻ ۽ ڏکڻ- اولهه طرف موجوده راجستان رياست جي اڳوڻين رياستن ۾ باگڙي، ڀيلي، ميواتي، برج ۽ مارواڙي نالن سان ٻوليون مشهور ٿيون.

ديوان پرم ابيچندائي اڳتي لکي ٿو ته:

"سنڌي ۽ سنڪسرت ساهت جي وچ ۾ وچين صدين کان اڳ ڪافي ڏي- وٺ ٿي هوندي ۽ سنسڪرت جو سنڌيءَ تي پرڀاءُ

135- محمد حسن، ڊاڪٽر: هندي اب ڪي تاريخ، عاليگڙهه، انجمن ترقيءِ اردو، 1955ع، ص 17.

136- پرم ابيچندائي: سنڌي سرنگار ساهت، مقالو: ست سار، ڀاڱو-2،

ڏيان رکندي ايترو چئي سگهبو تہ ٻنهي ساهتن جي وچ ۾ ڪو ڳنڍ ضرور هوندو. اسان جي اڳيان 'برهم گپت' جو مثال آهي. هو سنڌي هو ۽ سنڌ جي 'ڀلمل' ڳوٺ ۾ 598ع سن ۾ جائو هو. هن ودوان جا سنسڪرت ۾ لکيل ٻہ ڪتاب مشهور آهن. اُهي ڪتاب آهن:

(i) براهمسڦوٽ- سڌانت (astronomy)، جيڪو هن سن 628ع ۾ سنڌ ۾ چپ ونش جي راجا ويگهر مک جي سرپرستيءَ ۾ لکيو.

(ii) کنڊ- کاديڪ (ڳڻت درياتي)، جو هن اُجين ۾ سن 665ع ۾ لکيو."[137]

ڀلمال جو شهر، قديم سنڌ ۾ اوپر طرف، گجرات جي گاديءَ جو هنڌ هوندو هو. هي شهر هڪ طرف علم نجوم، علم هئيت ۽ ڇندوديا جي ودوانن جي ڪري مشهور هو، تہ ٻئي طرف سنڌ جي قديم شهرن جهڙوڪ: برهمڻاباد، ملتان، ديبل، اروڙ ۽ ڀلمال جي ودانن جا هڪ ٻئي سان پراڻا ۽ گهاٽا ناتا ۽ لاڳاپا هئا.[138]

لهاذا جوڌپور، جئپور، جيسلمير، بيڪانير، اُدئپور، هرياڻا ۽ ٻين اڳوڻين رياستن کان سواءِ سؤراشٽر، گجرات ۽ ڪڇ جي اڳوڻين رياستن ۾ سنڌو- تهذيب جي سئنڌُئي ٻوليءَ جي اُپرنديءَ شاخ (غالباً انهيءَ شاخ کي اپڀرنش جي نالي سان سڏيو ويندو هو)، واريون ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون. اُنهن مان هڪ جو نالو 'ناگر اپڀرنش' هو، جيڪا سرگريئرسن جي راءِ موجب قديم زماني ۾ گجرات، ڪاٺياواڙ، راجسٿان ۽ ان جي اولهہ واري خطي ۾ علم ادب جو ذريعو ۽ ادبي لحاظ کان اُها ٻولي (ناگر اپڀرنش)، هن پوري علائقي تي ڇانيل هئي.[139]

اهڙيءَ طرح سنڌ جي ڏٺ واري علائقي، ڀارت جي موجوده راجسٿان واري علائقي ۾ جوڌپور، جيلسمير ۽ جئپور ۾ 'ڀُنگل ۽ ڊنگل' نالي ٻہ ٻوليون علم ادب واري کيتر ۾ مشهور هيون.[140]

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

"ڪڇ جو ملڪ اول اول محمد بن قاسم مطيع ڪيو، ۽ ان بعد سنڌ جي عربي حڪومت جي اثر ۽ رسوخ هيٺ رهيو. اُن کان پوءِ

137- پرم ابيچنداڻي: سنڌي سرنگار ساهت، مقالو: ست سار، ڀاڱو-2، ص 56. 20-C سوريہ اپارٽمينٽس، سيڪٽر-13، روهڻي نئي دهلي، 1992ع، ص 50.

138- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: البيرونيءَ جي وقت ۾ سنڌ جي علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ لسانياتي سڃاڻپ، سنڌي ادب رسالو، جلد-12، نمبر-2، 1994ع، ص 8.

139- Grierson, G., Lingusitic Survey of India, Vol: I, Part.I, 1927, P.124.

140- محمد حسن، ڊاڪٽر: هندي ادب ڪي تاريخ، 1955ع، ص ص 17 ۽ 43.

سنڌي نسل وارين ذاتين جو دائمي وطن ٿي رهيو، ۽ اهي ذاتيون اڄ تائين ڪڇ ۾ آباد آهن. موجوده سنڌ ۽ ڪڇ جي قديم لاڳاپي ۽ انهن ملڪن جي ذاتين ۽ نسلن وغيره اڄ به ڪڇ جي پٽن کي پوري ۽ پيرائتي خبر آهي: پڇ پور، ناندرو ۽ سانڙرو انهن ٻنائتن پٽن جا قديم ماڳ ۽ مڪان آهن". 141

جڏهن سنڌ جي لاڙ واري حصي تي سومرن جو راڄ (1010ع کان 1351ع) هو. اُن زماني ۾ ڪڇ وارو حصو پڻ سومرن جي حڪومت جي سرحدن ۾ اچي ٿي ويو. ڪڇ کان وٺي هالاڪنڊيءَ تائين سڄو ملڪ سومرن جي تابع هوندو هو". 142

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

"ڏکڻ- اوير سنڌ ۾، سنڌ- ڪڇ جي سرحد، سومرن جي حڪومت جو خاص مرڪز بڻي، ۽ انهيءَ مرڪزي ايراضيءَ ۾، سنڌي ٻولي پکڙي. سومرن جي اوائلي دور ۾، سومرن جي طاقت جو رخ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات وارين سرحدن طرف رهيو، ۽ انهيءَ ڪري، ڪڇ طرف سومرن، سمن ۽ ٻين سنڌي قومن جون بستيون قائم ٿيون ۽ ڪڇ ۾ سنڌي ٻولي پکڙي." 143

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڃا به اڳتي لکي ٿو ته:

"مقامي حڪمرانن (سومرن) جي مضبوط مرڪز سبب مقامي ماڻهن جو ڌيان، ٻين ڳالهين طرف وڌيو. امن و امان ۽ سک سلامتيءَ جي ڪري، راڳ جي محفلن، معرڪن ۽ لوڪ ادب جي ڪچهرين جو سلسلو جاري رهيو. لوڪ ادب جي اهڙين ڪچهرين جا سرواڻ، سالڪ، ذاتين جا سردار، راجائون ۽ رجواڙا، سالڪ ۽ سگهڙ هئا." 144

(ٿ) محققن جو اهو به رايو آهي ته، راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي دور ۾ سنڌ ۾ 'ويرگاٿائون' ضرور جوڙيون ويئون هونديون. پر انهن جو ڪو مثال اسان

141- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ اُن جو ڪڇي محاورو، مهراڻ جون موجون، 1956ع، ص 228

142- علي شير قانع: تحفه الڪرام، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص 88.

143- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص 54.

144- ايضاً

کي هٿ اچي نہ سگھيو آهي، البت ڊاڪٽر محمد حسن صاحب ۽ پروفيسر سنتي ڪمار چٽرجيءَ، هيمچندر جي مشهور تصنيف، ’سڌ هيمچندر‘ مان، شاعريءَ جا ڪي نمونا هٿ ڪري، پنهنجن ڪتابن ۾ ڏنا آهن، جن کي گاٿائون سڏيو ويو آهي[145] هيمچندر جي حوالي سان ڏنل گاٿائن مان هڪ گاٿا اهڙي آهي، جنهن جي ٻوليءَ جي ڳھاڙيتي جو جڏهن تجزيو ڪجي ٿو تڏهن اهو پليءَ پٽ معلوم ٿئي ٿو تہ ان گاٿا يعني ڳاهہ جو ڳھاڙيتو بلڪل سنڌي دوهي وارو آهي، ۽ اُن ۾ ڪم آندل ٻولي، سنڌ جي اوير ۽ ڏکڻ- اوير واري لهجي جهڙي آهي، جنهن تي گجرات ۽ راجسٿان جي ’ناگر‘ ۽ پُنگل لهجن جو اثر نمايان آهي.[146]

مٿي بيان ڪيل گاٿا (ڳاهہ) ۾ ڪم آندل لفظن ۾ معمولي صوتي تبديلين کان سواءِ، اڄ بہ ڏکڻ، ڏکڻ- اوير ۽ اُيرندي طرف وارن سنڌي علائقن (ٿر ۽ پارڪر) ۾، اُهي لفظ ساڳيءَ طرح سان اُچاريا ويندا آهن. اُن گاٿا (ڳاهہ) جي ڳھاڙيتي ۽ شاعريءَ جو مضمون بلڪل اُهو ئي آهي، جيڪو اُن ڳاهہ کان صديون پوءِ ۽ اڄ کان اڍائي سؤ سال اڳ، سنڌ جي سداحيات شاعر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (1690ع–1752ع) پنهنجي رسالي جي سُر ڪيڏاري ۾، هن بيت ۾ بيان ڪيو آهي. لطيف فرمايو آهي:

ڀڳو آءٌ نہ ڄڻان، ماريو تہ وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، آءٌ سيڪيندي سونهان،
تہ پڻ لڄ مران، جي هونس پُٺ ۾.

هاڻ جنهن گاٿا (ڳاهہ) جو حوالو ڊاڪٽر محمد حسن ڏنو آهي، اُها گاٿا (ڳاهہ) هيءَ آهي:

ڀلا هئا جو ماريا ڀيڻ، مهارو ڪنت،
لجينج تو ويڻ سين، جو ڀڳا گھر آنت.

هن ڳاٿا (ڳاهہ) جي پهرينءَ مصرع ۾ ’مهارو‘ ۽ ’ڪنت‘ لفظن کان سواءِ باقي سڀ لفظ اُهي آهن، جيڪي اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج آهن: پر اهو تہ هر سنڌي ڳالهائيندڙ مڃيندو تہ سنڌي ٻوليءَ جي ’ڍاٽڪي‘ ۽ ’پارڪري‘ لهجن ۾ ’مهارو‘ ۽ ’ڪنت‘ يعني ’ڪانڌ‘ لفظ استعمال ٿيندا آهن، بلڪ ائين بہ چئي سگھجي ٿو تہ، شاهہ صاحب جي ٻوليءَ، بيت ۾ ڪم آندل لفظن، فقرن ۽ سندس تخيل بلڪل ائين ئي آهي، جيئن ’هيمچندر‘ جي ڪتاب ۾ ڏنل گاٿا ۾ آهي. اهڙيءَ طرح هن گاٿا جي ٻيءَ مصرع ۾ ’لجينج‘ لفظ ۾ ’ڄ‘ صورت جو استعمال، ’ٽي‘ صورت

145- محمد حسن، ڊاڪٽر: هندي ادب ڪي تاريخ، 1955ع، ص 17.
146- الانا، غلام علي ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جا لهجا ۽ اُنهن جو اڀياس، مقالو ادبي اوسر، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1964ع، ص ص 134 ۽ 166.

(يعني Article) وارو ساڳيو آهي. 'ج' صورت جو اهڙو استعمال، گجراتي توڙي ڪڇي ٻوليءَ ۾ عام آهي. 'ج' جو اهڙو استعمال، گجراتي يا ڪڇي ٻوليءَ جو اثر ڏيکاري ٿو. ٻين لفظن ۾ هينئن چئبو تہ مذڪوره گاٿا (ڳاهہ)، اُن زماني جي سنڌي ٻوليءَ جي، اُڀرندڙ لهجي جو هڪ اهم مثال آهي، جيڪا صديون اڳ، سنڌ جي اوڀر ۽ ڏکڻ- اوڀر واري علائقي ۾ رائج لهجي جي شاهدي ڏئي ٿي.

ماهرن جي راءِ موجب هيءَ گاٿا، ٻيءَ صديءَ عيسويءَ واري زماني جي چئي سگهجي ٿي،[147] جنهن زماني ۾ سنڌ ۾ ڪشان گهراڻي جي حڪومت هئي پر ڊاڪٽر چٽرجيءَ جي راءِ ۾ اها گاٿا ستين صديءَ عيسويءَ جي آهي. هن دليل مان هي ٿو ثابت ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب، شعر و شاعريءَ جو استعمال، محفلن ۽ معرڪن ۾، عيسوي سن جي شروع ٿيڻ کان بہ گهڻو اڳ رائج هو.

ڊاڪٽر عزيز انصاري پنهنجي Ph.D واري مقالي، بعنوان "اردو اور راجستاني بوليان" ۾ لکي ٿو تہ:

> "راجستانيءَ ٻوليءَ کي، 'هندوستاني لسانيات جو جائزو' ڪتاب ۾ سرگريئرسن، وسطي گروهہ جي زبانن ۾ شامل ڪيو آهي، جڏهن تہ سنڌيءَ کي 'شمال- مغربي گروهہ' جي زبان سڏيو اٿس، ۽ اُن جو تعلق لهندا ٻوليءَ سان بيان ڪيو اٿس، پر انهيءَ جي باوجود ڏٺو ويو آهي تہ، راجستاني ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مزاج، هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو آهي، ۽ سنڌيءَ ۽ راجستانيءَ ۾ تمام گهڻي صوتي، صرفي ۽ نحوي هڪ جهڙائي آهي، اها ڪا حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ ڪانهي. سنڌ ۽ راجستان جو سماجي ۽ سياسي ميل جهول رهيو آهي"[148]

(ج) (i) عرب سياحن جي سفرنامن ۽ تاريخي ڪوجنائن مان ثابت ٿيو آهي تہ سنڌ ۾ عرب حڪومت جي شروع واري زماني (712ع) ۾، بلڪ اُن کان بہ گهڻو اڳ، سنڌي زبان عام ماڻهن جي روزمره جي وهنوار واري ۽ تجارت توڙي واپار جي استعمال ۽ دوا درمل، سُٽين ڦڪين، وکرن وڙن لاءِ عام طور ڪم ايندڙ ٻولي هئي. اسلامي حڪومت جي ابتدائي دور ۾ عربي ٻوليءَ سرڪاري ۽ دفتري زبان جي حيثيت ورتي، پر تنهن هوندي بہ سنڌي ٻولي، سنڌ جي عام ماڻهن، واپارين ۽ سگهڙن توڙي سياڻن وٽ مقبول هئي. هن دعوا جا دليل، اوائلي عرب سياحن

---

147- محمد حسن ڊاڪٽر: هندي ادب ڪي تاريخ، ص 36.

148- عزيز انصاري، ڊاڪٽر: 'اردو اور راجستهاني بوليان'، پي ايچ ڊيءَ لاءِ مقالو، شعبہ اردو، سنڌ يونيورسٽي، ص 103.

جهڙوڪ: جاحظ[149] (864ع/ 250ھ)، يعقوبي[150] (900ع/ 288ھ)، مسعودي[151] (957ع/ 346ھ)، اصطخري[152] ۽ بشاري المقدسيءَ[153] (958ع/ 347ھ) جي ڪتابن ۾ موجود آهي. انهن سياحن جي بيان موجب سنڌي زبان سڄيءَ سنڌ ۾ (ملتان تائين) روزمره واري ۽ وڻج واپار واري زبان هئي. انهن بيانن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان عربي دور جي شروعات واري زماني ۾ بہ معياري ۽ روزمره جي وهنوار ۾ ڪم ايندي هئي، جا عرب واپارين کي سکڻي پوندي هئي.[154]

(ii) آثار قديمہ جي کوٽائن مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ سنڌي ٻولي، سنڌ ۾، اسلامي حڪومت جي شروع ٿيڻ کان اڳ ئي روزمره جي وهنوار، وڻج واپار ۽ درس و تدريس واري ٻولي هئي. هن ڏس ۾ ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان مليل ثابتين، عرب سياحن جي راءِ کي سچو ثابت ڪيو آهي. ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان جيڪي ٺڪريون هٿ آيون هيون، انهن تي لکيل اکرن جي باري ۾، آثارقديمہ جي ڏهوڪي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر ايف- اي خان رايو ڏيندي لکيو هو تہ:

> ”اهي اکر جيڪي رواجي ڪاريءَ مس سان لکيل آهن، سي ثابت ٿا ڪن تہ، مٽيءَ جي برتن جا اهي ٺڪر، ڪٿان ٻاهران هرگز گهرايا نہ ويا هوندا، يعني تہ اُهي ديسي ئي هوندا.“[155]

انهن ٺڪرين تي لکيل اکرن جي پڙهڻي، 'لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ' (ص 150 ۽ 151) ۽ 'سنڌي صورتخطي' (ڇاپو ڇوٿون ص ص32 ۽ 33) ڪتابن ۾ ڏنل آهي. انهن ٺڪرين جي پڙهڻ کان پوءِ جيڪي نتيجا ڪڍيا ويا هئا، تن جو تفصيل، هڪ دفعو وري، هيٺ دُهرائجي ٿو:[156]

(I) اسلام جي سنڌ ۾ آمد کان گهڻو اڳ، سنڌي ٻولي نہ فقط روزانہ وهنوار ۾ ڳالهائي ويندي هئي، پر لکي پڻ ويندي هئي ۽ اُن جي لکت جا ڏار ڏار نمونا (لپيون) هوندا هئا.

---

149- جاحظ: رساله فخرالسودان علي البيضان، اردو ترجمو، هندوستان عربون کي نظر ۾، جلد اول، دارالمصنفين، اعظم گڙهہ، 1960ع، ص ص 4 ۽ 5.

150- يعقوبي: ايضاً، ص 145

151- ابوالحسن مسعودي: مروج الذهب و معادن الجوهر، ايضاً، ص 288 ۽ 289.

152- اصطخري: المسالڪ والممالڪ، ايضاً، ص 375.

153- بشاري المقدسي: احسن التقاسيم في معرفه، ايضاً، ص ص 385 ۽ 386.

154- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، 1977ع، ص 146.

155- Khan, F.A., Dr., Bhambore Excavations, Karachi, Department of Archaeology, Govt: of Pakistan, 1963, PP. 28&29.

156- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: لاڙ جي ادبي ثقافتي تاريخ، 1977ع، ص 151.
۽ پڻ ڏسو: سنڌي صورتخطي، ڇاپو ڇوٿون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1993ع، ص ص 32 ۽ 33

(II) سنڌي ٻولي واپاري ڏي- وٺ ۽ عام استعمال واري ٻولي هئي، جا ان وقت ۾ شاهوڪار، معياري ۽ وسيع ٻولي هوندي هئي. هن ٻوليءَ ۾ علم نجوم، علم هئيت، علم طب ۽ ٻين علمن توڙي واپار، تجارت، روزانه استعمال جي شين، مختلف قسمن جي ڪپڙن ۽ دوائن وغيره جا هزارن جي تعداد ۾ لفظ ۽ نالا ڪم ايندا هئا.

(III) اُن زماني ۾ بہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي بناوت جي ساخت ۽ سٽاءَ اُهائي هئي، جيڪا اڄڪلھ جي ٻوليءَ جي آهي. قاضي صاعد اندلسي (1070ع/ 462هہ)، محقق البيرونيءَ کان چاليھ سال پوءِ پنهنجو رايو لکيو هو، تنهن جو بيان آهي تہ:

"علم هندسہ ۽ حساب غيار (1 کان 9 تائين انگن ڳڻڻ جو رواج)، جنهن کي ابو جعفر محمد بن موسيٰ خوارزميءَ شرح ۽ بسط سان بيان ڪيو آهي، سنڌين کان ئي اسان تائين پهتو آهي. حسابن جو هي بلڪل مختصر ۽ آسان طريقو آهي. هن جي ترڪيب تمام عجيب آهي. هن مان سنڌ وارن جي ذهين طبع، حسنِ ايجاد ۽ قوت اختراع جو ثبوت ملي ٿو."[157]

سنڌ جي ماڻهن جي ذهانت ۽ علميت جي ايتري قدر تہ ڌاڪ هئي جو اَلرا ۽ ڪشمير جي راجا مهروڪ، 883ع/ 270هہ ۾، منصوره جي امير عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز هباريءَ (883ع کان 892ع) کي لکي موڪليو تہ، سنڌي زبان ۾ هن کي اسلامي حڪمن ۽ قانونن جو تفسير ۽ تشريح لکائي موڪلي. عبدالله، منصوره جي هڪ عراقي عالم، جو هڪ ذهين، هوشيار شخص ۽ سٺو شاعر هو، جو سنڌ ۾ نپنو ۽ وڏو ٿيو هو ۽ مختلف زبانون چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو، تنهن کي راجا وٽ موڪليو. هن هڪ قصيدو ٺاهيو، جنهن ۾ اهي سڀ ڳالهيون بيان ڪيائين، جن لاءِ راجا گذارش ڪئي هئي. هن عالم راجا وٽ ٽي سال رهي، سنڌي زبان ۾ قرآن شريف جو ترجمو ڪيو.[158]

(ح) بهرحال سنڌي زبان، سنڌ ۾ عربي دور ۾ علم ادب وارو درجو حاصل ڪري چڪي هئي، ۽ سنڌ ۾ علم ادب جو چرچو عام هو. بزرگ بن شهريار جي هن بيان مان اهو پڻ ثابت ٿو ٿئي تہ، سنڌي زبان، نائين صدي عيسويءَ ۾ بہ هر لحاظ کان ترقي يافتہ زبان هئي.

هن ڏس ۾ چچنامي، عرب سياحن جي سفرنامن ۽ البيرونيءَ جي تحقيقي مواد ۾، سنڌي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جي تعليم، پاٺشالائن، هند جي قانون، شعر و شاعري،

---

157- قاضي صاعد اندلسي: طبقات الامم، ترجمو، هندوستان عربون کي نظر ۾، جلد دوم، 1962ع، ص 44.

158- بزرگ بن شهريار: عجائب الهند، اردو ترجمو 1960ع، ص193

دوائن، واپاري وکرن، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي اصولن ۽ قانونن توڙي سنڌي ٻوليءَ لاءِ لکت جي نمونن جي باري ۾ مليل مواد جي آڌار تي اها دعوا ڪري سگهجي ٿي ته سومرن جي حڪومت جي شروع ٿيڻ واري زماني (1010ع) تائين پهچندي، سنڌي ٻولي هڪ وڏي معيار واري ۽ عام استعمال واري ٻوليءَ جي حيثيت حاصل ڪري چڪي هئي.

هن دليل کان پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جو وجود يارهين صديءَ عيسويءَ کان نه، پر اُن (سنڌي ٻولي) جو وجود ته ايامن کان وٺي قائم ۽ دائم رهندو آيو آهي ۽ هر دور ۾ قائم ۽ دائم رهندو اچي. البت ان جي علمي ادبي، لغوي ۽ لسانياتي تشڪيل ۾ هر دور ۾ تبدلي ايندي رهي آهي. هر دور ۾ ان جي لغات ۾ اضافو ٿيندو رهيو آهي.

رگ ويد، مهاڀارت، رامائڻ، ايراني، يوناني، چيني ۽ عرب سياحن توڙي مؤرخن طرفان ڏنل مواد مان ايتري ئي ته معلومات ملي ٿي جو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي، مختلف علمن جهڙوڪ: علم رياضي، علم طب، علم نجوم، علم جوتش، علم دواسازي، جانورن جي بيمارين جي علم، ڪاري علم، عمارت سازيءَ جي فن، بحري جي ڄاڻ، جاگرافيءَ جي علم، علم ڪيميا، علم طبعي، علم التاريخ، سُٽين ڦڪين جي علم، ڄاڙن ڦوڪن جي ڄاڻ، ٽوڻن ڦيڻن جي علم، پسارڪي وکرن جي ڄاڻ، وڻج واپار، جهازسازيءَ، وياڪرڻ جي علم، شعر و شاعريءَ ۽ ڇندوديا وغيره جي لغوي خزاني کان ته تمام مائيدار ۽ مالدار هئي.

سنڌي ٻولي، اُن زماني ۾، نه فقط ڳالهائي ويندي هئي پر مختلف رسم الخطن ۾ لکي پڻ ويندي هئي. هن سلسلي ۾ عرب سياحن گهڻو ۽ تفصيلي مواد ڇڏيو آهي. جاحظ (864ع) کان وٺي البيرونيءَ (1017ع–1031ع) تائين، هر سياح، هر ماهر ۽ محقق ۽ مؤرخ، سنڌي زبان جي حيثيت، ماهيت ۽ لغوي خزاني جي باري ۾ گهڻوئي ڪجهه لکيو آهي. هنن بيانن مان ظاهر آهي ته ديبل، منصوره ۽ ملتان جا ماڻهو عربي ۽ سنڌي ڳالهائيندا هئا. محقق البرونيءَ ته گهڻي تفصيل سان، سنڌي ٻوليءَ جي لغوي خزاني کي لکيل صورت ۾ ڇڏيو آهي. البيروني لکي ٿو ته:

> "سنڌي ٻولي نه فقط روزمره جي استعمال جو ذريعو آهي، پر اها زبان باقاعدي لکي به ويندي آهي. سنڌ ۾ هڏين تي لکڻ جو رواج ڪونهي، البت هت وڻن جي پنن ۽ چوڏن تي لکڻ جو رواج گهڻو آهي."[159]

هي ماهر (البيروني) اڳتي لکت جي فن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> "ڳالهائڻ واري ٻولي، ڳالهائيندڙن جي خيالن ٻڌندڙن تائين

159- Sachau, C., Dr., Alberuni's India, Op.Cit., P:229.

پهچائڻ جو هڪ وسيلو آهي. انهيءَ عمل (ڳالهائڻ) کي ٿوري عرصي لاءِ جٽاءُ رهندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو صدري علم، سيني ٻسيني ياد ڪرڻ وارو طريقو ۽ تاريخي واقعا، وقت گذرڻ سان گڏ پنهنجي اصلي اهمت وڃائي ٿا ويهن ان ڪري انسان ذات اهم واقعن ۽ علمي ڳالهين کي محفوظ رکڻ لاءِ لکڻ جو فن ايجاد ڪيو."160

اهڙيءَ طرح عربن جي سنڌ تي فتح وقت (712ع)، ديبل، منصوره ۽ ملتان ۾ هنن سنڌي زبان کي هر عمل ۾ رائج ڏٺو.

(خ) هيءَ حقيقت به توجه طلب آهي ته عربن جي سنڌ تي فتح (712ع) کان لڳ ڀڳ ستر (70) سال اڳ، راءِ گهراڻي جي آخري زماني ۾، چيني سياح هيون شئنگ به، پنهنجيءَ رپورٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لکت واري حيثيت ۾ هجڻ جي باري ۾ ذڪر ڪيو آهي. ڪاڪوپيرو مل لکي ٿو ته:

"هوان- شيانگ نالي هڪ چيني مسافر، عيسوي ستينءَ صديءَ ۾ هندستان ۾ سير ڪرڻ آيو هو، ۽ سنڌ به گهي ويو هو. هن صاحب پنهنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي ته، هندوستان ۾ ڪيترن ئي هنڌ مون، ماڻهن کي وڻن جي پنن تي لکندو ڏٺو."161

ڪاڪو پيرومل اڳتي لکي ٿو ته:

"عام رواج هيءُ هو ته ڪيترن ئي ملڪن ۾ ماڻهو وڻن جي پنن تي لکندا هئا ۽ اها ساک ڪي لفظ به پرين ٿا، مثلاً: سنڌي پن (leaf) ۽ پنو (ڪاغذ) ساڳئي لفظ 'پرڻ' مان نڪتا آهن"162

لهاذا اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته مٿي بيان ڪيل علمن جي سکيا جو، سنڌو- ماٿر جي وڏن وڏن شهرن ۽ ٻستين ۾، بندوبست هوندو هو. انهن علمن جي سکيا لاءِ پاٺشالائون ۽ وديالي به هوندا هئا، جتي شاگردن کي اهي علم پڙهايا ويندا هئا. محقق البيروني لکي ٿو ته:

"ان وقت پاٺشالائون به هونديون هيون. پاٺشالائن ۾ ٻارن لاءِ ڪاريون تختيون ڪم آڻيندا هئا، ۽ انهن (ڪارين تختين) تي لکڻ لاءِ، تختين جي ڊيگهه تي لکندا هئا."163

---

160- Sachau, C., Dr., Alberuni's India, Op.Cit., P.229.

161- پيرو مل آڏواڻي: قديم سنڌ، ص 404.

162- ايضاً

163- Sachau, C., Dr., Alberuni's India, Op.Cit., P.232.

البيروني لکي ٿو ته، اُن زماني ۾ ٻه هن خطي ۾ ڪتاب لکيا ويندا هئا. هو لکي ٿو ته:

"سنڌ جا ماڻهو ڪتاب کي 'پوٿي' (pothi) ۽ 'پُستڪ' چوندا هئا"[164]

البيروني اُن دور جي عالمن لاءِ لکي ٿو ته:

"ان زماني ۾ عالمن جي عزت هوندي هئي، حڪمرانن وٽ عالمن ۽ ودوانن لاءِ قدر ۽ مانُ هوندو هو. علم نجوم، علم طب، علم طبابت ۽ علم رياضيءَ جي ودوانن جي گھڻي شهرت هوندي هئي، جو ته هر قدم کڻڻ وقت نجومين سان صلاح مشورو ڪيو ويندو هو."[165]

تحقيق مان اهو پڻ معلوم ٿو ٿئي ته محقق البيرونيءَ کان ٻه لڳ ڀڳ ٻه سؤ سال اڳ پسارڪي وکرن، دوائن ۽ جڙين ٻوٽين جي نالن کي، عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ شروع ڪيو ويو هو، ۽ نج سنڌي آوازن لاءِ، عربي حروفن ۾ تبديلي آڻي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ موزون حروف ٺاهيا ويا هئا. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

"ٻين ٽين صدي هجريءَ کان وٺي عرب عالمن 'علم طب' تي تحقيق شروع ڪئي ۽ دوائن ۾ استعمال ٿيندڙ معدنيات، جڙين ٻوٽين ۽ پسارڪي وکر باب ڪتاب لکجڻ لڳا، ۽ غالباً اهو سلسلو ٻي صديءَ هجريءَ ۾، سنڌ ۾، منصوره جي عالمن کان شرع ٿيو ۽ پوءِ بغداد تائين پهتو"[166]

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهو پڻ تسليم ڪيو آهي ته سنڌي ٻولي ٻارهين صدي عيسويءَ کان گھڻو اڳ، روزمره جي زبان طور ڪم ايندي هئي. هو لکي ٿو ته:

"ڏهين صدي عيسوي/ چوٿين صدي هجريءَ ۾ سنڌي زبان، اُن وقت جي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ نه فقط ڄاتل سڃاتل هئي پر عالمن، اديبن ۽ سياڻن وٽ پنهنجو مقام ۽ معيار حاصل ڪري چڪي هئي"[167]

---

164- Sachau, C., Dr., Alberuni's India, Op.Cit., P.229.

165- Ibid., P. 46.

166- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص 115.

167- ايضاً، ص 115.

انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب، پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي ٽئين ڇاپي جي 85 ۽ 115 صفحن تي، البيروني ۽ ٻين محققن طرفان، اٺين صديءَ عيسويءَ جي اوائلي زماني ۾، سنڌ ۾ ڪم ايندڙ جڙين ٻوٽين جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”بيروني پنهنجي ڪتاب ’الصيدنہ‘ ۾ مُني سؤ کن جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا ’سنڌيءَ‘ ۾ ڏنا آهن. جن مان اڌ کان وڌيڪ ’بشر‘ جي ڪتاب، ’ڪتاب تفاسيرالادويہ‘ جي حوالي سان ڏنا اٿس ۽ باقي پنهنجي طرفان تحقيقي ڪري لکيا اٿس. جيئن ته اهي نالا سنڌي ٻوليءَ جي انفرادي اهميت ۽ بين الاقوامي علمي حيثيت بابت هڪ تاريخي دستاويزي حيثيت رکن ٿا.“[168]

جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جي فهرست ڏيڻ کان پوءِ (ص ص 86 کان 114 تائين) ڊاڪٽر صاحب، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ارتقا بابت پنهنجي راءِ هنن لفظن ۾ ڏني آهي:

”جڙين ٻوٽين ۽ وکرن جا مٿيان سنڌي نالا ڪم از ڪم چوٿين صدي هجري/ ڏهين صدي عيسويءَ جي آخر ۾ اُن وقت واري سڄي علمي دنيا ۾ رائج هئا. اهي سڀ پسارڪا وکر سنڌ ۾ پڻ استعمال ٿيندا هئا، جنهن مان ان وقت هتي جي طبي ڄاڻ ۽ عملي علاج جو اندازو ٿي سگهي ٿو. انهن مان ڪي وکر اڄ تائين سنڌ جي پسارين وٽ انهن ساڳين نالن سان موجود آهن، ۽ ٻيا ڪي وکر پڻ هن وقت جي پسارڪن نالن سان معلوم ۽ موجود آهن. اهي نالا ۽ الفاظ اُن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پيشوراڻي طبي ۽ پسارڪي لغات جي مخصوص ذخيري تي شاهد آهن. انهن لفظن جي مطالعي مان اڄ کان هڪ هزار سال اڳ جي سنڌي لغات توڙي ٻوليءَ بابت چڱا اُهڃاڻ ڏين ٿا.“[169]

(د) حاصل مطلب ته ايتري اعليٰ معيار تي پهچڻ لاءِ ڪنهن به ٻوليءَ کي ٿي يار چار صديون نه، بلڪ هزارين سال لڳڻ گهرجن. جيئن ڊاڪٽر ’پرپولا‘ ۽ ’ڊاڪٽر فيئرسروس‘ جي طرفان، سنڌو- لکت جي ڪن نشانين لاءِ مقرر ڪيل مُلهن (values) ۽ اُنهن جي سنڌيءَ زبان جي نعم البدل جي تقابلي مطالعي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته آرين جي اچڻ کان گهڻو اڳ، سنڌو- ماٿر ۾ ’سنڌُئي زبان‘

168- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص 85.
169- ايضاً ص 115

رائج هئي، جيڪا ان وقت بہ هڪ معياري زبان هئي، جنهن ۾ بي انداز ۽ لغوي خزانو موجود هو، جيڪو سنڌو- ماٿر ۾ آباد قومون، جاتيون ۽ قبيلا، پنهنجي پنهنجي روزانہ ماحول ۽ سماجي وهنوار ۾ ڀيا ڪم آڻيندا هئا.

(i) لهاذا اهڙن پڪن ۽ پختن دليلن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ، سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورت، يارهين صدي عيسويءَ کان تمام گهڻو اڳ، بلڪ ايامن کان وٺي، گجرات صوبي جي 'ڀلمال' شهر کان بہ اوپر طرف 'نرمدا نديءَ' تائين سڄيءَ سنڌو- ماٿر ۾، عيسوي سن جي شروع ٿيڻ کان ڪافي زمانو اڳ، وڏي معيار ۽ مقدار سان قائم هئي، ڇاڪاڻ تہ البيروني تہ سنڌو- ماٿر ۾ يارهين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي (1017ع/ 408ھ کان 1031ع/ ...ھ تائين) رهيو هو. هن ان وقت جي سنڌي عالمن کي مٿي بيان ڪيل علمن ۾ گهڻو ماهر ڏٺو. هن (البيروني) جي اچڻ واري زماني ۾، سنڌ ۾ علم ادب ۽ شعر و شاعريءَ جو سرگرميون تيز هيون. ڪيترائي بنيادي ڪتاب ۽ انهن جا عربي زبان ۾ ترجما موجود هئا. هن بيان مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ ڏهين صدي عيسويءَ کان بہ گهڻو اڳ، سنڌي زبان ڏار ڏار علمن ۾ اوج تي پهچي چڪي هئي.

(ii) ورهاڱي کان پوءِ ويتر، ڀنڀور ۽ منصوره (برهمڻ آباد) جي کنڊرن جي کوٽائي، سنڌي ٻوليءَ جي سماج ۾ وهنوار ۽ تاريخ واري باب جي مطالعي ۾ گهڻي مددگار ثابت ٿي آهي. هنن کوٽائين مان هٿ آيل مواد، خاص ڪري مٽيءَ جي برتنن جي ڀڳل ٺڪرين تي لکيل اکر ۽ لفظ، سنڌ ۾ اسلامي حڪومت جي شروع ٿيڻ (712ع) کان ڪئين صديون اڳ واري زماني (پنجين ۽ ڇهين صدي عيسويءَ) جي 'اڳاٽي- ناگري (Proto- Nagari) نموني جا آهن. هنن کوٽائين مان مليل ثابتين، هيمچندر طرفان ڏنل گاٿا (ڳاھ)، هيون- شئنگ ۽ عرب سياحن جي حق گوئيءَ جي ساک ڀري آهي. ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان جيڪي ٺڪريون هٿ آيون آهن، انهن تي لکيل اکرن جي باري ۾ آثارقديمہ جي تڏهوڪي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر ايف- اي خان جو رايو آهي تہ:

> "اهي اکر جيڪي رواجي ڪاري مس سان لکيل آهن، سي ثابت ٿا ڪن تہ، مٽيءَ جي برتنن جون اهي ٺڪريون، ٻاهران هرگز گهرايون نہ ويون هونديون، يعني تہ اهي ديسي ئي هونديون."170

مطلب تہ هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، سنڌي ٻولي، پنهنجي حيثيت، پنهنجو معيار ۽ مقام، نہ فقط برقرار رکندي آئي آهي، پر ان ۾ هر دور ۾ اضافو بہ ٿيندو رهيو آهي، البت 'سنڌوَ' (ملڪ) جون سياسي ۽ جاگرافيائي

170- Khan, F.A., Dr., Bhambhore Excavations, revised edition, Karachi, Department of Archaeology, Govt: of Pakistan, 1963, PP. 29&30.

سرحدون گھٽيون آهن.

(iii) انهيءَ بيان کان پوءِ وڏي وثوق سان اهو چئي سگھجي ٿو ته، اها سوچ بلڪل صحيح ڪانهي ته ڪو سنڌي ٻولي، ڀارهين صدي عيسويءَ ڌاري پنهنجي آريائي بنياد کان ڇڇي ڌار ٿي هئي ۽ موجوده شڪل ورتي هئائين، بلڪ هيون- شيئنگ، چچنامي، عرب سياحن ۽ البيرونيءَ جي ڇڏيل رڪارڊ ۾ موجود مواد جي آڌار تي اهو چئي سگھجي ٿو ته هيون- شيئنگ، چچنامي جي لکت، عرب سياحن ۽ البيرونيءَ جي آمد واري زماني ۾، سنڌ ملڪ ۾ علم رياضي، علم طب، دواسازيءَ جي علم کان سواءِ 'سرپ وديا' يعني 'نانگن بلائن جي علم،' 'زهر جي چاڻ يعني علم، 'نانگن تي منڊ پڙهڻ'، 'هر قسم جي جادوءَ ۽ ڪاري علم'، 'ٽوڻن ڦيٽڻ'، 'سڳن ڌاڳن'، 'منتر پڙهڻ'، 'ڦوڪون ۽ ڦيٽا وجهڻ جي علم، جانورن جي طبابت جي علم، مهاتما گوتم ٻڌ جي جيون سان واسطو رکندڙ ڪهاڻين، قصن ۽ آکاڻين، منطق، اخلاقيات، فلسفي، سياست، عسڪري يعني جنگ جي فن جي چاڻ تي به ڪتاب موجود هئا.

سنڌ ۾ علم رياضي ايتري قدر ته اعليٰ ۽ مـنزل تي پهتل هو جو سنڌ جي علم رياضيءَ کي عرب عالمن 'الحساب الهندي' (السنڌي)' سڏيو. سنڌي ٻولي ايتري قدر ته معياري هئي، ۽ سماج ۾ پنهنجو مقام رکندي هئي، جو اُن وقت جيڪي نالا عام هوندا هئا، اُهي ۽ اهڙا نالا اڄ به سنڌي سماج ۾ ماڻهن تي عام طور رکيا ويندا آهن. هن سلسلي ۾ جڏهن البيرونيءَ جي 'ڪتاب الهند' يا چچنامي جو مطالعو ڪجي ٿو تڏهن معلوم ٿو ٿئي ته، ماڻهن، ڳوٺن، مڪانن، دريائن ۽ ڪرن تورڙي شين جا نالا اُهي ۽ اهڙا ئي آهن، جهڙا اڄ به سنڌي سماج ۾ ملن ٿا: مثال طور:

ڪنگو: هڪ طبيب جو نالو.
ڌنو: هيءُ هڪ وڏو طبيب هو.
ڀلو: ڌني طبيب جو پٽ، هيءُ به هڪ وڏو حڪيم هو.
ڱُو: راجا سمباجيءَ جو وزير.
واٽُو: هيءُ هڪ وڏو عالم هو ۽ پيئڻ جي شين تي ڪتاب لکيو هئائين.
چندر: هيءُ هڪ وياڪرڻي ماهر هو. ۽ ٻڌمت جو پوڄاري هو.
سُگريو: علم نجوم جو ماهر هو.
پُنگل: چندوديا جو ماهر هو. شاعريءَ جي صنف سلوڪ جو باني هو.
رتن: هيءُ هڪ رياضيدان هو.
جوڌو: هيءُ هڪ طبيب هو.

اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪئين نالا ملن ٿا، جهڙوڪ: سَچُو ۽ سنجهر راءِ، اُن وقت حڪمرانن جو لقب هوندو هو.

انهن ۾ چچنامي ۾ ڏنل لفظن جهڙوڪ:[171] ڪاڪا راڄ، سونهن ديو، راءِ سيهرس، ساهسي راءِ، چچ پور، نيرون ڪوٽ، اگهم لوهاڻو، برهمناباد، نال ساڪره، چندر هالا ۽ ڍنڍ وڪربهار وغيره.

انهن لفظن جي وياڪرڻي ساخت (صرفي ساخت) جنهن جي جڏهن ڇنڊڇاڻ ڪجي ٿي تڏهن دعوا سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ پنهنجي صرفي ۽ نحوي ساخت ڪي قديم زماني کان وٺي قائم رکيو آهي.

هن ڏس ۾ سڀ کان اول ڀنيور جي کنڊرن مان حاصل ٿيل ٺڪرين تي لکيل لفظن جي وياڪرڻي ساخت توجه طلب آهي، جنهن جو تفصيلي مطالعو 'سنڌي صورتخطي' ڪتاب جي چوٿين ڇاپي ۾ ڪيو ويو آهي.[172]

اهڙيءَ طرح 'چچنامي'، 'ڪتاب الهند' ۽ البيروني[173] ۽ ٻين عرب محققن جي ڪتابن ۾ رپورٽن ۾ هزارن جي تعداد ۾ اهڙا لفظ ڏنا ويا آهن، جيڪي ماڻهن، ماڳن، مڪانن، درياءُن، ڍنڍن، قومن ۽ ذاتين جي نالن کان سواءِ تورن، ماپن، وٽن، تورن، ڏينهن، مهينن، طرفن، ڏسين، علم رياضيءَ، علم نجوم، علم جوتش، علم ڪيميا، جاگرافي، وڻج واپار، علم التعليم، برتنن، انساني جسم جي عضون، تهذيب ۽ تمدن، معاشري ۽ سماج ۾ اُٿڻي ويهڻيءَ جي سلسلي جا آهن، جيڪي سنڌي لغات جو وڏو سرمايو آهن. انهيءَ ذخيري جو تفصيل، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس'[174]، ۽ سنڌي صورتخطي[175] ڪتابن ۾ ڏنو ويو آهي.

هن ساري بحث مان هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي، ٻارهين صديءَ کان به ڪئين صديون اڳ، معياري ٻوليءَ جي حيثيت حاصل ڪري چڪي هئي، جا نه فقط عام ماڻهن جي روزمره جي وهنوار ۾ ڪم ايندي هئي پر اُن زماني ۾ به علم ادب، سائنس جي مختلف علمي موضوعن ۾ عملي طور ڪم ايندي هئي.

---

171- علي ڪوفي: چچنامو، بتصحيح و حواشي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع، ص ص 21، 22، 27، 130 ۽ 321.

172- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، چوٿون ڇاپو، حيدرآباد سنڌي ٻوليءَ جا بااختيار ادارو، 1993ع/ 1413هه. ص ص 2، 34 ۽ 35.

173- الانا غلام علي، ڊاڪٽر: البيرونيءَ جي وقت ۾ سنڌ ۾ علمي، ادبي سماجي، ثقافتي ۽ لساني سجاڳي، مقالو، سنڌي ادب رسالو، جلد-12، نمبر/1994 2ع ص ص 233 کان 241.

174- ايضاً: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، حوالو ڏنل آهي.

175- ايضاً: سنڌي صورتخطي، ڇاپو چوٿون، ص ص 50-52، 55-56-58، 61-82، 86-90.

## 8- سنڌو- ماٿر جي قديم ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ:

(الف) هن ڪتاب ۾ سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙ قومن (races) يا جاتين جي باري ۾، يا انهن قومن متعلق تفصيل سان لکڻ، بحث جو موضوع نه آهي، پر بحث وارو نڪتو هي آهي ته، سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو، ’سئنڌُوَ لوڪ‘ هئا، جن مان ڪي آرين جي حملي ڪان پوءِ، پنهنجي سرزمين ڇڏي، ڏکڻ هندستان يا مغربي توڙي مشرقي رياستن يا جبلن ۽ جهنگلن طرف هليا ويا. اُنهن مان جيڪي ڏکڻ-هند طرف وڃي آباد ٿيا، انهن جي ٻوليءَ کي دراوڙي زبانن جي ’ماءُ ٻولي‘ (ماتر ڀاشا/ Parent Language) طور مڃيو ويو آهي. اهي لوڪ سنڌو- ماٿر جا ’قديم دراوڙ لوڪ (Proto-Dravidians) هئا.

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته سنڌو- ماٿر جي ٻولي ’سئنڌُوَ‘ ڏهن مکيه شاخن تي مشتمل هئي. اُهي شاخون هي هيون:

**سئنڌُوَ / سئنڌُئي ٻولي**

- قديم دراوڙي
- ڏکڻ-اوڀر واري شاخ
- اُڀرندين شاخ
- اُتر-اُڀر واري شاخ
- وسطي شاخ
- ڏاکڻي شاخ
- لهندي شاخ
- اُترين شاخ
- اُتر-اوله واري شاخ
- براهوئي شاخ

سنڌو- تهذيب جي قديم ’سئنڌُئي ٻولي،‘ برصغير ۾ صرف هڪ خطي تائين محدود نه هئي پر ان جي پهچ ۽ پکيڙ، اُن (سئنڌُوئي ٻوليءَ) جون سرحدون صرف سئنڌو- سؤوير ۽ ڪيڪيه ديش وارن علائقن تائين محدود نه هيون، پر هيءَ ٻولي، ڏکڻ، ڏکڻ- اوڀر، اوڀر، اُتر، اُتر اوڀر، اُتر- اوله ۽ اوله وارن علائقن تائين پکڙجي چڪي هئي ۽ پنهنجا اثر انهن سيني علائقن ۾ ڄمائي چڪي هئي.

(ب) انهيءَ سلسلي ۾ محترم عين الحق فريد ڪوٽيءَ جو رايو مددگار ثابت ٿيو آهي. فريد ڪوٽي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

> ”دل ۾ بار بار هي سوال اُڀرندو رهيو ته آرين جي اچڻ کان اڳ پنجن دريائن جي سرزمين ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائي وئيندي هوندي؟ مون کي هن ڳالهه جو ٻه يقين هو ته هڙپائي تهذيب جي درخشنده دور جي زبان سراسر نيست و نابود نه ٿي هوندي، بلڪ اُن جي ڪجهه باقيات، هتي جي موجود زبانن ۾ ضرور موجود هوندي. اُن ڪري منهنجي نظر ۾ هميشه برصغير جون قديم قومون ۽ جاتيون اينديون هيون، جيڪي لداخ کان پوٺان تائين پکڙيل آهن. ناگا قبيلا جيڪي بنگال ديش ۽ آسام جي سرحدي جهنگلن ۾ آباد آهن، اهڙيءَ طرح مُندا قبيلن ۾ ڪول، ڀيل ۽ سنٿال وغيره

> جيڪي راجسٿان ۽ وسطي هند ۾ رهن ٿا. اهڙيءَ طرح ڏکڻ- هند ۾ آباد دراوڙ ۽ سنڌو- تهذيب جي اصلي قومن جي باقيات ۾ شامل آهن."[176]

(ت) علم للسان ۽ آثار قديمه جي ماهرن جي رپورٽ جي حوالي سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته سنڌو- ماٿر جي تهذيب جون سرحدون اوپر طرف ۽ ڏکڻ- اوپر ۾، ڀارت جي گجرات (اڳوڻي سؤراشٽر رياستن سميت) رياست جي اُپرنديئن چيڙي ۾ 'لوٿل' واري خطي کان اوپر ۾، نرمدا نديءَ جي ڪناري تائين ۽ ٻئي طرف موجوده سنڌ جي اُتر- اوپر طرف واري چيڙي ۽ ڀارت جي اُتر- اولهه واريءَ سرحد ۾ موجوه هرياڻا رياست تائين پکڙيل هيون. قديم زماني ۾، سنڌو- ماٿر ۾ رائج قديم سئنڌُئي ٻوليءَ جي اُپرندين شاخ واريون ٻوليون، هڪ طرف موجوده مهاراشٽر جي الهنديئن سرحد تائين پکڙيل هيون، ته ٻئي طرف ڀارت جي اُتر- اولهه واريءَ هرياڻا رياست جي اوپر واريءَ سرحد ۽ ان جي ڏکڻ ۽ ڏکڻ- اولهه طرف موجوده راجسٿان رياست جي اڳوڻين رياستين ۾ باگڙي، پيلي، ميواتي، ميواڙي، برج ۽ مارواڙي وغيره جي نالن سان مشهور هيون.

لهاذا جوڌپور، جئپور، جيسلمير، بيڪانير، اُدئپور، هرياڻا ۽ ٻين اڳوڻين رياستن کان سواءِ سؤراشٽر، گجرات ۽ ڪڇ جي رياستن ۾ سنڌو- تهذيب جي سئنڌُئي ٻوليءَ جي اُپرندين شاخ (غالباً اپڀرنش) واريون ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون. انهن مان هڪ جو نالو 'ناگر اپڀرنش' هو، جيڪا سرگريئرسن جي راءِ موجب قديم زماني ۾ گجرات، ڪاٺياواڙ، راجسٿان ۽ ان جي اولهه واري خطي ۾ علم ادب جو ذريعو ۽ ادبي لحاظ کان اها ٻولي (ناگر اپڀرنش) هن پوري علائقي تي ڇانيل هئي.[177]

اهڙيءَ طرح سنڌ جي ڀڄ واري حصي ۽ موجوده راجسٿان واري علائقي ۾ جوڌپور، جيسلمير، جئپور ۽ بيڪانير وارن علائقن ۾ پُنگل ۽ ڊِنگل نالي سان ٻه ٻوليون، علم ادب واري ڪيتر ۾ مشهور هيون.[178]

هندي ادب جي تاريخ جو مصنف لکي ٿو ته:

> "وير گاٿا ڪال جي ڀٽن ۽ درباري شاعرن جون تصنيفون 'ڊِنگل' ٻوليءَ ۾ آهن. 'ڊنگل'، ناگر اپڀرنش جي شاخ جو نالو آهي جيڪا راجپوتانا ۾ مروج آهي. هيءَ ٻولي گهڻي شائستہ لطيف ۽ بگڙيل نہ آهي، جيتري ان جي ڀيڻ 'پُنگل'. پُنگل ٻولي، دهلي ۽ ان

176- عين الحق فريد ڪوٽي: اردو زبان ڪي قديم تاريخ، اوريئنٽ ريسرچ سينٽر، طارق ڪالوني، ملتان روڊ، لاهور، 1979ع، ص 59

177- Grierson, G.LSI, Vol: I, Part-I, 1927, P.124.

178- محمد حسن، ڊاڪٽر: هندي ادب ڪي تاريخ، 1955ع، ص ص 17 ۽ 43.

جي مشرقي خطي ۾ رائج هئي، پر رجزيہ مضمونن ۽ جنگ و جدل جي منظرڪشيءَ ۾ 'ڊنگل ٻولي'، 'پُنگل ٻوليءَ'، کان وڌيڪ مناسب هئي."[179]

هو اڳتي لکي ٿو تہ:

"اپيرنش جي دور ۾ خالص راجستاني زبان جو بہ هڪ ادبي روپ هوندو هو، جنهن کي 'ڊِنگل' چوندا هئا، پر راجستان جي 'ڊنگل ٻوليءَ' واري علائقي ۾ 'پنگل' يعني هنديءَ (کڙي ٻولي ۽ برج) کي ادبي زبان تسليم ڪيو ويو."[180]

سنڌ- ڪڇ جي رشتن جي باري ۾ وليئمس رشبروڪ تمام گهڻي تفصيل سان لکيو آهي. هو لکي ٿو تہ:

"قديم زماني ۾ جڏهن ڪڇ جو رڻ، عربي سمنڊ جي حصي جي صورت ۾ نہ هو، تڏهن ڪڇ ملڪ هڪ ٻيٽ هوندو هو، جتي سنڌ کان آسانيءَ سان پهچي سگهبو هو. اُن زماني ۾ ڪڇ ملڪ، سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ جي وچ ۾ 'هڪ پل' (Adam's bridge) طور ڪم ايندو هو. اهو چئي نٿو سگهجي تہ ڪڇ ملڪ ڪيترو زمانو ٻيٽ جي حيثيت ۾ رهيو، جنهن جي چوڌاري سمنڊ هوندو هو، پر ان زماني ۾ هن ملڪ (ڪڇ) جي حيثيت هڪ پل جهڙي هوندي هئي، جنهن سنڌ کي، ڀارت جي جي مغربي ساحلي علائقي سان ملايو ٿي. ممڪن آهي تہ ڪڇ ملڪ جي اها ٻيٽ واري حيثيت، تاريخ جي اوائلي زماني تائين رهي هجي."[181]

ساڳيو محقق اڳتي لکي ٿو تہ:

"ڪڇ مان، سنڌو- تهذيب جا آثار (2800 ق- م کان 2200 ق-م) بہ مليا آهن. ۽ اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو- تهذيب، ڪڇ جي ذريعي ڪاٺياواڙ ۽ ڀارت جي اولہ وارن خطن ۾ پکڙي. هن ملڪ ۾ اُن جي ٻنهي ڪنارن تي Microlithic دور جا هٿ آيل آثار، هن ملڪ (ڪڇ) جي قدامت جي شاهدي ڏين ٿا."[182]

---

179- محمد حسن، ڊاڪٽر: هندي ادب ڪي تاريخ، 1955ع، ص ص 30 ۽ 43.
180- ايضاً

181- Rush Brook Williams, L.F., The Black Hills, Kutch in History and Legends, Weidenfeld and Nicolson, London, 1958, PP. 57, 58 and 72-77.
182- Ibid.

سڪندر اعظم جي هن خطي ۾ 325 ق- م ۾ اچڻ وقت، ڪڇ جو رڻ سنڌ جو حصو نہ هو. سنڌو درياءَ جي مشرقي شاخ، جيڪا اُن وقت، سنڌو درياءَ جي هڪ اهم شاخ هوندي هئي، سا ڪڇ جي رڻ ۾ چوڙ ڪندي هئي؛ لهاذا ڪڇ ملڪ، اُن زماني ۾ مٿي پاڻيءَ جي ڍنڍ جي ٻيءَ پر، سنڌ ملڪ جو هڪ حصو هوندو هو. ماڻهو اها ڍنڍ آسانيءَ اُڪري ويندا هئا. سن هڪ هزار عيسويءَ تائين سنڌ ۽ ڪڇ جا لاڳاپا تمام گهرا هوندا هئا، ۽ ڪڇ جي حاڪم جا ابا ڏاڏا، سنڌ جا ئي رهاڪو هوندا هئا.

راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني (449ع کان 642ع) ۾، سنڌن حڪومت جون سرحدون اوير ۾ ڪنوج تائين ۽ ڏکڻ- اوير ۾ سورت تائين پکڙيل هونديون هيون.[183]

چيني سياح 'هيون- شئنگ' جيڪو 630ع کان 644ع تائين، يعني راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني ۾، سنڌ ۾ موجود هو، تنهن بہ ڪڇ ملڪ کي 'سنڌو حڪومت' جو حصو ڄاڻايو آهي. هن ڪڇ کي 'Ki-cha'لکيو آهي ۽ اُتي 'وليءَ' جي حڪومت ڄاڻائي اٿس.[184]

رامچند ايس کتري لکي ٿو تہ:

"گهمليءَ جي شهر وارن کنڊرن مان ٽامي جا پترا ۽ ڪيترن ئي قسمن جا پٿر لڌا آهن، جن تي اُڪريل لفظن جو مقصد آهي تہ: هيءَ زمين اسان برهمڻن کي دان طور ڏيون ٿا. پٿرن تي اُنهن راجائن جا نالا پڻ اُڪريل آهن. اُهي سئندو راجا (سنڌ جي راجا جئدرٿ) جي اولاد مان هئا. گهمليءَ تي 730ع کان 760ع تائين 'راجا سئندو' راڄ ڪندو هو. اهي کتري هئا ۽ جڏهن عربن جو سنڌ تي قبضو ٿيو تڏهن هو سنڌ ڇڏي سؤراشٽر ۾ اچي آباد ٿيا. هنن سنڌ جي راجائن جو اوله راشٽر ۽ اوله طرف سمنڊ تي چڱو اثر هو، جو تہ هو سامونڊي لڙائيءَ ۾ پڙ هوندا هئا.
پور بندر جي راڻن جي باري ۾ راجا جا پٽ، سلوڪن ۾ چوندا آهن تہ اهي راڻا سئندو گهراڻي جا آهن. سندن سلوڪن ۾ 188 راجائن جا نالا ملن ٿا، جن جدا جدا وقت تي سنڌ تي راڄ ڪيو.
وڪر ماجيت جي وقت کترين بہ ساھ ڪنيو. اروڙ سندن تخت گاهہ هو. ديبل ۽ ڏاراجا بہ سندن هٿ هيٺ هوندا هئا. اُن وقت چندرونسي راجا، جئدرٿ جي پوين جي حڪومت هئي، جنهن جي

183- Rush Brook Williams, L.F., Op. Cit. PP. 57, 58 and 72
184- Ibid.

دور دوران ڪيترن ئي ڪتبن جا ماڻهو ڪاٺياواڙ لڏي ويا".[185]

ڪئپٽن ولبر فورس لکي ٿو ته:

"ڪاٺياواڙ تي اهو نالو ڪاٺي قوم تان پيل آهي، جيڪا سنڌ مان لڏي، انهيءَ طرف وچي آباد ٿي. ڪاٺي قوم پهرين ڪڇ ۾ آباد ٿي پر پوءِ اتان به لڏي، سؤراشٽر ۾، ٿاٿي واري خطي ۾ اچي آباد ٿي".[186]

ڊاڪٽر محمد اسماعيل بيگ جو رايو آهي ته:

"ڪاٺي قوم پهريون دفعو ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ مان ڪڇ ۾، ۽ پوءِ ڪڇ مان لڏي سؤراشٽر ۾ وچي آباد ٿي. جنهن علائقي ۾ هيءَ قوم وچي آباد ٿي هئي، اُن علائقي جو نالو سؤراشٽ مان بدلجي 'ڪاٺياواڙ' ٿي ويو."[187]

بهرحال انهن دعوائن کان پوءِ هيٺن چئي سگهجي ٿو ته ڪڇ ۽ گجرات (ڪاٺياواڙ سميت) وارو سڄو علائقو سنڌ جي تسلط هيٺ هو. موريا گهراڻي جي پڇاڙيءَ کان پوءِ، جڏهن هندستان، اُتر ۽ اوله ۾ راجپوت رياستن ۾ ورهائجي ويو، تڏهن راءِ گهراڻي جي فوجي قوت مضبوط هئي. هن پنجاب وارو سڄو علائقو، راجپوتانا ۾ اراولي ٽڪرين تائين، گجرات ۾ سورت بندر تائين، ۽ اُتر ۾ هيلمند نديءَ تائين سڄو ملڪ، پنهنجي قبضي هيٺ آندو. برهمڻ جي حڪومت واري زماني ۾ سنڌ جي حڪومت جون سرحدون اوير طرف چتور تائين هيون.[188]

هن ساري بيان مان هي نتيجو ٿو نڪري ته ڪڇ کان سواءِ ڪاٺياواڙ جي رياستن جهڙوڪ: ماناوادر، سردار ڳڙهه، ڀاءُ نگر، ڄام نگر، مانڊوي، ڊرول، موروي ۽ پوڙ بندر رياستن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڪڇي ۽ ڪاٺياواڙي لهجو روزمره جي استعمال ۾ ڪم ايندو هو.

لهاذا ڀارت جي موجوده گجرات رياست کي لسانياتي لحاظ کان ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: اُهي هي ٿي سگهن ٿا:

---

185- رامچند کتري: هنگلاج جي ياترا، ڪراچي، اچي قبر، رامپارٽ روڊ، 74-1975ع، ص ص 127 ۽ 170.

186- Wilberforce, H.Bell, The History of Kathiawar, London, William Heinemann, 1916, P.67.

187- محمد اسماعيل بيگ، ڊاڪٽر: جهوناڳڙهه، حيدرآباد، ڪاٺياواڙ پبلشنگ ايجنسي، حميد منزل، فقير جو پڙ، 1964ع ص ص 17-18.

188- علي ڪوفي: چچنامو، بتصحيح و حواشي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع، ص 151.

(i) ڪڇ، (ii) ڪاٺياواڙ (سؤراشٽر) ۽ (iii) گجرات.

ورهاڱي کان اڳ، ڪاٺياواڙو علائقو هڪ الڳ ايجنسيءَ جي حيثيت رکندو هو. اهو علائقو ننڍين ننڍين آزاد رياستن ۾ چئن پرانتن (ڊويزنن) ۾ ورهايل هو. اهي پرانت هي هئا:

(I) جهالار، (II) هالار (هالال)، (III) سؤراشٽ ۽ (IV) گوهيلواڙ: پر پراڻيون ڊويزنون ڏه هيون: اُهي هي هيون:

(I) مڇ ڪنٺا (جهالار جي اولهه ۾)، (II) هالال (اُتر- اولهه ۾)، (III) اوکا منڊل (ٻڙودي جي اولھ ۾)، (IV) ٻاڙدا يا جيٺواڙ (ڏکڻ- اولھ ۾ سامونڊي ساحل وارو علائقو)، (V) سؤراشٽ (ڏکڻ ۾)، (VI) ٻابريوار (ڏکڻ- اوير جو جابلو علائقو، (VII) ڪاٺياواڙ (وچيون علائقو)، (VIII) اُندسري (مترنجي نديءَ جي ڪناري وارو علائقو)، (IX) گوهيلواڙ (ڪنمبي نار وارو خطو) ۽ (X) گوهيلا راجپوتن وارو خطو.

انهن ڊويزنن ۾ ڪڇي ۽ ڪاٺياواڙي ٻوليون ڳالهيون وينديون آهن. جيڪي سنڌيءَ سان سؤ في صد هڪجهڙائي رکن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ انهن مان اڪثر رياستون سنڌ جي سما خاندان وايءَ حڪومت هيٺ هيون. انهن حاڪمن جي زبان سنڌي هئي. اِنهن ۾ هيٺيون رياستون اهميت واريون هيون:

ماهي ڪنٺ، درول، سانتلپور، راجڪوٽ، ماليا، واراهي، نوان نگر ۽ منگرول.

(ٿ) سنڌو- تهذيب جي اُپرندئين سرحد ۽ ان ۾ سنڌوُ ٻوليءَ جي لهجن وانگر، سنڌو- تهذيب جي اُتر- اولھ طرف بہ پهچ ۽ پکيڙ جا ثبوت ملن ٿا.

تحقيق مان معلوم ٿيو آهي تہ پاڪستان جي صوبہ سرحد جي هزاره علائقي ۽ اُن (صوبہ سرحد) جي اترئين علائقي يا ان کان بہ مٿي ۽ اولھ طرف، داردستان ۽ بلورستان ۾، ۽ اوير طرف اُتر- اوير وارن علائقن ۾، داردي، هند- آريائي، ايراني ۽ غير- آريائي ٻوليون ڳالهيون وينديون آهن. مانسهره جي اولھ طرف، شاهراھ ريشم تي، سنڌو درياءَ تي قائم ٿيل 'ٺاڪوٽ' نالي بستيءَ ۽ 'ٺاڪوٽ پُل' کان وٺي، اُتر طرف چلاس تائين سنڌو درياءَ جي ٻنهي ڪنارن جي آسپاس وارن علائقن کي، جاگرافيائي لحاظ کا، ڏار ڏار نالن، يعني، ڪاٻي طرف واري علائقي کي 'سنڌو- ڪوهستان' ۽ ساڄي طرف واري علائقي کي 'سوات- ڪوهستان' سڏيو ويندو آهي. 'سوات- ڪوهستان' وارو علائقو، ڪيترن ئي حصن ۽ پاڙن ۾ ورهايل آهي. هن علائقي (سوات- ڪوهستان) ۾ 'ڪالام' واري خطي کي وڏي اهميت حاصل آهي.

هن علائقي جا، لسانيات جا ماهر، داردي ٻولين کي غير- آريائي ٻوليون، يعني هن ئي خطي جون ديسي يعني مقامي ٻوليون هجڻ جي دعوا ڪن ٿا. پاڪستان ۾ لسانيات جو هڪ وڏو ماهر، ڊاڪٽر مهر عبدالحق، پنهنجي ڪتاب: 'ملتاني زبان اور اُسڪا اردو سي تعلق' ۾ سوال ڪيو آهي:

"اِهي دَرد لوڪ ڪير هئا؟ واديءِ سنڌ جي زبان ڪي، انهن جي پشاچي زبان ڪيئن متاثر ڪيو؟"[189]

سنڌو درياءَ جي اُنهن علائقن جي ڪوهستاني علائقي جي ٻولين ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ ۽ وياڪرڻي صورتون ملن ٿيون، جيڪي هُوبهو سنڌي ۽ لهندي ٻولين ۾ بہ ڳالهايون وينديون آهن. پر لسانياتي مطالعي جي ڪيتر ۾، ڪن ٻولين جي لغوي خزاني جو هڪ جهڙو هجڻ، انهن ٻولين جي هڪجهڙي يا هڪ ئي گروهہ يا خاندان جو هجڻ، ڪو وزندار دليل نہ آهي، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي.

سٺنڌُوئي ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ جون حدون صرف سنڌي ۽ لهندي ٻولين جي پهچ ۽ پکيڙ وارن علائقن تائين محدود نہ آهن، پر تحقيق مان معلوم ٿو ٿئي تہ هن ٻوليءَ (سٺنڌُوئي) جي باقيات ۽ اُهڃاڻ جيئن هن وقت بہ دراوڙي ٻولين جي صورت ۾ ڏکڻ هندستان، بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب ۾ اڄ بہ موجود آهن، تيئن سٺنڌُوئي ٻوليءَ جي اُترين شاخ ۽ اُتر- اولهہ شاخ واريون ٻوليون اڄ بہ صوبہ سرحد، FANA ۽ FATA وارن علائقن ۾ موجود آهن.

هن (ٻئي) ڇاپي جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي سوال کي دُهرائي آيو آهيان. هن (جيٽلي صاحب) سوال ڪيو هو تہ:

> "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' (1974ع) ڪتاب ۾، اوهان جيڪي وصفون سنڌيءَ ۾، دراوڙي ٻولين جون ڏيکاريون آهن، اُنهن مان اتڪل نوي- پنجانوي سيڪڙو اهڙيون وصفون آهن، جيڪي ٻين بہ جديد آريائي ٻولين (گجراتي، مرائي، هندي، اردو، پنجابي، آسامي ۽ اُڙيا وغيره) سان لاڳو ٿين ٿيون، پوءِ ائين چئبو ڇا تہ اهي سڀ ٻوليون غير- آريائي نسل واريون آهن؟"

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي انهيءَ سوال جو جواب مٿي ڏنل جواب مان ملي ٿو وڃي تہ سنڌو- ماٿر ۾ رائج ٻولين ۾ هڪجهڙائيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي. البت جيڪڏهن آساميءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي هڪجهڙايون آهن تہ اُنهن لاءِ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي. جديد آريائي ٻولين ۽ سنڌيءَ ۾ جيڪي هڪجهڙايون آهن، اُنهن لاءِ مٿي تفصيل سان چنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي.

هن ڪتاب ۾ سٺنڌُوئي ٻوليءَ جي شاخن جو چارٽ ڏنو ويو آهي. اُن چارٽ جي، سرگريئرسن واري چارٽ سان ڀيٽ ڪرڻ ضروري آهي، جنهن (سرگريئرسن واري نقشي) سان ڪولن ماسيڪا بہ اختلاف ڪيو آهي.

---

189- مهر عبدالحق، ڊاڪٽر: ملتاني زبان اور اُسڪا اُردو سي تعلق، ص 90.




(ج) (i) جيئن پنجابي ڀاشا وگيان جو ماهر، آصف خان، پنجابي زبان کي آريائي زبان نہ، پر غير- آريائي زبان، ۽ سنڌو- ماٿر جي هڪ قديم زبان ٿو مڃي، تيئن داردي زبانن تي تحقيق ڪندڙ ماهر بہ، داردي زبانن کي آريائي زبانون نہ، پر غير- آريائي زبانون هجڻ جي دعوا ڪن ٿا. اِن ڏس ۾ پنجاب جو لسانيات جو وڏو عالم، ڊاڪٽر مهر عبدالحق پنهنجي ڪتاب، 'ملتاني زبان اور اُس ڪا اردو سي تعلق' ۾ سوال ڪيو آهي تہ:

"اهي درد لوڪ ڪير هئا؟ واديءَ سنڌ جي زبانن کي، انهن جي 'پشاچي زبان'، ڪيئن متاثر ڪيو؟"

(ii) داردي زبان وارين ٻولين جون، ڪوهستاني شاخ واريون ٻوليون، جيڪي ڪوهستاني خطن (سنڌو ڪوهستان، سوات ڪوهستان، پنجڪوره ڪوهستان؛ ڪالام ڪوهستان ۽ تانگير ڪوهستان وغيره) ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، اُنهن ۾ سوات- ڪوهستان ۾ رائج ڪالامي، ڪُشتياني، تور والي ۽ گاروي/ گاؤري ٻولين، توڙي سنڌي ۽ لهندي ٻولين ۾، صوتياتي، صرفي ۽ نحوي هڪجهڙائيءَ جا ڪيترائي ثبوت ملن ٿا.[190] انهن ڪوهستاني علائقن ۾، ٻولين جي هڪ گروهه کي گڏي، ڪوهستاني گروهه واريون ٻوليون سڏيو ويو آهي. ٻولين جو اهو ڪوهستاني گروهه، داردي خاندان وارين ٻولين جي هڪ شاخ آهي.[191] سرگريئرسن جي راءِ

190- Baloch, N.A., Dr., Less Known dialects of Kohistan, A siatic Society of Pakistan, Dacca, PP. 45-55.

۽ پڻ ڏسو: حيدر سنڌي، ڊاڪٽر: سندهي زبان ڪي فطري لهجي، مقالو: شاهہ ۽ سنڌ، سهڙيندڙ ڊاڪٽر فهميده حسين، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 1998ع ص ص 177، 178 ۽ 181

191- Grierson, G., Op.Cit., Vol:III. part II, PP. 2 and 137.

موجب اهي (ڪوهستاني گروهه واريون) ٻوليون، هند- آريائي خاندان وارين ٻولين سان واسطو رکن ٿيون.[192] سرگريئرسن کان اڳ 'جان بڊولف' ۽ 'مورگينسٽيئرن' بہ انهن ڪوهستاني ٻولين جو ذڪر ڪيو آهي،[194] جنهن موجب داردي گروهه واريو ٻوليون، هند- ايراني ٻولين سان واسطو رکن ٿيون، ۽ هند- آريائيءَ جون پيڙهون آهن. انهن ماهرن، انهن خاندان وارين ٻولين جو جيڪو نقشو ڏنو آهي، سو مٿي ڏنو ويو آهي.

(ح) پاڪستان جو علم الانسان ۽ علم اللسان جو ماهر، محترم محمد پرويش شاهين، سرگريئرسن ۽ ڊاڪٽر جاج مورگنيسٽيئرن سان داردي ٻولين جي بڻ بنياد واري راءِ جي باري ۾ اختلاف ٿو رکي. هو (محترم پرويش شاهين) داردي ٻولين کي، آريائي ٻوليون قبول نٿو ڪري. هو پنهنجي ڪتاب 'ڪالام ڪوهستان' ۾ لکي ٿو تہ:

> "داردستان جا اصلوڪا رهاڪو غير- آريا هئا. داردستان ۾ رهندڙ قومون ۽ قبيلا، ڪنهن بہ هڪ نسلي گروهه سان واسطو نٿا رکن، ۽ نہ ئي وري ڪو اهي قبيلا ڪا هڪ ٻولي، يا ڪنهن هڪ گروهه جي ٻولي ڳالهائيندا آهن. اهي ماڻهو جيڪي بہ ٻوليون ڳالهائين ٿا اُهي ڪنهن هڪ نسل يا گروهه جي ٻولين سان واسطو نٿيون رکن: مثال طور: داردستان ۾ بلتي، بروشسڪي، ٻتيڙي، ڊومڪي، ڪلاشوار، کووار ۽ گوجري ٻوليون ڳالهايون ويندِيون آهن. اهي ٻوليون اهڙيون آهن، جيڪي داردستان ۾ رائج ٻين زبانن جهڙوڪ: ڪاشميري، ڪوهستاني، شينڪي، گاروي، توروالي، اوشوجي، داشوي، بلتم، شمپو ۽ بديشيءَ سان ڪنهن بہ قسم جو نسلي يا گروهي واسطو نٿيون رکن."[194]

مطلب تہ داردستان جي ايڏي وسيع علائقي ۾ جيڪي قومون ۽ نسل آباد آهن، اُهي ڪنهن هڪ نسل يا گروهه سان واسطو نٿا رکن، ۽ نہ ئي وري اُهي ڪنهن هڪ خاندان يا نسل جون ٻوليون ڳالهائيندا آهن. داردستان ۾ هن وقت جيڪي ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن، اهي سڀ آريائي خاندان واريون ٻوليون نہ آهن، ۽ نہ ئي وري داردستان ۾ رهندڙ سڀ قومون يا ماڻهو ڪي آريائي نسل جا آهن. اها

---

192- Ibid.

193- John Budulph, Tribes of Hindoo Koosh, Lahore, Ali Karam Publishers, 1986, PP. 42-50.

174- محمد پرويش شاهين: ڪالام- ڪوهستان، حوالو ڏنل آهي، ص ص 69، 112، 159 ۽ 199.

ٻي ڳالھ آھي تہ ڌار ڌار قومن ۽ قبيلن جي، ھن علائقي ۾ ورھين جا ورھيہ گڏ رھڻ ڪري، ھو ھاڻ پاڻ ۾ گڏجي مسجي ڪير ڪنڊ ٿي ويا آھن.

محمد پرويش شاھين پنھنجي ساڳئي ڪتاب ۾ اڳتي لکي ٿو تہ:

"ھن علائقي ۾ رھندڙ قبيلا، آرين جي اچڻ کان بہ اڳ، ھت آباد ھئا. ھتي جا قديم رھاڪو، اصل ۾، توراني نسل سان واسطو رکندا ھئا. داردي زبان جا، سنڌيءَ، لھندا، پنجابيءَ ۽ انھن خطن ۾ رائج ٻين زبانن تي بہ چٽا اثر محسوس ڪجن ٿا، بلڪ ائين بہ چئي سگھجي ٿو تہ، داردي زبان، سنڌيءَ، لھندا ۽ پنجابيءَ جي ماءُ آھي، يا پيڻ آھي"195

ساڳيو مصنف (محمد پرويش شاھين) اڳتي لکي ٿو تہ:

"داردي قبيلا، دراصل دراوڙ آھن ۽ توراني قوميت سان نسبت رکن ٿا، جنھن ۾ ڌار ڌار قبيلا شامل ھئا. اھي قبيلا اڄ کان ڇھ ھزار سال اڳ، سنڌو- ماٿر ۽ صوبہ سرحد جي گنڌارا تھذيب جا امين ھئا. انھن مان ڪي بلوچستان ۾، ڪي ديره غازي خان ۾، ڪي ڪشمير ۾، ڪي سنڌو- ڪوھستان ۾، تہ ڪي گلگت، دير، باجوڙ ۽ سوات- ڪوھستان ۾ وڃي آباد ٿيا، پر اُن جي باوجود سنڌن زبان جي باقيات اڄ بہ سنڌيءَ، پنجابي ۽ لھندا کان سواءِ جعفرڪي ۽ سرائڪيءَ ۾ ملي ٿي"176

(iii) محترم محمد پرويش شاھين جي انھيءَ تفصلي بيان مان اھو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي، لھندا ۽ ڪوھستاني ٻولين جي وچ ۾ مشابھت جو وڏي ۾ وڏو سبب ھيءُ آھي تہ داردستان جون ڪوھستاني ٻوليون، سنڌو- ماٿر جي قديم ۽ اصلوڪي مقامي زبان، سنڌُئيءَ سان واسطو رکن ٿيون. انھن ٻولين ۾ جيڪا مشابھت آھي تنھن مان اھو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌو- ماٿر جي قديم سنڌُوئي ٻوليءَ جي پھچ ۽ پکيڙ، گنڌارا تھذيب واري خطي ڪي بہ پنھنجن اثرن ۾ داخل ڪندي، اڳتي اولھ ۽ اُتر- اولھ طرف، سنڌو- ڪوھستان ۽ سوات- ڪوھستان، بلڪ پنجڪوره ڪوھستان تائين پکڙجي وئي، جنھن کي ڌار ڌار قبيلا ڳالھائيندا ھئا ۽ ھر قبيلي جي ٻولي ڌار ھئي.

محترم پرويش شاھين پنھنجي ڪتاب، ڪالام- ڪوھستان ۾ صفحي 203 تي لکيو آھي تہ: "سنڌي، پنجابي، لھندا، سرائڪي ۽ جعفرڪيءَ ۾، انھن ڪوھستاني ٻولين جي باقيات آھي." ھن (محمد پرويش شاھين) ساڳئي ڪتاب ۾

---

195- محمد پرويش شاھين: ڪالام- ڪوھستان، ص 203.
196- ايضاً

صفحي 203 تي اها ٻه دعوا ڪئي آهي ته: ”داردي زبان، سنڌيءَ، لهندا ۽ پنجابيءَ جي ماءُ يا ڀيڻ ٿئي“، پر دراصل پرويش شاهين صاحب جي توجه لاءِ هيءَ گذارش آهي ته هن صاحب کي پنهنجيءَ راءِ ۾ تبديلي آڻي، هيئن لکڻ گهرجي ته: ”سنڌي، لهندي، سرائڪي، جعفرڪي، پنجابي ۽ ڪوهستاني گروهه واريون داردي ٻوليون، سنڌو- ماٿر جي قديم ۽ بنيادي زبان، سنڌُوئيءَ جون شاخون آهن، اهوئي سبب آهي جو انهن سڀني ٻولين ۾ هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي.

لهاذا ڊاڪٽر مهر عبدالحق ۽ محترم پرويش شاهين جي مٿي ڏنل راين جي مدد سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ، لهندا ۽ داردي ٻولين ۾ مشابهت جو وڏي ۾ وڏو سبب هيءُ آهي جو داردستان جون ڪوهستاني ٻوليون، سنڌو- ماٿر جي قديم ۽ اصلوڪي مقامي زبان، سنڌُئيءَ جي اُتر- اولهه واريءَ شاخ سان واسطو رکن ٿيون. انهن ٻولين ۽ سنڌيءَ ۽ لهنديءَ ۾ مشابهت مان اهو ٻه ثابت ٿو ٿئي ته سنڌو- ماٿر جي قديم سنڌُوئي ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ، گنڌارا تهذيب واري علائقي تي اثر انداز ٿيندي، اُن کان ٻه اولهه ۽ اُتر- اولهه طرف، سنڌو- ڪوهستان ۽ سوات- ڪوهستان، بلڪ ڪالام- ڪوهستان، تانگير ڪوهستان، پنجڪوره ڪوهستان جي علائقي ۾ ٻه پکڙجي وئي.

تحقيق مان اڻين ٻه معلوم ٿيو آهي ته سنڌو- ماٿر جي قديم زبان سنڌُوئي، سنڌو- ماٿر جي اُترئين وڏي علائقي يعني ڪشمير جي اُترئين ڇيڙي تائين؛ اُتر-اولهه طرف داردستان واري ڪوهستاني علائقي تائين؛ اولهه ۽ ڏکڻ- اولهه ۾ بلوچستان ۽ اُن کان ٻه اڳتي اولهه طرف، ايران جي سرحد اندر ڪرمان جي جدگال خطي تائين ۽ اُتر- اولهه طرف ايران جي خوزستان صوبي اندر؛ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ جي ساحلي خطي تائين؛ ڏکڻ- اوڀر ۾ ڪڇ جون اوڀر واريون سرحدون ٽپي، اڳوڻي سؤراشٽر جي اُيرنديئن ڇيڙي تائين؛ اوڀر ۽ اُتر- اوڀر ۾ راجستان ۽ هرياڻا رياست اندر پکڙيل هئي.

سنڌُوئي زبان جي انهيءَ پهچ ۽ پکيڙ کي سامهون رکي، ٻولين جي سلسلي ۾ سر گريئرسن، محي الدين زور ۽ ڊاڪٽر جارج مورگينيسٽيئرن جي ٺاهيل نقشي ۾ تبديلي آندي وئي آهي، ۽ ڪڇي، سؤراشٽري، راجستاني، هرياڻا جي ٻولي بانگڙو، ڪاشميري ۽ داردي گروهه وارين ٻولين کي سنڌُوئي ٻوليءَ جون شاخون قبول ڪري، سنڌُوئي ٻولي ۽ اُن جي شاخن جو نقشو نئين سر ٺاهيو ويو آهي، جيڪو علم اللسان جي ماهرن جو خاص ڌيان ڇڪائي لهڻي. هن نقشي جي مطالعي کان پوءِ ماهرن کان اهو سوال پڇي سگهجي ٿو ته، جيڪڏهن دراوڙي ٻوليون، قديم دراوڙي زبان جي وسيلي، سنڌو-ماٿر جي اصلوڪي ٻولي، ’سنڌُوئي‘ سان مشابهت رکي سگهن ٿيون، بلڪ اُن جون ڌوهٽيون قبول ڪري سگهجن ٿيون ته پوءِ سؤراشٽر ۽ هرياڻا تائين، سنڌو- تهذيب جي پهچ ۽ پکيڙ سبب، سنڌو-تهذيب سان گڏ سنڌُوئيءَ ٻوليءَ جي ڏکڻ-اوڀر ۽ اوڀر تائين پهچ ۽ پکيڙ ڇو نه ٿي هوندي؟

جيئن گريئرسن، هند- آريائي ٻولين کي بيروني، وسطي ۽ اندروني گروهن ۾ ورهائڻجي وڃڻ جي دعوا ڪئي هئي، تيئن هيءَ دعوا بہ ڪري سگهجي ٿي تہ سنڌُئي ٻوليءَ جون مختلف شاخون اُتر، اوڀر، اُتر- اوڀر، ڏکڻ- اوڀر، ڏکڻ، اولهہ، اُتر- اولهہ وارين شاخن جي صورت ۾ پنهنجي شاهوڪار تهذيب ۽ ثقافت سان گڏ پکڙي هوندي.

(خ) جيئن اڳ ۾ محترم آصف خان جي حوالي سان چيو ويو آهي تہ، پنجابي زبان بہ غير- آريائي زبان آهي تہ پوءِ هيئن چئي سگهبو تہ سنڌو- ماٿر جي وسطي حصي ۾ رائج ڏار ڏار ٻولين، نيٺ مغلن جي دور ۾، جڏهن پنجن دريائن واري ديس کي 'پنجاب' نالو ڏنو ويو، تڏهن انهيءَ علائقي ۾ رائج ٻولين کي گڏي هڪ ئي نالي سان يعني 'پنجابي ٻولي' سڏيو ويو. اُهي ٻوليون جيڪي گڏجي، 'پنجابيءَ' جي نالي سان سڏجڻ لڳيون. اُهي هي آهن:

(I) پوادي- پنجابيءَ ٻوليءَ جو هيءُ لهجو، پنجاب جي اوڀر واري سرحدي علائقي ۾، ستلج ڪان وٺي، اولهہ طرف بياس نديءَ تائين، ڏکڻ ۾ گهگهر درياءَ جي وچئين خطي تائين ڳالهائيو ويندو آهي. هيءَ ٻولي سراءِ وڻجارن ڪان وٺي، سرهند ۽ انبالا تائين ڳالهائي ويندي آهي. هن تي باڱڙي ۽ هنديءَ جو بہ اثر آهي.

(II) اُيرندي ۽ وسطي شاخ واي ٻولي- 'بانگڙو' (هرياڻا جي ٻولي).

(III) ماجهي- اڳوڻي ضلعي امرتسر ۽ لاهور واري خطي ۾ رائج لهجو. هيءُ لهجو پنجاب جي باراني ۽ دو-آبي خطي ۾ رائج آهي. ماجها دراصل راوي ۽ بياس ندين جي وچ واري علائقي کي چوندا آهن. هن حصي ۾ امرتسر ضلعو، گرداسپور ۽ لاهور اچي وڃن ٿا. هيءُ پنجابي زبان جو معياري لهجو مڃيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري جو ماجهيءَ تي پنجابيءَ جي سڀني لهجن جو اثر موجود آهي.[197]

(IV) راٺي- اڳوڻي ضلعي حصار ۽ اڳوڻيءَ رياست بيڪانير ۾ رائج ٻولي.

(V) ڀٽيالي- رياست بيڪانير ۾ رائج ٻولي. هيءَ ٻولي پنجاب جي فاضلڪا تحصيل، فيروز پور تائين پکڙيل آهي. راجپوتانا جي اُتر- اولهہ ۽ اُتر بيڪانير ۾ آباد مسلمان راجپوت هيءَ ٻولي ڳالهائيندا آهن. بهاولپور جي راجستاني سرحد سان ملندڙ علائقي ۾ ڀٽياليءَ جو وڏو اثر آهي. هن حصي ۾ ڀٽياليءَ کي راٺي، راٺوڙي ۽ باڱڙي بہ ڪوٺيندا آهن.

(VI) رچنا دو- آبي ۽ سيالڪوٽ ۾ رائج ٻولي- پنجاب جي جالنڌر واري حصي کي دو- آبي وارو حصو چيو ويندو آهي. هي علائقو جالنڌر ضلعي ۽ هوشيارپور جي اُترين حصي، اڳوڻي ڪپورٿلا رياست تي مشتمل آهي. هن خطي جي ٻوليءَ کي دو- آبي واري ٻولي چوندا آهن.

---

197- عبدالغفور قريشي: پنجابي ادب دي ڪهاني، لاهور پنجابي ادبي بورڊ، 1987ع، ص 34.

(VII) لڌياني- اڪوڻي ضلعي لڌياڻ جي ٻولي.
(VIII) جالنڌري- اڪوڻي ضلعي جالنڌر جي ٻولي.
(IX) جانڊ- اڪوڻي رياست جنيد جي ٻولي.
(X) ٻاڳڙي- اڪوڻي ضلعي فيروز پور جي ٻولي.
(XI) مالوي- هيءَ ستلج نديءَ جي اوير طرف واري خطي جي ٻولي آهي. هيءَ ٻولي فيروزپور، لڌياڻ، ٽپ، تلوندي، فريدڪوٽ، ماليـ ڪوٽلـ، پٽنڊا، نرواڻ، رائيڪوٽ ۽ ماڇيواڙيءَ واري حصي ۾ ڳالهائي ويندي آهي.
(XII) ڪنڊيالي- اڪوڻي ضلعي گرداسپور جي ٻولي.
(XIII) ڪانگڙي- هوشيارپور جي پهاڙي علائقي ۾ ڪانگڙا ۽ شملي جي پهاڙي علائقن ۾ ڪانگڙي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي.

محترم عبدالغفور قريشيءَ جو رايو آهي ته:

> ”مغل شهنشاهه جهانگير پهريون شخص هو، جنهن تزڪ جهانگيريءَ جي جلد ٻئي ۾ صحفي 183 تي، هن خطي کي پهريون ڀيرو ’پنجاب‘ جي نالي سان سڏيو آهي، پر دراصل ’پنجاب‘ نالو، پهريون ڀيرو شهنشاهه اڪبر اعظم جي حڪومت واري زماني ۾، ’آئين اڪبريءَ‘ جي جلد پهرئين ۾، ابوالفضل ’پنجاب‘ نالو ڪم آندو آهي. اڪبر اعظم، پنجاب کي ٻن صوبن ۾ ورهايو: ’صوبه لاهور ۽ صوبه ملتان، اُن کان پوءِ، شهنشاهه جهانگير به ’تزڪ جهانگيريءَ‘ جلد 2، صحفي 183 تي، ملڪ جي هن حصي لاءِ ’پنجاب‘ نالو ڪم آندو.
> اڪبر اعظم جي زماني ۾ هن صوبي جون سرحدون اوير طرف ’انباله‘ دريزن کان وٺي ’اٽڪ‘ تائين، اُتر ۾ راولپنڊيءَ تائين؛ ڏکڻ ۾ بهاولپور تائين پکڙيل هيون“[198]

متحرم عبدالغفور قريشي، هڪ طرف پنجابي زبان کي سنسڪرت جي ’پشاچي‘ شاخ سان واسطو ڏو ڏيکاري ۽ اُن کي ’ناگر اپيرنش‘ مان ڦٽي نڪتل زبان ڏو بيان ڪري، ته ٻئي طرف ڪشميري، پشتو ۽ ’ڪڙي‘ ٻولين کي پنجابيءَ جون ڀينر ٻوليون ڏو ليکي. هو ساڳئي ڪتاب جي صفحي 31 تي ’پوادي‘، ’ڀٽيالي‘، ’مالوي‘، ’ماجهي‘، ’دو- آبي‘، ’پوٺوهاري‘ ۽ ’لهنديءَ‘ کي پنجابيءَ جون شاخون ڏو سمجهي، ته وري ’هندڪو‘ ۽ ’ڏني‘ ٻولين کي ’پوٺوهاريءَ مان نڪتل ٻوليون ڏو بيان ڪري.[199]

198- عبدالغفور قريشي: پنجابي ادب دي ڪهاڻي، لاهور، پنجابي ادبي بورڊ، 1987ع، ص ص 17 ۽ 31.
199- ايضاً ص 31

دراصل جن ٻولين کي محترم عبدالغفور قريشي، پنجابيءَ جون شاخون ٿو بيان ڪري، اُهي ٻوليون، اُن علائقي جي اُنهن ڏار ڏار حصن، ڀاڱن ۽ خطن جون ٻوليون آهن، جن کي شهنشاهه اڪبر اعظم جي زماني ۾ ملائي، پنجاب نالو ڏنو ويو. ۽ جيئن انهن خطن جي ٻولين جي صوتي، صرفي، نحوي ۽ لغوي خزاني ۾ تمام گهڻي مشابهت هئي، انهيءَ ڪري انهن سڀني ٻولين کي انهيءَ تئين ملڪ جي نالي پٺيان پنجابي ٻولي سڏيو ويو. پنجاب وارو اهو سمورو علائقو اڳوڻي اوپر- پنجاب تي مشتمل هو. انهيءَ ڪري هن خطي واري ٻولي 'اُپرندي ٻولي' سڏجڻ ۾ آئي، ۽ اولهه پنجاب واري خطي جي ٻوليءَ کي 'لهندي ٻولي' سڏيو ويو.

لهاذا هن وقت لسانيات جا اڪثر ماهر 'لهندي ٻوليءَ' کي، پنجابي ٻوليءَ کان ڌار گروهه واري ٻولي سمجهن ٿا. ۽ 'پوٺوهاري'، 'ڌني'، 'هندڪو'، 'شاهه پوري' 'اعوانڪي'، 'تنولي' ۽ 'ميانواليءَ' کي لهندي ٻوليءَ جون شاخون سڏين ٿا.

(د) بهرحال سنڌوئي ٻوليءَ جي متي واضح ڪيل پهچ ۽ پکيڙ کي سامهون رکي سرگريئرسن ۽ مارگينسٽيئرن جي ڏاهيل نقشي ۾ تبديلي آئي، نئون نقشو ڏاهيو ويو آهي ۽ داردي ٻولين، سؤراشٽر جي ڪاٺياواڙي ٻوليءَ، گجرات جي گجراتيءَ، راجسٿان جي مارواڙيءَ، ڀيليءَ، باگڙيءَ ۽ راگڙيءَ توڙي ٻين ٻولين، ۽ پنجاب جي مختلف ٻولين تي مشتمل نئون نقشو ڏاهيو ويو آهي، جنهن جي آڌار تي اهو چئي سگجي ٿو ته، سرگريئرسن وارو نظريو ته: "سنڌي، هند- آريائيءَ جي 'ٻاهرئين گروهه' (Outer branch) واري شاخ آهي،" قبول ڪرڻ جهڙو نظريو نه آهي، اڳ ۾ ڊاڪٽر عزيز انصاريءَ جو رايو ڏنو ويو آهي جنهن سان آءٌ به اتفاق ٿو ڪريان ۽ ڊاڪٽر عزيز انصاري پنهنجي Ph.D. مقالي ۾ لکي ٿو:

> "راجسٿاني ٻوليءَ کي 'هندوستاني لسانيات جو جائزو' ڪتاب ۾ سر گريئرسن، وسطي گروهه جي زبانن ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سنڌيءَ کي 'شمال- مغربي گروهه' جي زبان سڏيو اٿس، ۽ ان جو تعلق لهندا ٻوليءَ سان بيان ڪيو اٿس، پر انهيءَ جي باوجود ڏنو ويو آهي ته راجسٿاني ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مزاج، هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو آهي ۽ سنڌي ۽ راجسٿانيءَ ۾ تمام گهڻي صوتي، صرفي ۽ نحوي هڪجهڙائي آهي، اها حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه ڪانهي، سنڌ ۽ راجسٿان جو لاڳاپو ۽ سياسي ميل جهول، قديم زماني کان وٺي رهيو آهي."[200]

سرگريئرسن جي نظرئي ۾ تبديلي آئي، هيٺن چوٿو پوندو ته: سنڌو- ماٿر جي قديم زبان سنڌوئي ٿي هئي، جيڪا قديم سنڌ يعني سنڌو- سؤوير وغيره ملڪن ۾ هلندي هئي. اهو نئون جوڙيل نقشو صفحي نمبر    تي ڏجي ٿو:

---

200- عزيز انصاري، اردو اور راجسٿاني بوليان، شعبہ اردو، ص 103.

هن نقشي ۾ سئنڌوُئي زبان ۽ اُن جي شاخن جي اپياس مان پتو پوي ٿو تہ، سنڌو- ماٿر جي هيءَ اصلوڪي ۽ بنيادي ٻولي، ڏهن شاخن جي صورت ۾، برصغير جي وڏي حصي ۾ پکڙيل هئي. ساڳئي نقشي ۾ وري هر شاخ جون ننڍيون ننڍيون ذيلي شاخون ڏنيون ويئون آهن.[201]

## 9- ديسي لفظ:

(الف) ڪولن ماسيڪا (Colin Masica) پنهنجي ڪتاب ۾ صفحي 39 تي لکي ٿو تہ:

> "بهرحال اهو ثابت ٿيو آهي تہ آرين جي اچڻ وقت برصغير وارو پورو ملڪ غير–آباد نہ هو، پر هن ملڪ ۾ بہ ڪي قومون آباد هيون، جيڪي ڪي ٻوليون ڳالهائيندڙيون هيون. انهن قومن مان ڪن قومن ۽ سندن ٻولين جي باقيات، هن ملڪ ۾ هن وقت بہ موجود آهي. البت آرين جي اچڻ کان اڳ انهن مهذب قومن جي تهذيب واري ٻولي اڃا پڙهي ڪانہ وئي آهي، ان ڪري اها خبر نٿي پوي تہ اها ٻولي ڪهڙي قديم خاندان سان واسطو ٿي رکي؟"[202]

(ب) (I) آريا جڏهن سنڌو- ماٿر ۾ اچي آباد ٿيا، تڏهن نہ فقط سندن تهذيب ۽ تمدن سان، سنڌو- ماٿر جي سئنڌوُ لوڪن' جو واسطو پيو، پر آرين جي تهذيب ۽ تمدن تي، سنڌو- ماٿر جي ماڻهن جي تهذيب ۽ تمدن، تمام گهڻي اثر انداز رهيا. ساڳيءَ طرح سنڌو- تهذيب جي 'سئنڌو لوڪن' جي 'سئنڌوئي ٻوليءَ' جو آرين جي

---

201– ذيلي شاخن مان ڪي هي هيون:

الف– اُپرنڊين شاخ ۾ هي ٻوليون اچي وڃن ٿيون:

(i) اڳوڻي سؤراشٽر (ڪاٺياواڙ) جي رياستن ۾ رائج ٻوليون جيڪي هڪ طرف ڪاٺياواڙ جي اُپسمنڊ تائين پکڙيل هيون، تہ ٻئي طرف موجوده گجرات رياست جي اوپر واري ڇيڙي تائين پکڙيل هيون.

ب– موجوده هرياڻا رياست ۾ ڪاليبنگن جي اوپر طرف ڪجهہ حصي ۾ سئنڌوئي ٻوليءَ جون ذيلي ٻوليون رائج هيون. اُنهن ۾ ميواتي/ الورشاهي ۽ هرياڻا جي 'بانگڙو' ٻوليون اچي وڃن ٿيون.

ت– اڳوڻي اُديپور رياست (ميواڙ) ۾ رائج ميواڙي ٻولي. سرگريئرسن ميواڙيءَ/ ميواتيءَ کي اُترين راجستاني سڏيو آهي.

ث– ماڙچي ٻولي– هيءَ ٻولي، اڳوڻي گجرات ۽ مهاراشٽر رياستن جي سرحدي علائقي ۾، 'ڀيليءَ' جي نالي سان سڏبي آهي.

ج– باگڙي ٻولي– هيءَ ٻولي، اڳوڻيءَ بيڪانير رياست جي اُتر– اوپر واري خطي ۾، هتي جي اصلوڪن رهاڪن جي ٻولي آهي.

ح– اهڙيءَ طرح اُترين شاخ داردي ٻولين تي مشتمل آهي.

202- Collin Masica, Op.Cit., P.39.

ٻوليءَ/ ٻولين (پراڪرت/ پراڪرتن) تي بہ گهڻو اثر ٿيو. 'سنڌُوئي ٻوليءَ' جا ڪيترائي صوتيہ، صرفيہ، لفظ، فقرا ۽ اصطلاح، آرين جي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي ويا. آرين جي ٻولين جي لغوي خزاني ۾ سنڌُئي ٻوليءَ جي اهڙن لفظن ۽ لسانياتي اثرن، اُن دور جي وياڪرڻين جو توجہ ڇڪايو.

پراڪرت جي وياڪرڻين، برصغير جي ڏيهي ٻولين جو جڏهن مطالعو ڪيو تڏهن هنن قديم ڀارت جي ٻولين جي لغوي خزاني کي چئن قسمن ۾ تقسيم ڪيو. انهن جي خيال موجب مذڪوره لغوي خزاني جا چار قسم هئا. اُهي هئا: تَتسَمَ (سنسڪرت ٻوليءَ وارا لفظ)، تَدڀوَ (سنسڪرت جهڙا لفظ)، ديسي/ ديشج (يعني آرين جي برصغير ۾ آمد کان اڳ، مقامي يعني ديسي ٻوليءَ جا لفظ) ۽ وديشي يعني پرڏيهي (ڌارين ملڪ جا) لفظ.[203]

ديسي لفظ، اهي لفظ آهن، جيڪي سنڌو-ماٿر جي اصلوڪي زبان جا باقيات يا اُن زبان جا رهيل اُهڃاڻ آهن، جيڪي هتي جي ماڻهن هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، پاڻ سان پنهنجي آبائي سرمايي طور سنڀالي، استعمال پئي ڪيا آهن.

(II) پراڪرت وياڪرڻ جي ماهرن جي اهڙي تقسيم، ۽ لفظن جي اهڙي درجيبنديءَ (classification) مان 'ديسي/ ديشج لفظن' وارو قسم، ۽ انهن لفظن جو ذخيرو، برصغير جي لسانيات جي ماهرن لاءِ عموماً ۽ سنڌ جي ماهرن لاءِ خصوصاً توجهہ جي لائق آهي، ڇاڪاڻ تہ جيئن مٿي چيو ويو آهي تہ ديسي لفظن جي ذخيري مان مراد، اهي لفظ يا لفظن جو اهو ذخيرو آهي جيڪو اُن قديم ٻوليءَ جي باقيات/ سرمايو آهي، جيڪا آرين جي برصغير ۾ اچڻ کان اڳ، سنڌو-ماٿر ۾ ڳالهائي ويندي هئي ۽ سنڌو- ماٿر ۾ رائج هئي.

(III) اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود سنڌو-ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن ۽ ٻوليءَ ۾ تسلسل قائم رهيو آهي. اِن ڏس ۾ مهرڳڙه، موهن جي دڙي، هڙپا، ڪوٽ ڏيجيءَ ۽ آمريءَ جي ڪنڊرن مان جن جن جانورن، پکين، وڻن ٽڻن، ٻوٽن، گلن، ٿلن، ٿانون ۽ زيورن وغيره جا نمونا هٿ آيا آهن، اُنهيءَ ساڳئي نموني جا ٿانوَ، زيور، جانورن ۽ پکين جا مجسما ۽ مورتيون، اڄ بہ سنڌو-ماٿر ۾ ٺاهيا ويندا آهن. ۽ اڄ بہ ٿانون، زيورن، ڳهڻن ۽ ٻين شين تي اهڙا ئي چٽ، نقش ۽ اهڙيون ئي شڪليون ۽ صورتون ٺاهيون وينديون آهن، جهڙيون سنڌو-تهذيب جي هنرن ۽ فنن تي عام طور نظر اينديون آهن.

پر سنڌو-ماٿر واريءَ تهذيب جي قديم زماني ۽ معاشري، انهن جا نالا ڪهڙا هئا، يا اُنهن کي ڪهڙن نالن سان ڪوٺيو ويندو هو، تنهن جي باري ۾ اڃا تائين ڪو پڪو ثبوت ڪونہ مليو آهي، جيتوڻيڪ ڊاڪٽر آسڪوپرپولا، سيموپر پولا، روسي ماهرن، ڀارت جي ماهرن ۽ آمريڪي ماهر ڊاڪٽر فيئر سروس،

203- Pischell, Op.Cit., P.97.

(ٻوليءَ) جي نالي جو اڄ اسان کي پتو پئجي نٿو سگهي، پر ممڪن آهي تہ اها قديم ٻولي 'تاتار خاندان' (Tatar Stock) جي شاخ هئي، ۽ جا آرين جي اچڻ کان اڳ، پوري برصغير تي ڇانيل هئي؛ ڇاڪاڻ تہ برصغير جي مڙني ٻولين ۾، ساڳئي قسم جو غير- آريائي ذخيرو موجود آهي، جنهن کي پراڪرت جي پراڻن وياڪرڻين 'ديسي' (Provincal) لفظ سڏيو آهي."205

(VI) ڊاڪٽر ٽرومپ جي هن راءِ، ڏيهي ٻولين تي تحقيق ڪندڙن جي وڏي مدد ڪئي. دراوڙي ٻولين جي ماهر ۽ اُن وقت جي مشهور محقق، ڊاڪٽر ڪالڊويل، ڊاڪٽر ٽرومپ جي هن راءِ کي پنهنجي دعوا جي دليل طور ڪم آندو. ڊاڪٽر ڪالڊويل پنهنجي مشهور تصنيف 'A Comparative Grammar of the Dravidi-an of South Inidan Family of Languages.' ۾ لکي ٿو تہ:

"ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو گرامر' ۾ لکيو آهي تہ، اُترين صوبائي ٻوليون، غير- آريائي عنصر رکن ٿيون. هن جي خيال موجب، هن ڪجھ اهڙو ذخيرو بہ هٿ ڪيو آهي، جيڪو هتي جي مقامي ٻوليءَ جو آهي، جنهن جي نالي جي خبر نہ آهي، جيڪا ممڪن آهي تہ تاتار خاندان مان هئي، جيڪا آرين جي اچڻ کان اڳ سڄي برصغير تي ڇانيل هئي.
اُها مقامي ٻولي، ويجهڙائيءَ واري زماني ۾، 'سٿين خاندان' جي چئي وڃي ٿي، پر جنهن کي هُو (ڊاڪٽر ٽرومپ) 'تاتار خاندان' جي شاخ ڪوٺڻ وڌيڪ مناسب ٿو سمجهي.
ڊاڪٽر ٽرومپ جي راءِ موجب، اُهي لفظ جن ۾ موردني آواز اچن ٿا، اُنهن لفظن جون ٿي پتيون ان غير- آريائي زبانِ جون نشانيون آهن، جيڪا هن خطي جي اصلي زبان هئي، جنهن کي 'سٿين' سڏيو ويو آهي، پر اُن ٻوليءَ کي هُو (ٽرومپ) 'تاتاري ٻولي' ڪوٺڻ وڌيڪ مناسب ٿو سمجهي."206

(VII) ديسي لفظن جي باري ۾ جان بيمز لکي ٿو تہ:

"برصغير جي زبانن جي لفظن جي ذخيري کي هيٺين ٽن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي: تتسم (سنسڪرت وارا)، تَدڀوَ (سنسڪرت جهڙا)، ديشج يعني ديسي، وديشج (غير ملڪي).
ديشج لفظ اُهي آهن جيڪي سنڌو ماٿر جي اصلوڪي زبان جا رهيل اُهڃاڻ آهن، جيڪي هتي جي ماڻهن، هزارين سالن جي

205- Trumpp. Op.Cit, Indtroducation, P.111.
206- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., Indtroduction, P.64.

گذري وڃڻ جي باوجود، پاڻ وٽ سرمائي طور سنڀالي رکيا آهن، ۽ اُهي آرين جي ٻولين ۾ شامل ٿي ويا آهن."207

(VIII) ساڳئي موضوع تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ جارج شرٽ ۽ جان بيمز جي حوالي سان پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته اهي ديسي لفظ دراوڙي نسل واري ٻوليءَ جا هئا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

"عربي ۽ فارسي لفظن کان سواءِ، سنڌيءَ ۾ جيڪي ٻيا الفاظ آهن، تن ۾ پڻ ڪيترائي اهڙا آهن، جن جو سنسڪرت سان ڪو لاڳاپو ڪونهي: (مثلاً: لفظ 'اسان' يا 'اسين' سنسڪرت ۾ آهن ئي ڪونه). جارج شرٽ سوال ٿو اُٿاري ته لغت جو اهو پنهنجو ذخيرو ڪٿان آيو؟ اهي لفظ، سنڌس خيال ۾ يقيني طور، انهيءَ ٻوليءَ جا آهن، جيڪا سنسڪرت کان اڳ جي هئي. سنڌس نظرئي مطابق، اهي الفاظ ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ جا آهن."

چوي ٿو ته:

"جڏهن (سنڌيءَ مان) سڀ سنسڪرت، عربي ۽ فارسي لفظ خارج ٿا ڪجن ته به هڪ وڏو ذخيرو اهڙن لفظن جو باقي بچي ٿو، جن کي مسٽر بيمس (Beames)، پنهنجي تقابلي گرامر (Comparative Grammar) ۾ 'ديسي' سڏي ٿو.
منهنجي خيال انهيءَ ۾ ڪو شڪ نٿو ٿي سگهي ته اهي لفظ انهيءَ زبان جي بقايا آهن، جيڪا آرين جي آمد کان اڳ، سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي: آرين غالباً انهن دراوڙي نسل جي ڪن قبيلن کي، جيڪي (موجوده) بروهين جا وڏا هئا، پهاڙن ڏي هڪالي ڪڍيو، ۽ سنڌ جي باقي باشندن کي گهٽ ذات جي طبقي ۾ ملائي ڇڏيو."208

ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنسڪرت کان اڳ واري ٻوليءَ جي باقيات جي باري ۾ سوال ٿو ڪري ته:

"جيڪڏهن سنڌي لغت ۾ ايترا سارا سنڪسرت کان اڳ جا 'ديسي' لفظ ملن ٿا ته پوءِ هيءُ اهم ۽ دلچسپ سوال اُٿي ٿو ته ڇا سنڌي گرامر ۾ پڻ اهڙي (ديسي) اثر جا اُهڃاڻ موجود آهن ڇا؟ مون کي يقين آهي ته اهڙا اُهڃاڻ موجود آهن."209

---

207- John Beames, Op. Cit., PP. 47-48.

208- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص ص 6-7.

209- ايضاً ص 7 •

ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان شايع ٿيندڙ 'سنڌي ٻولي رسالي' (اپريل- مئي- جون 1994ع) ۾ پنهنجي مقالي، بعنوان، 'سنڌو-تهذيب' جي 'سنڌو-لکت' جي پاڇ' ۾، سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ مقامي هجڻ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"هن سلسلي جو ٻيو 'پانيو' جيڪو هن وقت محققن وٽ وڏيڪ مقبول آهي، سو هيءُ آهي ته ٻين سيني قديم ٻولين (مُنڊا، قديم هند- آريائي وغيره) جي ڀيٽ ۾ ڪا دراوڙي ٻولي 'سنڌو- لکت' ۾ سمايل آهي. هيءُ 'پانيو' انهيءَ سوچ تي ٻڌل آهي ته سنڌو واديءَ سان لاڳو خطي جي 'بروهڪي' ٻوليءَ ۾ دراوڙي جزا سمايل آهن، ۽ انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو ته، سنڌو- واديءَ ۾ ڪنهن وقت دراوڙي ڳالهائيندڙ موجود هئا. جن 'مُئن جي دڙي'، واري 'سنڌو- تهذيب' کي جنم ڏنو. انهيءَ ڪري 'مئن جي دڙي' واري 'سنڌو لکت' پڻ ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ جي آهي. مگر دراوڙي ٻولي ٻه ڪا هڪ ڪانهي، پر پنجويهه کن آهن جن مان 'ڪتروخ'، 'ملتو' ۽ بروهڪي وڏيڪ اُتر واريون آهن. هن 'پانيي' موجب انهن ٻولين مان ڪي قديم درواوڙي الفاظ چونڊي، انهن جي معنائن ۽ معنوي صورتن جي 'سنڌو لکت' جي سالم ڪتبن توڙي سندن پاڙن سان مطابقت تلاش ڪرڻي پوندي" 210

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

"هن سلسلي ۾ ٽيون 'پانيو' هيءُ پڻ تجويز ڪري سگهي ٿو ته، 'سنڌو لکت' کي پڙهڻ لاءِ اُن جي ڪتبن ۽ پاڙن ۾ خود سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ فقرن جي مطابقت تلاش ڪجي. اهڙي 'پانيي' تي اعتراض ٿي سگهي ٿو ته سنڌي هن دور جي رائج ٻولي آهي، جنهن جو قديم سنڌو- تهذيب واريءَ ٻوليءَ سان لاڳاپو تصور ڪري نٿو سگهجي، پر اهو ساڳيو اعتراض دراوڙيءَ تي ٻه ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ جو اُهي دراوڙي لفظ جيڪي هن وقت ڳالهائجن ٿا ۽ جن جي معنيٰ هن وقت معلوم آهي سي قديم سنڌو ٻوليءَ جي لکت' ۾ ڪيئن ٿا سمايل ٿي سگهن؟ جيڪڏهن ڪي قديم دراوڙي الفاظ 'قديم سنڌو لکت' واري ٻوليءَ جا بچيل آثار آهن ته موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪي قديم الفاظ پڻ قديم سنڌي تهذيب واري ٻوليءَ جا بچيل آثار ٿي سگهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي تجزيي مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته ڪي اهڙا عام اسم توڙي خاص نالا جيڪي هن وقت رائج آهن، سي ڪم از

---

210- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: سنڌو تهذيب جي، سنڌو لکت ۽ پاڇ، مقالو، سنڌي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، اپريل، مئي ۽ جون 1994 ع، ص-5.

ڪم پوٺا تيرهن سؤ سال اڳ بہ رائج هئا جو اهي اٺين صدي عيسويءَ جي رڪارڊ (جيڪو ڪتاب فتحنامي ۾ محفوظ آهي) ۾ لکيل صورت ۾ موجود آهن، جيتوڻيڪ اهي اڃا بہ ڪي صديون اڳ جا تسليم ڪري سگهجن ٿا. موجوده ڄاڻ موجب 'سنڌو- تهذيب' جو آخري دور 18 صدي قبل مسيح تائين. پر ممڪن آهي تہ ان کان پوءِ تائين هلندڙ هجي، ۽ قديم 'سنڌو لکت واري ٻولي' اُن کان پوءِ بہ هلندي آئي هجي. جيڪڏهن بحيثيت ٻوليءَ جي اها ختم ٿي ويئي هجي تہ بہ ڪي الفاظ باقي بچيا هوندا، جن جو 'قديم سنڌيءَ' ۾ سمايل هجڻ جو امڪان ٿي سگهي ٿو.

بهرحال هيءُ بہ هڪ اهڙو 'پانيو' آهي، جنهن مطابق 'سنڌو لکت' کي پڙهڻ ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿي سگهي ٿي، پر ان لاءِ ضروري آهي تہ اسان پاڻ ان ڏس ۾ وک وڌايون، يا ڪم از ڪم هن 'پانيي' مطابق 'قديم سنڌو لکت' تي تحقيق ڪندڙ ماهرن لاءِ بنيادي مواد مهيا ڪريون: يعني تہ سنڌي لغات مان اهڙا لفظ چونڊي جدا ڪريون، جن جا اشتقاق فارسي، عربي، پالي، سنسڪرت يا تاريخي دور واري ڪنهن بہ معلوم ٻوليءَ مان ثابت نہ هجن. البت جيڪڏهن انهن جي اصل بابت ڪن قديم ٻولين جهڙوڪ: دراوڙي، پروٽو- ويدڪ، مُنڊا، سميري، مصري يا بابليءَ جو گمان هجي تہ في الحال اهي پڻ تہ تجرباتي لسٽ ۾ شامل رهن.

اهڙا لفظ چونڊي ڪڍڻ سولا نہ آهن پر هن ڏس ۾ قدم وڌائڻ ۽ وڌيڪ ويچار ڪرڻ لاءِ موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪن اهڙن گماني لفظن جي هڪ مختصر ۽ ويچار ڪرڻ لاءِ موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪن اهڙن گماني لفظن جي هڪ مختصر ۽ عارضي لسٽ مثال طور هيٺ ڏجي ٿي، جنهن کي وڌيڪ غور ۽ تحقيق سان وڪائي سگهجي ٿو". [211]

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، قديم سنڌي ٻوليءَ جا غور طلب لفظ بہ ڏنا آهن. [212] جيڪي سندن راءِ موجب قديم سنڌو- تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ جي باقيات آهن، جن کي ماهرن ديسي لفظ سڏيو آهي. [213] اُهي لفظ هي آهن:

211- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 'سنڌو- تهذيب جي سنڌو لکت جي پاڄ، مقالو حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 5-6.
212- ايضاً، ص ص 6-7.
213- لفظن جي انهن لڙهين کي، ڊاڪٽر پرسي گدوانيءَ طرفان ڏنل لفظن سان پيٽي سگهجي ٿو.

**عزازت ۽ سماج ۾ رائج**

ادي، ادا، اديون، ميان، ميون، گهوٽُ، نهو.

**رڌ پچاءَ ۽ ڪاڏو**

ماني، ڀڳ، ٿانڊو.

**جِم ۽ جسم جا ڀاڱا**

ڏُڪي، سٿا، چِرَ، تنجڻ، ٿونٽ، ڏؤنرو، ڪُڙي

**ڏڪ هڻڻ، شڪار ڪرڻ ۽ پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جا هٿيار**

دونبڻ، مُتڪو، لَڪڻ

**رهائش گاهه، گهر ۽ بستي ۽ گهر جو سامان**

وانڍَ، لوڙهو، ڏِنگر، ڪڙهه، ٻُنيو، ڪِڙي، گهڙو، رِچ.

**واءُ ۽ مينهن**

ڇِڙو، ڇِڙا، ڪنوڻ

**زمين ۽ جبل**

پوٺو، ڪرڙو، ڏونگر

**کيتي**

اُرلو، هُرلو، ڪَرَ، ڪَپَ، پَنجهو.

**معدنيات**

ٻاٽ، ڪُٽ

**جانور ۽ مال**

ڏاندُ، ڍڳو، رِڍِ، گهٽو، پَهون، ڏاگهو، ڏاچي، رَمڙ، ڏَڻ.

**وزن ۽ تور**

ڪانو، مڻ.

**پاڻي، مڇي ۽ مڇيءَ وارا**

ڍَنڍَ، ڪُرڙو، جرڪو، گوجَ، ميد، ميهه، مهاڻو، گهاٽو.

**ڳاڻيٽي جا عدد**

ٻرڪ، ٻه

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ساڳئي صفحي تي، پنهنجيءَ راءِ ڪي هنن لفظن سان ختم ڪيو آهي، هو لکي ٿو تہ:

> "مٿيان ٿورا لفظ چونڊيا ويا آهن، پر اڳاٽي وقت جا اهڙا گهڻائي لفظ هن وقت بہ سنڌيءَ ۾ رائج آهن. اهي غور طلب آهن، ڇاڪاڻ جو ٿي سگهي ٿو تہ انهن مان گهڻا سنڌو لکت واريءَ ٻوليءَ جا هجن". 214

(IX) ميجر ماڪلر (Mockler) بہ دراوڙي ٻولين کي سٿين (Scythian) ٻولين جي

214– نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌو– تهذيب جي سنڌو– لکت، حوالو ڏنل آهي، ص 7.

شاخ سڏيو آهي. هو لکي ٿو ته:

"بلوچي، اُن ٻوليءَ جو نالو آهي، جيڪا بروهين کان سواءِ بلوچستان جون ٻيون قومون ڳالهائينديون آهن. بروهين جي پنهنجي ٻولي آهي جنهن کي 'ڪُردي' (Kurdee) يا 'ڪردگالي (Kurdgalee) به چوندا آهن، جيڪا سٿين خاندان وارين ٻولين سان واسطو رکي ٿي. بروهي موجوده وقت بلوچستان واري علائقي ۾ آباد آهن."[215]

سر وليئم جونز (Sir William Jones) اُتر هندستان جي مقامي ٻولين ۾ 'تاتاري' يا 'چالدي' (Chaldee) يعني 'سٿين ٻولين' جي عنصر جي موجود هجڻ جي دعوا ڪئي آهي.[216] جان بيمز (John Beames) هن خاندان کي توراني خاندان ۽ دراوڙي ٻولين کي توراني ٻولين جي شاخ سڏيو آهي.[217]

ڊاڪٽر ڪالڊويل جو وڌيڪ خيال آهي ته:

"دراوڙ قومون، غير- آريائي ۽ سٿين (Scythian) خاندان مان هيون، جن جو واسطو توراني (Turanian) ٻولين سان آهي."[218]

ڊاڪٽر وون سگرڊ ويسٽ فال، هن سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

"هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته وڪرماجيت کي، ساڪ/ سٿين حملہ آورن سان، 57 ق-م ۾ مقابلو ڪرڻو پيو هو ۽ اها به حقيقت آهي ته برصغير هند و پاڪ جي تمام اُتر- اولہ وارن حصن ۾، اُنهن (ساڪن/ سٿين) جو سڪو جميل هو، ليڪن ساڪ/ سٿيا، انهن خانہ بدوش جٽن ۽ ٽولن جو مجموعي نالو هو، جن ڪجھ صديون اڳ، برصغير کي پنهنجن حملن جو نشانو بنايو هو.
بهرحال هي سمجهڻ (فرض ڪرڻ) وڌيڪ مناسب ٿيندو ته انهن ساڪن/ سٿين پاڻ کي، اُن ۽ مينهين پاليندڙ 'جت قوم' سان ضم ڪرڻ آسان سمجهيو، جو ته هنن جي پنهنجي روزمره واري زندگي، جتن جي زندگيءَ وانگر، خانہ بدوش هوندي هئي. اهو به نديشو آهي ته، 'جت قوم'، اڳ ۾ آيل ساڪن/ سٿين جي باقيات مان هجن، جيڪي حملي کان پوءِ هت رهجي ويا هجن ۽ آباد ٿي

215- Mockler, E., Major, A Grammar of the Balochee Language, Henry, S.King & Co:, 1877, Indtroducation.
216- Ibid.
217- Ibid.
218- Caldwel, R., Dr., Op.Cit., Introduction, P.64.

ويا هجن"[219]

(X) ڊاڪٽر گنڪووسڪي هن سلسلي ۾ پنهنجي ڪتاب People of Pakistan ۾ لکي ٿو ته:

"هن حقيقت کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي ته ابتدائي ايراني خط ميخيءَ جون تحريرون، هن باقيات جي شهادت جون هم عصر (Contemporarian) آهن. يعني 'اَڪُئوفاسيا' (Akaufaciya) يعني اها قوم جنهن کي 'ڪوفيچ' (Kufich) يا 'ڪوفچ لوڪن' سان ملائي سگهجي ٿو ۽ جنهن جو قرون وسطيٰ جي مسلمان مصنفن به ذڪر ڪيو آهي.

حدودالعالم جي مصنف بيان ڪيو آهي ته 'ڪوفچ'، ستن قبيلن ۾ ورهائجي ويا هئا، ۽ اهي پنهنجي زبان ڳالهائيندا هئا. جنهن جي باري ۾ اهو قياس ڪيو ويو آهي ته اُن زبان جو تعلق دراوڙي زبان سان هو.

ساڳيو مصنف، انهن کي اَڪوفاسيا- ڪوفيچ (Akaufaciya-Kufich) نزاد سمجهي، انهن جو تعلق توراني نسل سان ظاهر ڪري ٿو.

قديم ايراني 'بيهيستون' (Behistun) تحرير (جيڪا 'داريوش اول' جي هڪ 'پرسي پولش' تحرير آهي) ۾، مَڪَہ (Maka) ملڪ ۽ اُن جي رهاڪن جي باري ۾ ذڪر ٿيل آهي. هي نالو 'مڪران' (قرون وسطيٰ جي مصنفن جي راءِ ۾)، 'ماڪوران' (Makuran) يا 'ماڪي ران' (Maceran) جي تاريخي صوبي جي نالي ٿي اڄا تائين زنده آهي، جيڪو ايران جي ڏکڻ- اوڀر ۽ پاڪستاني بلوچستان جي مغربي علائقي ۾ واقع آهي. بيشمار عالمن جو لاڙو هن راءِ طرف آهي ته مَڪَہ جا اصل رهواسي دراوڙ هئا.

ٻي شهادت هيءَ آهي ته دراوڙي ٻولي ڳالهائيندڙ، ڪنهن زماني ۾ برصغير پاڪ- هند جي اولهه ۽ اُتر- اولهه جي چيڙي يا سرحد تائين ڦهليل هئا. هن ڳالهه جو ثبوت هي آهي ته سيستان جي هن حصي جي آبادي، ٿورڙين ئي صديون اڳ، دراوڙي زبان ڳالهائيندي هئي.

'پي- اسڪائيز' (P.Skyes) جو خيال آهي ته اڄ اُن فارسي ڳالهائيندڙ نسلياتي گروهن (ساربندين/ Sarbandis) جو نسلي

219- Von, Sigrid Westphall- Hellbusch, Dr. & Heinz Westphall, Dr., The Jats of Pakistan, Duncker and Berlin, 1964, P.97.

(genetic) تعلق، بروهي زبان سان آهي، جنهن جو اصل ملڪ 'سنيستان' آهي. هي بہ ممڪن آهي تہ غير معروف 'خوزيا زبان'، جيڪا خوزستان ۾ ڏهين صديءَ عيسويءَ ۾ ڳالهائي ويندي هئي، ۽ جنهن کي اصطخري 'ليس بعبراني ولا سرياني ولا فارسي' بيان ڪري ٿو، بہ ڪا دراوڙي زبان هئي.

هند- آريائي زبانن جي ابتدائي شڪل ۽ صورت جو وڏيڪ اپياس بہ هن نظرئي جي حمايت ڪري ٿو تہ، هڙپائي تهذيب جي زماني ۾، هندستان جي اُتر- اولہ وارن علائقن جي آبادي دراوڙي هئي.

اصلي نسلياتي رنگت، جيڪا مُنڊا قوم جي خصوصيت آهي، ڪيترن ئي جزن (Components) تي مشتمل آهي. اُنهن مان اڪثر عناصر بلاشبہ اهڙا آهن، جيڪي برصغير جي 'سياه فام- آسٽريلوي- نما ويدڪ آبادي' (Negro- Austroloid) سان تعلق رکن ٿا. اُن کان سوءِ دراوڙي قومن کان اڳ، جيڪي قومون برصغير جي شمالي- مغربي حصي ۾ رهنديون هيون، ۽ ڏکڻ- هند جي دراوڙن ۽ جزيره- نما هند- چينيءَ جي منگولي قبيلن جي قربداريءَ تي ڪوبہ شڪ ڪري نٿو سگهجي"[120]

محترم عين الحق فريد ڪوٽي لکي ٿو تہ:

"آثار قديمہ جي مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ آرين جي اچڻ کان اڳ، سنڌو- ماٿر ۾ جيڪا قوم آباد هئي سا پنهنجي زماني جي لحاظ کان تهذيب ۽ تمدن ۾ بلند مقام رکندي هئي، يقيناً اهڙي سماج ۾ رائج زبان بہ ترقي يافتہ هوندي. هن ماٿريءَ مان هٿ آيل چٽيل مهرن مان اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ هن تهذيب جا مالڪ ماٺهو تحرير جي فن مان بہ واقف هئا. افسوس هيءُ آهي تہ اجا تائين اهو رسم الخط پڙهجي نہ سگهيو آهي. ان ڪري هن زبان جي باري ۾ وثوق سان ڪجھ چوڻ مشڪل آهي، البت اهو ضرور تسليم ڪرڻو پوندو تہ هن زبان جي لغوي سرمائي مان ڪجھ حصو، موجوده پنجابي، سنڌي، بلوچي، براهوئي، سرائڪي ۽ پشتو ۾ ضرور موجود هوندو، جاڪاڻ تہ انهن زبانن جو جڏهن غور سان مطالعو ٿو ڪجي تہ انهن زبانن جي لغوي خزاني ۾، غير- آريائي بڻ بنياد جا ڪيترائي لفظ ملن ٿا. انهن غير- آريائي زبان جي لفظن جي موجود هجڻ جي آثار تي چئي سگهجي ٿو تہ

220- Gankovsky V.Yu, People of Pakistan, Opt. Cit., PP. 34-38.

انهن جو واسطو اُن زبان سان آهي جيڪا سنڌو- ماٿر ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ رائج هئي.

اچ کان اٽڪل سايا ٽي هزار سال اڳ، آريا جڏهن سنڌو- ماٿر ۾ وارد ٿيا، تڏهن هو پاڻ سان نئين تهذيب ۽ نئين زبان کڻي آيا، جيڪا اُنهن جي فتح سان گڏ پوري علائقي تي ڇانئجي وئي، ليڪن اُن جي باوجود هتي جي مقامي زبان ۽ تهذيب ختم ڪانه ٿي، بلڪ نئين تهذيب ۽ نئين زبان جنم ورتو. مقامي تهذيب ۽ زبان تي آرين جي تهذيب ۽ زبان جو اثر ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح فاتحن جي تهذيب، ۽ اُن زبان تي، هتي جي مقامي تهذيب ۽ زبان جو اثر ٿيو. نتيجو اهو نڪتو جو آرين جي زبان، پراڪرت ٻولين جو روپ ورتو، ۽ اهي عوامي زبانون بنجي ويون." 221

(ت) بهرحال اُها قديم ٻولي، سنڌو- ماٿر جي سماج مان ئي اُسري هئي، ۽ اها مقامي ۽ سنڌو- ماٿر جي سئنڌُئي ٻولي هئي، جيڪا آرين جي قيام کان ڪي ايام اڳ هت رائج هئي، ڇاڪاڻ تہ سنڌو- ماٿر ۾ هڪ شاندار تهذيب ۽ تمدن قائم هو. هن شاندار تهذيب ۽ تمدن وارا ماڻهو، پنهنجي روزانہ وهنوار، اُٿڻيءَ ويهڻيءَ، وڻج واپار، ڪرت ۽ ڌنڌن لاءِ هيءَ ٻولي يعني سئنڌُوئي ٻولي ڪم آڻيندا هئا، جنهن جي باقيات جي باري ۾ هن کان اڳ تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي ۽ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن.

(ث) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ پنهنجي ڪتاب 'A Grammar of Sindi Language' جي مهاڳ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ نيٺ خودمختيار (Independent) ٻولي سڏيو آهي ۽ مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

"اسان پنهنجي ڪتاب جي تمهيد ۾ ڄاڻايو آهي تہ پراڪرت جي وياڪرڻي، 'ڪرمديشوَر'، اپيرنش مان مثال ڏيئي، وياڪرڻ جا جيڪي قاعدا قانون ڄاڻايا آهن، اُهي اڄا تائين سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. اهي قانون هاڻ ٻين ڏيهي ٻولين سان لڳي نٿا سگهن. سنڌي ٻولي، اهڙيءَ طرح هڪ خودمختيار (Independent) ٻولي آهي، جيڪا سندس پينر ٻولين واري ساڳئي بُڻ مان آهي، پر دراصل اُنهن کان مختلف آهي." 222

هن ڏس ۾ محترم عين الحق فريد ڪوٽيءَ جو رايو بہ وزندار آهي. هو لکي

---

221- عين الحق فريد ڪوٽي: اردو زبان ڪي قديم تاريخ، اوريئنٽ ريسرچ سينٽر، طارق ڪالوني، ملتان روڊ، لاهور، 1979ع، ص 56.

222- Trumpp, E., Dr., Op. Cit., Introduction, PP. I and II.

ٿو ته:

”شمالي هند جي عوامي زبانن جي صرف و نحو ۽ سنسڪرت جي صرف و نحو ۾ جيڪو اصولي فرق آهي، اهو هن ڳالهه جو پڪو ثبوت آهي ته اهي عوامي زبانون سنسڪرت مان نه بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دور جي پراڪرت مان ڦُٽي نڪتيون آهن: البت سنسڪرت جي لفظن جو وڏو تعداد، انهن عوامي زبانن ۾ موجود آهي.“[223]

عين الحق فريد ڪوٽي صاحب ساڳئي صفحي تي لکي ٿو ته:

”آرين جي اچڻ کان اڳ هن برصغير ۾ پهرين مُنڊا گروهه جون زبانون رائج هيون، اُن کان پوءِ دراوڙي زبانن جو دور رهيو. شمالي هند جون موجوده عوامي زبانن (اردو، پنجابي ۽ سنڌي وغيره) ۽ انهن جي پيش رو مقامي پراڪرتن جو سرچشمو، اُهي ئي ’مُنڊا‘ ۽ خاص ڪري دراوڙي زبانون آهن، جيڪي هن برصغير ۾ سنسڪرت کان اڳ رائج هيون. سنسڪرت، آريا قبيلن جي سنڌن پنهنجي زبان، ۽ هن برصغير جي قديم مقامي زبانن جي گڏجي سڏجي وڃڻ (اخلاط) جي ڪري ئي، ڪافي زماني کان پوءِ وجود ۾ آئي.“[224]

(ج) برصغير جو سنسڪرت جو ماهر ۽ سنڌ جو پراڻو سياسي اڳواڻ ۽ عالم ڊاڪٽر جيرامداس دولترام به، سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت جي شاخ تسليم نٿو ڪري. وراچڊ ۽ سنڌيءَ جي خاص خصوصيتن جي ڀيٽ ڪرڻ کان پوءِ، شري جيرامداس دولترام راءِ قائم ڪئي ته: ”سنڌي ۽ وراچڊ جي وچ ۾ ڪابه مناسبت ڪانهي“.[225]

هن جي راءِ موجب:

”سنڌي هڪ خومختيار ٻولي آهي، جيڪا ديسي (مقامي) سنڌي پراڪرت مان اُسري آهي ۽ ديسي سنڌي اپڀرنش ۾ تبديل ٿي آهي“.[226]

---

223- عين الحق فريد ڪوٽي: اردو زبان کي قديم تاريخ، اوريئنٽ ريسرچ سينٽر، طارق ڪالوني، ملتان روڊ، لاهور، 1979ع، ص 13.

224- ايضاً

225- Jairamdas Daulatram, "The Ancestry of Sindhi", Presidential address at Sindhi Section of the All India Oreiental Conference, New Delhi, December, 1957, P.58.

226- Ibid.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن بحث کي ختم ڪندي، ديوان جيرامداس جي حوالي سان جيڪي ڪجھ فرمايو آهي سو سندس ڪتاب تان نقل ڪري هيٺ ڏجي ٿو:

"مٿي جيڪي ڪجھ چيو ويو آهي، انهيءَ جي روشنيءَ ۾، موجوده وقت ۾ هلندڙ انهيءَ نظرئي کي قبول ڪرڻ ۾ هٻڪ ٿئي ٿي، جنهن موجب چيو وڃي ٿو ته، 'وراچڊ' هيٺين سنڌو ماٿريءَ جي ٻولي هئي ۽ موجوده صورت واري سنڌي ٻولي پڻ 'وراچڊ' مان نڪتل آهي. ڊاڪٽر 'سنيتي ڪمار چٽرجيءَ جي راءِ ۾، سنڌيءَ جو بڻ بنياد غالباً سنڌيءَ جو پنهنجوئي مورثي لساني سرمايو آهي ۽ اهو انهن لفظن ۽ نحوي بناوتن کان الڳ آهي، جن کي اُتر يا اولھ کان سنڌ ۾ آيل يا آباد ٿيل قومن گذريل صدين ۾ پاڻ سان آندو".[227]

## 10- سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ هڪجهڙائيءَ جو جائزو:

### (الف) سنڌو- ماٿر جي سنڌوئي ٻولي:

ديوان جيرامداس دولترام، ڊاڪٽرسُنيتي ڪمار چٽرجيءَ جي حوالي سان، سنڌو- ماٿر ۾، آرين ٻولين جي وجود کان اڳ واريءَ ٻوليءَ جي باقيات کي سنڌيءَ جو، پنهنجو ئي مورثي ۽ لساني سرمايو سڏيو آهي، جنهن کي پراڪرت وياڪرڻين ديسي/ ديشج لفظ سڏيو آهي.

ڊاڪٽر ڪالڊويل آرين جي آمد کان اڳ وارين برصغير جي غير- آريائي ٻولين کي ديسي يا مقامي ٻوليون سڏيندي لکي ٿو ته:

"ديسي ٻولين ۾ سنسڪرت جي وياڪرڻي سٽاءَ جي پيٽ ڪرڻ سان، اِهو هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اِهي مقامي ٻوليون غير-آريائي ٻوليون آهن، ۽ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي چئي سگهجي ٿو ته اُتر- هند جي ٻولين جو وياڪرڻ، دراوڙي ٻولين جي وياڪرڻ سان هڪ جهڙائي رکي ٿو".[228]

### (ب) موهن جي دڙي واري ٻولي:

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته، سنڌو- ماٿر (سنڌُوَ ديش) جي سنڌوئي' لوڪن جي ٻولي 'سنڌُو/ سنڌوئي' ڏهن مکيه شاخن ۾ ورهايل هئي. اُهي شاخون هيون: (i) سنڌوئي/ سنڌوَ (ii) لهندئي/ لهندي، (iii) قديم دراوڙي (Proto-Dravidian)، (vi) داردي، (v) اُتر- اوير واري، (vi) اوير واري، (vii)

---

227- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص 32.
228- Caldwell, C. Op.Cit.

ڪشميري، ڏکڻ- اوڀر واري ۽ وسطي يعني مرڪزي خطي واري ۽ (x) براهوي.

انهن مان قديم دراوڙي جيڪا 'پوءِ جي دراوڙي ٻولين' جي 'ماءُ- ٻولي' (ماترياشا /Parent Language) بڻي. اهو ئي سبب آهي جو هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود سنڌو/ سنڌوئي، لهندي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ لغوي خزاني کان سواءِ، ويا ڪرڻ جي هڪ جهڙائيءَ جا ٻه ڪيترائي ثبوت ملن ٿا.

هن سلسلي ۾ ڪوپن هيگن جي 'انسٽيٽيوٽ آف ايشيئن اسٽڊيز' جي ماهرن، ڊاڪٽر آسڪو پرپولا ۽ ڊاڪٽر سيمو پرپولا توڙي روس جي عالمن، ۽ امريڪي ماهرن ڪمپيوٽرن ذريعي، موهن جي دڙي (سنڌو- ماٿر) جي قديم لکت کي پڙهڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪري، هن راز کي سلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ماهرن جي دعوا آهي ته: "موهن جي دڙي واري ٻولي، دراوڙي ٻولين جي ماءُ (Parent language) آهي، جنهن مان سڀ دراوڙي ٻوليون اُسريون ۽ ڦُٽي نڪتيون آهن.[229] هنن ماهرن پنهنجون پڙهتيون ٻه ڏنيون آهن، جيڪي ايندڙ صفحن ۾ ڏنيون ويئيون آهن.

انهن ماهرن (روسي، فنس ۽ امريڪي)، دراوڙي ٻولين جي وياڪرڻ (عدد ۽ جنس وغيره) جي روشنيءَ ۾، موهن جي دڙي ۽ هڙپا وارن ڪتبن مان هٿ آيل مهرن واري ٻوليءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، ۽ موهن جي دڙي واري ٻوليءَ کي Proto-Dravidian ٻولي سڏيو آهي.[230]

لهاذا انهن ماهرن ۽ ڊاڪٽر ڪالڊويل جي راءِ کان پوءِ جڏهن دراوڙي ٻولين- تامل، تيليگو، ملايالم ۽ ڪنڙ وغيره- جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جو موجوده سنڌي ۽ سرائڪيءَ سان تقابلي مطالعو ڪجي ٿو، تڏهن سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جي اپياس جي سلسلي ۾ نوان نون راز کلي پون ٿا، ۽ ڪيترائي ثبوت ملن ٿا جن جي آڌار تي اها دعوا ڪري سگهجي ٿي ته سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جو پاڻ ۾ قديم زماني کان وٺي گهاٽو ۽ پراڻو رشتو آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌو- تهذيب ۾ رائج سنڌوَ (Saindhuva) يا 'سنڌوئي' (Saindhui) ٻولي، اُن وقت اُر لهجن تي مشتمل هئي.

229- The Daily 'DAWN' English-, Karachi, Sunday, July 20th 1969, Also See:

Asko Parpola, Seppo Koskenniemi, Simo Parpola and Pentti Aalto, "Decipherment of the Proto-Dravidian Inscrptions of the Indus Civilization, Copenhegan", The Scandinavian Institute of Asian Studies, 1969-70, P.2.

230- Ibid, PP. 5,15,29,30 &
also See:
Ibid, Progress in the decipherment of of the Proto-Dravidian Indus Script, P.2.

انهن مان سنڌڙو لهجو، اروڙ بلڪ اُچ شريف کان هيٺ واري علائقي، اوڀر ۾ ڪڇ، ڏکڻ- اوڀر ۾ ڪاٺياواڙ، سبي ۽ لس ٻيلي سميت ساموندي ساحل تائين ڳالهائبو هو: لهندي لهجو موجوده سرائڪي پٽي ۾، ويندي پوٺوهار، ديراجات، ۽ هندڪو خطي ۾ رائج هو، ۽ دراوڙي زبان ڏکڻ ڀارت جي تامل ناڊو، ڪرالا، ڪرناٽڪا ۽ آندراپرديش غيره خطن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو.

ڊاڪٽر ڪالڊويل جي انهيءَ راءِ کي جديد تحقيق ۽ کوجنا جي روشنيءَ ۾ نئين سر پرکڻ کان پوءِ، ۽ سنڌي توڙي مکيه دراوڙي ٻولين (تامل،[231] تيليگو، ملايالم ۽ ڪنڙ) جي صوتي، صرفي ۽ لغوي سٽاءَ جي تقابلي مطالعي کان پوءِ، اها دعوا ڪري سگهجي ٿي ته:

سنڌي، سرائڪي، راجستاني، گجراتي، باگڙي، ڀيلي ۽ دراوڙي وغيره ٻولين جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي. هن ڏس ۾ پروفيسر ڊاڪٽر پرسي گدوانيءَ جو رايو آهي ته:

> "تاريخ جي حوالي سان اهو مڃيو ويو آهي ته دنيا جي نهايت سڌريل شهري تهذيب جي لحاظ کان سنڌ، مرڪزي حيثيت رکندي هئي. جنهن کي سنڌو- ماٿر جي تهذيب (موهن جي دڙي جي تهذيب) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن تهذيب جي ٻولي، اڃا تائين هڪ عجوبي جي حيثيت رکي ٿي، جينوٽيڪ دنيا جي ڪيترن ئي عالمن هتان جي لڌل مهرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر انهن هڪ ٻئي جي نظرين کي قبول نه ڪيو آهي".[232]

بهرحال تازين کوجنائن مان اهو ثابت ٿيو آهي ته دراوڙي ٻولين جو بڻ بنياد، سنڌو- ماٿر (موهن جي دڙي) واري ٻولي آهي. روس، فنلئنڊ ۽ آمريڪي عالمن، موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن واري لکت پڙهڻ کان پوءِ (اڃا اهي عام انهن مهرن جي پڙهڻ ۾ پوريءَ طرح ڪامياب هجڻ جي حتمي دعوا نٿا ڪن). ائين بيان ڪيو آهي ته، سنڌو- ماٿر واري ٻوليءَ جي صرفي سٽاءَ (لفظن ٺاهڻ لاءِ اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي نوان لفظ ٺاهڻ، هڪ جهڙن لفظن جي ڌاتوئن مان ٻيا لفظ جوڙڻ ۽ عدد وغيره)، موجوده وقت واري سٽاءَ سان هُوبهو هڪ جهڙائي رکي ٿي، تنهن ڪري انهيءَ دعوا جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته دراوڙي زبانون، سنڌو-

231- ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو ته: دراوڙي ٻولين جي خاندان کي ڪنهن زماني ۾ يورپ جا ماهر Tarmulian يا Tramulic سڏيندا هئا، پر 'تامل' هڪ پراڻي ۽ مهذب ٻولي آهي (مهاڳ) Dravidian لفظ، Dravida مان نڪتو آهي، اهو لفظ ڪنهن زماني ۾ تامل جي برابر هو.

232- Parso Gidwani, Dr., Similarities in Sindhi and Dravidian Languages, Delhi, Sindhi Akademy Delhi, Government of Natinal Capital Territory, 1996, preface, P.VI.

ماٺر واريءَ ڍڳوڪي ٻوليءَ مان اُسريون هيون.

ايندڙ صفحن ۾ انهن ماهرن جون ڪي پڙهئيون پڻ ڏنيون وئيون آهن ۽ ائين ٻـ چيو ويو آهي تـ، انهن ماهرن سنڌو- ماٺر مان هٿ آيل مهرن تي ڪڍيل چٽن، گلن ٻوٽن، نشانين، وڻن، جانورن ۽ پکين وغيره جي نالن لاءِ لفظ يا مُلهه (values)، دراوڙي لغات مان ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر جيڪڏهن اِهي ماهر انهن نالن لاءِ لفظن ۽ مُلهن جي ڳولها، سنڌي، لهندي، گجراتي، راجستاني يا هڙوتيءَ زبانن جي لغات مان ڪن ها، ۽ انهن (چٽن، نشانن وغيره) جا نالا، لفظ ۽ ملهه، سنڌي ۽ لهندي ۽ ٻين سئنڌوئي ٻولين جا ڏين ها تـ مذڪوره مهرن تي لکيل لفظ يا ٻوليءَ جا راز سلڻ ۾ کين آساني ٿئي ها، جيئن ڊاڪٽر ڊيلس (Dales) پنهنجي انٽرويو ۾ فرمايو هو.

### (ت) ديسي يعني سئنڌوئي ٻوليءَ جو لغوي خزانو:

هن نتيجي تي پهچڻ کان پوءِ هاڻ ڏسڻ گهرجي تـ اهي ڪهڙيون ڪهڙيون خاص خصوصيتون ۽ دليل آهن جن جي آڌار تي اها دعا ڪئي ويئي آهي تـ سنڌي، لهندي ۽ دراوڙي ٻوليون پاڻ ۾ هڪ جهڙائي رکن ٿيون، يا دراوڙي ٻوليون، سنڌ جي قديم ۽ اصلي ٻولي (سئنڌو/ سئنڌوئي) مان اُسريون آهن.

(الف) انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان پهرين شيخ خورشيد حسن صاحب جي راءِ جو اڀياس ڪرڻ گهرجي، جنهن موجب شيخ صاحب لکيو آهي تـ:

> "منڇر ڍنڍ ۽ سنڌو درياءَ تي گهرن- نما ترندڙ ٻيڙين ۾ رهندڙ مهاڻن جي ٻوليءَ جو اڀياس، موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو. اِن سلسلي ۾ موهن جي دڙي وارين مهرن جي پڙهڻ لاءِ، انهن مهرن تي اُڪريل تصويرن ۽ شڪلين لاءِ جيڪي مُلهه (values) مقرر ڪجن، تن جي سلسلي ۾، مهاڻن جي ٻوليءَ جي مدد سان، مُهرن جي مُلهن سلڻ/ ڪٿڻ ۾ وڏڪ مدد ملي سگهندي، ڇاڪاڻ تـ دراوڙي ٻولين مان، موهن جي دڙي وارين مهرن تي نڪتل نشانن جا مُلهه مقرر ڪرڻ کان بهتر ٿيندو تـ سنڌو- تهذيب جي موجوده وقت قديم- رهاڪن جهڙوڪ: مهاڻن، اوڏن، شڪارين، ماڇين، مياڻن، اُهيرن، سوڍرن ۽ ٻين قديم قومن جي ٻولين جي مطالعي جي مدد سان، مُهرن تي اُڪريل شڪلين، چٽن ۽ نقشن جا مُلهه، سنڌي ٻوليءَ جي لغوي خزاني مان ڳولهڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تـ اڄ بـ اُنهن جا ڪيترائي لفظ سنڌيءَ ۾ هوبهو رائج آهن"[233]

شيخ خورشيد حسن اڳتي لکي ٿو تـ:

---

232- Shaikh Khurshid Hassan, Op. Cit., P.111.

> "مهاڻا سنڌي ٻوليءَ جو اهو لهجو ڳالهائيندا آهن جيڪو سنڌن خطي ۾، سنڌن ئي قوم ۾ رائج آهي، يعني تہ اهو لهجو هن قوم ۾ ئي قديم زماني کان ڪم ايندو رهيو آهي.
> چون ٿا تہ، مهاڻن جي لهجي ۾ اهڙا اهڙا انوکا لفظ، محاورا، اصطلاح ۽ ڪجھ ثقافتي لفظ موجود آهن، جيڪي هنن (مهاڻن) کي، ٻين ڏيهي ۽ ڳوٺاڻي آباديءَ ۽ تهذيب کان الڳ آبادي يا جاتيءَ/ نسل طور شمار ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا"[234]

محترم سراج الحق ميمڻ بہ انهيءَ راءِ جو آهي تہ سنڌي ٻولي بہ دراوڙي ٻولين وانگر، هڪ اها ٻولي آهي، جيڪا موهن جي دڙي واريءَ قديم ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتي آهي. (سراج صاحب) لکي ٿو تہ:

> "هيلتائين، سنڌي ٻوليءَ لاءِ جڪي مفروضا قائم ٿيا آهن، تن جو فقط اهو سبب آهي تہ ڪنهن بہ ماهر، سنڌي ٻوليءَ ۽ دراوڙي ٻولين جو تقابلي جائزو نہ ورتو آهي. ان ڪري هرويرو سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوٽن، اڳياڙين ۽ پڇاڙين، ۽ لفظي جوڙجڪ کي سنسڪرت سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جن زبانن کي هن وقت آريائي زبانون چيو وڃي ٿو، انهن سان بہ سنڌيءَ جا لاڳا رهيا آهن، پر انهن جو اثر محض معاشرتي ۽ تمدني رهيو آهي، جهڙوڪ، سامي ٻولين، عربي وغيره جو رهيو آهي. اهو اثر مذهبي لاڳاپن جي حدن اندر هڪ مخصوص دائري ۾ وڌندو رهيو آهي."[235]

**(ث) ديسي لفظن جون لڙهيون:**

(1) هيٺ ديسي لفظن جون ڪي لڙهيون بہ ڏجن ٿيون، جن جي اپياس کا پوءِ ڊاڪٽر ٽرومپ کي پنهنجي راءِ بدلائڻي پيئي هئي. انهن مان ڪي لفظ هي آهن:

| دراوڙي ٻولين ۾ رائج لفظ | موجوده سنڌيءَ ۾ اُنهن جهڙا لفظ |
|---|---|
| سوئي[236] | سُئي |
| آرٽي | آرٽي (ٻيلو) |
| نار[237] | نار= پاڻي |
| اٽو | اٽو |

234- Shaikh Khurshid Hassan, Op. Cit., P.111.

235- سراج الحق ميمڻ: ڏسو هلالِ پاڪستان، ڪراچي، 30 مئي، 1972ع ص ص 5، 6 ۽ 13.

236- Pischell, R., Comparative Grammar of the Prakrit Language, Delhi, Motilal Banarasidas, 1965, P.7.

237- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.458.

(ح) پر سنسڪرت جي وياڪرڻين، انهن لفظن کي سنسڪرت ٻوليءَ جا لفظ سڏيو آهي. هن سلسلي ۾ ۾ ڪالڊويل لکي ٿو ته:

"اهو اندازو لڳايو ويو آهي ته سنسڪرت ۾، دراوڙي ٻولين جي لفظن جو تمام وڏو تعداد موجود آهي، جيئن انگريزي ٻوليءَ ۾ برطانوي لفظن جو ذخيرو آهي، پر انهيءَ اندازي ۽ امڪان تي گهڻ توجهه ڏنو ويو آهي؛ بلڪ انين ڪٿي چئجي ته توجهه ئي نه ڏنو ويو آهي. جڏهن به ڪي اهڙا لفظ معلوم ٿيا جيڪي ٻنهي ٻولين يعني سنسڪرت ۽ دراوڙي ٻولين ۾ عام طور ڪم ايندي ڏٺا ويا، تڏهن ائين سمجهيو ويو ته اهي سنسڪرت جا اصلوڪا لفظ آهن، جيڪي سنسڪرت جي بنياد جا آهن.

سنسڪرت لغات جا ماهر ۽ مها وياڪرڻي اهو فرق نه رکندا هئا، جهڙوڪ دراوڙي ٻولين جي لغات ۽ وياڪرڻ جا ڄاڻو رکندا هئا. جڏهن به ڪنهن ليکڪ مقامي يا ڏيهي لفظن کي پنهنجن لکڻ ۾ ڪم آندو آهي، يعني جڏهن به ڪنهن ليکڪ ائين چيو آهي ته، فلاڻا فلاڻا لفظ، فلاڻي خطي يا علائقي جا آهن (جتي جو هو رهاڪو هوندو آهي)، پر جيئن ته اهي لفظ، سنسڪرت واريءَ لپيءَ ۾ تحرير ڪيا ويندا هئا، ان ڪري ائين سمجهيو ويندو هو ۽ دعوا ڪئي ويندي هئي ته اهي سنسڪرت جي لغوي خزاني سان واسطو رکن ٿا"[297]

(خ) آريائي ٻولين ۾، آرين جي اچڻ کان اڳ واري سنڌو- ماٿر جي ٻوليءَ ۽ ديسي ٻوليءَ جي لغوي ذخيري جي باري ۾ پروفيسر گنڪووسڪي لکي ٿو ته:

"سنسڪرت ۾ داخل ٿيل، دارين زبانن جي لفظن جي ذخيري جو تعلق دراوڙي زبانن (جيڪي مُنڊا مان نڪتل آهن) سان آهي. انهن لفظن جو جڏهن تجزيو ڪجي ٿو ته معلوم ٿو ٿئي ته برصغير ۾ آريائي آباديءَ کان اڳ به ماٿهو آباد هوندا هئا، جن آرين جي اثر کان پوءِ، 'انڊو- آرين ڪلچر' (Indo-Aryan Culture) کي جنم ڏنو. انهن (غير- آريائي ماڻهن) جي زبانن مان اڪثريت جو واسطو، دراوڙي زبانن سان آهي؛ مثال طور:[298]

| سنسڪرت ۾ رائج لفظ | موجوده سنڌي لفظ |
|---|---|
| ڪرمار (karmar) | لوهار |
| ڪتا (kuta) | ڪُتيا يعني جهوپڙي |
| ڦَل (Phala) | ڦل يعني ميوو |

297- Caldwell, R., Op. Cit., PP. 32&69.

298- Gankovsky, Yu, V., The People of Pakistan, Op.Cit., P.56.

"آخر ۾ نتيجي طور شرط چوي ٿو تہ: جيڪڏهن سنڌي جون مٿي بيان ڪيل نحوي خصوصيتون دراصل 'دراوڙي' آهن ۽ پڻ پيش ڪيل لفظن جا سلسلا ساڳئي سرچشمي سان تعلق رکن ٿا، تہ بہ ائين ڪونہ چئبو تہ ڪو سنڌي کي اهو سرمايو براهوڪي مان مليو، ڇاڪاڻ تہ اهي نحوي ۽ لغوي خصوصيتون براهوڪي ۾ آهن ۽ ڪين.... اهو سچو سرمايو سنڌ وارن کي مقامي طور ورثي ۾ مليو آهي، جو منهنجي خيال ۾ انهيءَ طرف رهنمائي ڪري ٿو تہ آرين جي اچڻ کان اڳ سنڌو جي وادي دراوڙي نسل جي ماڻهن جو گهر هئي." 302

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

"مٿين تنقيد جي باوجود انهيءَ امڪان جو انڪار ڪري نٿو سگهجي، تہ قديم دور جي مُنڊا ۽ دراوڙي ٻولين توڙي موجوده دور جي پاڙيسري 'براهوڪي ٻولي' جا ڪي الفاظ سنڌي ۾ رائج ٿي چڪا آهن." 303

(ذ) ڀارت جي مشهور ماهر لسانيات، ڊاڪٽر پرسي گدوائيءَ هن سلسلي ۾ وڏو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. 'سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ هڪ جهڙائيءَ' جي حوالي سان هو پنهنجي 'ڪتابچي' ۽ مقالي ۾ هن طرح ٿو فرمائي:

"وقت بوقت سنڌي ودوانن، سنڌي ٻوليءَ ۾، ڪجھ دراوڙي اثرن جي باري ۾ ڏيان ڏني ڇڪايو آهي. انهن ۾ خاص ڪري 'ڀيرومل مهرچند آڏوائيءَ' 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' ۾ سنڌي اُپڀاشا (dialect) لاڙيءَ تي دراوڙي اثر (ص 125) ۾ اِن ڳالھ ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، پر اِن ڏس ۾ وڏي ۾ وڏو، عالماڻو ۽ ڀهريون وگيانڪ (scientific) يوگدان (contribution) آهي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد'. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب ڀُر اثر مثالن جي مدد سان هڪ عالماڻي سَند پيش ڪئي آهي." 304

ڊاڪٽر گدوائي پنهنجي موضوع تي دليل ڏيندي لکي ٿو تہ:

---

302- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص 13

303- ايضاً ص 14.

304- پرسوگدوائي، ڊاڪٽر: سنڌڪي ۽ دراوڙي شخصي نالن ۾ هڪجهڙايون ۽ مينگهواڙ شخصي نالا، مقالو، سنڌي ادب، جلد-12، نمبر-2، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1994ع، ص ص 49-57

”هن مقالي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهم پهلوءَ، سنڌي شخصي نالن ۽ دراوڙي ٻولين جي شخصي نالن ۾ هلندڙ هڪجهڙاين جو اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي ۽ دراوڙي ٻولين جي ٻين ڪن پهلوئن ۾ پڻ هڪ جهڙايون ملن ٿيون، جن ۾ اڀياس لاءِ جلد ئي منهنجو ڪتاب: ’سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ هڪجهڙايون‘ ۾ وڏيڪ اوک ٻوک ڪيل آهي“.[305]

ڊاڪٽر گدواڻي اڳتي لکي ٿو ته:

”شخصي نالا ڪنهن به قوم جي ڪلچر جو هڪ اڻونڊٽو حصو هوندا آهن. شخصي نالن جو ٻوليائي لحاظ کان پڻ انيڪ پهلوئن کان ويچار ڪري سگهجي ٿو، ته فقط ايترو پر شخصي نالا ڪنهن به قوم کي ٻين قومن ۽ ٻولين جي اثرن جا اهڃاڻ پڻ ڏيندا آهن، جو ته جڏهن به هڪ قوم، ٻيءَ قوم جي ويجهو ايندي آهي ته پوءِ اُن جي ڪلچر ۽ ٻوليءَ جا اثر، ٻيءَ تي ضرور پوندا آهن؛ پر اڪثر ٿيندو ائين آهي ته طاقتور قوم، ڪمزور قوم تي پنهنجو اثر ڪندي آهي. سنڌي شخصي نالن جو اڀياس ڪرڻ سان، اهو سچ بلڪل سامهون ٿو اچي.

سنڌي شخصي نالن ۾ اڄ سوين نالا سنسڪرت ٻوليءَ جا آهن، جي براهمڻن ۽ ٻين سنسڪرت ڳالهائيندڙن جي اثر هيٺ ئي واهپي ۾ آندا هوندا؛ يا خود ڪيترا سنسڪرت ڳالهائيندڙ، اڄ به سنڌ جي ٻين قومن سان ملي ويا، يا هو خود وقت جي دوران پنهنجي الڳ سڃاڻپ وڃائي، خود سنڌي ٿي ويا“.[306]

ڊاڪٽر گدواڻي اڳتي ساڳيءَ راءِ جي وضاحت هن طرح ٿو ڪري:

”هاڻ جڏهن سنڌ ۾ چاول پيڙهيءَ جي نالن جو اڀياس ڪجي ٿو ته انهن ۾ اهڙا پڪا اُهڃاڻ ملن ٿا، جيڪي دراوڙي نالن جي خاص سڃاڻپ وارا جزا آهن.“[307]

ڊاڪٽر گدواڻي هن سلسلي ۾ وڌڪ لکي ٿو ته:

”ٻيرو مل نالو سنڌي هندن ۾ تمام گهڻو عام جام آهي. هاڻي

---

305- پرسو گدواڻي حوالو ڏنل آهي ص 49

306- پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: حوالو آنل آهي، سنڌي ادب جلد-12، نمبر-2، 1994ع.

307- ايضاً، ص 50

نالو اچا ٻ ملي ٿو. هيءَ نالو تامل ڳالهائيندڙ ڪن قومن ۾ خاص ڪري سماج جي گهٽ درجي وارين قومن ۾ ملي ٿو. ان کان سواءِ 'ولڻ' لفظ تامل ٻوليءَ ۾ پڻ ملي ٿو ۽ اُن جي معنيٰ آهي 'سگهارو' ۽ قابل ماڻهو".[310]

گدواڻي اڳتي لکي ٿو:

"هتي هڪ مونجهاري کي دور ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌي هندن ۾ رائج ٻين ڪن نالن تي ٻ روشني وجهجي، جيئن ڳالهه جي وزن کي سمجهي سگهجي. مثي جيڪو 'مهراڻ' رسالي جو حوالو ڏنو ويو آهي، اُن شخص جو نالو در اصل ولي محمد آهي، پر هن کي 'وليو' ۽ 'ولڻ' ٻ چيو ويندو آهي. منهنجي اڀياس ڏيکاريو آهي ته ولي احمد يا ولي محمد هميشه 'وليو' ٿيندو آهي، جيئن هندن ۾ سنسڪرت جي 'ٻلرام' مان 'ٻلرام' يا 'ٻلو' ٿيندو آهي؛ پر تامل ٻوليءَ ۾ هڪ لفظ آهي 'وَلوُ' ۽ 'وَلي'، جنهن جي معنيٰ آهي طاقتور. ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته سنڌي هندن جو نالو ايامن کان 'ولومل' ۽ 'ولي رام' وغيره، سنسڪرت جي سنڌ ۾ اثرن کان اڳ ۾ ئي هلندا آيا هجن ۽ 'ٻلرام' يا 'ٻلو مل' نالو سنسڪرت ڳالهائيندڙن جي اثر کان پوءِ شروع ٿيا هجن".[311]

گدواڻي اچا ٻ اڳتي لکي ٿو ته:

""آيل' ۽ 'آئي' ٻ نالا سنڌي هندن ۾ عام آهن؛ جيئن: آيلداس، آيل مل ۽ مل آئيدس وغيره.

دراصل 'آيل' ۽ 'آئي' ٻئي، دراوڙي ٻولين ۾ ماءُ لاءِ ڪتب ايندڙ لفظ آهن. ته فقط ايترو پر 'آيل' لفظ شاهه صاحب وڻجارن جا بيان ڪندي ڪيترائي دفعا استعمال ڪيو آهي.

آيل! ڪريان ڪيئن؟ منهنجو نينهن اُپليو نه رهي.

ان کان سواءِ اڄ ٻ 'آئي' لفظ سوڊا، ماءُ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن ۽ ماءُ لاءِ هنن وٽ فقط 'آئي' لفظ ئي آهي. 'آيل' لفظ اڄ ٻ ڪيترين ئي ڪچ جي جاتين- ڪولهين، مينگهواڙن ۽ اوڏن ۾، اڄ ٻ لوڪ گيتن ۾ جيئن جو تيئن قائم آهي. اوڏئيون ۽ مينگهواڙ زالون 'آيل' جي معنيٰ پيڻ تي هميشه، ماءُ ئي ٻڌائينديون آهن، جا ڳالهه ڏيکاري ٿي ته اهي لفظ اڄ ٻ سنڌيءَ جي اُپباشائن (dialects) ۾ قائم

310- پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: سنڌي ادب، جلد-12، نمبر-2، 1994ع، ص 53
311- ايضاً، ص 54

آهن. 'آيل' ۽ 'آئي' شبد دراوڙي لفظ آهن، ان ۾ ڪنهن کي شڪ نہ هئڻ کپي". 312

(ر) ڊاڪٽر پرسي گدواڻي جي انهن دليلن ڪان پوءِ اهو ڏسڻ گهرجي تہ سنڌو- ماٿر مان حاصل ٿيل مهرن کي جن ماهرن پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اُنهن جي راءِ ڪهڙي آهي؟ هن ڪان اڳ اهو چيو ويو آهي تہ پرپولا ڀائرن ۽ ڊاڪٽر فيئرسروس، سنڌو- ماٿر مان لڌل مهرن جون پڙهڻيون ڏنيون آهن، ۽ انهن مهرن تي اُڪريل تصويرن، شڪلين، چٽن، ڪلن، ٻوٽن، وڻن جي شڪلين ۽ ليڪن جا 'ملھ' (values)، دراوڙي ٻولين جي لغوي ذخيري/ لفظن جي آڌار تي ۽ اُنهن جي مدد سان مقرر ڪيا آهن.

انهن ماهرن جي ڪتابن ۽ سنڌن رپورٽن ۾ ڏنل ملھ نقل ڪري هن مواد سان گڏ هت ڏنا ويا آهن تہ جيئن پڙهندڙ خود بہ انهن ملهن ۽ لفظن تي سوچين ۽ مدد ڪن.

ان ڏس ۾ مون البت هڪ ڪم ضرور ڪيو آهي. اهو ڪم هي آهي تہ مذڪوره ماهرن جي مقرر ڪيل ۽ ڏسيل ملُهن سان گڏ، هن ڪتاب ۾ ڏنل چارٽ ۾ هڪ خانون وڌائي، موجوده سنڌي زبان ۾ رائج لفظن مان مناسب ۽ موزون لفظن کي، ملُهن (values) طور چارٽ شامل ڪيو اٿم تہ جيئن پڙهندڙ ۽ سنڌي زبان جا ڄاڻهائيندڙ ۽ ماهر پاڻ فيصلو ڪري سگهن تہ قديم سنڌو- تهذيب ۾ رائج زبان، يعني سنڌوئي ٻولي اڄ بہ ڪن ٿورين ڦيرين گهيرين سان، قائم ۽ دائم رهندي آئي آهي.

مون کي يقين آهي تہ اهي ماهر (ڊاڪٽر آسڪو پرپولا، سيمو پرپولا ۽ ڊاڪٽر فيئرسروس ۽ ٻيا) جيڪڏهن سنڌي يا سرائڪي ٻوليون ڄاڻندا هجن ها، يا انهن ٻولين جي سکڻ جي ڪوشش ڪن ها تہ جيڪر ڪين سنڌو- تهذيب جي لکت پڙهڻ ۽ انهن ۾ ڏنل نشانين جا ملھ مقرر ڪرڻ لاءِ، هزارين سال اڳ، سنڌو- ماٿر کان وڇڙيل ۽ ڏار ٿيل، دراوڙي ٻوليءَ يا ٻولين جي لغتن کولڻ جي ضرورت نہ پوي ها. پرپولا ڀائرن ۽ ڊاڪٽر فيئر سروس طرفان مقرر ڪيل ملُهن (Values) / لفظن مان ڪيترائي لفظ ۽ ملھ، هوبهو اڄ بہ سنڌي ۽ لهندي/ لهندا، راجسٿاني، گجراتي ۽ ڪشميري وغيره ٻولين ۾ رائج آهن. جن کي مذڪوره ماهرن دراوڙي ٻولين جا لفظ سمجهيو آهي، ۽ دراوڙي زبانن جي لغت جي حوالي سان پيش ڪيو آهي. جيڪڏهن انهن ماهرن جا ڪڍيل نتيجا في الحال صحيح آهن، ۽ سنڌن طرفان مقرر ڪيل ملھ قبول ڪرڻ جهڙا آهن تہ پوءِ هيئن چئبو تہ سنڌو- ماٿر واريءَ تهذيب ۾ جيڪا ٻولي رائج هئي، سا يقيناً سنڌوئي، لهندي ۽ آڳاٽي دراوڙي ٻولين جي ماءُ ٻولي/ ماتر- ڀاشا هئي ۽ انهن ٽنهي گروهن جو قديم روپ هئي، جنهن تي پوءِ ڌار ڌار زماني ۾ آيل ڦيرن، تبديلين ۽ ڌار ڌار قومن جي تهذيب ۽ تمدن ۽ ٻولين جو اثر پيو، جنهن ڪري سنڌي، لهندي، داردي ۽ دراوڙي زبانن جو لغوي خزانو گاڏڙ بڻجي ويو. ماهرن جي پڙهڻين جا نمونا هتي ڏجن ٿا.

---

312- پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: سنڌي ادب، جلد-12، نمبر-2، 1994ع، ص ص 55.

| سنڌو- تهذيب مان مليل مهرن تي اُڪريل شڪل | ڊاڪٽر پرپولا جي پڙهڻي | ڊاڪٽر فيئر سروس جي پڙهڻي | موجوده سنڌيءَ ۾ رائج لفظ |
|---|---|---|---|
|  | پيڻتِي Penti/pentika | چِپُ Cippu<br>Cikkam | ڦَٽِي |

تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ 'پيڻتي' لفظ ۾ تبديليون آيون. پيڻتيءَ جو/ ت/ صوتيو حذف ٿي ويو ۽ پيڻي لفظ ڪم اچڻ لڳو. پوءِ /پ / صوتيو وسرگ صورت ۾ بدلجي /ڦ/ ٿي، ۽ /اِي) سُر بدلجي /اَ/ ٿيو. ۽ لفظ ٿيو 'ڦٽي'.

| | | | |
|---|---|---|---|
|  | ڪَرَئِي (Karai) | ڪَوادِي<br>(k-vadi) معنيٰ<br>چوڪيدار<br>ڪاوَل<br>(ka (va) al)<br>(kavan) ڪاوڻ | ڪَرِيو، ڪاواٽي، ڪنواٽي، ڪاوڙ، ڪامڻ. |

تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:

بانس جي هڪ لٺ يا ڇڙهر جي ٻنهي ڇيڙن تي وزن ٻڌي، اُن کي ٻنهي ڪلهن تي کنيو ويندو آهي. اڳي شهرن يا ڳوٺن ۾، مرد پاڻيءَ جا دلا يا ٻيو وزن اٺين کڻندا هئا.

| | | | |
|---|---|---|---|
|  | چَڪَر (Chakara) | — | چَڪَرُ،<br>چَڪرو |

تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:

نار جو چَڪَرُ، بيل گاڏيءَ جو چڪرو، يا چاڪ. لاڙ ۾ هن کي چڪرو يا چيڪلو بہ چون. ڪُنيار جو چَڪَرُ/ چَڪُ.

| | | | |
|---|---|---|---|
|  | ميڙِي (meri)<br>ميٽِي (meti) | اُرُ (uru)<br>ميٽِي (meti) | هَرُ<br>مُٺ، مُنُيو |

تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:

هر جو مُنيو جنهن کي جهلي، هَرَ کي سڌو هلائبو آهي ۽ اوڙ لاءِ زور ڏبو آهي يا ڦيرائبو آهي.

| سنڌو- تهذيب مان مليل مهرن تي اُڪريل شڪل | ڊاڪٽر پرپولا جي پڙهڻي | ڊاڪٽر فيئر سروس جي پڙهڻي | موجوده سنڌيءَ ۾ رائج لفظ |
|---|---|---|---|
|  | تيمپ<br>drum=tempa (tas) | پڙاءِ (parai) | تَبل/ طَبل<br>پڙاءُ، پڙو ڏيڻ |
| تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:<br>وڏو دهل يعني دمامو دُهل وڄائي اعلان ڪرڻ لاءِ پڙو ڏبو آهي. | | | |
|  | مَٽَ (mata)<br>مَٽِ (mati) | – | مٽِ= پاڻي لاءِ مٽيءَ<br>جو وڏو ٿانو |
| تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:<br>معياري سنڌيءَ ۾ 'مَٽُ' اُچاربو آهي، پر لاڙي لهجي ۾ 'مَٽِ' چوندا آهن. | | | |
|  | – | پَن (ڪَل)<br>pan (kal) | پٽڪي، پاٿِي |
| تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:<br>اَناج جي ماپڻ لاءِ هڪ ٿانوَ يا ماپو. | | | |
|  | مِين (min) | – | مِين = مڇي،<br>روشني، چمڪو |
| تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:<br>سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ سنڌي تهذيب ۾ 'مِينَ' لفظ اڄ بہ رائج آهي، لاڙ ۾ عام چوڻي آهي تہ: 'مِينَ تي وَسي' يعني روشني پيئي چمڪي. هيءَ دولت جو ڏس ڏيندي آهي. سنڌ لوڪ ادب ۾ بہ مِين جو لفظ ملي ٿو. پروفيسر ڊاڪٽر سنڌيلي ۾ اهڙا بيت لکيا آهن جن ۾ مِين لفظ مڇيءَ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. اُهي بيت آهن:<br>(I) دهَن مِين مُلا چئي، هَس چيتي جهرتي چين.<br>(II) ڏند موتي چَپ مينر، آهو عين عجيب جا | | | |
|  | ڪوٽئي Kottai<br>ڪوٽ kotta | ڪو ko<br>koh} mountian | ڪوٽ= قلعو،<br>محلات، ڪو= جبل |
| تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:<br>اڄ بہ اهو لفظ سنڌيءَ ۾ رائج آهي. | | | |

| سنڌو- تهذيب مان مليل مهرن تي اُڪريل شڪل | ڊاڪٽر پرپولا جي پڙهڻي | ڊاڪٽر فيئر سروس جي پڙهڻي | موجوده سنڌيءَ ۾ رائج لفظ |
|---|---|---|---|
|  | آتا (Cross) | چُڪَ (cukke) | آتامانا، منڊيڙو، چُڪَ |

تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:
سنڌيءَ ۾ اهي لفظ اڄ بہ استعمال ٿيندا آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
|  | ڪو (ko)= جبل | تُڪ/ تُگ (Tuka/ tuga) | ڪو/ ڪوهہ= جبل<br>ڏُڪو (وزن)<br>تَڪَ (وزن) |

تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:
سنڌيءَ ۾ ٻئي لفظ اڄ بہ عام طور استعمال ٿين ٿا. ڪو/ ڪوهہ= جبل. اڳي ڏُڪو وزن طور استعمال ٿيندو هو. جنهن کي پوءِ تولو سڏيو ويو.
تَڪَ يعني تور بہ رائج آهي.

| | | | |
|---|---|---|---|
|  | چوِنڪ/ چوڪ<br>Co (n) ku/cokku | margh- an<br>marul- al<br>shamin*, priest,<br>name of a deity | چوڪ چَندو |

تبديلي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت:
موجوده سنڌيءَ ۾ چوڪ چندو يا چونڪ چندو لفظ جي معنيٰ آهي، نياڳو/ بدنصيب، هي لفظ سياڳي يا بدقسمت ماڻهوءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. ڊاڪٽر پرپولا بہ اها ئي ساڳي معنيٰ ڪئي آهي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | |

Dr. Hiremath writes: "There are references to nau-nagaras (boat dwellings) or cites on the boats. This presupposes a class of people who were expert fishermen and sailors in the Indus valley working on these boats. It was rather a sizeable community with "Shambhau" (شمڀوُ) as their leader- In Sindhi Shambu Gudi is very common. They had to tresses and huge ship-dwellings (Hiremath P.83).many

| فيئر سروس | موجوده سنڌي |
|---|---|
| kon, kotu | ڪُنڊِي |
| takadi | تَڪڻِي/ تڪڻ (تورڻ جي ساهمي) |
| sura (a) li | سورِ/ سرِ |
| maluku | مَلوڪ |
| pata-pata | بتيلو |
| velan | واڻ/ ٻاڻ= تير |
| ni (r) yan | نيان/ نيائين |
| spac (patu) | پاٿ، پوهپ |
| podu, poddu | پره ڦٽي |
| pak-il | ٻانڪڙو (دروازو) |
| beli/ bel | ورُ، ٻيلي واڙ |
| vil | وَر (تير) |
| nuru | نورو |
| tugu | دُڪو duko (ماپ جو وزن) |
| gudde | گَڏ، ڍِڳُ |
| tali | تارِ |
| vil | وِيرُ |
| mora-kal | مورُ/ مُله |

| فيئر سروس | موجوده سنڌي |
|---|---|
| mora | موڙي |
| pani (rain) | پاڻي (مينهن) |
| agadi | اَڳِنڊ/ اَڳڻ |
| bara (Tu) | واڙو/ واڙ |
| ar | اِر (تير جي نوڪ) |
| {tari | ٿالهي |
| pati | پتي (حصو) |
| piri | ڦيرو، ڦيرُ |
| vale/bale | ويڙهه (زيور) |
| adnan | آڏ/ آڏ |
| kor | ڪُورڪُور |
| ve | واءُ |
| mane | مَنهَ |
| muryal | مَهي |
| adan | اَڏ/ اَڏ |
| aya (Tu) | اَئي، اَيلَ (ماءُ) |
| aya (ka) | |
| aiyal | |
| ay | |
| payu | پاءُ (حصو وزن) |
| val | واڙ، ويڙهو، |
| nir | نِير |

(س) ڊاڪٽر اسڪو پرپولا ۽ سندس سائين، پنهنجين رپورٽن ۾ وضاحتي نوٽ به لکيا آهن، جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:[313]

(i) ص ص 8-9: سنڌو- ماٿر واري تهذيب ۾ علم هئيت ۽ علم نجوم کي وڏي اهميت هوندي هئي. هن تهذيب وارا يعني آڳاٽا دراوڙ (Proto-Dravidians) تارن ۽ سيارن کي ديوتائن طور مڃي، انهن جي پوڄا ڪندا هئا.

(ii) ص 9: 'شوِ' ديوتا، سنڌو- ماٿر جي تهذيب جي ديوتائن مان هڪ هو، جيڪو آڳاٽن دراوڙن ۽ موجوده هندو مت کي مڃيندڙن جو وڏي ۾ وڏو ديوتا هو. هي ديوتا (شو) واضح طور 'غير- هند- يورپي تهذيب' جو ديوتا آهي، ۽ اسين هن ديوتا (شو) کي لازمي طور سنڌو- ماٿر جي تهذيب جي ديوتائن مان هڪ سمجهي سگهون ٿا.

(iii) ص 10: ارنسٽ اربمئن (Ernst Arbman)، تمام گهڻيءَ خبرداريءَ سان ويدڪ ادب جو جائزو ورتو آهي ۽ آريائي توڙي اڻ- آريائي (يا قبل آريائي) مذهبن جي وچ ۾ فرق نمايان ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. هن ثابت ڪيو آهي ته 'رُدرا' (Rudra) جيڪو عظيم هندو- ديوتا 'شوِ' جو 'جوڙيوال' آهي، ضرور اڻ- آريه قوم جو، وڏي ۾ وڏو ديوتا رهيو هوندو، ۽ ڪنهن مصلحت هيٺ ويدڪ ديوتا منڊليءَ ۾ هيٺاهين جڳهه حاصل ڪيائين.

(iv) ص 12: ويدڪ ادب ۽ مهراڻ جي ماٿريءَ جو 'ٻُت سازيءَ' وارو فن (قبل شوِ) ڏيکارين ٿا ته سنڌو- ماٿر جا ماڻهو، ٻديءَ جي راڪاسن (ڪام ديون) کي پوڄيندا هئا.

(v) ص 16: گهڻو ڪري اهي سڀ لفظ جيڪي سنسڪرت زبان ۾ 'شوِ' جا خاص بيان ڪن ٿا، سي علم صرف جي لحاظ کان، دراوڙي زبان جا آهن، ۽ سندس دراوڙي اصليت جي تصديق ڪن ٿا. اهي ڳُڻ ۽ نشان جيڪي هندو ديوتائن ۾ ڏنا ويا آهن، تن تي قبل-آريائي اثرن جا گهرا اهڃاڻ موجود آهن.

(vi) ص 17: شوِ جي مشهور 'مست ناچ' جو سنسڪرت زبان ۾ نالو 'تنداوا' آهي، جيڪو دراوڙي ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتل لفظ آهي. (پيٽيو: تامل لفظ تنتاوم= ٽپڻ، ڪُڏڻ).[314]

(vii) 'شوِ' جو 'ڊَمَرُ'، جنهن جي شڪل وقت- پيما ڍُلڙيءَ جهڙي آهي؛ سو سنسڪرت ۾ 'ڊمرو' (Ded 2406-66) (ڊِمار يعني ٻٽو ڍُل يعني سنڌي ڏمال) ڏيکي تي رکيل ڍل آهي، جيڪو شهزادن اڳيان وڄائبو آهي.

---

هت ص مان مراد آهي، ليکڪ جي اصلي رپورٽ جو صفحو/ صفحا: ڏسو:

313- Special Publication No:2, Copenhegan, 1969

314- سنڌي زبان ۾ 'ڏانديو ناچ' 'تنداوا ناچ' جو نعمل البدل آهي.

(viii) ص 18: 'ڍڳو'، زرخيزيءَ جي عالمي علامت آهي. 'رُدرا' کي رگ ويد ۾ ڍڳو سڏيو ويو آهي، ۽ اڇو ڍڳو (دؤنرو ڍڳو) 'نانڊن' 'شِوَ' جي دائمي ڪُتن مان هڪ آهي.

(ix) ص ص 21-20: چَڪَر (چڪَ) ڪنير جو چڪ آهي.[315]

(x) ص 21: اسين انهيءَ سڃاڻپ جي صحيح هجڻ جي تصديق گهڻن نمونن سان ڪري سگهون ٿا. سڀ ڪا اول عالمي بادشاهه وارو پويون لقب ملاحظہ فرمايو، جنهن کي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ 'چڪر ورتن' چئبو آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ 'چڪ ڦيرائيندڙ' آهي.

(xi) ص 23: شِوَ جي نشانين مان هڪ 'مُگدر' بہ آهي، جنهن کي سنسڪرت ۾ 'ڪٽواريگا' چئبو آهي. 'ڪٽوا' جي معنيٰ آهي 'ڪَٽَ يا پلنگ'. اهو دراصل دراوڙي لفظ 'ڪَٽ' (Ded-960) يا 'ڪَٽِل' آهي (ڪٽ= سنڌي ڪٽ، ڪٽولو).

(xii) ص 29: ويدڪ ڪئلينڊر جيڪو 27-28 قمري تارن وارين نشانين تي مشتمل هو، سو غالباً آرين، دراوڙن کان ورتو آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌن اڳڪٽيءَ ڪري اهو اڳي ئي ٻئي هزار ورهيہ (second millennium) ۾ مُدي خارج ٿي چڪو هو.

(xiii) ص 30: ڇا مرهٽي ڀهاڪي 14 ويد (sciences) ۽ 24 'فن' جو بنياد سنڌو-ماٿر آهي؟

(xiv) 'مين' جي معنيٰ روشني پڻ آهي، 'آرُ مينَ' (aru-minu) لاڙ ۾ محاورو آهي تہ: مِين ٿي وَسي، يعني روشني پيئي چمڪي. هيءَ اُها روشني آهي جيڪا ڏن ۽ دولت جو ڏس ڏيندي آهي.

هن فقري جي سٽاءَ جي جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي، ساڳئي قسم جي فقري يعني 'ڇهہ مڇيون' سان ڀيٽ ٿي ڪجي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ، پنهنجيءَ ساڳيءَ پراڻيءَ سٽاءَ کي قائم رکيو آهي: يعني صفتي فقري ۾ عدد (صفت) پهرين آيو آهي ۽ موصوف پوءِ. سنڌيءَ ۾ اهڙا ٻيا مثال هي آهن: يڪ تارو، ڇهہ آڱو ۽ پڇر تارو.

(xv) ص 30: ڪام شاستر جي 24 فن جي وچور جي جاچ بعد اسين انهيءَ نتيجي تي پهتا آهيون تہ انهن مان گهڻا آريائي تهذيب جي بدران، دراوڙي

---

315- ٿي سگهي ٿو تہ، اهو ڪنير جو 'چڪ' نہ هجي، پر نار جو اهو حصو آهي، جنهن کي 'چڪر' چئبو آهي. ڍڳو جڏهن تہ زرخيزيءَ ۽ آباديءَ/ زراعت جي علامت آهي، تہ نار بہ آبادي ۽ زرخيزيءَ/ زراعت سان واسطو رکي ٿو. ڍڳو، نار ۾ وهندو آهي، ۽ نار جي چِٽَ يا چڪر (پانڊي) کي ڦيرائيندو آهي، جنهن ڪري، ماله ۾ ٻڌل لوٽن يا ڪنگرن/ ڪنگرين جي مدد سان پاڻي مٿي اچي، نيسار ۾ ڪرندو آهي، جو ٻنين کي آباد ڪندو آهي. 'چڪر'، نار جو نشان آهي. هن راءِ جي تصديق لاءِ ڏسو ڊاڪٽر پرپولا جي رپورٽ (2) جو صفحو 21 ۽ پيراگراف 2.

تهذيب سان هڪ جهڙائي ڏيکارين ٿا. انهن ڦنن جو سنسڪرت لفظ 'ڪلا' بڻ دراوڙي اصل جو آهي. اهو لفظ، دراوڙي لفظ 'ڪلَ' (kala) مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: 'سکڻ، پڙهڻ، فن، ويد، علم ۽ ڪيفيت'.

مطلب ته ڊاڪٽر پرپولا، ڊاڪٽر فيئر سروس ۽ ٻين ماهرن جون پڙهتيون ۽ وضاحتون جيڪڏهن قبول ڪجن ته پوءِ ائين چئي سگهبو ته سنڌو- ماٿر جي تهذيب ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي وبندي هئي سا موجوده سنڌيءَ، دراوڙي ۽ سرائڪي ٻوليءَ سان هڪ جهڙائي رکندي هئي: ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته اها سنڌوئي ٻولي هئي، جنهن سان اهي ٻوليون يا انهن جا گروهه واسطو رکن ٿا.

(ش) محترم سراج الحق ميمڻ پنهنجي مقالي: 'سنڌي ٻولي' ۾، 1983ع ۾، ڊاڪٽر پرپولا وارن جي پڙهڻين کي، پنهنجي ناقدرانه نظر سان پرکيو آهي. هو لکي ٿو ته:

> "ان اصول تي پرپولا وارن الاهي سادن لفظن جا مُلھ مقرر ڪيا آهن: مثلاً: هنن 'ڦٽيءَ' ( E ) جي شڪل جي نشانيءَ جو دراوڙي لفظ ڳولهيو. 'پٽي' ۽ ان جي هم آواز لفظ 'پَٽ' بمعنيٰ زال (woman) کي، صحيح ملھ ورتائون. منهنجو اعتراض اهو هو ۽ آهي ته ساڳئي ئي اصول تي ان نشانيءَ کي ڦٽي' پڙهيو وڃي، جيڪا 'پٽيءَ' سان ملي ٿي، ۽ دراوڙي بڻ بنياد جو لفظ آهي، ۽ ان ئي Rebas principle تي 'ڦڻ' (ننڍي حرفِ علت اَ سان)، مان نانگ يا نانگ جي ڦڻ يا ڇتَ جي معنيٰ اختيار ڪئي وڃي. جيڪڏهن 'ڦٽيءَ' جي 'ڦ' صوتئي کي پوءِ جي صورت سمجهيو وڃي ته پوءِ aspiration کڍي 'پَٽي' پڙهيو وڃي، جنهن جو Homophone 'پَٽي' يعني 'مِٽي' يا 'زمين' جو ملھ مقرر ڪيو وڃي. منهنجي نظر ۾، ڪيترين ئي نشانين کي پرپولا وارن صحيح نه پڙهيو آهي: مثلاً: هڪ نشاني Y سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي زرعي ماحول ۾ استعمال ٿيندڙ 'ٻياني' جي آهي، جنهن سان گاهه جي ڪانن کي ڪٺي ستيو ويندو آهي. پرپولا وارن ان کي 'هَٿ' (hand or forearm) سمجهيو آهي، جنهن لاءِ هنن مطابق، دراوڙيءَ ۾ 'ڪَئي' لفظ آهي، جنهن جو Homophone 'ڪَئي' يا 'ڪي' معنيٰ 'ننڍي ڀيڻ'، 'ننڍيءَ عمر جي زالَ' يا 'ڪُنوار' ورتي وئي آهي. هاڻ هن نشانيءَ مان ڪنهن به صورت ۾ 'هَٿ' هجڻ جو گمان ڪونه ٿو پوي. ان نشانيءَ مان 'ٻياني' جي شڪل ظاهر ٿئي ٿي، يا وري ڪمان سان گڏ تير جي. مسٽر ولسن اُن کي تير ڪمان جي شڪل سمجهڻ ۽ ان کي سميري لفظ 'بانَ' سان ملايو آهي. جڏهن مسٽر ولسن جو ڪتاب پئي پڙهيم تڏهن مون کي هڪدم

خيال آيو تہ اسان جي سنڌيءَ ۾ بہ تير کي 'ٻاڻ' چئجي ٿو. ان 'ٻاڻ' کي، ممڪن آهي تہ ڪي دوست سنسڪرت جي 'بان' مان کڻن. جيئن ادبي بورڊ واريءَ سنڌي لغت ۾ آهي، پر جيئن تہ اهو لفظ سنسڪرت کان گهڻو اڳ، سميريءَ ۾ موجود آهي، ان ڪري ظاهر آهي تہ اهو سنسڪرت ۾ پوءِ آيو يا سُميريءَ مان سڌو سنئون يا سنڌيءَ جي ذريعي.

منهنجي خيال ۾ اهو لفظ 'ٻيانو' (لاڙ ۾ ٻيان بہ چون– الانا) جو Homophone پڻ آهي، جا ان نشانيءَ جي صاف شڪل آهي؛ پر ان کان وڌيڪ دلچسپ 'ٻانهو' (slave) آهي. اڳئين پراچين زماني ۾، ٻانها ئي زرعي ڪم ڪار ڪندا هئا، ۽ 'ٻياني' سان ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ کي ئي 'ٻانهو' چيو ويندو هجي تہ شڪ نہ آهي (جيئن پٽيوالو– الانا). ٻانها 'ٻاڻ هڻڻ' جو ڪم بہ ڪندا هئا. ان طرح هر نقطہ نظر کان ان شڪل جي پڙهڻي 'ٻانهو' ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ وڌيڪ ثابتي اها بہ آهي تہ ڪيترين ئي صورتن ۾ اها نشاني (Y) هڪ گولي يا چوڌيواريءَ اندر بند ٿيل ڏيکاري وئي آهي، جنهن مان پڻ قيد اندر، بند ماڻهوءَ يعني ٻانهي جو تصور نڪري ٿو. هت اِهو بہ عرض ڪريان تہ سنڌي لغت ۾ 'ٻانهون' لفظ سنسڪرت 'باهُڪ' مان نڪتل ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو يقيناً غلط آهي.

اسان وٽ سنڌيءَ ۾ لفظ 'گولو' دائري توڙي ٻانهي جي معنيٰ ۾ موجود آهي، ان ڪري ٿلهي گولي واري نشاني وري گولي جي 'Homophone' گولو معنيٰ غلام يا ٻانهو رکي ٿي، ۽ اِها معنيٰ بہ موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي بازگشت آهي.

ٽيون اعتراض سماجي اهڃاڻن تي ٻڌل آهي. پريولا وارن هندومت جي ديوتا جي قديم صورتن ۽ انهن سان ڳانڍاپيل تارن ۽ گرهن جي اپياس کي پڻ قديم مذهب جي دائري ۾ هڪ بنياد مقرر ڪيو آهي؛ مثلاً: هنن مڇيءَ لاءِ دراوڙي لفظ 'مين' يا 'ميڻ' مقرر ڪيو، ۽ ان جو هڪ Homophone 'مِين' بمعنيٰ 'تارو' يا 'ستارو' مقرر ڪيو آهي. مڇيءَ لاءِ قديم سنڌي لفظ 'مي' يا 'مِين'، جيڪو 'مي+ هاڻن' يعني 'مُهاڻن' ۾ موجود آهي. هنن جي ساموندي علائقي کي، ننڍي جي آسپاس يونانين 'مين نگر' يا 'مينانگر' سڏيو هو. هينري ڪزنس مطابق ننڍي کي ئي 'مينا نگر' سڏيو ويندو هو. اهو 'مينانگر' اسان جي موجوده لفظ 'ماڱر' ۽ 'ماڃر' جي صورت ۾ آهي. اُن ۾ 'مين–' مهاڻن ۽ ميربحرن جي

ذات ۽ علائقي جي نالي ۾ موجود آهي. ’مين‘- ستارن يا روشن چمڪندڙ شين جي معنيٰ ۾ ٻـ اسان وٽ موجود آهي. سونُ ۾ ’مينَ‘ ۽ ’ميناڪاري‘ اصطلاحن ۾ اوهان کي ان جو اهڃاڻ ملي ٿو.

چوٿون اعتراض اهو آهي تـ پرپولا وارن، انهن نشانن جي ارتقائي صورتن کي بنھ نظر انداز ڪيو آهي. موهن جي دڙي ۾ موجود نشان، نشانيون، شڪليون ۽ صورتون ائين اوچتو گم ڪونـ ٿي ويئون. تهذيبون ائين گم نـ ٿينديون آهن. ان سلسلي ۾ هڪ نهايت عمدو ڪتاب:

'Some survival of Harappan culture' ڇپيو هو، جيڪو هڪ دراوڙ ماهر T.G. Arvamuthon ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اُن ۾ هن پوءِ جيُ سڪن، مهرن، مندرن ۽ قبن تي اُڪريل نشانين ۽ صورتن سان، سنڌو- سيپتا جي صورتن کي ڀيٽي اهو ثابت ڪيو هو تـ انهن مان ڪيترين ئي صورتون، ٻـڌ ڌرم جي دور تائين ارتقا ڪنديون موجود رهنديون آيون. انهن مان ڪيترين ئي صورتون خود، ميرپور خاص واري ڪاھُوءَ جي دڙي مان لڌل نشانين تي بـ ملن ٿيون. جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تـ انهن ۾ موجود ڪيترا نشان ۽ اُهڃاڻ، موهن جي دڙي جي نشانن ۽ اُهڃاڻن جون ارتقائي صوتون آهن. ايتري قدر جو چوکنڊيءَ جي بنھ ويجهي دور جي قبرن تي بـ اهڙا نشان آهن، جيڪي هُوبهو يا تقريباً موهن جي دڙي جي سماجي اهڃاڻن جهڙا آهن. نـ رڳو انهن نشانن جي اها ارتقائي صورت موجود آهي، پر خود لکيتن جي نشانين جي ارتقائي صورت بـ پراڻن مخطوطن ۾ ملي ٿي"[316]

سراج صاحب جي هن راءِ کان پوءِ اهو ثابت ٿو ٿئي تـ سنڌو- تهذيب ختم ڪانـ ٿي آهي، بلڪ اُن ۾ تسلسل جاري رهيو آهي، ۽ اڄ بـ اُن قديم تهذيب جون ڪيترين ئي نشانيون، معمولي تبديليءَ کان پوءِ قائم ۽ دائم آهن.

## 11- ساڳيءَ صوتياتي ۽ نحوي سٺاءَ جي ڀيٽ:

(الف) مٿي سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي لغوي خزاني ۽ ماهرن طرفان سنڌو- ماٿر مان هٿ آيل مهرن جي پڙهڻين جي سلسلي ۾ ڏنل مثالن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تـ موجوده سنڌي ٻوليءَ جي لغوي خزاني ۽ دراوڙي ٻولين جي لغوي خزاني ۾

316- سراج: مقالو: ’سنڌي ٻولي‘، هلالِ پاڪستان جو ماهوار نمبر، سيپٽمبر 1983ع، ص ص 11-17

ڪافي هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي، پر جيئن اڳ ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي ته صرف لغوي خزاني ۽ ساڳين ۽ هڪ جهڙن لفظن جي لڙهين کي دليل طور پيش ڪرڻ سان ائين ثابت نٿو ٿئي ته سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي لغوي خزاني جي اهڙي هڪ جهڙائي يا انهن ٻولين ۾، ساڳيا ساڳيا لفظ موجود هجڻ واري دعوا ڪرڻ سان ڪو ائين ثابت ٿو ٿئي ته انهن ٻولين جو صوتياتي، صرفياتي ۽ نحوي سٽاءُ هڪجهڙو آهي. ان لاءِ ته ٻولين جي مذڪوره سٽاءَ (صوتياتي، صرفياتي ۽ نحوي) جا ثبوت ڏيڻا پوندا؛ انهن جي سٽاءَ جي ڀيٽ ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن ڪن ٻه ٻولين ۾ اهڙيءَ هڪ جهڙائيءَ جا ثبوت ملن ٿا ته پوءِ هيئن چئي سگهبو ته اهي ٻوليون ڪنهن هڪ ئي خاندان مان ڦٽي نڪتيون آهن، يا ته اهي ٻوليون هڪ ئي خاندان واريون ٻوليون آهن.

(ب) ڊاڪٽر ٽرومپ جي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ' کان وٺي، ڊاڪٽر فيئرسروس جي 1992ع ۾ ڇپيل ڪتاب: The Script of Indus Valley Civilization-a report تائين، ماهرن جي راءِ ۾ اختلاف رهيو آهي. انهن ماهرن ۾، (سواءِ ڊاڪٽر ٽرومپ، ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر ايس- آر- راءِ، ڊاڪٽر جيٽلي ۽ محترم محمد حسين پنهور جي) سڀ ماهر هن راءِ جا آهن ته: "واديءِ سنڌ جي تهذيب، 'قديم- ڊرئوپڊئين' (Proto- Dravidian) تهذيب آهي ۽ هن تهذيب ۾ رائج ٻولي به 'اڳاٽي- ڊراوڙي' (Proto-Dravidan) ٻولي ئي هئي. هن سلسلي ڌار ڌار ماهرن جا خيال هن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن.

هن کان اڳ اهو پڻ بيان ڪيو ويو آهي ته 'سنڌو- ماٿر' کي قديم زماني ۾، "سئنڌوُ ديش' جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ان ديش جي رهاڪن کي 'سئنڌوئي' سڏيندا هئا، ۽ ان ديش جي ٻوليءَ کي به 'سئنڌوُ'/ 'سئنڌُئي' ڪوٺيندا هئا هن ديش ۾ اڻيل ڪپڙي کي 'سندڻ'[317] چوندا هئا.

اڳين صفحن ۾ اهو به ثابت ڪيو ويو آهي ته 'سئنڌُئي لوڪ' ڪٿان ٻاهران لڏي ڪونہ آيا هئا، پر هي ماڻهو، هن ئي سرزمين جا قديم ۽ اصلوڪا رهاڪو هئا. 'سنڌُوئي لوڪن' جي ٻولي، 'سئنڌوئي' اُن زماني ۾ مکيہ ڏهن لهجن ۾ ڳالهائي ويندي هئي. انهن مان هڪ گروهه قديم دراوڙي هئي، جنهن مان ڏکڻ هندستان جون سڀئي دراوڙي ٻوليون ڦٽي نڪتيون. انهيءَ ڪري هن گروهه (قديم دراوڙي) کي، دراوڙي ٻولين جي 'ماءُ ٻولي/ ماتر ڀاشا '(Parent language) تسليم ڪيو ويو، آهي جنهن مان تامل، تيليگو، ڪنڙ، ملايالم ۽ ٻيون دراوڙي ٻوليون ڦٽي نڪتيون.

بهرحال ڊاڪٽر جيٽلي يا سنڌس ٻيا هم خيال دوست اهو مڃين يا نہ مڃين،

---

317- آصف خان: پنجابي بولي دا پچھوکڑ، ص ص 5، 22، 69، 74-75، 76.
Aslo see: Taj Muhammad Sahrai, Lake Manchar, Karachi, Sindhi Kitab Ghar, 1997, P. 176.

پر هاڻ سنڌ، هند ۽ ٻين ملڪن ۾ سنڌي زبان جي عالمن جي اڪثريت هن راءِ جي آهي تہ سنڌي ٻولي ڪتان ٻاهران آيل ڪنهن گروهہ جي ٻوليءَ جي شاخ نہ آهي پر دراصل سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون، سنڌو- ماٿر جي قديم تهذيب ۾ ئي کُتل آهن، جيڪا تهذيب، آرين جي هن خطي ۾ اچڻ کان هزارين سال اڳ هڪ سڌريل، شاهوڪار ۽ مايدار تهذيب هئي. هن تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ مان ئي، سنڌي ٻولي اُسري، وڌي ۽ ويجهي آهي. هن ٻوليءَ جي شاهوڪار هجڻ جو ثبوت اُهو 'اَتَميو تهذيبي ۽ تمدني سرمايو' آهي، جنهن جا ثبوت ماهرن جي ڪيل نتيجن مان ملي رهيا آهن.

ماهرن جي لاءِ سوچڻ جهڙي ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ جيڪڏهن سندن خيالن پٽاندر، تهذيب ۽ تمدن ۾ تسلسل رهيو آهي تہ، پوءِ ٻولي ۽ ان جي لغوي خزاني، شين،، چئن، شڪلين، گلن ٻوٽن، وڻن ٽڻن، جانورن ۽ ڏٽن وارن جي نالن ۾ تسلسل ڇو نہ رهيو هوندو؟ اهو لغوي خزانو، ڪن تبديلين جي باوجود قائم ڇو نہ رهيو هوندو؟

هن ڪتاب ۾ مثالن سان اهو بہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ سنڌي ٻولي ۽ دراوڙي ٻولين جو لغوي خزانو، گهڻو ڪري تہ هڪ جهڙو ئي آهي، پر انهن ٻولين جي صوتي، صرفيائي، نحوي ۽ معنوي سٽاءَ ۾ بہ لڳ ڀڳ هڪ جهڙي آهي.

پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب، پنهنجي مقالي بعنوان 'غلام علي الانا جو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد تي تبصرو' ۾، صفحي-154 کان 172 تائين تبصرو ڪيل آهي. جتوئي سندس ڪتاب 'ويرون ۽ لهرون' (1993ع) ۾، منهنجيءَ راءِ سان اختلاف ڪيو آهي. آءٌ في الحال احترام طور پروفيسر صاحب جي راءِ تي ڪجهہ بہ نٿو لکان، اهو پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو تہ هو خود پڙهن ۽ پاڻ ئي فيصلو ڪن. هن ڪتاب جي ضخامت ۽ طوالت کان بچڻ لاءِ سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ٻولي ۽ لهندي گروهہ جي ٻين ٻولين مان سٽاءَ جي هڪ جهڙائيءَ جا مثال نہ ڏنا ويا آهن، تہ تہ، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ 'سنڌي'، 'لهندي' ۽ 'دراوڙي گروهہ' جون ٻوليون، سنڌو- ماٿر جي 'سنڌو/ سنڌوئي' ٻوليءَ جون شاخون آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جي، جڏهن دراوڙي ٻولين- تامل، تيليگو، ڪنڙ ۽ ملايالم- جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ سان ڀيٽ ڪجي ٿي تڏهن منجهن، يعني سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾، انهن خصوصيتن جون بيشمار هڪ جهڙايون نظر اچن ٿيون، ۽ هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ کي، آريائي ٻوليون سڏڻ سچ پچ تہ هڪ تہ تاريخي حقيقت کي لڪائڻو آهي ۽ ٻيو تہ تاريخي حقيقت کي غلط نموني سان پيش ڪرڻو آهي يا ان کان انڪار بہ ڪرڻو آهي.

لهاذا هن ڇوڙ ۾ ڪوئي بہ وڏاءُ ڪونہ ٿيندو تہ سنڌي ٻولي، آريائي زبانن

کان تمام اڳاٽي، موهن جي دڙي واريءَ تهذيب يعني سنڌو- تهذيب جي سئنڌُو/ سئنڌوئي ٻولي آهي، جيڪا موجوده دراوڙي گروهه جي ٻولين، سنڌي ۽ لهندي خاندان وارين ٻولين جو اصلي بڻ بنياد آهي، جيئن روسي، آمريڪي ۽ فنس (Finis) عالمن جو به رايو آهي. سئنڌُو/ سئنڌوُئي ٻوليءَ تي آرين جي اچڻ کان پوءِ، آريائي ٻولين راجستاني ٻولين، گجراتي، ڪاٺياواڙي، ڪشميري ۽ داردي ٻولين يعني پراڪرت، پالي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ جو به اثر ٿيو آهي. انهن اثرن جي باوجود، ۽ هزارين سالن جي عرصي جي گذري وڃڻ کان پوءِ به، سنڌي ٻولي پنهنجي پراڻي ۽ اصلوڪي غير-آريائي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ ۾، سواءِ ڪنهن معمولي تبديليءَ جي، ڪابه بنيادي تبديلي ڪانه آندي آهي؛ البت پراڪرتي ٻولين جي لفظن ۽ ڌاتن جو وڏو ذخيرو، سنڌي زبان ۾ داخل ٿي ويو آهي، ۽ انهن کي موجوده ٻوليءَ ۾ سڃاڻڻ به مشڪل ٿي پيو آهي. ڪيترائي پراڻا مقامي/ ديسي لفظ ۽ ڌاتو، متروڪ ٿي ويا آهن ۽ انهن جي جاءِ، نون پراڪرتي ٻولين جي لفظن ۽ ڌاتن والاري آهي، پر اُنهن اُڌارن (تَتسمَ ۽ تديوَ) لفظن ۽ ڌاتن جي ڪري، ٻوليءَ جي ڍانچي يا سٽاءَ ۾ ڪوبه فرق يا ڦيرو ڪونه آيو آهي، جيئن هن ڪتاب جي پڙهڻ سان اڳتي هلي معلوم ٿيندو. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو ته:

> "اهو مفروضو صحيح آهي ته آرين جي قبضي کان پوءِ، آرين جون ٻوليون، مقامي ٻولين تي اثرانداز ٿيون، ۽ مقامي ماڻهن جي ٻولين ۾ سنسڪرت جا بيشمار لفظ شامل ٿي ويا، پر انهن ٻولين جي وياڪرڻ جو سٽاءُ غير- آريائي يعني 'سٿين' (Scythian) آهي، تنهن ڪري اها راءِ بلڪل درست پيئي نظر اچي ته اِهي مقامي ٻوليون آريائي نه، پر 'سٿين بنياد' سان واسطو رکن ٿيون، جن ۾ سنسڪرت جا انيڪ لفظ داخل ٿي ويا؛ پر ائين چوڻ درست نٿو لڳي ته اهي مقامي ٻوليون ڪو سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل آهن يا آريائي خاندان جي بنياد مان آهن".[318]

ڊاڪٽر ڪالڊويل ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

> "ڪافي وقت تائين برهمڻن ۽ يورپ جي اڳاٽن عالمن اهو ڄاڻائيندي به، ته اُتر هندستان جي ٻولين ۽ دراوڙيءَ ۾ فرق آهي، اها دعوا ڪئي ته دراوڙي ٻوليون، سنسڪرت مان نڪتل آهن".[319]

ڊاڪٽر ڪالڊويل اڃا به اڳتي لکي ٿو ته:

> "پنڊتن، دراوڙي ٻوليءَ کي به دراوڙي- پراڪرت سڏيو آهي، پر

318- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., Introduction, P.58.

319- Ibid., P.58.

ٻوءِ ڪين ميڻو پيو تہ دراوڙي ٻولي آريائي نہ آهي. دراوڙي ٻولين، وياڪرڻي سٽاءَ جي لحاظ کان 'سٿين ٻولين' يا وچ ۽ اُتر- ايشيا جي ٻولين سان نسبت رکن ٿيون." 320

اهي ئي ڳالهيون ۽ سبب هئا جو ڊاڪٽر ٽرومپ بہ مجبور ٿي، هن حقيقت کي قبول ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي، آريائي ٻولين جي شاخ نہ، پر 'تاتار خاندان' جي شاخ، ۽ برصغير جي هڪ 'خودمختيار ٻوليءَ' طور تسليم ڪيو.

## 12- سنڌيءَ ۽ دراوڙي ٻولين جي لفظن ۾ هڪجهڙائي:

هن کان اڳ، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي ڪتاب 'سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي وچ ۾ لغوي ۽ وياڪرڻي هڪ جهڙائين جا ڪي حوالا ڏنا ويا آهن. ڊاڪٽر گدواڻي، پنهنجي انهيءَ ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ:

> "هن ڪتاب ۾ جيڪو مواد پيش ڪيو ويو آهي، تنهن جي اڀياس مان ثابت ٿو ٿئي تہ موجوده معياري سنڌي ٻولي جيڪا هن وقت ڀارت ۽ پاڪستان ۾ لکي ۽ ڳالهائي وڃي ٿي، اُن (ٻوليءَ) پاڻ وٽ، وڏي انداز ۾ 'لغوي' (lexical) ۽ وياڪرڻي (gramatical) مواد (elements) محفوظ رکيو آهي، جيڪو دراوڙي ٻولين جي مواد سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اها هڪ جهڙائي محض انهيءَ ڪري نہ آهي جو 'سنڌي'، 'برهوئڪي' ۽ 'اوڏڪيءَ' جي ڳالهائيندڙن جو هڪ ٻئي سان تعلق رهيو آهي، بلڪ اها هڪجهڙائي، دراوڙي ۽ سنڌي ٻولين ۾ هڪ جهڙائيءَ ڪري قائم رهي آهي." 321

هاڻ هيٺ ٻنهي خاندانن جي ٻولين (سنڌي ۽ دراوڙي) جي صوتياتي، صرفياتي ۽ وياڪرڻي هڪ جهڙاين جا ڪي مثال ڏجن ٿا تہ جيئن مٿي ڪيل دعوا لاءِ ڪي دليل ملي سگهن:

### صوتياتي هڪجهڙائي:

(الف) سنڌي، سرائڪي ۽ دراوڙي ٻولين جي صوتياتي سٽاءَ جي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ انهن ٻولين ۾ آوازن جا قسم ۽ آوازن جا مخرج ۽ گروهه لڳ ڀڳ ساڳيا يعني هڪ جهڙا آهن. هت فقط سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي هڪجهڙي صوتياتي نظام جا ڪي مثال ڏنا ويندا. 322

---

320- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., Introduction, P.4.

321- Parso, Gidwani, Dr. Similanities in Sindhi and Dravidian languages, Op.Cit., preface, P-III & V, VI.

322- سنڌي ۽ سرائڪي صوتياتي سٽاءَ جي ڀيٽ لاءِ ڏسو: الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڄامشورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1995ع، ص ص 156 کان 187 تائين.

(i) **مورڌني آواز:** سنڌي، لهندي ۽ دراوڙي ٻولين جي صوتياتي نظام جي هڪ خاص ۽ مکيه خصوصيت 'مورڌني آواز' آهن. جيتوڻيڪ هند- آريائي ٻولين، خصوصاً سنسڪرت جي صوتياتي نظام ۾ به مورڌني آواز ملن ٿا، پر هند- آريائي ٻولين، اهي آواز برصغير ۾، مقامي ٻوليءَ کان اُڌارا ورتا آهن. جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي[323] هند- آريائي ٻولين جي اڀياس مان اهو معلوم ٿيو آهي ته، ڪنهن به آريائي يا هند- آريائي ٻوليءَ جي پنهنجي اصلوڪي صوتياتي نظام ۾، مورڌني آواز جهڙوڪ: [ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڻ ۽ ڙ] موجود نه آهن، پر ٻاهران آيل هند- آريائي ۽ مقامي ٻوليءَ جي ميل جول جي ڪري مقامي ٻوليءَ/ ٻولين جون خصوصيتون، جن ۾ مورڌني آوازن جو شامل ٿيڻ به اچي وڃي ٿو، سنڌو- ماٿر ۾ ٻاهران آيلن جي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي ويا.[324] اهي مورڌني آواز ۽ انهن جا صوتيه، آريائي ٻولين جهڙوڪ: گريڪ، لئٽن، گاٿڪ، ڪيلٽڪ ۽ فارسيءَ مان، ڪنهن به هڪ ۾ نٿا ملن. ٻئي طرف سنڌو- ماٿر جي سئنڌوئي ٻولين جهڙوڪ: (سنڌي، دراوڙي ۽ لهندي ٻوليون جيڪي خودمختيار ٻوليون هيون، ۽ آرين جي اچڻ کان اڳ، برصغير جي وڏي حصي تي ڇانيل هيون، انهن جي صوتياتي نظام ۾ مورڌني آواز شامل هئا. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو ته:

> "One of the most striking of these provincial peculiarities is the fondness of the Sindhi for cerebrals. This Language has preserved the harder point of contact, and has not followed itself, to be weak and soft".[325]

(ii) **گهڻا آواز** (Nasal Sounds): سنڌي، دراوڙيءَ ۽ لهندي ٻولين ۾، 'گهڻن آوازن' جا پنج مخرج آهن. انهن مخرجن وٽان جيڪي گهڻا آواز اُچارجن ٿا، اُهي هي آهن: [م، ن، ڻ، ڃ ۽ ڱ]. سنسڪرت ۽ ٻين آريائي ٻولين ۾، گهڻا آواز به آهن: اُهي آهن: [م ۽ ن].[326] البت انگريزي ٻوليءَ ۾ [ڱ] ۽ لئٽن ۾ [ڃ] آواز موجود آهن.[327] سنسڪرت جي لپيءَ (الف- ب) ۾، مقامي (غير- آريائي) ٻولين جي اثر کان 'ڻ، ڃ ۽ ڱ' 'حرف' (graphemes) داخل ڪيا ويا آهن.

---

323- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., Introduction. P.4.

324- Ibid., PP. 32 & 69.

Also see: Hiremath, R.C., Dr., The Genesis and Groth of Dravidian, Trivandrum, Dravidian Linguistic Association, Publication No: 39, 1984, P. 168 & 218 &219.

325- Trumpp, E.,Dr., Op.Cit., P.44.

326- Ibid., P.217.

327- Jones, D.,

سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن کي اها خبر آهي تہ، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾، وينجنن کان سواءِ 'سُرَ بہ گهڻا' (nasal vowels) ٿيندا آهن؛ يعني سنڌيءَ جي صوتياتي نظام ۾، 'صاف سُر' (Non-nasal vowles) بہ ٿيندا آهن تہ 'گهڻا سُر' بہ. 'گهڻا سر'، ڌار صوتين طور بہ ڪم ايندا آهن؛ مثال طور:

| صاف سر صوتيہ | گهڻا سُر صوتيہ | صاف سر صوتيہ | گهڻا سُر صوتيہ |
| --- | --- | --- | --- |
| سا | سان | آهي | آهين |
| اَسِي | اَسين | اوُ | اُون |
| اَڌِي | اَنڌِي | جُو | جُون |

آريائي ٻولين ۾، خاص ڪري فارسيءَ ۾ گهڻا سُر محسوس ڪجن ٿا پر تجزئي مان معلوم ٿيو آهي تہ انهن سُرن ۾ 'گهڻائڻ واري خصوصيت' (nasalisaion) اسان جي اچارڻ جي عادتن جي ڪري، اُچاربي آهي، پر دارصل فارسي زبان جا اهل زبان اهڙا سُر گهڻو ڪري ڪونہ اُچاريندا آهن؛ مثال طور:

| فارسي لفظ جو اُچار | سنڌي ماڻهن طرفان اُچار ڪرڻ |
| --- | --- |
| چنان: چنانچہ | چُنان |
| چُني | چنين |
| چون: چونکہ | چون |

اهو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ فارسي زبان جي انهن مثالن ۾، 'گهڻا سر' الڳ صوتين طور ڪم نہ ايندا آهن، جيئن سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ اُهي استعمال ٿيندا آهن.

(iii) **اَوسرگائي:** سنڌي، سرائڪي ۽ دراوڙي ٻولين جي هڪ ٻي خصوصيت 'اوسرگائي' بہ آهي.[328] هن ڏس ۾ ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو تہ:

"دراوڙي ٻولين ۾ 'وسرگ' يعني 'هہ' جي اچار وارا اکر ڪينهن، پر آرين جي سنسڪرت توڙي پارسين جي 'زند آويستا' ۾ آهن. آرين جي سنگ ۾، دراوڙ لوڪ سنسڪرت سکيا، پر پورا اچار ڪرڻ نہ ايندا هُئن، جنهن ڪري وسرگ اکر مان، بنيادي اکر ڪڍي، باقي 'هہ' جو اُچار پچائيندا هئا. اهو رواج پوءِ پراڪرت ۾ اهڙو زور ٿيو جو پراڪرت ڳالهائيندڙن اهڙن اکرن کي چڻ تہ مرڪب اکر ڪري ٿي ليکيو. خود سنڪسرت ۾ ڪن لفظن جي حالت ۾ ائين ٿيو.

اهڙيءَ طرح دراوڙي ٻولين جو اهو اثر سڄيءَ سنڌي ٻوليءَ تي

328- ڀيرومل، آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حوالو ڏنل آهي، صہ 125-127

خصوصيت موجود آهي: مثال طور:[332]

| معياري | لاڙي | ڪڇي | ٿري | ڪوهستاني | فراڪي | ڪيتراڻي | جدڱالي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| چاڙهي | چاڙي | چاڙي | چاڙي | چاڙي | چاڙي | چاڙي | چاڙي |
| ماٿهو | ماڙو | ماٿو | ماٿو | ماٿو | ماڙو | ماڙو | ماڙو |
| ٻانهو | ٻانو | ٻانو | ٻانو | ٻانو | ٻانو | ٻانو | ٻانو |
| ڳالهه | ڳال | ڳال | ڳال | ڳال | ڳال | ڳال | ڳال |
| سامهون | سامون | سامين | سامون | سامون | سامون | سامون | سامون |

(ب) سنڌي ٻوليءَ جي جملن ۾ به لفظن ۾، اوسرگائي موجود آهي: مثال طور:

| معياري لهجو | شڪارپوري | لاڙي لهجو | ٿري ۽ ڪڇي لهجو |
|---|---|---|---|
| آءٌ وڃان ٿو. | مان وڃان ٿو | آءٌ وڃان تو | آءٌ وڃان تو |
| آءٌ اچان ٿو | مان اچان ٿو | آءٌ اچان تو | آءٌ اچان تو |

انهن جملن ۾ 'وڃان ٿو' ۽ 'اچان ٿو'، جملن ۾، لاڙي، ڪڇي ۽ ٿري لهجن ۾ 'ٿو' جي بدران 'تو' نشاني ملائي ويندي آهي. اها خصوصيت، سنڌي ٻوليءَ جي عام خصوصيت آهي.

(IV) **لفظن جي آخر ۾ سُرَ جو اُچار:** سنڌي، سرائڪي ۽ دراوڙي ٻولين ۾، هر مفرد لفظ جي پڇاڙيءَ ۾، ڪونه ڪو سُر ضرور اُچاريو آهي (ڪم ايندو آهي)، ۽ مفرد لفظ جي پڇاڙيءَ (آخر ۾) ۾، ڪنهن نه ڪنهن وينجن جو ساڪن اُچارڻ ممڪن نه آهي،[333] سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ به اهو ساڳيو قانون آهي،[334] پر آريائي ٻولين ۾ ائين نه آهي. سنسڪرت ۾ به لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ساڪن وينجن ڪم ايندا آهن؛[335] البت سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جي هيٺين لفظن ۾ هڪجهڙائي نظر اچي ٿي:

| سنسڪرت | سنڌي |
|---|---|
| هتسَ | هَٿُ |
| مترَ | مٿُ |
| پُترَ | پُٽُ |

332- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: شڪارپور جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1992ع/ 1413هه، ص ص 33 ۽ 38 ۽ پڻ ڏسو: داد محمد، بروهي، ڊاڪٽر: سبيءَ جي ٻولي، ايضاً، ص 23
۽ پڻ ڏسو: شيخ محمد فاضل، پروفيسر: ماڻيلي- اُباوڙي جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار اداراو، 1992ع/ 1413هه، ص ص 40، 41 ۽ 42

333- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.79.

334- Ref No. 330

335- Allen, W.S., Phonetics in Ancient India, Op. Cit., PP. 20, 39, 51& 83.

پر سنسڪرت ۾ هن خصوصيت جا ايترا گهڻا مثال نٿا ملن، ان ڪري چئبو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اها خصوصيت پنهنجي، يعني ديسي ۽ اصلوڪي آهي، جيڪا زماني جي گذري وڃڻ جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ پاڻ وٽ قائم رکي آهي، ۽ آريائي ٻولين کان هن ڏس ۾ بلڪل متاثر ڪانه ٿي آهي.

(V) **مرڪب وينجن آواز** (clusters of consonants): هيءَ خصوصيت به توجهه گهري ٿي.

(الف) سنڌي، لهندي ۽ دراوڙي ٻولين جي ڪنهن به لفظ جي مُنڍ ۾، يعني لفظ جي ابتدا (Initial position) ۾ ٻن يا ٽن وينجن آوازن جو گڏجي اُچارجڻ، يعني ٺيٺي اوان گڏي اُچارڻ، يعني انهن آوازن جو مرڪب اُچار، سنڌي ٻوليءَ ۾ ممڪن نه آهي، مثال طور: انگريزي ٻوليءَ جي لفظ strength جي مُنڍ ۾ [str]، ٽن آوازن [s ۽ t ،r] جو مرڪب اچار آهي، يعني [str]، ٽن آوازن جو مرڪب آهي. اهڙيءَ طرح سنسڪرت ۾ /ڪرشڻ/ لفظ ۾ [ڪرش]، ٽن وينجن آوازن جو گڏيل يعني مرڪب اُچار آهي. سنڌي، لهندي ۽ دراوڙي ٻولين ۾، اهڙن ٽن وينجن آوازن جو، ڪنهن به لفظ جي مُنڍ ۾ مرڪب صورت ۾ اُچارجڻ ته ٺهيو پر انهن ٻولين جي ديسي/ مقامي لفظن جي مُنڍ ۾ ڪن به ٻن وينجن آوازن جو گڏجي اُچارجڻ، يعني ڪن به ٻن وينجن آوازن جو، ڪنهن لفظ جي مُنڍ ۾ مرڪب صورت ۾ اچارجڻ ممڪن نه آهي.[336]

اگر ۾ چيو ويو آهي ته، سنڌيءَ ۽ سرائڪي ٻولين ۾ ڪي لفظ سنسڪرت مان اُڌارا ورتا ويا آهن. انهن لفظن جي مُنڍ ۾، اَيل ٻن مرڪب وينجن آوازن ڪي يا ته سنڌي صوتياتي نظام موجب 'سُرُ' جي مدد سان ٿوڙي، هر آواز کي، ڌار ڌار مفرد آواز ڪري اُچاريو ويندو آهي، ۽ يا 'سَنڌيءَ' (assimilation) جي اصولن موجب اهڙا وينجن مرڪب آواز، نون مفرد آوازن ۾ تبديل ٿيندا آهن (مٿيا آهن)، مثال طور:

| سنسڪرت | سنڌي لفظ | سَنڌيءَ جي قانون موجب تبديل[337] |
|---|---|---|
| ڪُشار | ڪار | ڪش > ڪ |
| | چار | ڪش > چ |
| ڪشير | ڪِيرُ | ڪش > ڪ |
| ستون | ٿوڻ/ ٿوڻي | ست > ٿ |
| دروهه | ڏوهه | در > ڏ |

336- Buck, C.D., Comparative Grammar of Greek and Latin, University of Chicago, 1962, PP. 149, 153, 156 & 157.

337– الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1987ع، ص ص 111 ۽ 112.

ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ 'سنڌي' لکي ٿو ته:

"شڪارپور علائقي جي عوامي لهجي ۾ ڪي مرڪب وينجن بدلايا ويندا آهن: مثلاً[338]

| لفظ | اُچار | تبديل |
|---|---|---|
| ڏيار | چار | ڏيَ > چَ |
| نياٽي | چاٽي | نيَ > چ |
| ناپو | چاپو | نيَ > چ |

سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾، اِن قسم جي تبديل، نه فقط لفظ جي مُنڍ ۾ آيل مرڪب وينجن آوازن جي حالت ۾ ممڪن آهي پر لفظن جي وچ ۾ به، لفظ جي هر پد جي مُنڍ ۾، اهڙي تبديلي ٿيندي آهي.[339] مثال طور: سنڌي ٻوليءَ جا هي لفظ ڏسو:

| لفظ جي وچ ۾ مُرڪب وينجن آواز | اُچار ۾ تبديل | سنڌيءَ جي قانون موجب تبديل[340] |
|---|---|---|
| واٽياٽي | واچاٽي | ٽيَ > چ |
| ڏٽياٽي | ڏچاٽي | ٽيَ > چ |
| نشتَر | نٽُر | شٽ > ٽ |
| ڪَستوري | ڪٿوري | ست > ٿ |
| اِڪشَ | اَکُ | ڪش > ک |
| لِڪشمي | لکمي | ڪش > ک |
| | لِڇمي | ڪش > ڇ |
| پَشچمِ | پڇمِ | شچ > ڇ |

هن ڪتاب جي پاڇي پهرئين ۾، سنڌي ۽ سنسڪرت جي صوتياتي هڪجهڙائي ڏيکاريندي، اهو بيان ڪيو ويو آهي ته / پيار، ڏيان، ٻيائي، ڏياري ۽ پريم / لفظن ۾ / پيَ، ڏيَ، ڏيَ ۽ پر / مرڪب وينجن جوڙن جو استعمال، سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافيءَ موجب، ڪن حلقن ۾ ته ممڪن آهي پر سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام جي تفصيلي اڀياس کان پوءِ اهو ثابت ٿيو آهي ته 'آوازن جا اهي مرڪب وينجن جوڙ، سنڌي ٻوليءَ تي، سنسڪرت جي صوتياتي نظام جي اثر جو

338- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: شڪارپور جي ٻولي، حوالو ڏنل آهي، ص 41
339- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.79.
340- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، حوالو ڏنل آهي، ص ص 113-111

نتيجو آهن. آوازن جا اهڙا مرڪب وينجن جوڙ، عام ماڻهن جي روزمره واري اچار ۾، روزمره واريءَ ۽ عام سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج نہ آهن. عام ماڻهو پنهنجي اُچار ۾، اهڙن مرڪب وينجن آوازن جي وچ ۾ [اِ] سُر ڪم آڻي، انهن مرڪب وينجن جوڙن کي ٻن ڌار ڌار آوازن ۾ ڀڃندا آهن. البت پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو، انهن آوازن جا 'مُرڪب وينجن جوڙ' اُچاري سگهندا آهن.

مثال طور عام ماڻهو، پنهنجي روزمره واري اچار موجب اهڙن مرڪب وينجن آوازن جا اُچار هن طرح ڪندا آهن:

| لفظ | پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جو اُچار | عام ماڻهن جو اُچار |
|---|---|---|
| پُريم | پريم | پِريم |
| پيارُ | پيارُ | پِيارُ |
| ٻيائي | ٻيائي | ٻِيائي |

ڊاڪٽر ڪالڊويل جو رايو آهي تہ دراوڙي ٻولين ۾ بہ، [اِ] سُر ڪم آڻي، آوازن جي مرڪب جوڙن کي ڌار ڌار ڪيو ويندو آهي.[341] هن ڏس ۾ ماريو- اي- پاءِ (Mario A. Pei) لکي ٿو تہ:

> "دراوڙي ٻولين جون ڪي خاص ۽ انوکيون خصوصيتون هي آهن تہ اهي پنهنجن لفظن ۾، وينجن کي مرڪب/ ڳنڍيل اُچار (آوازن) ۾ ملائي، هڪ ئي جوڙ طور ڪم نہ آڻيندا آهن. مثال طور Skr يا Str مرڪب/ ڳنڍيل آواز".[342]

هن سلسلي ۾ پروفيسر محمد فاضل شيخ لکي ٿو تہ:

> "لڇمڻ داس مولچند پنهنجي تصنيف 'سنڌي فونولاجيءَ' ۾ 'صوتي مجمص' جا مثال ڏيندي، هيٺ ڄاڻايل لفظن جي فهرست ڏني آهي:
> پيار، ڏياري، ڏيان، ڄيابو، نيارو، خيال، ويو.[343]

شيخ محمد فاضل صاحب، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچندانيءَ جي راءِ تي تفصيل سان بحث ڪرڻ کان پوءِ، هن نتيجي تي پهچي ٿو تہ:

> "هينئر سوال ٿو پيدا ٿئي تہ لکڻ وقت اعرابن جي ڪهڙي صورت

341- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., PP. 79 & 80.

342- Mario, A. Pei, The World's Chief Languages, Third Edition, London, George Allen & Unwin Ltd, P.487.

343- محمد فاضل شيخ، پروفيسر، ماٿيلي- اُپاوڙي جي ٻولي، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 46.

جي صرفيائي ساخت ۾ تمام گهڻي هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي:

**(i) نالن (ماڻهن) يعني ماڻهن ۽ شخصي نالن جي ساخت ۾ هڪجهڙائي:**

هن کان اڳ ڊاڪٽر پرسي گدواڻي صاحب جي مقالي مان سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ هڪجهڙن بلڪ ساڳين لفظن جا مثال ڏنا ويا آهن. شخصي نالن جي تحقيق کان پوءِ، هن ڏس ۾ ڪيل نتيجن جي باري ۾ ڊاڪٽر پرسوگدواڻي صاحب لکي ٿو ته:

"هن مقالي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهم پهلوءَ، سنڌي شخصي نالن ۽ دراوڙي ٻولين جي شخصي نالن ۾ ملندڙ هڪجهڙاين جو اڀياس ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي ۽ دراوڙي ٻولين جي ٻين ڪن پهلوئن ۾ پڻ هڪ جهڙايون ملن ٿيون جن جي اڀياس لاءِ جلد ئي منهنجو ڪتاب 'سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ هڪجهڙايون' ڇپجي ظاهر ٿي رهيو آهي جنهن ۾ وڌيڪ اوک ڊوک ڪيل آهي."[349]

"هاڻ جڏهن سنڌ ۾ چاول پيڙهيءَ جي نالن جو اڀياس ڪجي ٿو ته انهن ۾ اهڙا پڪا اُهڃاڻ ملن ٿا، جيڪي دراوڙي نالن جي خاص سڃاڻپ وارا جز آهن. اهي اثر مؤنث ۽ مذڪر نالن تي آهن پر هيٺ فقط مذڪر نالن جي اڀياس کي پيش ڪيو ويو آهي:

اُتر پارت ۽ ڏکڻ پارت جي شخصي نالن ۾ جيڪا هڪ خاص ڳالهه آهي، اُها آهي ڏکڻ پارت (پارت جي جنهن حصي ۾ دراوڙي ٻوليون ئي ڳالهايون ويندڙيون آهن) جي نالن ۾ گهڻو ڪري -'اَنِ' پڇاڙي هوندي آهي، جيئن ته اُتر پارت ۾ 'ڪرشڻ'، 'رَام' ۽ 'شِو' وغيره نالا هوندا آهن ته اهي ئي نالا ڏکڻ پارت ۾ 'ڪرشڻن'، 'رامَن' ۽ 'شِوَنِ' هوندا آهن. ٻيو ته ٻوليءَ جي عالمن کي انهيءَ حقيقت جي خبر آهي ته -'اَنِ' پڇاڙي جيڪا شخصي نالن ۾ اچي ٿي اُها خاص دراوڙي خوبي آهي. ان لاءِ هت مون کي ڪنهن حوالي پيش ڪرڻ جي ضرورت نه آهي.

سنڌي نالن جو به جڏهن اڀياس ڪجي ٿو ته ڏسبو ته اها -اَن پڇاڙي اسان کي ملي ٿي. هن قسم جو اڀياس ٻن 'قسمن' سان ڪري سگهجي ٿو. هڪڙو ته اُهي شخصي نالا جن ۾، -اَنِ به آهي ۽ -اَنِ کان سواءِ به آهن، مثال طور:

---

349- پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر حوالو ڏنل آهي، ص 46.
Also see: Ibid, Similarities in Sindhi and Dravidian Languages, Op.Cit.

| ٻنان -اَن پڇاڙيءَ وارا | اَنِ پڇاڙيءَ وارا |
|---|---|
| (I) رام (ارامداس، رامچند، رام لعل، رامون مل وغيره) | رامَن (رامنداس، رامن مل) |
| (II) شام، شيام، (شامداس، شامون مل وغيره) | شامَن (شامن مل، شامنداس) |
| (III) شِوو، شِوُ (شوومل، شوڪمار وغيره.) | شِوَن (شِونداس، شِوَن مل وغيره) |
| (IV) داس، داسو (داسو مل وغيره) | داسَن (داسن ملن وغيره) |
| (V) راجو، راجو (راجو مل وغيره). | راجن (راجن چاولا سنڌيءَ جو مشهور ليکڪ اڄڪلهه لنڊن ۾ رهي ٿو.) |
| (VI) هيم، هيمون (هيم ناگواڻي مشهور سنڌي ناٽڪ ڪار) هيمون مل، اڄ بہ مڌيہ پرديش جي سنڌي ڪئمپن ۾ نالو ملي ٿو. | هيمَن (هيمناس ۽ هيمن مل وغيره) |
| (VII) پمونَ (پمون مل وغيره) | پَمن (پمنداس وغيره)[350] |

مٿي ڏنل نالن ۾ 'هيم' سنسڪرت جي نالي ۾ هيمچندر جو سُسيل روپ (abbreviated form) آهي، ۽ 'پمون'، 'پرمانند' جو سُسيل روپ آهي. هڪ ٻي ڳالهه، جنهن خاص ڌيان ڇڪڻو تہ سنڌيءَ ۾ دراوڙيءَ نالن وانگر 'ڪرشنن'، 'گوپالن' ۽ 'بالاڪرشنن' نالا نٿا ملن، پر مون کي اميد آهي تہ جيڪڏهن پنيور وغيره يا ٻين هنڌان اسان کي پراڻا رڪارڊ، ٽامي جا پٽ، يا ڪن مندرن يا جڳهين جا ڪي پيڙهه- پٿر ملي پون تہ شايد اهي نالا بہ ملي پون.

(ii) مٿين نالن کان سواءِ سنڌي نالن ۾ ڪيترا اهڙا نالا بہ آهن جن ۾ -'اَن' پڇاڙيءَ وارا تہ ملن ٿا، پر -اَن پڇاڙيءَ کان سواءِ نالا نٿا ملن. اهڙن نالن مان ڪي ٿورا هيٺ پيش ڪجن ٿا: مثال طور:

| سنڌي لفظ | لفظ جي معنيٰ | سنڌي نالو |
|---|---|---|
| ڏيوِ | ايشور، ڀڳوان | ڏيوَن (ڏيونداس، ڏيون مل وغيره) |
| آس | اُميد | آسَن (آسنداس، آسن مل وغيره) |
| ڀيم | مهاڀارت جو هڪڙو ڪردار، پانڊوءَ جو پٽ | ڀيمَنُ (ڀيمن مل، ڀيمنداس وغيره) |
| سَيَّ | ڪُل | سَيَنُ (سَينداس، سين مل، سينراءِ وغيره) |
| ڀاوَ | ويچار | ڀاوَن (ڀاوَنداس، ڀاون مل وغيره) |

350- پرسو گدوائي، ڊاڪٽر: حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 50 ۽ 51.

| سنڌي لفظ | لفظ جي معنيٰ | سنڌي نالو |
|---|---|---|
| جِيوُ | انسان | جيون[351] (مشهور ناٽڪڪار جيون گرسهاڻي، جيڪو دهليءَ ۾ رهي ٿو). |
| مَنگهه | سنڌ ۾ هوا لاءِ گهر جي ڇتين ۾ منگهه هوندا آهن. | مَنگهنُ (منگهن مل، منگهنداس وغيره) |
| دامر | وشنو ڀڳوان جو هڪ نالو | دامَنُ (دامن مل، دامنداس) |
| نوتو | نيندِ | نوتن (نوتنداس) نوٽ: ڪٿي ڪٿي نوتو بہ ملي ٿو. |
| گِيدو | ڪيِسو | گِيدنُ (گيدَنداس، گيدن مل، گيدنرام وغيره) |
| ڪيمو | ڪميا يعني معاف ڪرڻ لفظ مان نـهيو آهي. | ڪيمن (ڪيمنداس، ڪيمن مل وغيره)[352] |

(iii) ڊاڪٽر گدواڻي، 'آسن' لفظ جي وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ:

"ڪجھ سال اڳ، دهليءَ جي سنڌي عالم ۽ تعليمدان مسٽر آسنداس هميراجاڻي صاحب سان شخصي ڳالھ ٻولھ ۾ 'آسن' نالي تي ٿورو ويچارن جو فرق نظر آيو. هنن جو چوڻ هو تہ 'آسن' لفظ، سنسڪرت جي 'آسڻ' (ويهڻ جي گادي وغيره) لفظ مان آهي، پر منهنجي ويچار ۾ سنسڪرت لفظ 'آسڻ' تہ سنڌيءَ ۾ 'آسڻ' ئي آهي، ۽ 'آسڻ' يعني ويهڻ جي گاديءَ لاءِ 'آسڻ' لفظ ئي سنڌيءَ ۾ ڪتب ايندو آهي نہ ڪ 'آسن'. ان ڪري 'آسن' شخصي نالو 'آسِ+ اَن' مان ئي مڃڻ گهرجي".[353]

گدواڻي صاحب پنهنجن دليلن کي ختم ڪندي لکي ٿو تہ:

"-اَن پڇاڙيءَ کان سواءِ ٻي هڪ جهڙائي جيڪا سنڌي نالن ۾ ملي ٿي، اُها آهي تہ ڪيترائي نالا سنڌي هندن ۾ ۽ دراوڙي هندن

---

351- ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي خيال موجب 'جيون' نالو ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي لفظ 'جِيوَن' يعني زندگيءَ يا حياتيءَ مان بہ ٺهيو هجي، پر جيئن تہ 'جيون' مونث لفظ آهي ۽ 'جيون' شخصي نالو مؤنث نہ آهي، پر ان ڪري ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ، جيو+ اَن مان 'جيون' ٺهيو هجي.

352- پرسو، گدواڻي، ڊاڪٽر: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 51.

353- سنڌ ۾ سانگهڙ ضلعي ۾ سانگهڙ کان ڪجھ فاصلي تي هڪ بستي آهي، جنهن جو نالو آهي 'پيرومل'. اها بستي انگريزن جي زماني ۾ پيرومل نالي هڪ سيٺ قائم ڪئي هئي.

۾ هڪ جهڙا اڄ بہ ملن ٿا. اهڙن ڪن خاص نالن تي هيٺ روشني وجهجي ٿي:

(i) پيرومل- پيرومل نالو سنڌي هندن ۾تمام گهڻو عام جام آهي. ڀارتي سنڌو سڀا جي پوناشاخ جو جنرل سيڪريٽري پيرومل ٻچاڻي آهي ۽ سنڌ نالو سنڌ ۾ ئي رکيو ويو هو. ساڳيءَ طرح الهاس نگر، بيراڳڙهہ (ڀوپال جي سنڌي ڪئمپ) ۽ ڀارت ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌي ڪئمپن جي ووٽرن جون لسٽون ڏسڻ سان اها ڳالهہ چٽي ٿي بيهندي تہ پيرومل سنڌي شخصي نالو چڱي انداز ۾ ملي ٿو. خاص ڪري جن جي عمر 50 سالن کان مٿي آهي.

هاڻي مزيدار حقيقت اها آهي تہ تامل ناڊوءَ ۾ اڄ بہ اهو نالو تمام گهڻو مروج آهي. مون کي اُتي جو هڪ واقعو ياد ٿو اچي. 26- جون 1986ع ۾ جڏهن مون انٽرنئشنل تامل انسٽيٽيوٽ اديار (مدراس) ۾، (سنڌن ئي نينڊ تي) 'سنڌي ۽ تامل ٻولين ۾ هڪجهڙايون' موضوع تي، ليڪچر ڏنا هئا. تڏهن اُن انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر صاحب جو نالو پڻ پيرومل هو. پر اها حقيقت آهي تہ تامل ناڊوءَ ۾ خاص ڪري اُهي جيڪي براهمڻ نہ آهن ۽ تامل ٻولي ڳالهائيندڙ آهن، انهن ۾ پيرومل نالو عام جام آهي، پر اها بہ حقيقت آهي تہ ڀارت ۾ چاول کنهن بہ سنڌي ٻار جو نالو پيرومل نٿو ملي".[354]

**(ب) اسم:** هن کان اڳ وارن صفحن ۾، ڀاڱي ٻئي ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج ديشي لفظن (غير-آريائي لفظن جي باقيات) جون لڙهيون ڏنيون ويون آهن. انهن لفظن جي جائزي مان اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جا اسم ۽ ٻيا لفظ هڪجهڙا آهن. هاڻ هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي ڪري، ۽ هڪ ٻئي سان ناتا ڪٽجي وڃڻ جي ڪري، ۽ سنڌي ٻوليءَ، آريائي ٻولين (سنسڪرت، پالي ۽ فارسي) ۽ عربي ۽ ٻين ٻولين کان ايترا تہ اسمي ڌاتو اُڌارا ورتا آهن جو هاڻ ديسي اسم، ۽ اسمي ڌاتو، گهڻي تعداد ۾ متروڪ ٿي چڪا آهن. پر ان هوندي بہ سنڌي ٻوليءَ ۾، اڃا تائين ديسي لفظن جو ذخيرو ڪافي تعداد ۾ موجود آهي، جن مان ڪن کي تہ سنڌي 'زبان' جا ماهر سڃاڻي بہ نہ سگهيا آهن. انهن لفظن کي سنسڪرت جي بنياد جا لفظ ڪوٺيو اٿن.

(i) سنڌي ٻوليءَ جي اسمن جي جنس جو مطالعو ڪندي معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ واري سٽاءَ بلڪل غير آريائي آهي، جيئن 'سنڌي معلم ڪتاب' ۽

354- پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: حوالو ڏنل آهي، ص 53.

’سنڌي لنگئافون‘ لاءِ لکيل بنيادي ڪتاب مان معلوم ٿيندو.[355] سنڌيءَ ۾ جنس ٺاهڻ لاءِ لفظ جي آخر ۾ آيل اعراب کي بدلائڻو پوندو آهي: ڪن ڪن اسمن سان مؤنث واريون پڇاڙيون ملايون وينديون آهن: جيئن:

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪُڪڙُ | ڪُڪڙِ | شينهن | شينهڻ | پيءُ | ماءُ |
| گڏهُ | گڏهه | هندو | هندواڻي | مورُ | ڍيلَ |
| اُٺُ | اُٺ | شيدي | شيدياڻي | راجا | راڻي |
| اُٺُ | اُٺڻ | هاٿي | هاٿڻِ | مڙس | زالَ |

(ii) ڪي اسم ته سڄي جا سڄا بدلائبا آهن. اهڙا مثال فارسي زبان ۾ به ملن ٿا: مثال طور:[354]

| سنڌي | | فارسي | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| ابو | اما | اب | اَمر |
| پٽ | ڌيءَ | پسر | دُختر |
| ڀاءُ | ڀيڻ | اسپ | ماديان |
| نانـي | ننهن | آهو | مزال |

فارسيءَ ۾ ’نَر‘ يا ’ماده‘ اڳياڙي يا پڇاڙي ملائڻ سان مؤنث اسمن مان مذڪر اسم ۽ مذڪر اسمن مان مؤنث اسم ٺاهيا ويندا آهن. پر اهڙي سٽاءَ، سنڌي يا لهندي زبانن ۾ رائج ڪانهي، تنهن ڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته، سنڌي ۽ فارسي زبانن ۾ جنسن جي سٽاءَ ۾ ڪاٻه هڪ جهڙائي ڪانهي: مثال طور:[355]

| فارسي | |
|---|---|
| مذڪر | مؤنث |
| نر آهو/ آهونر | ماده آهو/ آهو ماده |
| نربُز/ بُزنر | ماده بُز/ بُز ماده |
| نرشير/ شيرنر | ماده شير/ شير ماده |

355- الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي معلم، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1984ع، ص 9.
356- Pestonjee Kavasjee Kanga and Jamshedjee Bajanjee Kanga, Hints on the study of Persian, Bombay, 2, N.M., Tripathi Ltd., 1947, P.33.
357- Ibid P. 34.

پر سنڌي زبان ۾ مذڪر ۽ مؤنث جي اهڙي تبديلي اعراب جي بدلائڻ سان ڪئي ويندي آهي: مثال طور:[358]

| مذڪر | مؤنث |
|---|---|
| گهوڙو | گهوڙي |
| ڇوڪرو | ڇوڪري |
| ڇوڪُر | ڇوڪِر |
| اُٺُ | اُٺِ |

(ت) **عدد:** دراوڙي ٻولين ۾ اسم جا ٻه عدد ٿيندا آهن: عدد واحد ۽ عدد جمع.[359] پر آريائي ٻولي (سنسڪرت)، جنهن مان سنڌيءَ جي اُسرڻ جي لاءِ پنڊتن جي طرفان دعوا ڪئي ويندي آهي، تنهن ۾ عدد جا ٽي روپ آهن: جهڙوڪ: عدد واحد، عدد تثنيه ۽ عدد جمع.[360]

دراوڙي ٻولين ۾، عدد تثنيه جو ڪوبه مثال نٿو ملي.[361] انهن ٻولين (دراوڙي) ۾، ضمير حاضر ۾ عدد جمع جي ٻن قسمن جي ڦيرن جا مثال ملن ٿا. ڪالڊويل جي لکڻ موجب ڪنهن (ضمير حاضر واحد جي صورت ۾) ڪي احترام طور مخاطب ٿيڻ لاءِ، اُن سان ضمير حاضر واحد ۾ نه، پر ضمير حاضر جمع جي صورت ۾، مخاطب ٿبو آهي. ڳالهائڻ جي انهيءَ صيغي کي نيازي ('امتيازي') صيغو يا (Honorific form) چئبو آهي.[362] سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻه بلڪل ائين ئي آهي: مثال طور:

| ضمير حاضر واحد جو ڦيرو | ضمير حاضر واحد جو نيازي (Honorific) ڦيرو |
|---|---|
| ادي! تون ڳالهاءِ. | ادي! توهين ڳالهايو. |
| سيٺ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ | سيٺيؤ! ڪيڏانهن ٿا وڃو/ سيٺيا ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ |
| تون ڳالهائيندين؟ | توهين ڳالهائيندوَ؟/ توهين ڳالهائيندا؟ |

سنڌي ٻوليءَ ۾، 'نيازي'/ 'امتيازي' (Honorific) صيغي جا مثال، ضمير متڪلم واحد ۽ متڪلم جمع، توڙي ضمير غائب واحد جي ڦيري ۾ ٻه ملن ٿا:

358- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي معلم، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1984ع، ص ص 14-17.

359- Caldwell, L., Dr. P.119.

360- Buck, P., Op.Cit., P.170.

361- Caldwell, R., Dr. Op. Cit., P.119.

362- Ibid., P119.

مثال طور:

| ضمير متڪلم واحد | عام ڦيرو | نيازي (Hnorific) ڦيرو |
|---|---|---|
| | مان/ آءٌ وڃان ٿو. | اسين وڃون ٿا./ اسان وڃون ٿا. |
| | مان/ آءٌ ويس. | اسين وياسين/ اسين وياسون. |
| | مان/ آءٌ ويندس. | اسين ويندا سين/ اسان ويندا سون. |
| | هي منهنجو پٽ آهي. | هي اسان جو پٽ آهي. |
| متڪلم جمع | اسين وڃون ٿا. | اسين وڃون ٿا./ اسان وڃون ٿا. |
| | اسين وياسين. | اسين وياسون./ اسان وياسون. |
| | اسين ويندا سين. | اسين ويندا سون/ اسان ويندا سون. |
| | هيءُ اسانجو پٽ آهي. | هيءُ اسان جو پٽ آهي. |
| غائب واحد | هُو اڇي ٿو. | هو اڇن ٿا. |
| | هُو ويو. | هو ويا. |
| | هُو ويندو. | هو ويندا. |
| | مولوي صاحب ويو. | مولوي صاحب جن ويا. |
| | سائين ويندو. | سائينءَ جن ويندا. |

هن ڪان اڳ، پاڪي پهرئين ۾، سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جي هڪ جهڙائيءَ جا مثال ڏيندي، سنڌي ٻوليءَ ۾ قديم زماني ۾ اسم جي، 'عدد تثنيہ' ۾ ڦرڻ (گردان) جا مثال ڏيندي، هي سوال پڇيو ويو آهي تہ سنڌيءَ ۾، سنسڪرت وانگر 'سيٺ'، 'ماڻهو' ۽ 'ڪيچي' اسمن جي، حالت ندا ۾، ٽن عددن- عدد واحد، عدد تثنيہ ۽ عدد جمع جي صيغي ۾ ڦرڻ، سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي ۽ اصلي خصوصيت آهي ڇا؟ جيڪڏهن ها، تہ پوءِ سنڌي ٻوليءَ، پنهنجي انهيءَ قديم ۽ وياڪرڻ جي اصلوڪي ۽ بنيادي خصوصيت ڪي فقط حالت ندا جي صورت ۾ قائم ڇو رکيو، ۽ ٻين حالتن ۾ 'عدد تثنيہ' جو گردان ختم ڇو ٿي ويو، ۽ ڪيئن ٿي ويو؟ اُن ڪان سواءِ هي بہ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ حالت ندا جي صورت ۾ بہ، فقط انهن ٽن اسمن سان عدد تثنيہ جي ڦيري جو صيغو ڇو قائم رهي سگهيو ۽ ٻين اسمن سان ڇو نہ قائم رهي سگهيو؟ ڇا اهو صحيح آهي تہ مذڪوره ٽن اسمن- سيٺ، ماڻهو ۽ ڪيچي- سان حالت ندا جي صورت ۾ عدد تثنيہ جو ڦيرو، سنسڪرت وياڪرڻ جي اثر جو نتيجو آهي. انهن ٽن اسمن جو عدد تثنيہ ۾ ڦيرو هڪ دفعو وري مثال طور:

| حالت ندا | سنسڪرت | سنڌي |
|---|---|---|
| عدد واحد | منوشيہ! | ماڻهو!، ڪيچي!، سيٺ! |
| عدد تثنيہ | منوشيئو! | ماڻهوآئو!، ڪيچئو!، سيٺيؤ! |
| عدد جمع | منوشيا! | ماڻهوئا!، ڪيچيا!، سيٺيا! |

هن سلسلي ۾ وڌيڪ مطالعي مان اهو به ثابت ٿيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي عدد تثنيه جا مثال نه آهن. سنڌي وياڪرڻ جي لحاظ کان انهن مثالن جو جڏهن غور سان مطالعو ڪيو ويو، ۽ دراوڙي ٻولين جي عدد جمع جي نيازي صيغي وارن مثالن سان ڀيٽ ڪئي وئي تڏهن اهو ثابت ٿيو ته سنڌي وياڪرڻ ۾ 'ماٺهوآئو' ۽ 'ماٺهوئا!' 'ڪيچيو!' ۽ 'ڪيچيا'! ۽ 'سيڻيئو!' ۽ 'سيڻيا!' صورتون، عدد تثنيه جي ڦيري جون صورتون نه آهن، پر اهي دراصل عدد جمع جي ڦيري جون به صورتون ۽ صيغا آهن. انهن روپن جي وضاحت هيٺ ڏنل چارٽ ذريعي ڪجي ٿي:

| عدد واحد | عدد جمع | |
|---|---|---|
| ماٺهو! | ماٺهؤآئو! | ماٺهوئا! |
| ڪيچي! | ڪيچيئو! | ڪيچيا! |
| سيڻ | سيڻيئو! | سيڻيا! |

انهن مثالن ۾/ ماٺهوآئو، ڪيچيئو ۽ سيڻيئو/ صورتون/ لفظن جا روپ، حالت ندا ۾، 'نيازي' (Honorific) صيغي جا اصلي روپ آهن، جيڪي سنڌي، لهندي ۽ دراوڙي ٻولين جي وياڪرڻي اصولن موجب، عدد جي ڦيري (گردان) وارن اصولن ۾ هڪ جهڙا آهن، يعني سنڌي زبان ۾ عدد جا اهي ڦيرا، دراوڙي ٻولين جي عدد جي ڦيري واري اصول سان هڪ جهڙائي ڏيکارين ٿا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي قديم اصلوڪي سٽاءَ ۽ دراوڙي ٻولين جي سٽاءَ ۽ اُن سان هڪ جهڙائيءَ ۽ لاڳاپي جا پڪا ثبوت ڏين ٿا.

**(ٿ) حالت:** (i) دراوڙي ٻولين جي وياڪرڻ موجب اسم جون چار حالتون آهن:[363]

حالت فاعلي (Nominative case)، حالت جري (Post- positional case) يا حالت تغيري (عام حالت Oblique case)، حالت اضافت (Possessive case) ۽ حالت ندا (Vocative case). انهن مان حالت جريءَ واري دائري ۾، حالت مفعوليءَ کي به آندو ويو آهي، تنهن ڪري حالت جري ۽ حالت مفعوليءَ کي ملائي، حالت تغيري (Oblique case) سڏيو ويو آهي.

آريائي ٻولين ۾ اٺ حالتون يا حالتن جا ڦيرا بيان ڪيا ويا آهن.[364]

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ لکندڙن، آريائي ٻولين جي لکيل وياڪرڻن کي سامهون رکي، اُن جي آڌار تي ۽ انهن ئي نظرين جي روشنيءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ لکيو. اُنهن ڄاڻايو هو ته: "سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل ٻولي

---

363- Caldwell, R., Dr., Op. Cit., P.149.
364- Buck, C.D., Op.Cit., P.171.

آهي"[365]. اُنهن وياڪرڻين، سنسڪرت ٻوليءَ ۾، اسمن جي اٺن حالتن جي مثالن ۽ ڦيرن کي سامهون رکي، انهن تي سوچي، ۽ اُن آڌار تي، سنڌي ٻوليءَ ۾ حالتن جي ڦيرن لاءِ بہ اهائي راءِ قائم ڪئي ۽ چيو تہ: "سنڌي ٻوليءَ ۾ اسم 'اٺن حالتن' موجب ڦرندا آهن"[366] اُهي اٺ حالتون هي آهن:

حالت فاعلي (Nominative cases)
حالت مفعولي (Accusative case)
حالت جري (Post-positional case)
حالت اضافت (Possessive case)
حالت ندا (Vocative case)
حالت مڪاني (Ablative case)
حالت آپادان (Oblative case)
حالت اوزاري (Instumental case)

دراصل سنڌي وياڪرڻ جي هن پاڱي يا هن موضوع تي ماهرن طرفان ڪڏهن بہ ڌيان نہ ڏنو ويو آهي، ۽ نہ ئي وري هن طرف ڪنهن ڪڏهن سوچيو ئي آهي، ڇو تہ هند- يورپي (Indo-European) زبانن مان لئٽن جو مطالعو ڪندي، اُن زبان جي ماهرن، لئٽن ۾ 'پنج حالتون' ڄاڻايون آهن. اُنهن جي بيان موجب لئٽن ٻوليءَ ۾ Ablative case (حالت مڪاني)، Locative case (حالت آپدان) ۽ Intrumentol case (حالت اوزاري)، هڪ ٻئي ۾ ضم ٿي ويئون آهن.[367] اهڙيءَ طرح انهن ئي ماهرن جي راءِ ۾ گريڪ (Greek) ٻوليءَ ۾ حالت اوزاري ۽ حالت آپادان، حالت اضافت ۾ ضم ٿي ويئون آهن.[368]

سنڌي وياڪرڻ جي هن حصي يعني 'حالتن جي ڦيري' جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي وياڪرڻ ۾ اسم، دراوڙي ٻولين جي اسمن وانگر، چئن حالتن موجب ڦرن ٿا يا گردان ڪن ٿا؛ اُهي آهن:

(الف) حالت فاعلي، (ب) حالت جري، يعني عام حالت يا حالت تفيري (Oblique case)، (ت) حالت اضافت ۽ (ٿ) حالت ندا.

---

365- Trumpp, E., Dr., Op.Cit., Introducation, P.1.
Aslo See: Bopp, F., A Comparative Grammar of the Sanskrit Zend, Greek, Latin, Lithuanian, Gothic, German and Slavonic languages, translated by Eastwick, M.R.A.S., London, Madden & Maleolm, 1845, P.142.

366- پيرو مل آڏواڻي: حوالو ڏنل آهي، ص ص 125-127.

367- Buck, C.D., Op.Cit. P.171

368- Ibid.

سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ خاص فرق هيءُ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾، حالت مفعولي (Objective/accusative case)، هر مثال ۾، حالت جري نہ آهي، پر ڪن ڪن مثالن ۾، حالت مفعوليءَ کي ڌار حالت بيان ڪرڻو پوندو آهي. ان ڏس ۾ منشي اُڌارام ٿانور داس جو لکيل سنڌي وياڪرڻ گهڻي رهنمائي ڪري ٿو. منشي اُڌارام حالت مفعولي، حالت اَپادان، حالت مڪانيءَ ۽ حالت اوزاريءَ کي ملائي حالت جريءَ هيٺ بيان ڪيو آهي.[369] هُو (منشي اُڌارام) لکي ٿو تہ:

> "اسم جي اها صورت، جنهن کي حرف جر لڳي سگهي ٿو، تنهن کي 'عام صورت' چون ٿا. پوءِ جڏهن 'جو، سندو' يا ٻيا حرف جر اُن سان لڳندا، تڏهن ڌار ڌار حالتون ٿينديون".[370]

لهاذا سنڌي وياڪرڻ جي اڀياس کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ حالت اَپادان، حالت مڪاني ۽ حالت اوزاري حقيقت ۾ حالت جريءَ جا روپ آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ / کان، مان، کئون ۽ مئون/ حرف جر آهن. اُنهن جا اُچار اِڪيلي، حالتن جي ڦيري سان هيٺين ٿيا آهن:

| اسم | + | حرف جر | = | حالت جي ڦيري جي ڪري بدلجي ٿيو |
|---|---|---|---|---|
| گَهرُ | + | کان | = | گَهرَ کان> گهران> گهرا |
| گَهرُ | + | مان | = | گَهرَ مان> گهران> گهرا |
| گَهرُ | + | کَئون | = | گَهرَ کئون> گَهرَئُون |
| گَهرُ | + | مَئون | = | گَهرَ مَئون> گَهرَئون |

انهن مثالن ۾ گَهرَئون (گهر کَئون ۽ گَهرَ مَئون) اُترادي لهجي جا مثال آهن. ٻاگي ٻهرئين ۾، سنسڪرت جي مثالن سان ڀيٽ ڪندي، بيان ڪيو ويو آهي تہ:

"سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ /اَن/ سُر (حالت اَپادان ۽ حالت مڪانيءَ جي پڇاڙي)،[371] اصل ۾ /اَ/ هو. جيڪو اِڪيلي هلي، ٻوليءَ جي ارتقا دوران، گهڻي سر جي روپ ۾ بدليو آهي. حالت اَپادان جي صورت ۾، /-اَن/ پڇاڙيءَ جي گُهٽائڻ واري خصوصيت ٻوليءَ جي ارتقا دوران، گم ٿي وئي ۽

---

369- منشي اُڌارام ٿانورداس: سنڌي وياڪرڻ، ص 9.

370- ايضاً.

371-

| اسم/ ظرف | + | حالت اپادان يا حالت مڪانيءَ جي پڇاڙي | = | ڦيرو |
|---|---|---|---|---|
| گَهرُ | + | آن | = | گهران |
| ٻاهر | + | آن | = | ٻاهران |
| هنڌ | + | آن | = | هنڌان |

’صاف سر‘ /اَ/ وچي رهيو ۽ /گهران/ لفظ، /گهرا يا گرا/ جي روپ ۾ اُچارجڻ لڳو. سنسڪرت ۾، حالت اپادان جي، عدد واحد جي صورت ۾ اچا بہ /اَت/ پچاڙي ملائي ويندي آهي.[372]

پر جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ /گهران/ يا / گرا/ کان سواءِ ٽين صورت يا ٽيون روپ/ گهرئون/ بہ آهي. هن مثال (گهرئون) جي ڇنڊڇاڻ کان پوءِ، ذهن ۾ هي سوال اُٿن ٿا: تہ:

(i) /–آن/ پڇاڙي، جيڪڏهن /–اَ/ ۾ بدلجي وئي تہ پوءِ /–ائون/ پڇاڙي ڪٿان آئي؟

(ii) ائين تہ نہ آهي تہ / مان ۽ کان/ حرف جَرن جو اُچار اُترادي لهجي ۾ /مَئون ۽ ڪئون/ ٿيو آهي؟

(iii) ائين تہ نہ آهي تہ انهن حرف جرن (مئون ۽ ڪئون) مان سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب، پهرين صوتيہ ۾ /م / ۽/ ڪ/ حذف ٿي ويا: مثال طور:

گهرَ مان> گهران> هت ’مان‘ حرف جر جي مُنڍ واري صوتيہ /م/ گم ٿي ويئي) > گهراَ> گرا

گهرَ کان> گهران (هت ’کان‘ حرف جر جي مُنڍ واري صوتيہ/ ڪ/ گم ٿي ويئي)> گهرا> گرا

گهرَ ڪئون> گهرئون (’مَئون‘ حرف جر جي مُنڍ واري صوتيہ/ م/ گم ٿي وئي.

گهر ڪئون> گَهرئون (ڪئون‘ حرف جر جي مُنڍ واري صوتيہ/ ڪ/ ٿي ويئي.

(iv) ’گهرَ ڪَنان‘ جو اُچار ’گهرَ ڪنان‘ ٿيندو يا ڪو ٻيو، يعني گهران؟ اهو اُچار بلڪل ائين ٿيو آهي، جيئن:

/ڪونہ آهي/ جو اُچار/ ڪونهي/ بہ ڪبو آهي. هن مان /اَ/ سر حذف ٿي ويو آهي. سَنڌيءَ (assimilation) جي قانون موجب، /اَ/ جي حذف ٿيڻ کان پوءِ / ن/ صوتيہ,/ ھ/ جي اثر جي ڪري بدلجي، ’وسرگ صوتيہ‘ /نھ/ ٿي وئي، پر لاڙي لهجي ۾ /نھ/ کي اوسرگ آواز ڪري اُچارين: جيئن:

/ڪونهي/ بدران چون /ڪوني/.

يعني تہ لاڙي لهجي ۾ وسرگ آواز [نھ] بدلجي اوسرگ آواز [ن] ٿني ٿو.

بهرحال هن بحث مان هي نتيجو ٿو نڪري تہ سنڌي ٻوليءَ جي حالت اُپادان، حالت مڪاني ۽ حالت اوزاري نالا، انگريزيءَ ۾ لکيل وياڪرڻن تان ترجمو ڪري، سنڌي وياڪرڻ جي ڪتابن ۾ شامل ڪيا ويا آهن، پر حقيقت ۾ انهن ’حالتن‘ جو ’سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سنٽاءَ‘ ۾ ڪوبہ وجود ڪونهي. اهي سڀ حالتون، حالت جريءَ جا ڌار ڌار روپ آهن.

---

372- Bhandarkar, R.G., First Book of Sanskrit, Bombay, Gopal Avarayian & Co:, 1947, PP. 142&25.

**(ii) حالت فاعلي:**

دراوڙي ٻولين ۾، حالت فاعليءَ جي ڦيري لاءِ، اسم جي پويان، ڪاب اعراب ڪانہ ملائبي آهي، ۽ اسم پنهنجي ساڳئي روپ (صورت) ۾ رهندو آهي: جيئن: peyar-e[373]

اسم جڏهن عدد واحد جي روپ ۾ هوندو آهي، تڏهن ساڳيءَ صورت (روپ) ۾ رهندو آهي، پر اهو (اسم) جڏهن عدد جمع ۾ هوندو آهي، تڏهن بہ اهو (اسم) پنهنجي اصلوڪي جمع واريءَ صورت (روپ) ۾ رهندو آهي، ۽ حالت جي ڦيري لاءِ، اُن (اسم) جي پويان ڪاب پڇاڙي يا علامت ڪانہ ملائبي آهي.[374]

سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ اسم جي حالت فاعليءَ ۾ بلڪل اهائي صورتحال رهندي آهي.[375] البت فعل متعدي ۽ زمان ماضيءَ جي ڦيري لاءِ، فاعل طور ڪم ايندڙ اسم يا ضمير جي اعراب ۾. حالت مفعوليءَ جي ڦيري لاءِ تبديلي ايندي آهي: مثال طور:

فعل لازمي، حالت فاعلي:

| 1 | 2 |
|---|---|
| ڇوڪرُ اچي ٿو. | گهوڙو ڊوڙي ٿو. |
| ڇوڪرُ آيندو. | گهوڙو ڊوڙندو. |
| ڇوڪرُ آيو. | گهوڙو ڊوڙيو. |
| ڇوڪري اچي ٿي. | گهوڙي ڊوڙي ٿي. |
| ڇوڪري ايندي. | گهوڙي ڊوڙندي. |
| ڇوڪري آئي. | گهوڙي ڊوڙي. |
| تون اچين ٿو. | راجا اچي ٿو. |
| تون ايندين. | راجا ايندو. |
| تون آئين. | راجا آيو. |
| هُو اچي ٿو. | ماڻهو اچي ٿو. |
| هُو ايندو. | ماڻهو ايندو. |
| هو آيو. | ماڻهو آيو. |

فعل متعدي:

ڇوڪرُ پاڻي پيئي ٿو.
ڇوڪرُ پاڻي پيئندو.

373- Caldwell, R., Dr., Op. Cit.
374- Ibid.
375- ڀيرومل آڏواڻي: حوالو ڏنل آهي، ص 212.

چوڪرَ پاڻي پيتو.

چوڪري پاڻي پيئي ٿي.
چوڪري پاڻي پيئندي.
چوڪريءَ پاڻي پيتو.

تون پاڻي پيئين ٿو.
تون پاڻي پيئندين.
تو پاڻي پيتو.

هو پاڻي پيئي ٿو.
هُو پاڻي پيئندو.
هُن پاڻي پيتو.

مٿين مثالن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته فعل متعديءَ جي، زمان ماضيءَ ۾ ڦيري دوران، فاعل جي شڪل ۾ تبديلي اچي ٿي: جيئن:

| | | |
|---|---|---|
| چوڪرُ | > | چوڪرَ |
| چوڪري | > | چوڪريءَ |
| تون | > | تو |
| هُو | > | هُنَ |

**(iii) حالت جَري:**

سنسڪرت ٻوليءَ ۾ حالت جريءَ جي نشاني/ علامت é- پڇاڙي آهي. هن سلسلي ۾ Bopp لکي ٿو ته:[376]

"In Sanskrit and Zend e is the sign of the dative, wich, I have searce any doubt, originally belongs to the demons trative base e, whence the Nom: ayam (from etam) 'this' which, however, as it appears, is itself only an extension of the base a, from which arise most of the case of this pronoun (a-smai, a-smin), and regarding which it is to be aboserved, that the common a bases also in Sanskrit in many cases extend this vowel e by the admixture of an for example:

| Sansk | | Zend | |
|---|---|---|---|
| M.S. | F.S | M.S | F.S. |
| bhratr-e | duhitr-e | brathr-e | dughdher-e |

376- Bopp, F., Op.Cit., P.181

داڙي ٻولين (تامل) ۾ حالت جريءَ جي ڦيري لاءِ اسم يا ضمير جي پويان ku (ڪُ) حرف جر ڪم آڻبو آهي.[377] تيليگو ۾ حرف جر جا ٻه روپ ku (ڪُ) ۽ ki: (ڪِي) آهن. هن حرف جر جي انهن ٻنهي روپن جو مدار، انهن (حرف جرن) جي اڳيان ايندڙ سُرَ (vowel) تي آهي.

ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو ته:

"هند- يورپي ٻولين جي ڪنهن به شاخ ۾ ku يا ki سان مشابهت رکندڙ حرف جر نٿو ملي: البت هنديءَ ۾ ko (ڪو)، بنگلا ۾ ke (ڪي)، ۽ سنڌيءَ ۾ khe (کي)، دراوڙي حرف جر ku (ڪُ) سان هڪ جهڙائي رکن ٿا".[378]

جان بيمز جو خيال آهي ته:

"تامل زبان ۾ حالت جريءَ جي نشاني kku (ڪُ) آهي، جيڪا هندي ٻوليءَ جي ko (ڪو) سان مشابهت رکي ٿي. ڊاڪٽر ڪالڊويل پنهنجي گرامر ۾ (ص ص 225-227)، هن موضوع تي زوردار نموني سان بحث ڪيو آهي: پراڻي هنديءَ ۾ 'ڪَوَن' ( ) هو، جيڪو سنسڪرت جي ڪن ( ) لفظ سان هڪ جهڙائي رکي ٿو".[379]

ڊاڪٽر ڪالڊويل اڳتي لکي ٿو ته:

"دراوڙي ٻولين ۽ هندي، بنگلا ۽ سنڌي ٻولين ۾ اهڙيءَ هڪ جهڙائيءَ مان ثابت ٿو ٿئي ته دراوڙي ٻولين ۽ ٻيهي ٻولين ۾ ڪا ويجهي مائٽي آهي".[380]

ڪالڊويل اڃا به اڳتي لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر ٽرومپ پنهنجي ڪتاب سنڌي گرامر ۾، سنڌي حرف جر khe (کي) ۽ بنگالي حرف جر ke (ڪي) جو بنياد سنسڪرت جي حالت مڪانيءَ (Locative case) جو krte (ڪرتي) ڄاڻائي ٿو".[381]

---

377- Caldwell, R., Op.Cit., P.149, Also see: Hiremath, R.C., Dr., Op.Cit., P.192.
378- Ibid., P.176.
379- John Beames, Comparative Grammar of the Modern Aryan Languages, Op. Cit., PP. 47-48.
380- Caldwell, R., Op.Cit., P.192.
381- Ibid.

ڪالڊويل اڃا بہ اڳتي لکي ٿو تہ:

”ٽرومپ جي خيال موجب سنسڪرت جو krte (ڪُرتي)، پراڪرت ۾ بدلجي kite (ڪِتي) ٿيو. kite اڳتي بدلجي kie (ڪِئي) ٿيو، ۽ kie بدلجي ké (ڪي) ٿيو. اهڙيءَ طرح ké (ڪي) مان سنڌي khe (کي) بڻيو“.382

ڪالڊويل جو اهو بہ رايو آهي تہ:

”ڊاڪٽر ٽرومپ جي خيال موجب هندي حرف جر kó (ڪو)، سنسڪرت جي krtam (ڪرتم) مان نڪتو آهي.“383

ڊاڪٽر ڪالڊويل اڳتي لکي ٿو تہ:

”ڊاڪٽر ٽرومپ هي بہ دليل ٿو ڏئي تہ اهي آريائي ٻوليون جيڪي دراوڙي ٻولين سان لڳولڳ سرحد بڻائين ٿيون، يعني دراوڙي ٻولين جون دنگائي ٻوليون آهن، اُنهن ۾ ko (ڪو) حرف جر، حالت جريءَ ۾ استعمال نٿو ٿئي“.384

ڊاڪٽر ڪالڊويل وڌيڪ راءِ ظاهر ڪندي لکي ٿو تہ:

”جيڪڏهن دراوڙي ٻولين جي سرحد وارين ٻولين ۾، kó، ké يا khe حرف جر استعمال نٿا ٿين، يعني اِهي حرف جر، جيڪي دراوڙي ٻولين جي اثر کان بہ استعمال نٿا ٿين، تہ پوءِ هيئن ثابت ٿو ٿئي تہ هندي ٻوليءَ ۾ kó (ڪو) حرف جر جو استعمال، دراوڙي ٻولين جي اثر جي ڪري نہ آهي، پر kó (ڪو) حرف جر، انهن ٻولين ۾، قديم زماني کان استعمال ٿيندو رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ اهو (k/o /ڪو) ديسي حرف جر آهي“.385

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جو حرف جر khe (کي) بہ، ديسي حرف جر آهي، يعني قديم ٻوليءَ جي باقيات جي نشاني آهي. اهو حرف جر (khe/ کي)، سنڌي ٻوليءَ، پاڻ وٽ قائم رکيو آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾، قديم زماني کان استعمال پئي

---

382- Caldwell, R., Op.Cit., P.192.

383- Ibid P. 176.

384- Ibid.

385- Ibid.

ڪيو آهي، ۽ اڄ بہ ان ۾ استعمال ٿيندو رهيو آهي.[386]

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر پرپولا جي ڇپيل رپورٽ ۾، موهن جي دڙي واري ٻوليءَ جي جن خصوصيتن جو جائزو ورتو ويو آهي، انهن ۾ اعرابن، پڇاڙين (Inflections)، جنس، عدد ۽ حالتن جي مطالعي جو ذڪر خاص طرح ڪيل آهي. ڊاڪٽر پرپولا جي راءِ موجب، موهن جي دڙي واريءَ ٻوليءَ ۾ هيستائين ٽي 'بنيادي پڇاڙيون' هٿ اچي سگهيون آهن: اهي آهن: -ka-ku, ۽ -ota[387]

ڊاڪٽر پرپولا جي هن رپورٽ جي اپياس ڪان پوءِ، ڊاڪٽر ڪالڊويل جي اها راءِ سچي ثابت ٿئي ٿي تہ:

> "دراڙي ٻولين ۽ هندي، بنگلا ۽ سنڌي ٻولين ۾ اهڙي هڪ جهڙائيءَ مان ثابت ٿو ٿئي تہ دراوڙي ٻولين ۽ ٻيهي ٻولين جي وچ ۾ ڪا ويجهي مائٽي آهي".[388]

---

386- جتن جي ٻوليءَ ۾ 'ڪي' جي بدران 'ڪ' حرف جر ڪم ايندو آهي. جيئن:
ماڪ= مون کي، توڪ= توکي، هوڪ= هن کي
ساڪ= اسان کي، واڪ= اوهان کي، تيڻانڪ= هن کي.
ڏسو نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون ص 43.
سنڌ جي ڪوهستان وارا جاکرا، جوکيا ۽ پالاري بہ 'کي' جي بدران ڪ' حرف جر ڪم آڻيندا آهن: جيئن: مان ڪ، توڪ.

جتن جي ٻوليءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

> "سنڌ جي لحاظ سان، 'جتن جي ٻولي' ۾ ڪي خصوصيتون باقي آهن جيڪي غالباً 'قديم سنڌي ٻولي' جي آثار ۽ اُهڃاڻن جون يادگار آهن. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيون خاصيتون غور طلب آهن:
> الف- اسم: جتن جي ٻوليءَ ۾ ڪافي الفاظ موجوده سنڌي لغات کان الڳ ۽ انوکا آهن. جيئن تہ ڇيهن (گهر)، جَرَ (پوٽي)، پيل (ننڍ)، گهيٽ (ننڍو ٻار)، مَرِي (ماءُ) ۽ اُڙ (ڏاچي) وغيره.
> ب- ضمير: آڃو يا آڃون (آءٌ)، آسي (اسين)
> (ج) حروف استفهام: 'ڪاڙو' يا شاڙو (ڇا)، ڪاليي (ڇو)، ڪيٽي يا ڪيٽي (ڪيڏانهن) ڪِلا (ڪڏهن) وغيره.

ڊاڪٽر صاحب ساڳئي ڪتاب جي صفحي 45 تي لکي ٿو تہ:

> "جتن جي ٻولي 'هڪ قديم مقامي سنڌي ٻولي' جو يادگار آهي، جيڪا ڪن جت- بلوچ قبيلن صديون اڳ سنڌ جي ڪنهن ڀاڱي ۾ مستقل طور تي آباد ٿي، اختيار ڪئي: سندن اها ٻولي 'قديم سنڌي ٻولي جو هڪ خاص محاورو (dialect) هئي.

ڏسو نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ص ص 41-45.
387- Daily Dawn English-, Sunday, July 20, 1969, P.17.
388- Caldwell, R., Dr. Op. Cit, P.176.

**(iii) حالت اضافت:**

دراوڙي ٻولين ۾، حالت اضافت جي ڦيري (گردان) لاءِ، اسم يا ضمير جي پويان، حالت اضافت جي نشاني ‎-adu‎ (اڊُ) يا ‎-du‎ (ڊ) ملائي ويندي آهي.[389] مثال طور:

| اسم | حالت اضافت جي نشاني | اسم جو ڦيرو |
|---|---|---|
| mara (وڻ) مَرَ | ‎-du (ڊ)‎ | maradu/ مرڊ |

سرائڪي (ملتاني، ديري جاتي ۽ ٻيا لهجا) ۽ پنجابي ٻولين ۾، حالت اضافت جي ڦيري لاءِ، حالت اضافت جي نشاني ‎-du‎ (ڊَا) ملائي ويندي آهي،[390] البت سرائڪيءَ ۾ 'دا' بدلجي 'ڏا' ٿيندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ حالت اضافت لاءِ 'د' جي بدران 'ج+ او/ اِي' پڇاڙي ملائي ويندي آهي. هيءُ نقطو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌي زبان ۾ /د ۽ ج/ صوتيہ پاڻ ۾ تبديل ٿيندا آهن: مثال طور:

(i) سانگهڙ واري لهجي ۾ 'منهنجو' بدران چون 'منهندو'، يعني /ج / ڪي/ د/ ۾ بدلائيندا آهن.

(ii) سنڌيءَ ۾ /ج ۽ د/ جي مٽجڻ/ تبديل ٿيڻ جا ٻيا مثال هي بہ آهن:
پنڇ ڏش> پنج ڏش> پندرهن> پندره> پتره
(هن ۾ چ> ج> د> ر).[391]

مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ سنڌي ۽ سنسڪرت ٻولين ۾، حالت اضافت جي پڇاڙيءَ/ پڇاڙين ۾ ڪاٻہ هڪجهڙائي ڪانهي. سنسڪرت ۾ حالت اضافت جون پڇاڙيون ‎-s‎ (س)، ‎-sya‎ (-سيَہ)، ‎-as‎ (-آس) ۽ ‎-as‎ (آس) آهن.[392] هن سلسلي ۾ مسٽر باپ (Bopp) لکي ٿو تہ:

> "سنسڪرت ٻوليءَ ۾، حالت اضافت لاءِ ‎-s‎، ‎-sya‎، ‎-as‎ ۽ ‎-as‎ پڇاڙيون ملايون وينديون آهن. انهن مان پهريون ٽي پڇاڙيون، ٽنهي جنسن (جنس مذڪر، جنس مؤنث ۽ جنس بيجان (neuter) ۾ عام يعني هڪجهڙيون آهن. انهن مان ‎as-‎ پڇاڙي، وينجن (consonant) جي بنياد جي لحاظ کان استعمال ڪئي ويندي آهي؛ لهاذا اُها پڇاڙي (يعني ‎-as‎)، ‎s-‎ پڇاڙيءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿي ۽ ساڳيءَ طرح حالت مفعوليءَ جي ‎-am‎ ۽ ‎m -‎ پڇاڙيءَ سان بہ

389- Caldwell, R., Dr. Op. Cit, P.182.

390- پنجابيءَ حالت اضافت جي پڇاڙي 'دا' آهي.

391- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1987ع/ 1407ھ، ص 108

392- Bopp, F., Op.Cit., PP.202 and 207

هڪ جهڙائي ڏيکاري ٿي.

سنسڪرت ٻوليءَ ۾، جنس مؤنث جي صورت ۾ اُنهن ڌاتُن (bases) جي پڻيان، حالت اضافت لاءِ as- پڇاڙي ملائي ويندي آهي، جن جي آخر ۾ ڪو نہ ڪو سُر (vowel) هوندو آهي: مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| مذڪر واحد | pate-s | M.S. |
| مؤنث واحد | jihvay-as | F.S [393] |

اهڙيءَ طرح سنڌي ۽ سنسڪرت ٻولين ۾، حالت اضافت جي ڀيٽ ڪرڻ سان ثابت ٿو ٿئي تہ ٻنهي ٻولين ۾، حالت اضافت جي ڦيري لاءِ پڇاڙين ۾ ڪابہ هڪ جهڙائي ڪانهي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو تہ:

"The Sindhi employs for this purpose the affix جو (fem- :جي) correspnding to the common adjective affix -ko (Sansk-ka) with transition of the tenuis (c=k) in to the medial j' very likely to establish there by some distniction between these two orignally identical affixes."[394]

حقيقت ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ جي اها دعوا بہ درست نہ آهي. /جو/ ۽ /ڪو/ جي نسبت/ هڪجهڙائيءَ تي زور ڏيڻ جي بدران بهتر هو تہ هو پنجابي ٻوليءَ واري حالت اضافت جي علامت (پڇاڙي) تي غور ڪري ها.[395] جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ پنجابي زبان ۾ حالت اضافت جي نشاني (پڇاڙي) 'دا' آهي، جيڪا هُوبهو دراوڙي ٻولين جي /د/ جهڙي آهي. پنجابي ٻوليءَ پنهنجي قديم ديسي پڇاڙي (يعني دا)، حالت اضافت جي ڦيري ۾ قائم رکي آهي، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي حالت اضافت لاءِ علامت/ پڇاڙي – جو/-جي' کي ديسي ۽ اصلوڪي علامت/ پڇاڙي 'دُ' جي بدليل صورت سمجهڻ وڌيڪ درست ٿيندو، يا هيئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو- ماتر جي ٻولي 'سنڌوئيءَ' ۾ اها پڇاڙي 'جو/ جي' هئي، جيڪا 'لهنديءَ' ۾ بدلجي/ دا > ڏا ٿي آهي، ۽ دراوڙي ٻولين ۾ لهنديءَ واري علامت 'دُ/دُ' قائم رهي آهي.

هيءُ نقطو بہ ماهرن جو ڌيان ڇڪائي ٿو تہ، سنڌي ٻوليءَ ۾، 'وارو' لفظ بہ، اضافت طور ڪم ايندو آهي: جيئن:

مون وارو يعني مُنهنجو

393- Bopp, F., Op.Cit., PP.202 and 207

394- Trumpp., E., Dr., Op.Cit., P.119.

395- Ibid., P.120

تو وارو يعني تنهنجو

دراوڙي توڙي لهندي ٻولين ۾ بہ بلڪل ائين ئي آهي. دراوڙي ٻولين ۾ 'وارو' جي بدران 'واڙو' لفظ حالت اضافت ڏيکارڻ لاءِ ڪم ايندو آهي، اهو لفظ يعني 'واڙو'، 'جو'، جو مفهوم رکندو آهي، جيئن سنڌيءَ ۾ آهي؛ مثلاً: 'پلي واڙو'[396]، يعني 'مهاڻو'. دراوڙ لوڪ پلو چون مڇيءَ کي. سنڌ ۾ بہ 'پلو' مڇيءَ جو هڪ قسم آهي. سنڌيءَ ۾ 'وارو' لفظ، حالت اضافت لاءِ ڪيترن ئي لفظن ۾ اڄ بہ ڪم اَئبو آهي.

**(IV) حالت ندا:**

(i) دراوڙي ٻولين ۾ ڪنهن کي مخاطب ٿيڻ لاءِ 'اي' يا 'ري' ندائي آواز ڪم آڻيا آهن.[397] سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ حالت ندا لاءِ 'اي'، 'رِي' ۽ 'اڙي' ندائي آواز ڪم آڻيا آهن. ڊاڪٽر ٽرومپ اهو قبول ڪيو آهي تہ، سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي ندائي آواز، دراوڙي ٻولين جا آواز آهن.[398]

(ii) دراوڙي ٻولين ۾ حالت ندا لاءِ، اسم جي پويان 'آ' پڇاڙي بہ ملائي ويندي آهي؛[399] مثال طور:

| اسم | حالت ندا جي پڇاڙي | ڦيرو |
|---|---|---|
| (ڪَرتن) kartan | a- | (ڪَرتا) karta<br>Oh! Lord |

(iii) سنڌي ٻوليءَ ۾، حالت ندا جي ڦيري لاءِ، اسمن جي پويان ايندڙ اعرابن ۾ تبديليون آڻڻ لاءِ هيٺيان اصول ڪم ايندا آهن:

(a) 'اُ' اعراب وارن واحد اسمن جا جمع روپ، حالت ندا ۾ ڪم آڻيا آهن. انهن لفظن جي آخري پد کي، مخاطب ٿيڻ مهل، مخاطب ٿيڻ لاءِ، ڇڪي اُچار ڪبو آهي؛ يعني 'جهيلار' (intonation) ۾ پوئين پد کي ڇڪي 'چڙهاءُ' وانگر اُچاربو آهي؛ جيئن:

| واحد اسم | حالت ندا ۾ اُچار |
|---|---|
| پُٽُ | پُٽَا! |
| اَڪبرُ | اَڪبَرَا! |

(b) 'او' اعراب وارا واحد اسم عام توڙي اسم خاص جا جمع روپ،

---

396– هيءَ معلومات محترم معين الدين خان، اڳوڻي ڊپٽي لائبررين، سنڌ يونيورسٽي کان ملي. هيءُ صاحب اصل ۾ دراوڙ آهي ۽ آزاديءَ کان پوءِ پاڪستان لڏي آيو آهي.

397- Caldwell, R.D., Op.Cit., P.210.

398- Trumpp. E., Dr., Op.Cit., P121.

399- See Caldwell, 394.

حالت ندا ۾ ڪم آڻبا آهن. مخاطب ٿيڻ مهل، اهڙن لفظن جي آخري پد کي، 'جهيلار ' (intonation) جي مدد سان ڇڪي، 'چڙهاءُ' طرف اُچاربو آهي؛ جيئن:

| واحد اسم | حالت ندا موجب اُچار |
|---|---|
| ڇوڪرو | ڇوڪرا! |
| ڇِتو | ڇِتا! |

**(ج) صفت:**

(i) هند- يورپي ٻولين جي نحوي سٽاءُ موجب، صفتون، اسم جي فوراً پٺيان، جاءِ وٺي بيهنديون آهن، ۽ اسم سان گڏ، اُن (اسم) جي عدد، جنس ۽ حالت پٽاندر، گردان ڪنديون آهن.[400] اهڙيءَ طرح سنسڪرت ۾ به، صفتون اسم سان گڏ، اُن جي عدد، جنس ۽ حالت پٽاندر ڦرنديون آهن.

دراوڙي ٻولين ۾، سڀني ٻولين وانگر، صفتون ساڳئي ئي روپ ۾ رهنديون آهن ۽ بدلبيون نه آهن.[401] هن سلسلي ۾ ڪالڊويل جو رايو آهي ته:

> "When used separately as abstract nouns of quality which is the original and natural character of Dravidian adjectives, they are subject to all the affections of substantives- they do not admit any inflexional change, but are prefixed to the nouns which they quality"[402]

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي صفتون اهڙيون آهن جيڪي دراوڙي ٻولين جي صفتن وانگر، اسم يا ضمير سان عدد، جنس ۽ حالت جي صيغي ۾ گردان نه ڪنديون آهن، پر ساڳئي روپ ۾ رهنديون آهن. مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| جنس مذڪر، | عدد واحد | {ڪهڙ ڇوڪرو |
| جنس مذڪر، | عدد جمع | {ڪهڙ ڇوڪرا |
| جنس مؤنث، | عدد واحد | { ڪهڙ ڇوڪري |
| جنس مؤنث، | عدد جمع | { ڪهڙ ڇوڪريون |

سنسڪرت، فارسي ۽ ٻين هند- ايراني يا هند- آريائي ٻولين ۾، توڙي انگريزيءَ ۽ ٻين هند- يورپي ٻولين ۾، صفت هميشہ موصوف کان پوءِ، اُن جي هڪدم پٺيان، جاءِ وٺندي آهي؛ جيئن: فارسي زبان ۾ ڏسو ته صفت، پنهنجي موصوف کان هڪدم پوءِ، جاءِ وٺندي آهي:

400- Bopp, F., Op.Cit., P.374.

401- Caldweel, R., Dr., Op. Cit., 53.

402- Ibid.,

| فارسي | سنڌي |
|---|---|
| گياه سبز | سائو گاهه |
| مردِ نيڪ | نيڪ مرد، سٺو ماڻهو، چڱو ماڻهو |
| روي زيبا | سهڻو منهن |
| ڪوهِ بلند | اوچو جبل |

جيئن هنن مثالن مان معلوم ٿيندو ته سنڌي ٻوليءَ جي نحوي اصولن موجب، اُن (سنڌي ٻوليءَ) جون صفتون، پنهنجي موصوف کان فوراً اڳ، پنهنجي جاءِ وٺن ٿيون، دراوڙي ٻولين ۾ به ساڳيءَ طرح، صفتون پنهنجي موصوف (اسم) جي بلڪل اڳيان، موصوف جي پاسي (پر) ۾ پنهنجي جاءِ وٺنديون آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾، صفتون ٻن قسمن جون ٿينديون آهن. هڪڙيون اُهي (صفتون) آهن، جيڪي سنسڪرت ۽ ٻين هند- آريائي ٻولين جي صفتن وانگر، اسم سان عدد، جنس ۽ حالت پٽاندر گردان ڪنديون آهن؛ جيئن:

صفت (چڱو)

مذڪر واحد
چڱو ڇوڪرو اچي ٿو.
چڱي ڇوڪري انب کاڌو.

مؤنث واحد
چڱي ڇوڪري اچي ٿي.
چڱيءَ ڇوڪريءَ انب کاڌو.

مذڪر جمع
چڱا ڇوڪرا اچن ٿا.
چڱن ڇوڪرن انب کاڌو.

مؤنث جمع
چڱيون ڇوڪريون اچن ٿيون.
چڱين ڇوڪرين انبُ کاڌو.

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيون اهڙيون صفتون به موجود آهن جيڪي، دراوڙي ٻولين واري نحوي اصولن وانگر اسم/ اسمن سان عدد، جنس ۽ حالت جي صيغي ۾ گردان ٿيون ڪن، پر ساڳئي روپ ۾ رهنديون آهن؛[403] مثال طور:

صفت (چٽ)

مذڪر واحد
چٽ ڇوڪرُ اچي ٿو.
چٽ ڇوڪري انب کاڌو.

مؤنث واحد
چٽ ڇوڪري اچي ٿي.
چٽ ڇوڪريءَ انب کاڌو.

مذڪر جمع
چٽ ڇوڪرَ اچن ٿا.
چٽ ڇوڪرن انب کاڌو.

مؤنث جمع
چٽ ڇوڪريون اچن ٿيون.
چٽ ڇوڪرين انب کاڌو.

404- Hirmath, R.C., Dr. Op. Cit., P 191.

مٿي ڏنل ٻنهي خاڪن جي ڀيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته پهرئين خاڪي ۾ ڪم آندل صفت، اسم سان، سندس عدد، جنس ۽ حالت مطابق گردان ڪيو آهي، جڏهن ته ٻئي خاڪي ۾ جيڪا صفت (چَڱ) ڪم آندي وئي آهي، تنهن پنهنجي اصلوڪي، قديم ۽ ديسي نحوي اصولن موجب ساڳيءَ صورت/ روپ کي قائم رکيو آهي، ۽ منجهس ڪابه تبديلي ڪانه آئي آهي؛ لهاذا ٻوئين مثال يعني ٻئي خاڪي مان ثابت ٿيو ته سنڌي ٻوليءَ جي ديسي صفتن، پنهنجي اصلوڪي يعني ديسي ۽ قديم خصوصيت کي قائم رکيو آهي، ۽ پاڻ وٽ سانديو آهي، ۽ انهن صفتن پاڻ کي آريائي وياڪرڻي اثرن کان بچائي ورتو آهي، پر ڪن صفتن جي بدليل صورت جي اڀياس کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته اهڙيون صفتون (چڱو، ڀلو وغيره)، پاڻ کي آريائي وياڪرڻ جي اثرن کان بچائي نه سگهيون آهن، ۽ پنهنجي موصوف سان عدد، جنس ۽ حالت پٽاندر بدليون آهن.

(ii) **صفتن جا درجا:**

سڀني دراوڙي ٻولين ۾، صفتن جا درجا، هند- يورپي ٻولين وانگر، صفتن جي پٺيان پڇاڙيون (صفت تفضيل لاءِ- تر ۽ صفت مبالغي لاءِ- تم وغيره) ملائي، ڪونه ٺاهيا ويندا/ ٺهندا آهن. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو ته:

> "In all the Dravidian dialects comparision is effected not as in IE family by means of comparative or superlative particles suffixed to, and combined with, the positive form of the adjective, but by a method closely resembling that in which adjecives are compared in the Semitic languages, by the simple means which are generally used in the languages of the Scythian group. When the first of these methods is adopted, the noun of quality or adjective to be compared is placed in the nominative, and the noun or nouns with which it is to be compared are put in the locative and prefixed"[405]

مسٽر Bopp جي راءِ موجب سنسڪرت ۾ 'صفت تفضيل' (Comparative degree) لاءِ، صفت جي پويان مذڪر لاءِ tara- (-تَر) پڇاڙي ۽ مؤنث صفت لاءِ tara- (-تَرا) پڇاڙي ملائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح 'صفت مبالغي' (Superlative degree) لاءِ مذڪر لاءِ tama- (-تَم) پڇاڙي ۽ مؤنث لاءِ tama- (-تَما) پڇاڙي ملائبي آهي: مثال طور:[406]

405- Caldwell, R., Dr., Op. Cit., P.211.
406- Bopp, F., Op. City., 374.

ڏسي، ڊاڪٽر ٽرومپ رايو ڏنو آهي ته سنڌيءَ مان سنسڪرت واري وياڪرڻي سٽاءَ واريون خوبيون گم ٿي ويئون آهن. جيئن هُو لکي ٿو ته:

"The Sindhi, as well as the congnate indioms, has lost the power to form a comparative and superlative degree after the manner of Sanskrit (and Persian) by means of adjective suffixes, and it is very remarkable, that the Semitic way of making up for the degree of Comparison has been adopted. In order to express the idea of the comparative, the object or objects with which another is to be comepared, is put in the Ablative, or, which is the same. Th Postposition منجهان، مان، کئون، کان and similar ones are employed, the edjective itself remaining in positive.

حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته ڊاڪٽر ٽرومپ جا لکيل اهي جملا، جن هيٺ ليڪ ڏيئي، انهن کي نمايان ڪيو ويو آهي، ظاهر ٿا ڪن ته سنڌي ٻوليءَ، صفتن جي درجن واري سٽاءَ کي، قديم زماني کان پنهنجي ئي يعني ديسي وياڪرڻي سٽاءَ موجب قائم رکيو آهي. اها سنڌو- ماٿر جي اصلوڪي ٻوليءَ واري سٽاءَ آهي، جنهن ۾ بقول ڪاڪي ڀيرو مل جي ته:

"چڱو، ڀين کان چڱو ۽ سڀني کان چڱو صفتون ڪم آڻي، صفتن جا درجا ڪم آڻيندا هئا."410

يا جيئن ڊاڪٽر ٽرومپ چيو آهي ته:

"صفتن جا درجا 'کان'، 'کئون'، 'مان' ۽ منجهان ۽ اهڙا ٻيا حرف ڪم آڻي، بيان ڪيا ويندا هئا."411

لهاذا، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاءَ موجب صفتن جا درجا، مقامي ۽ ديسي يعني غير- آريائي يا آرين جي اچڻ کان اڳ واري ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاءَ موجب، ڪم آندا ويندا آهن، جنهن سٽاءَ يا جملن جي اهڙيءَ نحوي بناوت لاءِ ڪاڪو ڀيرو مل چوي ٿو ته:

"اهو دراوڙي نمونو آهي، جو سنڌيءَ ۾ اختيار ڪيو اٿئون"412

---

409- Trumpp., E., Dr. Op. Cit., P.156.

410- ڀيرو مل آڏواڻي: ص 315

411- Trumpp., pp., 156

412- ايضاً

**(iii) صفت شماري:**

سنڌي ٻوليءَ جي عدد شماريءَ جي، جڏهن ٻين آريائي ٻولين جي عدد شماريءَ جي سنڌاءَ سان ڀيٽ ڪجي ٿي تڏهن معلوم ٿو ٿئي ته هڪ ڪان وٺي ويهن تائين انگن ڳڻڻ جو رواج، سنڌي، فارسي، سنسڪرت ۽ انگريزيءَ ۾ هڪ جهڙو آهي: مثال طور:

| سنڌي | سنسڪرت | فارسي | انگريزي |
|---|---|---|---|
| هڪ | eka ايڪ | يک | One |
| ٻه | dva/ dua} دوَ | دو | Tow |
| ٽي، ٽري | trayas ترَيَس | سه | Three |
| چار | chaturas چَتورَس | چهار | Four |
| پنج | pacha پَنچ | پنج | Five |
| ڇهه | sasa شَش | شش | Six |
| ست | sapta سپت | هفت | Seven |
| اٺ | astau اَشٽوَ | هشت | Eight |
| نَو | nava نَوَ | نو | Nine |
| ڏهه | dasa دَش | دَهَ | Ten |

**(IV) صفت قطاري:**

البيرونيءَ جي مشهور ڪتاب، ڪتاب الهند، مان ڪي لفظ مثال طور ڏيندي، ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سنڌس ڪتاب، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ' جي ڇاپي ٻئي ۾ لکي ٿو ته:

> "مٿين مثالن مان ڏسبو ته محقق البيروني خالص سنسڪرت لفظن کان سواءِ ٻيا جيڪي عام مروج مڪاني نالا ۽ الفاظ استعمال ڪيا آهن، تن مان اڪثر موجوده سنڌيءَ سان ملن ٿا. ايڊورڊ سخاؤ، جنهن 'ڪتاب الهند' کي ايڊٽ ڪيو آهي، تنهن پنهنجي مقدمي ۾، البيرونيءَ جي استعمال ڪيل مڪاني لفظن، خصوصاً ڳاڻيٽي جي انگن بابت لکيو آهي ته اُهي جنهن ٻوليءَ جا آهن، سا نسبت ٻين جديد هند- آريائي ٻولين جي، سنڌيءَ سان وڌيڪ مناسبت رکي ٿي، ۽ ملي ٿي" [413]

پر سنڌس ساڳئي ڪتاب جي ٽئين ڇاپي کي لڳ ڀڳ ٽئون ٽالو ڏيئي، ڊاڪٽر صاحب اُن (ٽئين ڇاپي) ۾ لکي ٿو ته:

---

413- بني بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1980ع، ص 71.

"انهن مڙني حوالن جي تصديق، سٺ سال کن پوءِ، محقق بيروني جي مشهور تصنيف، 'ڪتاب الهند' مان ٿئي ٿي، جيڪو هن 'هندن جي تهذيب ۽ ثقافت' بابت لکيو. هو پاڻ هن برصغير ۾ آيو هو، ۽ 1017ع کان 1031ع واري عرصي ۾ پشاور کان وٺي ملتان تائين، انهيءَ موضوع بابت تحقيق ڪندو رهيو. بيروني هي ڪتاب عربيءَ ۾ لکيو، پر هڪ محقق جي حيثيت ۾، جابجا اصل سنسڪرت وارا الفاظ ۽ فقرا، توڙي ان وقت ۾ رائج مقامي ٻولين جا اسم ۽ الفاظ، ڏنا آهن ۽ بعضي ڪي علائقائي معلومات پڻ درج ڪيا آهن."[414]

انهن ٻنهي حوالن ۾ هي جملا ڏيان ڇڪائين ٿا:

پهرئين حوالي ۾ ڏنل جملا:

"ايڊورڊ سخاؤ، جنهن ڪتاب الهند کي ايڊٽ ڪيو آهي، تنهن پنهنجي مقدمي ۾، البيرونيءَ جي استعمال ڪيل مڪاني لفظن، خصوصاً ڳاٺيتي جي انگن بابت لکيو آهي ته اُهي جنهن ٻوليءَ جا آهن، سا نسبت ٻين جديد هند- آريائي ٻولين جي، سنڌيءَ سان وڌيڪ مناسبت رکي ٿي، ۽ ملي ٿي."[415]

ٽئين ڇاپي ۾ ساڳي ڳالھ، ڊاڪٽر صاحب بدليل لفظن ۾ بيان ڪئي آهي، هُو لکي ٿو ته

"بيرونيءَ هي ڪتاب عربيءَ ۾ لکيو، پر هڪ محقق جي حيثيت ۾ جا بجا اصل سنسڪرت وارا الفاظ ۽ فقرا توڙي ان وقت رائج مقامي ٻولين جا اسم ۽ الفاظ ڏنا آهن."[416]

پر ٽئين ڇاپي ۾ صفحي 80 تي ڊاڪٽر صاحب ٻئي ڇاپي وارو حوالو دُهرايو آهي. انهن ٻنهي جملن جي جائزي کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته، البيرونيءَ جي آمد ۽ قيام وقت سنڌي ٻولي، روزمره جي استعمال واري، علمي، ادبي، وڻج ۽ واپار واري ٻولي هئي، جنهن جا بيشمار مثال ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪتاب جي ٽئين ڇاپي ۾ صفحي 78 کان 80 ۽ 87 کان 441 تائين ڏنا آهن.

جن انگن (عدد قطاري) کي ڊاڪٽر ايڊورڊ سخاؤ، البيرونيءَ جي سنڌ ۾

414- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ڄامشورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، 1990ع، ص ص 78-79.

415- ڏسو: حوالو 410.

416- ڏسو حوالو 411، ص 79.

قيام وقت، سنڌ ۾ رائج مقامي ٻولين جا انگ ٿو سمجهي، اُهي هي آهن:

| عدد قطاري (البيروني) | عدد قطاري (موجوده سنڌي) | عدد قطاري (البيروني) | عدد قطاري (موجوده سنڌي) |
|---|---|---|---|
| بَرِق | برک، بَرکت | ٻيدِ | ٻيو |
| تَرِيدِ | ٽيو/ ٽيون | چوتَ | چوٿو/ چوٿون |
| پَنجي | پنجون | ست | ڇهون |
| ستين | ستون | آٺين | اٺون |
| نوين | نائون | ڏهين | ڏهون |
| يارهي | يارهو/ يارهون | دواهي | ٻارهو/ ٻارهون |
| (تروهي)/ ترهي | تيرهو/ تيرهون | چودهي | چوڏهون |
| پنجاهي | پنجاهون[417] | | |

اهڙيءَ طرح يارهن کان ويهن تائين انگن ڳڻڻ لاءِ ايڪا پهرين ڳڻبا آهن ۽ ڏهاڪا پوءِ ڳڻبا آهن، پر سنڌي ۽ ٻين ڏيهي ٻولين ۾ ويهن کان پوءِ انگن ڳڻڻ جو ساڳيو طريقو، يعني سٽاءُ ساڳي رهندي آهي: يعني ايڪا پهرئين چئبا آهن ۽ ڏهاڪا پوءِ چئبا آهن. البت فارسيءَ ۽ ٻين هند- يورپي ۽ هند- آريائي ٻولين ۾، سٽاءُ اُن جي ابتڙ هوندي آهي، يعني انهن ٻولين (هند- يورپي) ۾ ڏهاڪا پهرين ۽ ايڪا پوءِ ڳڻبا آهن، جڏهن ته هند- آريائي ٻولين ۾ ايڪا پهرين ۽ ڏهاڪا پوءِ ڳڻبا آهن. تنهن ڪري چئبو ته سنڌي ٻوليءَ ۾، ايڪيهن کان پوءِ، انگن ڳڻڻ جي سٽاءُ، غير- آريائي يعني سنڌوئي ٻوليءَ واري آهي: مثال طور:

| سنڌي | فارسي | انگريزي |
|---|---|---|
| ايڪيه/ ايڪويه | بيست و يک | Twenty one |
| ٻاويه | بيست و دو | Twenty two |
| پنجٽيه | سيه و پنج | Thrity five |

ڊاڪٽر ٽرومپ واري سنڌي گرامر جي مطالعي مان واضح ٿو ٿئي ته هو هڪ کان ويهن تائين انگن جي سٽاءُ جي بيان جي سلسلي ۾، بلڪل واضح ڳالهه ٿو ڪري، ۽ ان سٽاءُ کي سنسڪرت واري سٽاءُ سڏي ٿو، پر ايڪيهن کان پوءِ وارن انگن جي سٽاءُ جي باري ۾ هو بلڪل خاموش آهي. هو لکي ٿو ته:

> "The Sindhi numeral are all derived from the Sanskrit by the medium of Prakrit. In the first nine numbers are fixed to 'دشن' (ten) to form the following nine numerals but in

417- نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، حوالو ڏنل آهي، ص 78 ۽ پڻ ڏسو: الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، ڇاپو چوٿون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1993ع، ص 82.

Prakrit and consequently in Sindhi (as well as in the cog nate dialects) they under go already so great changes, that the way in which they have been compounded is at the first sight scarely recognized to ڏهه and thence to رهه as: Prakrit اَي اَره =Sansk 'ايڪادش' eleven, Sindhi 'يارهن'.[418]

ڊاڪٽر ٽرومپ سندس مذڪوره ڪتاب ۾ 159 صفحي کان 21 ۽ 22 عددن (انگن) جو ذڪر ته ڪيو آهي، پر انهن انگن جي سنڌ متعلق بلڪل خاموش رهيو آهي. اهو نٿو سمجهائي ته 'ايڪيهه' انگ ۾، 'ايڪو' پهرين ڇو آيو، ۽ 'ڏهاڪو' پوءِ ڇو آيو؟، ۽ اهو ڏهاڪو پوءِ ڪيئن آيو؟ ممڪن آهي ته ڊاڪٽر ٽرومپ جو انگن جي ساخت واري انهيءَ نقطي طرف توجهه نئي نه ويو هجي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي انگن جي اهڙي سنڌ کي آريائي ٿو ڄاڻي. سندس رايو آهي ته سنسڪرت ۾ به سنڌيءَ واري سنڌ موجود آهي. جيڪڏهن سنسڪرت ۾ اها سنڌ موجود آهي ته پوءِ فارسيءَ ۾ موجود ڇو ڪونهي، جڏهن اها دعوا ڪئي ويندي آهي ته زند، سنسڪرت ۽ ٻين هند- يورپي زبانن ۾ هڪ جهڙائي آهي. اڃا انهيءَ ڪري ائين چوندس ته هند- آريائي ٻولين، اها خصوصيت 'سنڌونئي' ٻوليءَ تان ورتي هئي.

**(V) قديم سنڌي زبان ۾ انگن، تورن ۽ ماپن جو استعمال:**

(a) موهن جي دڙي جي مهرن پڙهڻ کان پوءِ 'فنس'، 'روسي' ۽ امريڪي ماهرن، سنڌو- ماٿر ۾ انگن جي ڳڻڻ جي سلسلي ۾، پنهنجو رايو ڏنو آهي. ڊاڪٽر آسڪو پرپولا لکي ٿو ته:

"We already know that the Proto-Dravidians of the Indus Valley were fully conversant with weights and measures. These were based on ostonary system mixed with a decimal one in contrast to the sexagesimal system of the Sumerians. The Dravidian languages even now follow a similar octonary system.

According to Soviet Scholars vertical short strokes are the numbers. They occur in combination of one to nine. The sign of inverted cup stands for ten. The numbers appear on the left side of a root or sign, the latter standing for a unit of measures. Thus the sign of four vertical

418- Trumpp., E., Dr., Op.Cit., PP 158&159.

strokes and the sign that represnts a human palm taken together denotes four hand ful, or four person"[419]

(b) هن کان اڳ موهن جي دڙي جي مهرن تي ڏنل نشانن، چٽن، شڪلين وغيره جي پڙهڻين جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر پرپولا ۽ ڊاڪٽر فيئر سروس جي طرفان، دراوڙي لغات جي مدد سان مقرر ڪيل ملهن سان گڏ، انهن دراوڙي ملهن (لفظن) جا سنڌي زبان ۾ نعم البدل ڏيئي، اها دعوا ڪئي وئي آهي ته آثار قديمه ۽ علم اللسان جي ماهرن کي، مذڪوره شڪلين، چٽن ۽ نشانين جا ملهه، سنڌي ۽ لهندي (سرائڪي) زبانن جي لغات جي مدد سان مقرر ڪرڻ گهرجن.

متي جيڪي سنڌي ملهه مقرر ڪيا ويا آهن، انهن جي ڊاڪٽر پرپولا جي هن راءِ سان ڀيٽ ٿي ڪجي ته اهو بلڪل واضح ٿئي ٿو ته موجوده سنڌي زبان ۾ ماپن ۽ تورن جا نالا، ليڪن جي مدد سان انگن جو تعداد جاڻائڻ ۽ انهن انگن جو تعداد اڄ به جاري آهي.[420] مثال طور:

| سنڌو تهذيب مان مليل مهرن تي اُڪريل شڪل | ڊاڪٽر پرپولا جي پڙهڻي | ڊاڪٽر فيئرسروس جي پڙهڻي | موجود سنڌي لفظ |
|---|---|---|---|
| I | ockatu /اوڪٽُ<br>yakatu /وَڪَٽُ | one=oru/or<br>oru is<br>proto-Dravidin | وَڪَٽُ/ اوڪٽُ |
| III | — | three= mu (n)<br>mu, mun | مُونِ |
| IIII | nal /نال | four= nal | نال/ نار |
| IIII | — | ettu/en | اَٺ/ اَٺون |
| IIII | ata اَٺا | (Cukke) چُڪ | اَٺا ماٺا، چُڪ |

ڊاڪٽر هيريماٿ به سندس ڪتاب ۾ دراوڙي ٻولين ۾ رائج انگن جا مثال آهن.[421] اهي انگ اُهي آهن جن جا سنڌي نعم البدل اڄ به ملن ٿا: مثال طور:

| ڊاڪٽر هيريماٿ طرفان ڏنل دراوڙي انگ | موجوده سنڌيءَ ۾ رائج انگ |
|---|---|
| Oru, Or | اُر |
| ettu | اَٺ |

419- Asko Parpola, Dr., Daily Dawn (English), Sunday July 20, 1969.

420- ڀيرومل آڏواڻي، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، 1952ع

421- Hiremanth, R.C., Dr., The genesis and Groth of Dravidian, Op. Cit., PP. 166-167.

**(م) ضمير:**

(i) ضمير متڪلم- ڊاڪٽر ڪالڊويل جي راءِ موجب ڪلاسيڪل دراوڙي (ڪنڙ ٻولي) ٻولين ۾، ضمير متڪلم واحد لاءِ 'آن' لفظ ڪم ايندو آهي.[423] اهڙيءَ طرح ساڳي ضمير (متڪلم واحد) لاءِ ٻيو 'روپ' (لفظ) 'en' (اين) بہ ڪم ايندو آهي. ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو تہ:

> '''مان' ضمير، پهرين em (ايم) ٿيو آهي، ۽ پوءِ 'em' جي /m/ صوتيہ بدلجي /n/ صوتيہ ٿي آهي".[424]

ڪالڊويل وڌيڪ لکي ٿو تہ:

> "سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي ۾ ڪم ايندڙ ضمير متڪلم واحد 'آن'، دراوڙي 'en' سان هڪجهڙائي رکي ٿو."[425]

ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ: دراوڙي ٻولين جي جائزي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪلاسيڪي 'ڪنڙ' ٻوليءَ ۾، رائج ضمير متڪلم واحد 'آن'، لاڙي لهجي ۾ رائج ضمير متڪلم واحد سان، هوبهو هڪ جهڙائي رکي ٿو.

لهاذا ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هيءَ دعوا قبول ڪري نٿي سگهجي، جنهن ۾ هن چيو آهي تہ:

> 'ضمير 'هُو' ۽ 'آءٌ' عربي الاصل آهن. 'آءٌ' خاص طرح سنڌ جي هيٺين پاڱي ۾ رائج آهي، ۽ جيئن تہ انهي پاڱي ۾ ديبل ۽ منصوره جي مرڪزي شهرن سبب سنڌيءَ تي عربيءَ جو گهرو اثر پيو، تہ اُتي عربي 'انا' جو سنڌي اُچار 'آن' (> آنءِ> آئون) هميشہ لاءِ استعمال ۾ اچي ويو".[426]

ڪالڊويل ضمير متڪلم جمع جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

> "دراوڙي ٻولين ۾ ضمير متڪلم جمع نہ فقط جمع صورت لاءِ ڪم آئبو آهي، پر متڪلم واحد جي نيازي صيغي (honorific) لاءِ بہ ڪم ايندو آهي. لسانيات ۾ اهڙيءَ صورت کي honorific form چئبو آهي".[427]

---

423- Caldwell, R., Dr., Op. Cit., PP. 227, 276-277.

424- Ibid, P.277.

425- Ibid., P.308. Also see Trumpp., E., Dr., P.189.

426- نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ص 62 ۽ 63.

427- آءٌ دراصل سنسڪرت جي لفظ 'اهم' جي بدليل صورت آهي؛ جيئن:
اَهَم> (م > اُون، ۽ /ه/ حذف ٿي ويو)= اَئون (اَ > آ)> آئون/ آءٌ
Caldwell, R., Dr., Op.cit., P.308.

سنڌي ٻوليءَ ۾، ضمير متڪلم جمع جو، ضمير متڪلم واحد جي 'نيازي صيغي' ۾ اهڙو استعمال عام آهي. هن کان اڳ 'عدد تثنيہ' جي وضاحت لاءِ اهڙا مثال ڏنا ويا آهن: مثال طور:

| ضمير متڪلم جمع | متڪلم واحد جو نيازي صيغو |
| --- | --- |
| اسين وڃون ٿا. | آءٌ وڃان ٿو= اسين وڃون ٿا. |
| اسين چئون ٿا. | آءٌ چوان ٿو= اسين چئون ٿا. |

ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو ته:

"ڏيهي ٻولين (سنڌي، مرهٽي) ۾ ضمير متڪلم جي ٻن جمع صورتن جو اهڙو استعمال ثابت ٿو ڪري ته انهن ٻولين ۾ اهو عنصر ۽ ساڳيءَ طرح دراوڙي ٻولين ۾ اهو عنصر، ڏيهي ٻولين ۽ دراوڙي ٻولين جي پراڻي رشتيداري ۽ مائٽيءَ جي ڪري آهي، ڇاڪاڻ ته سنسڪرت ۾ ضمير متڪلم جي گردان ۾ عدد جمع جي اهڙن ٻن صورتن يا گردانن جو ڪوبہ مثال ملي نہ سگهيو آهي".[428]

ڊاڪٽر ڪالڊويل اڳتي لکي ٿو ته:

"صرف ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته، حالت فاعليءَ ۾ ضمير متڪلم واحد جي صورت هڪ آهي، ته حالت تفيريءَ (Oblique case) ۾ اها صورت بدلجي وڃي ٻي ٿي آهي. حالت تفيريءَ ۾ ائين بہ ڏٺو ويو آهي ته ضمير متڪلم جي پراڻي صورت، هاڻوڪيءَ صورت کان بلڪل مختلف آهي:[429] ان جي مثال سامهون چارٽ مان ڏسي سگهجي ٿو:

428- Caldwell, R., Dr., Op.cit., P.308.

429- Ibid. P. 60.

| ضمير متكلم واحد | هندي | | مرهٹي | | سنڌي | | سنسڪرت | | ڪنڙ | | تامل | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | ثانوي | ابتدائي | ثانوي | ابتدائي | ابتدائي | ثانوي | ابتدائي | ثانوي | ابتدائي | ثانوي | ابتدائي | ثانوي |
| اءُ/ أئون | — | — | — | — | آن (an) | اين (en) | اَهَمَ* (aham) | مَ (ma) | آن (an) | نا (na) | نان (nan) | اين (en) |
| | | — | — | — | — | أن (an) | — | مِ (mi) | يانِ (yan) | نانُو (nanu) | يانِ (yan) | — — |
| | | — | — | — | — | نا (na) | — | مْ (m) | — | اين (en) | — | — |
| ضمير حاضر واحد تون | تُو (tu) | تَ (ta) | تون | تُو | تون (tun) | تو (to) | توَم (tvam) | سِي (si) | نِينُ (ninu) | نِي (ni) | نِي (ni) | اي (ei) |
| | تون | — | — | تو | — | — | — | سْ (s) | نِينُ (ninu) | نِي (ni) | نُنْ (nin) | أئي (ay) |
| | — | — | — | — | — | — | — | — | — | — | نُن (nun) | اوئي (oy) |

* اهمر> أئون (مر > أون ۾ 'ه' حذف ٿي ويو)= آ (آَ<آ) ئون= أئون/ اءُ

**(ii) ضمير غائب:**

(i) دراوڙي ٻولين ۾ ضمير غائب ڪونه ٿئي، پر ضمير اشاري (ويجهي ۽ ڏور) کان ضمير غائب جو ڪم وٺندا آهن.[430] ساڳيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ به، ضمير اشاري ويجهي ۽ ڏور (هيءُ، هيءَ، هُو، هوءَ، اِهو، اُهو، هنَ، هُنَ، هِنن ۽ هُنن) کي ضمير غائب، واحد ۽ جمع طور ڪم آڻبو آهي.

هن ڏس ۾ ديوان ڀيرو مل لکي ٿو ته:

> "سنڌيءَ مان ضمير غائب گم ٿي ويو آهي، تنهن ڪري 'هُو، هنَ' وغيره جي ضمير اشارو ڏور آهن، سي ڪم آڻي پورائي پيا ڪريون".[431]

ڊاڪٽر ٽرومپ هن سلسلي ۾، پنهنجي خيال جو اظهار، هن طرح ٿو ڪري:

> "سنڌيءَ ۾ ضمير غائب (واحد ۽ جمع)ڪونه ٿين، پر ان جي بدران ضمير اشارو، هي، هُوءَ، هُو ۽ هوءَ ڪم آندا ويندا آهن".[432]

(ii) لاڙي لهجي ۾، قديم زبان (موهن جي دڙي واري) وارا ضمير اشاري (ضمير غائب طور ڪم ايندڙ) جا اُهي روپ موجود آهن، جيڪي دراوڙي زبانن ۾ رائج آهن. مثال طور، دراوڙي ۽ سنڌي (لاڙي لهجي) جي ضمير اشاري جا مثال هي آهن:

| دراوڙي | معياري سنڌي | لاڙي سنڌي لهجو |
|---|---|---|
| edha (ايڌَ) | هي | اي |
| udha (اُڌَ) | هيءَ | اِيءِ |
| ih (اِهه)[433] | هو | او |
| ah (اَهه)[434] | | |

(iii) اهڙيءَ طرح 'سادا ڇوٽا سُرَ' /i/ ۽ /u/ به دراوڙي ٻولين ۾ ضمير اشاري طور ڪم ايندا آهن.[435] سنڌيءَ جي لاڙي لهجي ۾ 'اِ' جي بدران 'اِي' (فاعلي حالت) ۽ 'اِن' (تغيري حالت ۾) ۽ 'اُ' جي بدران 'اوُ' (حالت فاعلي) ۽ 'اُن' (حالت تغيريءَ ۾) ضمير، ضمير اشاري طور ڪم آڻبا آهن؛[436] مثال طور:

---

430- Ibid. P. 60.

431- ڀيرو مل آڏواڻي: حوالو ڏنل آهي، ص 314

432- Trumpp, E., Dr., Op. Cit., P.470.

433- Caldwell, R., Dr. Op. Cit., P.518.

434- Ibid., P.518. 435- Ibid., P.315.

436- Trumpp., E., Dr., P.194.

| لاڙي سنڌي لهجو | معياري سنڌي | دراوڙي |
|---|---|---|
| اِي (حالت فاعلي) | هي (حالت فاعلي) | (اِ) i |
| اَن (حالت تفيري) | هنَ حالت تفيري) | |
| اوُ (حالت فاعلي) | هوُ (حالت فاعلي) | (اُ) u |
| اُنَ (حالت تفيري) | هُنَ (حالت تفيري) | |

ڊاڪٽر ڪالڊويل وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ:

"There is only a partial and indistinct resemblance between the remote /a/, proximate /i/, and medial /u/, which constitute the bases of the Dravidian demonstrative, and the demonstrative which are used by the languages of North- India. In Bengali and Singhalese /e/ is used as a demonstrative /i/, in Marathi/ ha,he, hen/; in Hindustani we find /vuh/ 'that',/ yih/ 'this' but in oblique cases the resemblace increases; e.g:

is- ko 'to this'

/i/ is used as the proximate demonstrative in the Northern Indian languages more systematically than /a/ or any corresponding vowel is used as the remote i, e-g.:

| Marathi | Hindi | |
|---|---|---|
| ikade 'here' | idhar | 'hither' |
| itake 'somuch' | itne | 'so much' |

The Sindhi proximate is /hi/ or/ he/. In the Lari dilect /h/ is commonly dropped, and the base is seen to be /i/, as in the Dravidian tongue. The remote in Sindhi is /hu/ or/ ho/; in Lar /u/or/o/"[437]

ڪالڊويل لکي ٿو تہ:

"جيتوڻيڪ اُتر- هند جون غير- آريائي ٻوليون، دراوڙي ٻوليون آهن، پر آريائي ٻولين سان هزارين سالن کان سندن ميل جول ۽ ميلاپ هئڻ جي ڪري آريائي ٻولين جا ڪيترائي بنيادي ڌاتو، دراوڙي ٻولين جي بنيادي ڌاتن جي جڳھ وٺي چڪا آهن."[438]

437- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.315.
438- Ibid.

**(خ) فعل:**

(1) فعل جو ڌاتو:

دراوڙي ٻولين ۾ فعل جو ڌاتو ضمير حاضر واحد جي امري صورت مان ڪنيو ويندو آهي. هند- آريائي ٻولين ۾ بہ ائين ئي ٿيندو آهي. هند- آريائي ٻولين ۾ فعل جو ڌاتو حاضر واحد جي امري صورت (Imperative second person singular) آهي: پر دراوڙي ۽ هند- آريائي ٻولين ۾ فرق فقط هي آهي تہ هند- آريائي ٻولين ۾ فعل جو ڌاتو، ڪنهن بہ پڇاڙي لڳائڻ (ملائڻ) کان سواءِ ئي صيغي امر جي عدد واحد ۾ استعمال ٿيندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ فعل جو ڌاتو ئي صيغي امر جي عدد واحد جي معنيٰ ڏيندو آهي: مثال طور هندي ٻوليءَ ۾:

آ- ي + آ = آيا
آ- ت + آ = آتا
آ- اوُن + گ + آ = آئونگا

پر سنڌي ٻوليءَ ۾، دراوڙيءَ وانگر صيغي امر عدد واحد جي معنيٰ، ڌاتوءَ سان پڇاڙي لڳائڻ سان جاڳائبي آهي:[439] مثال طور:

پڙهُ + آن = پڙهان
پڙهه + اي = پڙهي
پڙهه + اِي = پڙهي

انهن مثالن ۾ 'پڙهه' فعل جو ڌاتو آهي، ۽ /-آن، -اي ۽ -اِي/ پڇاڙيون آهن. اهڙيءَ طرح ٻيا مثال هي آهن:

| ڌاتو | حاضر واحد جي امري صورت |
|---|---|
| آ- | آءُ |
| لڪ- | لڪ |
| ڊاهہ- | ڊاهہ |
| ڪا- | ڪاءُ |
| اُچ | اُچ |

(ii). **فعل لازمي ۽ فعل متعدي:** دراوڙي ٻولين ۾ فعل جا ٻہ قسم آهن: فعل لازمي ۽ فعل متعدي.[440] دراوڙي ٻولين جا لازمي ۽ متعدي فعل، سنسڪرت جي لازمي ۽ متعدي فعلن سان سٽاءُ (structuse) ۾ فرق رکن ٿا.[441] اهي فعل نہ فقط

---

439- هيءُ نقطو ڌيان جوڳو آهي تہ سنڌيءَ ۾ ٻہ فعل يعني 'ڏي ۽ 'ني' اهڙا آهن، جن جي پٺيان صيغي امر جي پڇاڙي ڪانہ ٿي لڳائجي.

440- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.342.

441- Ibid

گردانن ۽ ڦيرن ۾ فرق ڏيکارين ٿا، پر انهن جي بناوت (سٽاءُ) ۽ جُڙت (ساخت) ۾ ٻه فرق نمايان آهي.[442] هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو ته:

> "دراوڙي ٻولين جا متعدي فعل، لازمي فعلن مان ٺهندا آهن: انهيءَ ڪري انهن (متعدي) فعلن کي causual verbs چئبو آهي".[443]

سنڌي وياڪرڻ جي گهري اڀياس ڪان پوءِ، هيءَ ڳالهه ثابت ٿي ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻه فعل جا ٻه قسم آهن: يعني فعل لازمي ۽ فعل متعدي. هن مطالعي ۽ سنڌي وياڪرڻ جي چنڊڇاڻ مان اهو به ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ جي متعدي فعلن جا اڪثر ڌاتو (roots)، لازمي فعلن جي ڌاتن (roots)، مان ڦٽي نڪرن ٿا؛[444] مثال طور:

| لازمي فعلن جا ڌاتو | متعدي فعلن جا ڌاتو[445] |
|---|---|
| سڙ- | ساڙ- |
| مر- | مار- |
| ٺر- | ٺار- |
| ٽر- | ٽار- |
| ڦس- | ڦيھ- |
| ٻر- | ٻار- |

(iii) **فعل متعدي بالواسطه:** (a) دراوڙي ۽ سنڌي ٻولين ۾، متعدي فعل جو هڪ قسم متعدي بالواسطه آهي. فعل متعدي بالواسطه ٺاهڻ لاءِ، دراوڙي ٻولين ۾، متعدي فعلن جي ڌاتن جي پڇاڙيءَ 'vi' (وي) پڇاڙي ملائي ويندي آهي: مثال طور:

| فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطه |
|---|---|
| pannu (پَڻ) 'to make' | pannu-vi (پَڻُ- وِي) 'to cause to make' |
| annuppu (اَنُپُ) 'to send' | annup-vi (اَنُپوِي) 'to cause to send' |

442- Ibid. 443- Ibid.,

444- Grierson, G., Op.Cit., Vol: VIII, Part-I, P.48.

445- ڊاڪٽر ٽرمپ، فعل لازميءَ مان فعل مقصديءَ جي ٺهڻ واري اصول کي صحيح طرح سان سمجهيو نه آهي. هُو لکي ٿو ته:

When a verb ends in radical r, r (ڙ) and h, preceded by a short 'a', the causual increment may be inserted in the root it self, coalescing with the short radial 'a' to a 'a' as:

ٻارڻ > ٻرڻ    پاڙهڻ > پڙهڻ

See Trumpp, E., Dr. Op. Cit., P.254.

ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو ته:

"دراوڙي ٻوليءَ جي حرفي سنڌا موجب اُهي نشانيون (particles) جيڪي فعل جي صيغي (mood)، زمان، لازمي يا متعدي بالواسطه فعل، ضميري پڇاڙيون، جن جي مدد سان عدد، جنس ۽ حالت جي خبر پوندي آهي، ڌاتُوءَ جي پويان اهڙي باقاعدي سنڌاءَ موجب ملايون وينديون آهن، جو انهيءَ ترتيب ۾ سنڌاءَ ۾ ڪابه ڦير ڦار آڻي نه سگهبي آهي" 446

سنڌي ٻوليءَ ۾ به، ساڳيءَ طرح، فعل جي بالواسطه صورت بڻائڻ لاءِ اڄ به اها ئي ترتيب ۾ اها ئي سنڌاءَ رائج آهي: مثال طور:

| فعل متعديءَ جو ڌاتو | فعل متعدي بالواسطه جي صورت |
|---|---|
| لِک | لکا+ ءِ (ءِ ، اِ اعراب جي لکيل صورت آهي) |
| | لکا+ را + ءِ |
| | لکا+ را+ را+ ءِ |
| | لکا+ را+ يائين |
| | لکا+ را+ يائين+ س |
| | لکا+ را+ يو+ م |
| | لکا+ را+ يو+ مان+ س |

سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل متعدي بالواسطه جا بيشمار مثال ملن ٿا. انهن ۾ فعل متعديءَ جي ڌاتن جي پويان/- آ/ پڇاڙي ملائڻ سان، فعل متعدي بالواسطه جو ڌاتو ٺهي ٿو: مثال طور:

| لازمي فعل جو ڌاتو | متعدي فعل جو ڌاتو | متعدي بالواسطه فعل جو ڌاتو |
|---|---|---|
| سڙ- | ساڙ- | ساڙا- |
| مر- | مار- | مارا- |
| ٺر- | ٺا- | ٺارا- |
| ٺَر- | ٺار- | ٺار- |

متعدي بالواسطه فعلن جي انهن مثالن جي معالعي مان هي نتيجو ٿو نڪري ته دراوڙي ٻولين جي متعدي بالواسطه فعلن جي پڇاڙي vi-، سنڌي ٻوليءَ جي متعدي بالواسطه فعلن جي پڇاڙي '- آ' سان نسبت رکي ٿي.

ڊاڪٽر ٽرومپ، سنسڪرت ۾ پراڪرت ۾ فعل متعدي بالواسطه جي پڇاڙيءَ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

446- Caldwell, R., Dr., Op.Cit.,

The Prakrit formed the causual either by adding the increment 'e' (Sansk: ay) or ave (sansk: apay= abe= ave). In the modern Indian Idioms only the latter increment is in use, which has been shortened to a in Sindhi, Hindustani and Bengali; the syllable ve having been dropped"[447]

ممڪن آهي تہ سنڌي ۽ هندستانيءَ ۾ متعدي بالواسطہ جي /- ا/ پڇاڙي ديسي/ ديشج (غير- آريائي) ٻوليءَ جي نشاني هجي؛ جيئن:

| سنڌي | | هندي | |
|---|---|---|---|
| فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ | فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ |
| لِک | لِکا | لِکها | لِکها |
| پڙهہ | پڙها | پڙهہ | پڙها |

| سنڌي | | | هندي | | |
|---|---|---|---|---|---|
| فعل لازمي | فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ | فعل لازمي | فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ |
| سڙ- | ساڙ- | ساڙا | جل- | جلا- | جلوا |

(b) **فعل متعدي ٻِٽو بالواسطہ:** سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ فعل متعدي بالواسطہ جو هڪ قسم، متعدي 'ٻِٽو بالواسطہ' بہ آهي؛ جيئن:

| فعل لازمي | فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ | فعل متعدي بالواسطہ |
|---|---|---|---|
| سڙ- | ساڙ- | ساڙا- | ساڙارا- |
| ڊَهِ- | ڊاهہ- | ڊاهرا- | ڊاهرارا- |

انهن مثالن مان ظاهر آهي تہ، سنڌيءَ ۾ ٻِٽي بالواسطہ متعدي فعل لاءِ نشاني يا علامت '-را' آهي.

447- Trumpp, E., Dr., Op. Cit., P.285.

(c) **فعل متعدي ڏهرو ٻٽو بالواسطه:** سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ فعل متعدي بالواسطہ يا ٻہ ٻيا ٻہ قسم آهن. اُهي آهن:

فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ ۽ فعل متعدي ڏُهرو ٻٽو بالواسطہ. متعدي ڏُهري ٻٽي بالواسطہ جا مثال فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ ملن ٿا. مثال طور:

سنڌي

| فعل لازمي | فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ | فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ | فعل متعدي ڏُهرو ٻٽو بالواسطہ |
|---|---|---|---|---|
| سڙ- | ساڙ- | ساڙا- | ساڙارا- | ساڙارارا- |
| ٻَه- | ٻاھ- | ٻاهرا- | ٻاهرارا- | ٻهرارارا- |
| | لکَ- | لکا- | سکارا- | سکارارا- |

هنديءَ يا اردوءَ ۾ فعل ڏُهري ٻٽي بالواسطہ جو ڪوبہ مثال نٿو ملي؛ جيئن:

هندي/ اردو

| فعل لازمي | فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ | فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ | فعل متعدي ڏُهرو ٻٽو بالواسطہ |
|---|---|---|---|---|
| مَر- | مار- | مروا- | — | — |
| — | لکھ | لکھا | لکھوا | — |

انهن مثالن مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ' ٻٽي بالواسطہ ' فعل لاءِ 'را ' ۽ 'ڏُهري ٻٽي بالواسطہ ' لاءِ- رارا- نشاني ملائي ويندي آهي، جڏهن تہ هنديءَ ۾ 'فعل متعدي بالواسطہ ' لاءِ - وا- نشاني ملائبي آهي.[448]
پر ڏُهري ٻٽي بالواسطہ لاءِ هنديءَ ۾ ڪوبہ مثال نٿو ملي.

(d) **دراوڙي ٻولين ۾ فعل متعدي بالواسطه جا مثال:**

تحقيق دوران معلوم ٿيو آهي تہ دراوڙي ٻولين (پراڻي تامل) ۾ متعدي ٻٽي بالواسطہ فعل (double causual verbs) جا بہ ڪيترائي مثال ملن ٿا،[449] جيئن سنڌيءَ ۾ هن قسم واري فعل جا مٿي مثال ڏنا ويا آهن.

ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو تہ:

"متعدي بالواسطہ فعلن جا مثال هند- يورپي ٻولين ۾ بہ ملن ٿا پر

448- Trumpp, E., Dr., Op. Cit., P.285.
449- Caldwell, R., Dr. Op.Cit., P.347

دراوڙي ٻولين ۽ هند- يورپي ٻولين ۾ متعدي بالواسطہ جي ساخت ۾ وڏو فرق آهي. دراوڙي ٻولين ۾ ڌاتن جي پويان -vi پڇاڙي ملائڻ سان، متعدي بالواسطہ فعل جڙن ٿا،[450] پر هند- يورپي ٻولين ۾ متعدي بالواسطہ فعل ٻن مفعولن- شخص ۽ ٻئي مفعول- سان لڳندا آهن: جيئن:

I caused him (acc:) to build the house (acc:)"[451]

پر ڊاڪٽر ڪالڊويل جي راءِ موجب:

”دراوڙي ٻوليءَ ۾ متعدي بالواسطہ فعل، فقط مفعول سان لڳندو آهي“.[452]

(V) سنڌي وياڪرڻ جي گهري اڀياس مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ متعدي بالواسطہ فعل جي ساخت يعني سنائَ، دراوڙي ٻولين جي متعدي بالواسطہ وانگر آهي: مثال طور:

I caused him (ace:) to build the house (acc:)

يعني تہ:

مون هن کان گهر اڏايو.

يا: گهر اڏارايومانس.

(VI) هت هڪ اهڙي نقطي تي توجه ڏيڻ جي ازحد گهڻي ضرورت آهي. اهو نقطو هي آهي تہ، فارسي زبان ۾ بہ متعدي بالواسطہ فعلن جا ڪي مثال ۽ نمونا هوبهو سنڌي ٻوليءَ جهڙا ملن ٿا: مثال طور:

| متعدي فعل | فعل مُتعدي بالواسطہ |
|---|---|
| کردن ’ڪرڻ‘ | کرانيدن ’ڪرائڻ‘ |
| رَسيدن ’پهچڻ‘ | رسانيدن ’پهچائڻ‘ |
| پريدن ’اُڏرڻ‘ | پرانيدن ’اڏرائڻ‘ |
| پوشيدن ’ڍڪڻ/ ڪپڙا پائڻ‘ | پوشانيدن ’ڍڪائڻ‘/ ’ڪپڙا پهرائڻ‘ |
| خوردن ’کائڻ‘ | خورانيدن ’کارائڻ‘ |
| دويدن ’ڊوڙڻ‘ | داونيدن ’ڊوڙائڻ‘ |

پر فارسي زبان جي صرف و نحو جي وڌيڪ مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ فارسي زبان ۾، متعدي فعل جي بالواسطہ صورت يعني ٻئي بالواسطہ فعل جو ڪوبہ مثال نٿو ملي، يعني تہ فارسي زبان ۾ ’کردن‘ ۽ ’کرانيدن‘ کان پوءِ

450- Ibid., P.347.

451- Caldwell, R., Dr. Op.Cit., P.347

452- Ibid., P.347.

'ڪرارانيدن' جو صيغو ممڪن نہ آهي.[453] هن مان ثابت ٿو ٿئي تہ فارسي زبان ۾ متعدي بالواسطہ فعل يعني ڪردن› ڪرانيدن (فعل متعدي بالواسطہ) جو صيغو آريائي زبانن وارو نہ آهي، پر ممڪن آهي تہ فارسي زبان ۾ 'ڪردن› ڪرانيدن' متعدي بالواسطہ فعل واري سناءَ، سٿين ٻولين جي سناءَ جي اثر جي ڪري ٿي هجي، ڇو تہ سٿين (Scythian) قوم، قديم ايراني يعني غير- آريائي قوم آهي. هن قوم (سٿين) کي ماهرن دراوڙي قوم سڏيو آهي.

سنسڪرت زبان جو مشهور روسي ماهر، 'آئونوف' (Ivanov) هن ڏس ۾ لکي ٿو تہ:

> "قديم آثارن مان حاصل ڪيل ڪجهہ حقيقتون ٻڌائين ٿيون تہ ميسوپوٽيميا جا آريائي قبيلا، اُتر کان 'ڪاڪيشس' (Caucasus) جبلن جي رستي آيا. انهيءَ بنياد کي هن حقيقت سان بہ ڳنڍي سگهجي ٿو تہ ان کان پوءِ واري عرصي ۾ ڪاڪيشس ۾ 'اوسيٽڪ ' (Ossetic) زبان ڳالهائيندڙ رهندا هئا. 'اوسيٽڪ ' هڪ ايراني زبان آهي، جيڪا 'بليڪ سي' (Black sea) جي اُترين ميدانن ۾ ،وسندڙ، گهوڙا پاليندڙ قبيلن (Scythian) جي زبان جي تمام ويجهو آهي."[454]

اهڙيءَ طرح ٻيو روسي ماهر، پروفيسر گنڪووسڪي، پنهنجي ڪتاب، Peo-ple of Pakistan ۾ لکي ٿو تہ:

> "روسي سائنسدانن طرفان ڪيل 'Paleothropological' تحقيقون ڏيکارين ٿيون تہ مسيح جي اچڻ کان اڳ ڇهن هزارن کان ٻن هزارن سالن جي وچ واري عرصي اندر، 'ڏکڻ ترڪمانيا ۽ 'اَرَل' (Aral) سمنڊ جي ڏاکڻين ايراضين اندر رهندڙ ماڻهن ۾، دراوڙي قسم جي ماڻهن جي موجودگيءَ متعلق بہ شاهديون ملن ٿيون. قديم تاريخدانن پنهنجن ڪتابن ۾ 'ايشيائي ايٿيوپيئنس' متعلق بہ لکن ٿا جيڪي ايران جي ڏکڻ- اوڀر واري حصي ۽ بلوچستان ۾ رهندا هئا. جيئن تہ انهن ايٿيوپيئنس (Ethiopians) جي چمڙي ڪاري هوندي هئي، تنهن ڪري ڀانئجي ٿو تہ انهن جو تعلق، انساني قسمن جي دراوڙي قبيلي سان هو".[455]

---

453- Pestonjee Kavajee Kanga, Op. Cit., P. 75.
454- Ivanov, V.V.e. Toporov, V.N., Sanskrit,.Nanka Publishing House, Central Department of Oriental literature, Moscow, 1968, P.16.
455- Gankovsky, Yu, V., The People of Pakistan, U.S.S.R. Academy of Sciences, Lahore, Peoples Publishing House, 26, Shahra-e-Quaid-e-Azam, PP. 33-34.

انهن ٻنهي روسي ماهرن جي انهن راين کان پوءِ اها راءِ (خيال) درست پيئي نظر اچي تہ فارسي زبان ۾، فعل متعدي بالواسطہ، قديم دراوڙي زبانن جي ماڻ، سنڌوي ٻوليءَ جي مغربي گروهہ اثر جي ڪري موجود آهي، ۽ اها ساخت غير–آريائي آهي.

**(د) مرڪب فعل-**

دراوڙي ٻولين ۾ مرڪب فعل جي سٽاءَ (ٺاهڻ) لاءِ، ڪنهن بہ فعل کي اسم جي پويان ملائبو آهي،[456] پر سنسڪرت ۽ گريڪ ٻولين ۾، مرڪب فعل جي ٺاهڻ لاءِ، فعل کي حرف جر سان ملائبو آهي. اهڙو اصول، دراوڙي ٻولين ۾ ممڪن نہ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ، دراوڙي ٻولين وانگر، مرڪب فعلن جي ٺاهڻ لاءِ، فعل، اسم جي پويان پنهنجي جاءِ وٺي بيهندو آهي. حرف جر سان ملي، مرڪب فعلن ٺاهڻ جو اصول ۽ استعمال، سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ممڪن نہ آهي: مثال طور:

ماڻ ڪرڻ

چيو مڃڻ

ٻوڙ پائڻ

انهن ۽ اهڙن ٻين مرڪب فعلن ۾، 'ماڻ'، 'چيو' ۽ 'ٻوڙ' صورتون، اسم آهن. هن ڏس ۾ ديوان ڀيرو مل لکي ٿو تہ:

> "هليو وڃڻ' ۽ 'ويهي رهڻ' وغيره فعلن سان اسم مفعول يا ماضي معطوفي گڏي، مرڪب فعل ٺاهيون ٿا. سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪي 'حرف جر' يا 'اڪيارڙيون' ڪينهن، جي فعل سان گڏي، انهن مان هن طرح مطلب ظاهر ڪجي، تنهن ڪري هن ريت مرڪب فعل جوڙڻ جو دستور اختيار ڪيو اٿئون، ۽ اهو دراوڙي نمونو آهي".[457]

**(ذ) لفظن جو تڪرار (reduplication of words) يا ٻٽا لفظ:**

(i) جڏهن ڪي بہ لفظ جملي ۾ يا فقري ۾، ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ڀيرا ورجائجن تہ لفظن جي ورجائڻ واري اهڙي طريقي کي وياڪرڻ موجب 'لفظن جو تڪرار' (reduplication) يا ٻٽا لفظ چئبو آهي. هن موضوع تي 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾، تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.[458]

سنڌ جي سيني وياڪرڻين، 'تڪرار وارن لفظن' کي 'مُرڪب يا ٻٽا لفظ'

---

456- ڀيرو مل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 314.   457- ايضاً

458- Caldwell, R., Dr., Op. Cit., P.347.

458- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، حوالو ڏنل آهي، ص ص 60- 65 ۽ پڻ ڏسو:

Allana, Ghulam Ali, The Arabic Element in Sindhi, M.A. Thesis submitted to London University, in 1963.

سڏيو آهي، جيئن مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته:

> "سنڌيءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن جي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن مان جڙيل آهن، جن مان ڪي ساڳيا ۽ ٻه ٻيرا ٿا اچن: ڪي هڪ جهڙا ۽ موافق آهن، ۽ ڪي مخالف آهن: ڪن ۾ ساڳئي قسم يا قافيہ يا وزن جو لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي ڪابہ معنيٰ ڪانهي، فقط استعمال ۽ اصطلاح ۾ ڪم ايندا آهن: ڪن ۾ جدا جدا فعل جا موافق يا مخالف 'زمان ڪم آيل آهن: ڪي اسم ۽ فعل، گڏ، ڪي اسم ۽ صفت گڏ، ڪي عربي ۽ فارسي ۽ سنڌي گڏ". 459

(ii) تڪرار جا قسم- مرزا صاحب جي انهيءَ راءِ کي سامهون رکي چئبو ته تڪراري لفظن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(i) پورڻ يا مڪمل تڪرار (Complete reduplication)

(ii) اَپورڻ يعني جزوي تڪرار، جنهن ۾ لفظ جي ڪنهن حصي يا جُزي کي ورجائڻ يا دُهرائڻ (Partial reduplication).

انهن قسمن کي هيٺ مثالن سان سمجهائجي ٿو.

(a) پورڻ يا مڪمل تڪرار- جڏهن ڪوبہ لفظ، ڪنهن جملي يا فقري ۾، ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ڀيرا، ساڳيءَ حالت ۾، يعني سواءِ ڪنهن ڦيرڦار جي، لڳاتار ورجائجي ته لفظ جي اهڙيءَ طرح وري وري ورجائڻ واري عمل کي، علم صرف جي قانونن موجب 'پورڻ يعني مڪمل تڪرار' چئبو: مثال طور:

| مفرد لفظ | مڪمل تڪرار/ دُهرايل |
|---|---|
| پل | پل پل |
| وِکَ | وِکَ وِکَ |
| گهڙي | گهڙي گهڙي |
| دم | دم دم |

(b) **اَپورڻ تڪرار يعني جُزوي تڪرار/ ورجاءُ:** جڏهن جملي يا فقري ۾، ڪنهن لفظ جي تڪرار/ دُهرائڻ واري عمل ۾، اُن لفظ جو پهريون جُز يا پويون جُز (حصو) بدلائجي يا بدلجي وڃي، ۽ لفظ جو باقي جُزو (حصو) ساڳيو رهي، ته اهڙي تڪراري صورت کي 'اَپورڻ' يا جُزوي تڪرار چئبو آهي: جيئن:

| مفرد لفظ | اَپورڻ/ جُزي تڪرار |
|---|---|
| جُٺِ | جُٺِ قُٺِ |

459- مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو ٻيون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 188.

| | |
|---|---|
| مَٿَ | مَٿَ سَٿَ |
| هلَڻ | هلڻ چلڻ |
| رلِڻ | رلڻ ملِڻ |
| نوڪر | نوڪر چاڪر |
| پاڇي | پاڇي پڻي/ پاڇي پُتو |
| پئسو | پئسو پنجڙ/ پئسو ڏوڪڙ |
| مال | مال وَڇهو |
| ڪپڙو | ڪپڙو لٽو |
| ليکو | ليکو چوکو |

اهي سڀ اَپورڻ/ جزوي تڪرار جا مثال آهن، جن ۾ لفظ جو پهريون جُز يا پويون جُز بدلايو ويو آهي.

تحقيق دوران اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ دراوڙي ٻولين بہ سنڌي زبان وانگر 'لفظن جي تڪرار' جو استعمال تمام گهڻو آهي.[460] انهن ٻولين (دراوڙي) ۾ فعل بہ مڪمل تڪراري صورت ۾ ڪم ايندا آهن. جنهن ڪري فعل جي مفرد صورت ۽ تڪراري صورت جي استعمال ۾، ان جي معنيٰ ۾ وڏو فرق هوندو آهي: مثال طور:

| فعل جي مفرد صورت | ساڳئي فعل جي تڪراري صورت |
|---|---|
| min 'to shine' | min min- kku 'to gliter' |
| mir | mura mura- kku 'to murmer' |

ماهرن جي راءِ آهي تہ آريائي ٻولين هن خصوصيت (تڪراري صورت) کان خالي آهن. ماهرن جو اهو بہ خيال آهي تہ سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي علم صرف موجب، 'لفظن جي تڪرار' واري خصوصيت ۾ عمل ڪي، وياڪرڻي حيثيت بہ حاصل آهي.

انگريزي ٻوليءَ ۾ هن خصوصيت جا جيتوڻيڪ ding dong ۽ humpty dumpty وغيره ٿورا مثال ملن ٿا، پر هڪڙو تہ سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي مقابلي ۾، انگريزي ٻوليءَ ۾ اهڙا مثال چار يا پنج کن مس ملندا، ٻيو تہ انگريزي ٻوليءَ وارن تڪراري مثالن جو ڪو وياڪرڻي ڪارج ڪونهي، تنهن ڪري انگريزي وياڪرڻ جي لحاظ کان انهن لفظن جو ڪارج، انگريزي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ ڪابہ اهميت نٿو رکي. اهڙيءَ طرح سنسڪرت ۾ بہ، لفظن جي تڪرار جو ڪارج وياڪرڻي نہ آهي. سنسڪرت ۾ تڪرار واري خصوصيت لفظ تي نہ، پر سُرَ يا پد تي ٿيندي آهي.

460- Caldwell, R., Dr., Op. Cit., P.308

هن سلسلي ۾ Buck لکي ٿو ته:

"Reduplication is in origin the doubling of a form to indicate repetition or emphasis: A curtailed form of such doubling because a formative element in parent speech. As a feature of tense formation it appears in certain present aorist but has its chief improtance in perfect".[461]

Buck اڳتي لکي ٿو ته:

(i) "A fuller form of reduplication appears in Sanskrit intensive; as:

dar-dar-ti
car-kar-ti

(ii) Present reduplication, usually with:

(a)/i/vowel; e.g.:

pi-parti
ti-sthati

(b) /e/ vowel

da-dhati

(iii) In Sanskrit and Latin, the vowel of the reduplication is partly replaced by tha: of the root syllable.

(iv) In the present and perfect reduplicatin, if the root begins with a single consonant, this is replaced in the reduplication; as: da-darpa" [462]

**(ت) تڪرار جو وياڪرڻي ڪارج:** اڳ ۾ چيو ويو آهي ته سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾، علم صرف موجب، 'تڪرار' يا لفظن جي دهرايل صورت کي اهم وياڪرڻي حيثيت حاصل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاءَ ۾، لفظن جون تڪراري صورتون، دلچسپ مطالعي لاءِ ڪافي مواد رکن ٿيون. جملن ۾ لفظن جو تڪراري استعمال، جملن جي معنيٰ ۽ وياڪرڻي مفهوم ۾ وڏو ڦيرو آڻيندو آهي. هيٺ تڪراري لفظن جي وياڪرڻي ڪارج جا ڪي مثال ڏجن ٿا ته جيئن فرق ظاهر ٿي سگهي.

461- Buck, F., Op. Cit., P.255.
462- Ibid.

(1) مثال طور هيٺين مثالن مان لفظن جي صفتي صورت يا صفت جي درجن جي خبر پوي ٿي: مثلاً:

| مفرد لفظ | ڌُرايل/ ٻٽا لفظ |
|---|---|
| ٻار | ٻار ٻار |
| پئسو | پئسو پئسو |
| وارَ | وارَ وارَ |
| وِڪَ | وِڪَ وِڪَ |

انهن مثالن ۾ لفظ جي مفرد صورت ۽ اُن (لفظ) جي تڪراري صورت جي معنيٰ ۾ وڏو فرق آهي:

(2) ٻيا مثال ڏسو:

(i) ڪارا وارَ
ڪارا ڪارا وارَ
ڪارا سارا وارَ

(ii) ٿلهو ماٺهو
ٿلهو ٿلهو ماٺهو
ٿلهو ٻُلهو ماٺهو

(iii) ٻار کي پئسو ڏي.
ٻار ٻار کي پئسو ڏي.
ٻار ٻار کي پئسو پئسو ڏي.

انهن مثالن ۾ ڪپ، ڪارا، ٿلهو، ٻار ۽ پئسو لفظ، جملن ۾ پهرين هڪ هڪ دفعو ڪم آندا ويا آهن، ۽ پوءِ ٻين جملن ۾ اهي لفظ وري وري ورجايا ويا آهن. مطالعي مان ثابت ٿو ٿئي ته ورجايل لفظ، وياڪرڻي معنيٰ ۾ وڏو فرق رکن ٿا، مثلاً: ٻار ۽ ٻار ٻار، پئسو ۽ پئسو پئسو، ڪارا ۽ ڪارا ڪارا وغيره.
هر اهل زبان، انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهندو آهي.
(iii) مٿي، لفظن جي جزُ يا پد تي تڪرار جا مثال ڏنا ويا آهن. پر اهو ياد رکڻ گهرجي ته سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ هن قسم جي تڪرار واري اصول ۾، ڪاٻ هڪ جهڙائي ڪانهي: جيئن سنڌيءَ جا مثال ۾ ڏسو:

| مفرد لفظ | ڌُرايل/ ٻٽا لفظ |
|---|---|
| راند | راند روند |
| هلڻ | هلڻ چلڻ |
| پاٽي | پاٽي چاٽي |

چوکر          چوکر ٻاکر

(iv) سنڌي ٻوليءَ جي لغوي خزاني ۾، تڪراري لفظن جا ٻيا هيٺيان مثال به ڏسو. انهن تڪراري لفظ ۾، لفظن جي پوئين جُز جو تڪراري حصو، پهرئين جُز کان بلڪل الڳ هوندو آهي: مثال طور:

| مفرد لفظ | ڌهرايل/ ٻٽا لفظ |
|---|---|
| پاڃي | پاڃي پُتو |
| پئسو | پئسو پنجڙ |
| مال | مال وَجهو |

ديوان ٻيرومل، سنڌي ٻوليءَ ۾، اهڙين صورتن کي دراوڙي ٻولين جو عنصر تو سڏي. هو لکي ٿو ته:

"چوکر ٻاکر، چلم ڏلم، اهڙين زائد يا بي معنيٰ لفظ گڏي، مرڪب لفظ جوڙڻ، دراوڙي نمونو آهي." 463

(v) سنڌي ٻوليءَ ۾، دراوڙي ٻولين وانگر، مرڪب فعل جي اسمي صورت کي، متواتر ڌُهرائڻ سان، مرڪب فعل جي اصلوڪي معنيٰ ۽ تڪراري صورت جي معنيٰ ۾ فرق جو پتو پوندو آهي: مثال طور:

| مرڪب فعل جي صورت | تڪراري صورت |
|---|---|
| هڏي ڀڄڻ | هڏي هڏي ڀڄڻ |
| پئسو خرچڻ | پئسو پئسو خرچڻ |
| پن ٽوڙڻ | پن پن ٽوڙڻ |
| گهر ساڙڻ | گهر گهر ساڙڻ |

**(ر) ضميري پڇاڙيون:**

(i) اسم سان استعمال: سنڌي ٻوليءَ جي اهم خصوصيتن مان هڪ خصوصيت ضميري پڇاڙين جو استعمال آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن به اسم يا حرف جر جي اضافتي صورت ڏيکارڻ لاءِ به ضميري پڇاڙيون ملايون وينديون آهن. اهڙين ضميري پڇاڙين جو استعمال، مٿي مائنٽيءَ وارن اسمن ۽ حرف جر لاءِ ته، عام طور ٿيندو آهي: جيئن:

پُٽم= منهنجو پٽ: هن مثال ۾ '-م' ضميري پڇاڙي، ضمير متڪلم واحد

---

463– آڏواڻي ٻيرو مل: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 349.

Also see: Chaterji, S.K., Indo-Aryan and Hindi, Ahmedabad, Gujrat vermcular Societ, 1949, P.92.

جي نشاني آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا مثال آهن:

پُنٿُ، پُنٿُو، پُنس، پٿهن، ماڻس وغيره.

(ii) حرف جر سان استعمال: ضميري پڇاڙيون، جڏهن حرف جر جي پٺيان ملائبيون آهن، تڏهن حرف جر سان مالڪي يا اضافت جو مفهوم ظاهر ڪنديون آهن: جيئن:

وَٽم= مون وٽ

ڪيس= هن کي

وَٽءِ= تو وٽ

وَٽس= هن وٽ

وَٽمِ= مون وٽ

(iii) فعل سان استعمال:

(a) اهي ئي ضمير پڇاڙيون جڏهن ڪنهن فعل سان لڳائبيون آهن، تڏهن اهي حالت فاعلي يا حالت مفعوليءَ جي معنيٰ ڏيکارينديون آهن: مثلاً: 'لکيم'، 'ڪاڏم' (حالت فاعلي) ڏيوم (حالت مفعولي) '— س' پڇاڙي ۾ استعمال ٿيندي آهي، جيئن: 'ويس'، 'ويندس' ۽ لکندس.[464]

(b) انهن مثالن (لکيم، ڪاڏم، ڏيوم، ويس، ويندس ۽ لکندس وغيره) مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾، ضميري پڇاڙيون فعل جي گردان لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ (فعلي ڌاتوءَ) سان ملايون وينديون آهن: پر سنڌي وياڪرڻ جو اهو اصول آهي ته ضميري پڇاڙيون، فعل جي گردان لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ سان سڌو سنئون نٿيون ملائجن، پر سنڌيءَ ۾ ڌاتوءَ جي پويان پهرين زمان جي نشاني ملائي، پوءِ ضميري پڇاڙي ملائبي آهي.

(iii) دراوڙي ٻولين ۽ سنڌيءَ ۾ ضمير متصل جو ساڳيو اصول/ قانون:

مطالعي دوران اهو به معلوم ٿيو آهي ته ضميري پڇاڙيون، فعلن سان استعمال وقت، دراوڙي ٻولين ۾ به، ساڳئي (سنڌي وياڪرڻ جهڙي) اصول موجب استعمال ٿين ٿيون: يعني ته دراوڙي ٻولين ۾ به فعل جي گردان ۾، فعلي ڌاتوءَ سان پهرين زمان جي نشاني ملائي پوءِ ضميري پڇاڙيون ملايون وينديون آهن.

ڊاڪٽر ڪالڊويل جي راءِ موجب:

> "جديد هند- يورپي ٻولين، ڪيترن ئي فعلي ڌاتن مان، پراڻيون ضميري پڇاڙيون ڪم ڪري ڇڏيون آهن، ۽ انهن جي بدران، انهن ٻولين ۾، فاعل جي جاءِ تي ضمير ڪم آيندا آهن.[465]

---

464- ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر: شڪارپور جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌ ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1993ع، ص 52.

465- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.374.

دراوڙي ٻولين ۾ اهي ضميري پڇاڙيون سڌوسنئون فعل جي ڌاتوءَ سان ڪونہ ملائبيون آهن، جيئن هند- يورپي ٻولين ۾ آهي، پر انهن ٻولين (دراوڙي) ۾ ڌاتوءَ جي پويان پهرين زمان جي نشاني ملائي ويندي آهي، ۽ اُن کان پوءِ ضميري پڇاڙي/ پڇاڙيون ملايون وينديون آهن." [466] هن حوالي جي مدد سان چئي سگهجي ٿو تہ دراوڙي ٻولين ۾ هر 'فعل' ٽن جُزن تي مشتمل هوندو آهي: جيئن:

* فعل جو ڌاتو.
* زمان جي نشاني،
* ضميري پڇاڙي،

هن وضاحت جو چارٽ هن طرح ٿيندو:

فعل جو ڌاتو + زمان جي نشاني + ضميري پڇاڙي

جيئن مٿي چيو ويو آهي تہ سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ ضميري پڇاڙين (متصل ضميرن) ملائڻ جو اصول/ قانون ساڳيو آهي، مثال طور:

| سنڌي فعل جو ڌاتو + | زمان جي نشاني + | ضميري پڇاڙي = | فعل جو گردان |
|---|---|---|---|
| لِکُ | + – يو (زمان ماضيءَ لاءِ)+ | – م (متلڪم واحد لاءِ) | = لکيوم › لکيُم |
| لِک | + – يو (زمان ماضيءَ لاءِ)+ | – سِيُن (متلڪم جمع لاءِ) | = لکيوسِين |
| ٻوڙُ | + – يو (زمان ماضيءَ لاءِ)+ | – س (متلڪم واحد لاءِ) | = ٻوڙيوس › ٻوڙيُس |
| لِک | – آندو (زمان ماضيءَ لاءِ)+ | – س (متلڪم واحد لاءِ) | = لکندس › لکندُس |
| | | – م (متلڪم واحد لاءِ) | = لکندم |

(iv) سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ ضميري پڇاڙين/ متصل ضميرن ۾ هڪجهڙائي:

دراوڙي ٻولين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گهري ۽ تقابلي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ دراوڙي ٻولين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي ۽ ڪڇي لهجن ۾ ضميري پڇاڙين (متصل ضمير) ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي، پر شڪارپوري لهجي ۾ ايتري گهڻي هڪجهڙائي نظر نٿي اچي. [467] هيٺ هڪ خاڪي ذريعي، لاڙي ۽ ڪڇي لهجن ۽ دراوڙي ٻولي (تامل) ۾ هڪجهڙائي جا مثال سمجهايا ويا آهن. [468]

---

466- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.374.

467- ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر: شڪارپور جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌ ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1993ع، ص ص 51- 54

468- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.58.

### سنڌي (لاڙي ۽ ڪڇي لهجا)

| | واحد: فاعل وارو روپ | واحد: ضميري پڇاڙي | جمع: فاعل وارو روپ | جمع: ضميري پڇاڙي |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | آن | اين | اسان | نُون |
| | | – م | اسين | سِين |
| حاضر | تون | – نِي | — | نا |
| | آن | – اين | — | آ |
| | | – اين | آئين | وَ |
| | | – او | — | — |
| | | – آ | — | — |
| | | – ءِ | — | — |

### تامل

| | واحد: فاعل وارو روپ | واحد: ضميري پڇاڙي | جمع: فاعل وارو | جمع: ضميري پڇاڙي |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | يانِ (yan) | آن (an) | يام (yam) | – آم (-am) |
| | نانِ (nan) | اين (-en) | نام (nam) | – آم (am) |
| | | اِن (en) | | |
| حاضر | | | نِير (nir) | – اِر (ir) |
| | نِي (ni) | آءِ (ay) | — | — |
| | نِي (niy) | اوءِ (oy) | نِيير (niyir) | اِير (ir) |
| | نُونِ | اِي (ei) | | |
| | نِين | | | |
| | اُنِ | | | |

## ڪنڙ

| | واحد: فاعل وارو روپ | واحد: ضميري پڇاڙي | جمع: فاعل وارو | جمع: ضميري پڇاڙي |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | (an) اَن | - نا (na) | — | — |
| | | -نانُ (nanu) | — | — |
| | (yan) يانِ | - اين (en) | | |
| حاضر | (nin) نِين | نِي (-ni) | — | — |

## تيليگو*

| | واحد: فاعل وارو روپ | واحد: ضميري پڇاڙي | جمع: فاعل وارو | جمع: ضميري پڇاڙي |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | en-u | -nu | em-u | -mu |
| | e | -ni | mem-u | -mi |
| حاضر | نِي (ni) | - وُ (-vu) | nir-u | -ru |
| | | - وِ (-vi) | i-ru | |
| | | | mir-u | -ri |
| | | | ni yir | |

* Caldwell, R., opt., cit, P.58

**سنڌي**

| | واحد: فاعل وارو روپ | واحد: ضميري پڇاڙي | جمع: فاعل وارو روپ | جمع: ضميري پڇاڙي |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | آن | اين | اسان | نُون |
| حاضر | تون | - نِي | آن | - اين<br>- اين<br>- اِين<br>- و<br>- آ<br>- آءِ |

**سنسڪرت**

| | واحد: فاعل وارو روپ | واحد: ضميري پڇاڙي | جمع: فاعل وارو | جمع: ضميري پڇاڙي |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | أهمِ | - مَ ma<br>- مِ mi<br>- مْ m | — | — |
| حاضر | تومُ (tvam) | - س s<br>- سي si | — | — |

سرائڪي، سنڌي، ڪشميري، داردي، گجراتي، مارواڙي ۽ دراوڙي ٻولين جي ضميري پڇاڙين (ضمير متصل) جي، اسمن، حرف جرن ۽ فعل سان استعمال جي، جڏهن ڀيٽ ٿي ڪجي ته معلوم ٿو ٿئي ته:

(i) سنڌي، سرائڪي ڪشميري، داردي، گجراتي، مارواڙي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ ضميري پڇاڙين جي استعمال واري سٽاءَ بلڪل ساڳي آهي، جيئن اڳ ۾ پئرا 10 ۾ الف ۽ ب هيٺ مثال ڏيئي ثابت ڪيو ويو آهي.

(ii) پنج هزار سالن کان به وڌيڪ عرصي گذري وڃڻ جي ڪري، ۽ ان کان سواءِ دراوڙي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪنهن به قسم جو لاڳاپو ۽ رابطو نه رهڻ ڪري، ٻنهي گروهه وارين ٻولين جي بنيادي لفظن ۽ لغوي خزاني ۾ ضرور فرق آيو آهي، تنهن هوندي به، سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي، ڪڇي، ٿري، لاسي، شڪارپوري، ماڻيلي ۽ اُڀاوڙي وارن لهجن ۾، ضميري پڇاڙين ۽ بنيادي ضميرن جو استعمال لڳ ڀڳ ساڳيو آهي، خاص ڪري لاڙي، ڪڇي، لاسي، ڪوهستاني ۽ ٿري لهجن ۾ متڪلم واحد، متڪلم جمع ۽ حاضر واحد سان ڪم ايندڙ ضميري پڇاڙيون اُهي ئي ساڳيون آهن، جيڪي دراوڙي (تامل، تيليگو ۽ ڪنڙ) ٻولين ۾، ڊاڪٽر ڪالڊويل جي ڪتاب جي حوالي سان ڏنيون ويون آهن.

(iii) دراوڙيءَ ٻوليءَ (تامل) ۾، ضميري متڪلم واحد جي ضميري پڇاڙي '-اين (-en)' آهي. سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي، ڪڇي، ٿري ۽ لاسي لهجن ۾ به ضمير متڪلم واحد سان، '-اين (en)'، ضميري پڇاڙي ملائي ويندي آهي: جيئن:

| معياري اُچار | لاڙي، ڪڇي، ٿري ۽ لاسي اُچار |
|---|---|
| هلان ٿو. | هَلَئين تو/ هَلين تو. |
| لکان ٿو. | لکَئين تو/ لکين تو. |

انهن مثالن ۾ 'هَلَئين، لکئين، هلين ۽ لکين' فعل آهن، ۽ 'هَل ۽ لک' انهن جا ڌاتو آهن. 'اَ' زمان مضارع جي نشاني آهي، ۽ - 'اين' ضمير متڪلم واحد جي ضميري پڇاڙي آهي: تنهنڪري گردان جي صورت هن طرح وجي بيٺي آهي:
هَلُ+ اَ+ اين= هَلَئين

ٻئي مثال 'هَلين' ۾ زمان مضارع واري نشاني حذف ٿي ويئي آهي. اهڙيءَ طرح 'لکَئين' ۽ 'لکين' فعلن جي ڇنڊڇاڻ ڪبي.

(iv) اڳ ۾ دراوڙي ٻولين جي تيليگو شاخ جا مثال ڏنا ويا آهن. انهن مثالن جي ڇنڊڇاڻ مان پتو پوي ٿو ته، تيليگو ٻوليءَ ۾ ضمير متڪلم جمع لاءِ ڪم ايندڙ ضميري پڇاڙيءَ '-نون' سان، هُوبهو هڪ جهڙائي رکي ٿي: مثال طور:

| معياري اُچار | لاڙي، ڪڇي، ٿري ۽ لاسي اُچار |
|---|---|
| اسان کي ٻڌن ٿا. | ٻڌُنون تا. |
| اسان کي چون ٿا. | چُونون تا. |
| اسان کي خط لکن ٿا. | خط لکُنو تا. |

(V) هن سلسلي جا وڌيڪ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

> اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون، جو تہ 'هند- آريائي ٻولين' جو تقابلي مطالعو ڪندي، لسانيات جي ماهرن جو ڌيان هميشہ سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ امتيازي خصوصيت ڏانهن ڇڪجي پئي ويو آهي". 469

پروفيسر شيخ محمد فاضل، محترم شيخ واحد بخش جي حوالي سان، ہٿين ضميري پڇاڙين کي، سنڌي ٻوليءَ جي امتيازي صفت ڄاڻايو آهي. هو (شيخ محمد فاضل)، محترم شيخ واحد بخش جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ:

> "بعضي فعل ۾ خود فاعل ۽ مفعول، پنهي جو مفهوم سمايل هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ہٿيون ضميري پڇاڙيون بہ استعمال ٿينديون آهن، جا سنڌي ٻوليءَ جي هڪ امتيازي صفت آهي، ۽ انهيءَ استعمال سان عبارت کي يعني ننڍو ڪري سگهجي ٿو". 470

پروفيسر شيخ محمد فاضل طرفان ہٿين ضميري پڇاڙين (ہٿن متصل ضميرن) کي، سنڌي ٻوليءَ جي امتيازي خصوصيت سڏڻ مان سندس، پسپرده، مراد هيءَ آهي تہ جيڪي ڪجھ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ چيو آهي، (اهو عربي زبان جو اثر آهي) سو اکيون پوري قبول ڪجي. ہٿيون ضميري پڇاڙيون يقيناً، سنڌي ٻوليءَ جي امتيازي خصوصيت آهن، پر اهو هرگز قبول ڪري نٿو سگهي تہ اها خصوصيت سنڌي زبان جي پنهنجي اصلوڪي، يعني ديسي خصوصيت نہ آهي، پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ هرڪا خصوصيت (ڇوٽن سرن، اعرابن جي استعمال، ضميرن جو استعمال، حرف جر ۽ لغوي خزانو ۽ ٻوليءَ جي معياري حيثيت) عربي زبان ۽ عربن جو سنڌ وارن ۽ سنڌي زبان تي احسان آهي، ڊاڪٽر صاحب جو خيال آهي تہ سنڌي وياڪرڻ جي هيءَ خصوصيت يعني ہٿيون ضميري پڇاڙيون بہ عربي زبان جي اثر ڪري، سنڌيءَ ۾ داخل ٿيون آهن. ڊاڪٽر صاحب جي هيءَ دعوا هرگز قبول ڪري نہ ٿي سگهجي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ:

> "فعل جون ہٿيون متصل ضميري پڇايون، جنهن مڪمل صورت ۾ سنڌيءَ ۾ رائج آهن، اهڙيءَ طرح اِهي ہي ڪنهن بہ هند- آريائي ٻوليءَ ۾ نٿيون ملن. اهي 'ہٿيون متصل' پڇاڙيون

---

469- شيخ محمد فاضل، پروفيسر: مائيلي- اُباوڙي جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1992ع ص 72.

470- ايضا، ص 73 ۽ پڻ ڏسو:
شيخ واحد بخش: سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو ڀاڱو-2، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 70.

> غالباً سڌو سنئون عربيءَ مان، يا عربيءَ مان فارسيءَ ذريعي، سنڌيءَ ۾ رائج ٿيون. چاڻ گهرجي تہ اڪيليون 'متصل ضميري' پڇاڙيون سنسڪرت ۾ ملن ٿيون، جن جو مثال سنڌي ۾ ٿيندو 'چيم' (مون چيو)، ماريوسون (اسان ماريو)، پر سنڌي ۾ انهيءَ ترڪيب جي پويان، ٻي ٻٽي پڇاڙي پڻ رائج آهي، جيئن تہ 'چيمس يا چيومانس' (مون هن کي چيو)، 'ماريوسونس' (اسان هن کي ماريو). ٻٽين ضميري پڇاڙين جو اهو نظام عربيءَ جي خصوصيت آهي". 471

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هيءَ دعو انهيءَ ڪري قبول ڪري نٿي سگهجي جو، ڊاڪٽر صاحب جيڪڏهن سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي متصل ضميرن/ ضميري پڇاڙين جو تقابلي مطالعو ڪري ها تہ ضرور قبول ڪري ها تہ اڪيليون متصل ضميري پڇاڙيون يا ٻٽيون ضميري پڇاڙيون، سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجون وياڪرڻي خصوصيتون آهن. ائين بلڪل صحيح آهي تہ سنسڪرت ۾ بہ اڪيليون متصل ضميري پڇاڙيون ملايون وينديون آهن؛ پر جيئن اڳ ۾ پڙرا ڏهينءَ هيٺ وضاحت سان چيو ويو آهي تہ ضميري پڇاڙيون ملائڻ وارو قانون، سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ هڪ جهڙو آهي، يعني سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ ضميري پڇاڙيون ملائڻ جي سٺاءَ ساڳي آهي، تنهن ڪري اها دعوا ڪري سگهجي ٿي تہ سنڌي، لهندي، ڪشميري، داردي وغيره ٻولين ۾، ٻٽين ضميري پڇاڙين جو استعمال، سنڌوئي ٻولين جي پنهنجي امتيازي خصوصيت آهي. اها خصوصيت، سنڌو- ماٿر ۾ ئي، هن ٻوليءَ واري گروهہ ۾ پيدا ٿي هئي؛ ۽ نہ ڪِ ڪنهن ٻاهرينءَ ٻوليءَ (عربيءَ) جي اثر جي ڪري پيدا ٿي آهي.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن دعوا ۾ (صفحي 63) تي ائين بہ فرمايو آهي تہ:

اهي 'ٻٽيون متصل' پڇاڙيون، غالباً سڌو سنئون عربيءَ مان يا عربيءَ مان فارسيءَ ذريعي سنڌيءَ ۾ رائج ٿيون."

هن ڏس ۾ جڏهن فارسي زبان ۽ سنڌي زبان ۾ رائج ٻٽين ضميري پڇاڙين جو جائزو ورتجي ٿو تہ معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان ۾، فارسي زبان جي ڀيٽ ۾ ٻٽين ضميري پڇاڙين جو ذخيرو تمام گهڻو استعمال ٿئي ٿو. هيٺ سنڌي زبا جي انهيءَ ذخيري مان ڪي مثال ڏجن ٿا:

---

471- نبي بخش، بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٿيون، ص 63.

گفتمش = مون هن کي چيو.

لهاذا ٻنهي ضميري پڇاڙين جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌيءَ توڙي دراوڙي ٻولين جي گروهه ۾، انهن پڇاڙين جو استعمال هڪ جهڙو آهي، البت هن سلسلي ۾ انهن ٻولين جي تقابلي ۽ گهري مطالعي کان پوءِ تمام گهڻي معلومات ملي سگهندي. اُن لاءِ پارت جي اُنهن سنڌي ماهرن کي توجه ڏيڻ گهرجي جيڪي دراوڙي ٻوليون به ڄاڻن ٿا.

**(س) زمان حال:**

(i) دراوڙي ٻولين (ڪنڙ) ۾ زمان حال، اسم حاليه مان ٺهندو آهي. اسم حاليه جي پويان، ضميري پڇاڙيون ملائڻ سان، زمان حال ٺهندو آهي.[472] انهن ٻولين ۾ اسم حاليه ٺاهڻ لاءِ، ڌاتوءَ جي پويان ut– پڇاڙي ملائي ويندي آهي.[473] مثال طور:

bal-uta 'living'
mad-utta 'making'
od-ute 'reading'

زمان حال جو مثال:

mad-utt'ene 'I do'

(ii) سنڌي ٻوليءَ ۾ زمان حال، اسم حاليه مان نه، پر مضارع جي صيغي جي پويان 'ٿو'، 'ٿا'، 'ٿي' ۽ 'ٿيون' نشانيون ملائڻ سان، ٺهندو آهي.[474] مثال طور:

| مضارع | زمان حال |
|---|---|
| اَءٌ هلان. | اَءٌ هلان ٿو./ اَءٌ هلان ٿي. |
| اسين هلون. | اسين هلون ٿا./ اسين هلون ٿيون. |
| مان لکان. | مان لکان ٿو./ مان لکان ٿي. |
| تون لکين. | تون لکين ٿو./ تون لکين ٿي. |

البت سنڌيءَ ۾ زمان حال مدامي، اسم حاليه جي پويان، فعل معاون ملائڻ سان، ٺهندو آهي: مثال طور:

472- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.379.

473- Ibid. PP. 379-380.

474- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ملعم، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1984ع، ص ص 97 ۽ 98.

| زمان حال مُدامي | اسم حاليه |
|---|---|
| هلندو آهي. | هلندو |
| هلندي آهي. | |
| هلندا آهن. | |
| هلنديون آهن. | |

اهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ زمان حال متشڪي ٻه اسم حاليه جي مدد سان ٺهندو آهي.

**(ش) اسم مفعول:**

(i) دراوڙي ٻولين ۾ اسم مفعول، فعل جي ڌاتوءَ جي پويان، زمان ماضيءَ جي نشاني ملائڻ سان ٺهندو آهي.[475] ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو ته:

> "The Tamil pretrite verbal participle expresses by itself the past tense of the verb"[476]

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻه اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ، ڌاتوءَ جي پويان، زمان ماضيءَ جي نشاني ملائي ويندي آهي: مثال طور:

لکُ+ يو= لکيو.

(ii) سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اسم مفعول جا 'ٽي روپ' (صورتون) آهن. انهن مان ٻه روپ اهڙا آهن جيڪي سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب ٺهندا آهن. اهي اصول هن طرح آهن:

(i) هڪڙو اصول اهو آهي جنهن موجب فعل جي ڌاتوءَ جي پويان –اَل يا –يَل پڇاڙي ملائي ويندي آهي: جيئن:

| فعل جو ڌاتو | + | ماضيءَ جي علامت | = | اسم مفعول |
|---|---|---|---|---|
| لکُ | + | يَل | = | لکيل |
| پڙهُ | + | يَل | = | پڙهيل |

(ii) ٻيو اصول اهو آهي جنهن موجب فعل جي ڌاتوءَ جي پويان –ءِ پڇاڙي ملائي ويندي آهي: جيئن:

| فعل جو ڌاتو | + | ماضيءَ جي علامت | = | اسم مفعول |
|---|---|---|---|---|
| لکُ | + | يو | = | لکيو |
| پڙهُ | + | يو | = | پڙهيو |

---

475- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.386.

476- Ibid.

اسم مفعول جو هي قسم، دراوڙي ٻولين جي اسم مفعول جي ساخت واري اصول سان هڪ جهڙائي رکي ٿو.

(iii) اسم مفعول جو ٽيون قسم اهو آهي جنهن مان پتو پوي ٿو ته ڪي اسم مفعول مٿي بيان ڪيل ٻن اصولن يا قانونن موجب نٿا ٺهن، پر هن قسم وارن اسم مفعولن لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ جي آخري صوتيه کي، پهرين ڪنهن ٻيءَ صوتيه ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، ۽ پوءِ اُن نئين ٺهيل صورت (ڌاتوءَ) جي پويان ڪن حالتن ۾ '-او' پچاڙي، ته ڪن حالتن ۾ '-اَل' پچاڙي ملائي ويندي آهي: مثال طور:

**(a) -او پچاڙي/ علامت ملائڻ سان:**

| فعل جو ڌاتو | ڌاتوءَ جي آخري صوتيه ۾ تبديلي | علامت/ پچاڙي | اسم مفعول |
|---|---|---|---|
| ڏس | س> ٺ= ڏٺ + | -او | = ڏٺو |
| لَهه | ه> ٿ= لَٿ + | -او | = لَٿو |
| ٻه | ه> ٺ= ٻٺ + | -او | = ٻاٺو |
| پچ | چ> ڪ= پڪ + | -او | = پڪو |

**(b) -اَل پچاڙي/ علامت جي آخري صوتيه**

| فعلو جو ڌاتو> | ڌاتوءَ جي آخري صوتيه ۾ تبديلي | علامت/ پچاڙي | اسم مفعول |
|---|---|---|---|
| ڏس> | س> ٺ = ڏٺ + | -ال | = ڏٺَل |
| ٻه> | ه> ٺ = ٻٺ + | -ال | = ٻٺَل |
| پچ> | چ> ڪ= پڪ + | -ال | = پڪَل |
| آڻ> | ڻ> ن = آند + | -ال | = آندل |

**(ص) زمان ماضي:**

دراوڙي ٻولين ۾، زمان ماضي، اسم مفعول مان ٺهندا آهن. اسم مفعول جي ترڪيب (صورت) جي پويان، ضميري پچاڙيون ملائڻ سان زمان ماضي مطلق ٺهندو آهي.[477] سنڌيءَ ۾ به زمان ماضي اسم مفعول مان ٺهندو آهي؛[478] جيئن:

| اسم مفعول+ | ضميري نشاني | زمان ماضي مطلق |
|---|---|---|
| لکيو+ | + سِم | = لکيوم> لکيُم |
| ٻوڙيو+ | + سِ | = ٻوڙيوس> ٻوڙيُس |
| لکيو+ | + ءِ | = لکيوءِ> لکيُءِ |
| لکيو+ | + وَ | = لکيوو> لکيوَ |

477- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.386.

478- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر سنڌي معلم، حوالو ڏنل آهي، ص ص 95 ۽ 111.

پر جيڪڏهن ضمير متصل جي بدران، فاعل جي جاءِ تي ضمير منفصل ڪم آڻبو تہ پوءِ زمان ماضيءَ جو ڦيرو هيئن ٿيندو:

| | |
|---|---|
| مون لکيو. | اسان لکيو. |
| تو لکيو. | توهان لکيو. |
| هُنَ لکيو. | هنن لکيو. |

**(ض) اسم ذات:**

(i) دراوڙي ٻولين (تامل) ۾ اسم ذات، '-am' ۽ ٻيون پڇاڙيون ملائڻ سان ٺاهيا ويندا آهن، يعني تہ 'اسم ذات'، ٻين 'ڌاتن' مان جُڙندا/ مشتق ٿيندا آهن. پڇاڙي ملائڻ وقت، ڪڏهن ڪڏهن ڌاتوءَ جو وينجن مشدد ڪيو ويندو آهي.[479] اسم ذات جي ٺهڻ/ جُڙڻ جا ڪي مثال هي آهن:

| | اسم ذات | = | پڇاڙي | + | ڌاتو (مثال) |
|---|---|---|---|---|---|
| 'a child' | mag- a | = | -a | | mag |
| 'charcoal' | kar- i | = | -i | | karu 'black' |
| 'craziness' | kir- kku | = | -kku | | kiru 'giddy' |
| 'cotton' | paru- tti | = | -tti | | paru 'to expond'[480] |
| 'redness' | seva- ppu | = | -ppu | | sev 'red' |
| 'a ripe fruit' | par- am<br>پَرَ- اَم | = | -am | | par-u 'old'[481]<br>(پڑُ) 'mature' |
| 'a pebble'<br>'a grain of rice' | paru- kkei | | -kkei | | par-u 'large' |

(ii) سنڌي ٻوليءَ جي علم صرف جي اڀياس ڪان پوءِ، سنڌيءَ ۾ ڪيتريون ئي پڇاڙيون ملن ٿيون، جيڪي دراوڙي پڇاڙين سان هڪ جهڙائي رکن ٿيون، ۽ جن جي مدد سان اسم ذات ٺهن ٿا: مثال طور:[482]

| ڌاتو+ | پڇاڙي = | اسم ذات |
|---|---|---|
| اُڄ (اُءُ) | -تَ = | اُوتَ |
| سائو+ | -ڪَ = | ساوڪَ |
| ڏاهو+ | -پَ = | ڏاهپَ |
| سياڻو+ | -پَ = | سياڻپَ |

479- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.438.

480- paru= سنڌي 'پر' ڪپڙي جو-/ لاڙي ٻر: پ> ب.

481- par-u (پڙ-) = سنڌي 'پُريو' (پريو مڙس).

482- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌهي معلم، ص ص 145 ۽ 146.

(iii) دراوڙي ۽ ڪورئين ٻولين ۾ هڪ جهڙائيءَ جو مثال ڏيندي، ڊاڪٽر هيريمٿ لکي ٿو ته:

"دراوڙي ۽ ڪورئين ٻولين ۾ ڪيترائي ڌاتو (roots) اسم طور به ڪم ايندا آهن ته فعل طور به.[485] سنڌيءَ ۾ اهڙي هڪجڙائيءَ جا ڪئين مثال ملن ٿا: مثال طور:

| انگريزي لفظ | دراوڙي لفظ | سنڌي لفظ |
|---|---|---|
| house | kudi | ڪوٺي (room/house) |
| father | appa | آبو، ابا |
| head | talai | تارون (palate) |
| fire | ti | تَتو (warm) |
| to divide | pagu | ڀاڱو (share) |
| spread | پدر | پڌرو ڪرڻ (to disclose) |

## ط- اسم فاعل:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اسم فاعل، دراوڙي ٻولين جي اسم فاعل واري اصول موجب ٺهندا آهن: مثال طور:

(i) دراوڙي ٻولين ۾ اسم فاعل ٺاهڻ جو هڪ اصول هي آهي ته فعل جي ڌاتوءَ مان، فعل جي ڪارج يا استعمال مطابق اسم فاعل ڦٽي نڪرندا آهن:[483] مثال طور:

| 'the ground' | اسم فاعل | فعلي ڌاتو |
|---|---|---|
| 'cultivated' | nilam | nil 'to stand' |
| 'a fish' | nadu (ناڊُ) | (نَڊُ) nadu 'to plant' |
| 'a star' | min | minu 'to glitter' |

(ii) سنڌي ٻوليءَ ۾ به، ساڳيءَ طرح ڪيترائي اسم فاعل، انهيءَ اصول موجب، فعلن مان ڦُٽي نڪتا آهن: جيئن:

| اسم فاعل | فعل ڌاتو | اسم فاعل | فعلي ڌاتو |
|---|---|---|---|
| ڏوپي | ڌُه | رَکَ | رَک |
| مارَ | مارِ | ڍَڪَ، ڍاڪو | ڍَڪ |
| ڪوس | ڪُسُ | پوکَ | پوک |

483- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.433.

484- Ibid., P.48.

دراوڙي ٻولين ۾ 'حاصل مصدر' (infinitive) کي، اسم فاعل جو هڪ قسم شمار ڪندا آهن. اسم فاعل جوهي قسم عدد، جنس ۽ حالت جي ڪري گردان نہ ڪندو آهي، ۽ نہ ئي وري فعل سان ئي ڦرندو آهي. اسم فاعل جو هيءُ قسم، فعلي ڌاتوءَ جي پويان a- پڇاڙي ملائڻ سان ٺهندو آهي: مثال طور:

chey-a 'to do'

هن قسم واري اسم فاعل کي 'حاصل مصدر چئبو آهي.[488]

اسم فاعل جو هيءُ قسم، سنڌي ٻوليءَ ۾، فعلي ڌاتوءَ جي پويان 'اَڻ' يا 'اِڻ' ملائڻ سان ٺهندو آهي[489] مثال طور:

| فعل جو ڌاتو | + | پڇاڙي | | اسم فاعل |
|---|---|---|---|---|
| هَل | + | - اَڻ | = | هلَڻ |
| لک | + | - اَڻ | = | لکَڻ |
| وِڪ | + | - اِڻ | = | وِڪِڻ |
| لاهہ | + | - اِڻ | = | لاهِڻ |

## 13- نحوي سٽاءُ (Syntactical structure):

### (الف) دراوڙي ٻولين جي نحوي سٽاءَ جا اصول:

صرفي سٽاءَ جي تقابلي اڀياس کان پوءِ سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي نحوي سٽاءَ جو تقابلي اڀياس ڪرڻ بہ ضروري آهي، ۽ هن اڀياس جي مدد سان ڏسڻ گهرجي تہ سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي نحوي سٽاءَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون هڪجهڙايون آهن.

دراوڙي ٻولين جي نحوي سٽاءَ جي باري ۾، ڊاڪٽر ڪالڊويل جو گرامر وڏي مدد ڪري ٿو. هن (ڊاڪٽر ڪالڊويل) جي ڄاڻ مطابق، دراوڙي ٻولين ۾ ڪنهن مفرد جملي جي عام ترتيب ۽ جملي جو سٽاءُ، هن ريت هوندو آهي:[490]

(i) فاعل سان لاڳاپو رکندڙ لفظ يا فقرا، واسطيدار فاعل کان اڳ جاءِ وٺندا آهن، يعني فاعل جو لڳ يا فاعل جو وڌاءُ پهرين، ۽ اُن سان واسطيدار فاعل پوءِ بيهڪ وٺندو آهي.

(ii) فاعل جي وڌاءُ يا فاعل جي لڳ کان پوءِ، فاعل ايندو آهي، يعني فاعل پنهنجي

---

488- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، حوالو ڏنل آهي، ص ص 39 ۽ 40.

489- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.433.

490- Ibid., P.48.

جاءِ وٺندو آهي.

(iii) جملي جي عام سٽاءُ/ ترتيب موجب، فعل هميشہ جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي (پنهنجي جاءِ وٺندو آهي).

(iv) جملي ۾ صفت هميشہ پنهنجي موصوف کان اڳ، ۽ اُن جي بلڪل ڀر ۾ جاءِ وٺندي آهي.[491]

(v) جملي ۾ ظرف هميشہ فعل کان پهرين، اُن جي ڀر ۾ جاءِ وٺندو آهي.

(vi) حرف جر هميشہ، اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ ايندو آهي.

(vii) فاعل کان پوءِ مفعول ايندو آهي.

(viii) مفعول سان لاڳاپو رکندڙ لفظ ۽ فقرا، هميشہ مفعول کان اڳ ايندا آهن.

(ix) جملي جو ناڪاري جزُ، هاڪاري جُزي کان اڳ، ايندو آهي.

ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو ته:

"دراوڙي ٻولين جي نحوي سٽاءُ جا اهي مٿيان اصول، سنسڪرت يا ٻين هند- يورپي ٻولين جي نحوي سٽاءُ جي اصولن سان هڪجهڙائي نٿا رکن، بلڪ انهن کان مختلف بہ آهن. انهيءَ ڪري اهو دعوا سان چئي سگهجي ٿو تہ دراوڙي ٻوليون، آريائي خاندان سان نہ، پر هڪ الڳ خاندان وارين ٻولين سان نسبت رکن ٿيون. اهي دراوڙي ٻوليون نہ ڪي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتيون آهن ۽ نہ ئي وري سنسڪرت سان انهن جي ڪا هڪ جهڙائي ئي آهي".[492]

ڊاڪٽر ڪالڊويل اڳتي لکي ٿو ته:

"دراوڙي ٻولين جي وياڪرڻ جو سٽاءُ، سنسڪرت يا آريائي ٻولين جي سٽاءُ سان نہ، پر 'سٿين' (Scythian) ٻولين يا وچ-ايشيا يا اُتر- ايشيا جي ٻولين جي سٽاءُ سان، هڪ جهڙائي رکي ٿو".[493]

### (ب) سنڌي جملن جي نحوي سٽاءُ:

دراوڙي ٻولين جي نحوي ترتيب (جملي جي عام سٽاءُ) جا، مٿي جيڪي اصول بيان ڪيا ويا آهن، اهي ئي اصول هُوبهو، سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءُ ۾ ملن ٿا، يعني تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ جملي جي عام نحوي بيهڪ، هُوبهو دراوڙي ٻولين

---

491- Hiremath, R.C, Dr., Op.Cit., P.191.

492- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.422.

493- Ibid., P.315.

جي جملن جي عام نحوي بيهڪ جهڙي آهي: جيئن:

| فاعل جو لڳ/ وڌاءُ | فاعل | مفعول جو لڳ/ وڌاءُ | فعل جو لڳ | فعل |
|---|---|---|---|---|

هن ترتيب موجب، هيٺ ڏنل جملي کي ڏسو:

سيٺ هاشم جي وڏي پٽ، اڪبر، هٿ جي ٺهيل بندوق سان، ڪاله هڪ ننڍو پکي ماريو.

هن جملي جو ڇيد هن ريت/ طرح ٿيندو:

| فاعل جو لڳ | فاعل | مفعول جو لڳ | مفعول | فعل جو لڳ | فعل |
|---|---|---|---|---|---|
| سيٺ هاشم جي پٽ | اڪبر | هٿ جي ٺهيل بندوق سان هڪ ننڍو | پکي | ڪاله | ماريو |

هن جملي جي نحوي اڀياس مان ثابت ٿو ٿئي ته، سنڌي ٻوليءَ جي عام جملي جي سٽاءُ[494] موجب:

(i) سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءُ موجب، ڪنهن بہ عام جملي جي ترتيب ۾ فاعل جو لڳ پهرين ۽ فاعل اُن کان پوءِ ايندو آهي.

(ii) فعل هميشہ جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي.

(iii) صفت هميشہ موصوف کان اڳ، ۽ ان جي بلڪل پر ۾ پنهنجي جاءِ وٺندي آهي.

(iv) فعل جو وڌاءُ/ لڳ، هميشہ فعل کان اڳ ايندو آهي.

(v) فاعل کان پوءِ، ۽ فعل جي وڌاءُ/ لڳ کان اڳ، پهرين مفعول جو وڌاءُ، ۽ اُن کان پوءِ مفعول ايندو آهي.

(vi) ظرف هميشہ فعل جي واڌاءُ طور ڪم ايندو آهي. اسم، صفت ۽ ظرف کان پوءِ، ۽ ان جي بلڪل پر ۾ جڳهہ وٺندو آهي.

ديوان ڀيرومل، سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءُ جي سلسلي ۾، پنهنجي ڪتاب ۾ رايو ڏيندي لکي ٿو ته:

> ”انگريزي جملن ۾ ترتيب (order) ضروري آهي، يعني تہ سڀ لفظ باترتيب بيهارڻ گهرجن: جهڙوڪ: 'I am eating'. جيڪڏهن اها ترتيب ڦيرائبي تہ جملي جي معنيٰ ڦري ويندي: جيئن: 'Am I eating?'. سنڌي ٻولي، انگريزيءَ وانگر مفصل منزل واري ٻولي نہ آهي، تنهن ڪري ان ۾ موافقت (concord) ضروري آهي: جيئن: مان کان ٿو.

494– الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، حوالو ڏنل آهي، ص ص 69 ۽ 70.

مان ڪان ٿي.
فعل جڏهن، فاعل پٺاندر متجي، تڏهن چئبو 'ڪرتري پريوگ' (Subjective construcion) پر جي مفعول پٺاندر متجي ته اهو چئبو 'ڪرمڻي پريوگ' (Objective construction)، پر جيڪڏهن نڪي فعل نڪي مفعول سان متجي، جيئن جو تيئن رهي ته اهو چئبو 'ڀاوي پريوگ' (Neuter construction). سنڌي جملا نه رڳو سنسڪرت وانگر، پر دراوڙي ٻولين وانگر ٻ ٻيهارجن ٿا." 495

### (ت) سنڌي ۽ سنسڪرت جي نحوي سٽاءَ ۾ فرق آهي:

سنڌي ۽ سنسڪرت ٻولين جي نحوي سٽاءَ جي ڀيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته ٻنهي ٻولين جي نحوي بيهڪ ۾ گهڻو فرق آهي. مثال طور سنسڪرت جو هڪ مفرد جملو، نموني طور ڏجي ٿو:

| سنسڪرت جو جملو | | سنڌي جملو |
|---|---|---|
| آسِيد راجا | 'There was a King' | هڪڙو راجا هوندو هو. |

سنسڪرت ٻوليءَ جي، مٿي ڏنل جملي ۾، پهرين فعل آيو آهي ۽ فاعل پوءِ آيو آهي،[496] سنسڪرت جي جملن جا ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا.[497]

| سنسڪرت جملو | ترجمو | سنڌي جملو |
|---|---|---|
| (i) پُترَم رَڪشتِي | 'He protects a child.' | هُو ٻار (ڇوڪر) کي بچائي ٿو. |
| (ii) پِبا سُتَسُيَ. | 'Drink the beverage.' | پاڻي پي. |
| (iii) ڪَٿَيامي تي. | (I) speak unto thee. | (آءٌ) توهان سان ڳالهايان ٿو. |
| (iv) وناد گڇتيَ. | 'From the forest he comes.' | (هُو) ٻيلي مان اچي ٿو. |
| (v) گرشوُوَستي. | 'In the nomlavies he hides.' | هُو جبلن ۾ رهي ٿو. |

## 14- نحوي سٽاءَ ۾ حرف جر جو استعمال:

(الف) هن کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ جي بيان ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌي توڙي ٻين ڏيهي ٻولين جي نحوي اصولن موجب حرف جر، اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ ايندو آهي، پر سنسڪرت، فارسي توڙي ٻين آريائي ٻولين ۾، حرف جر، اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان اڳ ايندو آهي.[498]

495- ڀيرو مل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 321.
496- Ivanov, V.V. & Toporv, V.N., Sanskrit, Op. Cit., P.90.
497- Ibid., P.91.
498- Leonhard Scmitz, Elementary Latin Grammar, London & Edinburgh, William and Robert Chamber, P.148.
Also see: Pestonjee Kavasjee Kanga, Op. Cit., P.126.

اهوئي سبب آهي جو انهن ٻولين جي وياڪرڻ ۾ حرف جر کي prepositin چوندا آهن، پر سنڌي توڙي ٻين ڏيهي ٻولين ۾ اُنهن (حرف جرن) کي preposition نہ، پر post-position ڪوٺيندا آهن، جيئن:

| سنسڪرت | فارسي | انگريزي | سنڌي |
|---|---|---|---|
| اُپر سَوَيشامِ 'above all' | برمِيز | on the table | ميز تي |

اِنهن ۽ اهڙن ٻين مثالن ۾ سنسڪرت ۾ 'اُپر'، فارسيءَ ۾ 'بر'، انگريزيءَ ۾ 'on' ۽ سنڌي ۾ 'تي' لفظ حرف جَرَ آهن.

(ب) هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سيني آريائي ٻولين- گريڪ، لئٽن، ژند، سنسڪرت[499] ۽ فارسي وغيره- ۾ حرف جر، اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان اڳ ايندو آهي، تہ پوءِ ڪهڙي سبب جي ڪري 'لهندي' (لهندا)، سنڌي، داردي، ڪشميري ۽ ٻين ڏيهي ٻولين ۾، حرف جر، اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ ٿا اچن؟ هن سوال جو جواب هي آهي تہ ڏيهي ٻولين ۾، حرف جر جي نحوي بيهڪ، غير- آريائي، يعني ديسي آهي؛ يعني آرين جي، برصغير ۾ اچڻ کان اڳ، سنڌو-ماٿر ۾ رائج ٻوليءَ واري سٽاءَ، يعني سنڌو- تهذيب واري ٻوليءَ جي، نحوي بيهڪ ۽ نحوي بناوت واري بيهڪ ۽ سٽاءَ آهي. هيءَ سٽاءَ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي ۽ انوکي سٽاءَ لاءِ وڏو دليل آهي.

(ت) ديوان ڀيرومل بہ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌو- تهذيب جي ٻين ڏيهي ٻولين جي سٽاءَ ۽ جملن جي ترتيب (بيهڪ) ۾، حرف جر جي انهيءَ نحوي ترتيب کي، غير-آريائي ۽ دراوڙي ٻولين واري ترتيب ٿو ڪوٺي. هُو (ڀيرو مل) لکي ٿو تہ:

""پسو لج لطيف چئي، ڪيڏي کي ڪکن.'

هن ريت، شعر ۾ ئي 'کي ڪکن' چئي سگهجي ٿو، پر نثر ۾ چئبو 'ڪکن کي' مطلب تہ 'کي'، 'تي' ۽ '۾' وغيره اڳيان ايندڙ حرف جر، preposition نہ آهن، پر پٺيان ايندڙ post-position آهن. ائين حرف جر کي پٺيان ڪم آڻڻ، دراوڙي نمونو آهي" [500]

(ث) سيئي ڏيهي ٻولين، حرف جر جي اها ئي نحوي بيهڪ قائم رکيو اچن. دراوڙي ٻولين ۾ بہ حرف جر جي نحوي بيهڪ، سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بيهڪ

499- Whiteney, W.D., Sanskrit Grammar, Oxford University Press, 1950, P.395.

500- ڀيرو مل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 311

جهڙي آهي؛[501] يعني تہ دراوڙي ٻولين ۾ حرف جر، اسم جي پٺيان ايندو آهي[502].
هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو تہ:

"In those connections in which prepositions are used in the I.E. Languages, the Dravidian language, with those of the Scythian group, use post-position instead which post-positions do not constitute a separate part of speech but are simsply nouns of relation or qulity, adopted as auxiliaries"[503]

**(ج) سنسڪرت ۾ قديم ڏيهي ٻولي سنڌُوئيءَ جو نحوي عنصر:**

انهيءَ هوندي بہ، جيئن سنسڪرت ۾ بيشمار ديسي لغوي خزانو موجود آهي، تيئن سنسڪرت ۾ ڪي خصوصيتون اهڙيون بہ آهن، جيڪي ڏيهي ٻولين ۾ بہ نظر ايندڙيون آهن: مثال طور: سنسڪرت ۾ ڪن ڪن جملن ۾ فعل، جملن جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي، تہ وري ڪڏهن ڪڏهن حرف جر، ڏيهي ٻولين واري بيهڪ ڏيکاريندو آهي: جيئن:

| | | |
|---|---|---|
| پُرٿوِيام | آدِي[504] = | ڌرتيءَ تي |
| prithivyam | adhi | |

هن فقري ۾، 'آدِي' حرف جر آهي، ۽ 'پرٿوِيام' اسم آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ڌرتي'، يعني 'آدِي' (تي) حرف جر، اسم کان پوءِ آيو آهي. اها نحوي سٽا، غير- آريائي (دراوڙي) آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر ڪالڊويل لکي ٿو تہ:

"هند- يورپي ٻولين مان سنسڪرت، دراوڙي ٻولين سان گهڻ فرق رکندي آهي."[505]

سنسڪرت جي گهٽ فرق رکڻ جي باري ۾، ڊاڪٽر ڪالڊويل سبب ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ:

"جاڪاڻ تہ سنسڪرت ٻولي، ق- م واري زماني کان وٺي، مقامي ٻولين سان لڳ- وچڙ ۾ ايندي رهي آهي، تنهن ڪري سٿين (Scythian) ٻولين يعني مقامي ٻولين جون ڪي خصوصيتون،

501- Caldwell, R., Dr., Op.Cit., P.349.

502- Hiremath, R.C., Dr. Op.Cit., P.191.

503- Caldwell, R., Dr., Op. Cit., P.53.

504- Ivanov, V.V., Op.Cit., P.91.

505- Caldwell, R., Dr., Op. Cit., P.144.

سنسڪرت ٻوليءَ اُڌاريون ورتيون آهن. مثال طور، 'مور ڏني آوازن' جو سنسڪرت ۾ ڪم اچڻ وغيره." 506

ڊاڪٽر ڪالڊويل Edkins جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

"Mr. Edkins in his 'China's place in philology' has opened a new line of inquiry in regard to the existence of Turanian influences in the grammatical structure of Sanskrit. He regards the inflexion of nouns by means of case- ending alone, without preposition in addition, as the adoption by Sanskrit of a Turanian rule. He also thinks the position of the words in a Sanskrit prose sen–tense is Turanian ratherthan Aryan" 507

ڊاڪٽر ڪالڊويل اڳتي لکي ٿو ته:

"توراني ٻولين جو اهو قانون آهي ته فعل هميشه، جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي. سنسڪرت اهو نحوي اصول، توراني ٻولين (مقامي ڏيهي ٻولين) کان اُڌارو ورتو. يعني ته سنسڪرت اها نحوي بيهڪ (جنهن ۾ فعل جملي جي آخر ۾ آچي) مقامي ٻولين کان اُڌاري ورتي." 508

## 15- نتيجا:

مختلف ماهرن، محققن ۽ وياڪرڻين جي راين، نظرين ۽ ويچارن تي، هن ڪتاب جي مواد ۾ پيش ڪرڻ ۽ انهيءَ ساري مواد ۾ سنڌي، سنسڪرت ۽ دراوڙي ٻولين جي صوتياتي، صرفياتي ۽ نحوي ساخت جي تقابلي اڀياس توڙي لغوي خزاني جي ڀيٽ، ۽ اُن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان پوءِ، 'سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد' لاءِ جيڪي نتيجا ڪڍيا ويا آهن، اُهي هيٺ ڏجن ٿا:

(I) آرين جي اچڻ کان اڳ، برصغير ۾ سنڌوئي ٻولي ۽ اُن جون شاخون چالو هيون. انهيءَ ڪري چئبو ته سنڌو- ماٿر ۾، آرين جي اچڻ کان گهڻو زمانو اڳ، سنڌوئي نالي ڪا غير- آريائي ٻولي، ۽ ان جون شاخون چالو هيون. اِن دعوا جي آڌار تي چئبو ته موهن جي دڙي واري تهذيب واري اُها قديم ٻولي، سنڌ ملڪ ۽ 'سنڌو درياءَ' جي نالي پٺيان 'سنڌوئي' سڏبي هئي.

506- Caldwell, R., Dr., Op. Cit., P.53.

507- Ibid., P.55.

508- Ibid., P.

(II) سنڌو- ماٿر جي اُها قديم 'سئنڌوئي ٻولي'، ڏهن وڏين شاخن تي مشتمل هئي. اُهي ڏه شاخون هي هيون: سئنڌوئي شاخ، لهندي شاخ، اُپرندي شاخ، وچين شاخ، اُتر- اولهه واري، ڏکڻ- اوڀر واري شاخ، قديم- دراوڙي (Proto-Dravidian)، برهوئي، ڪشميري ۽ اولهه واري شاخ.

(III) سنڌو- ماٿر جي ٻوليءَ جي هڪ شاخ، قديم- دراوڙي هئي، يعني موجوده دراوڙي ٻولين جي ماءُ- ٻولي/ ماتر ڀاشا (parent language) هئي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي، لهندي، اُپرندي شاخ وارين ٻولين ۽ دراوڙي ٻولين جي سٽاءَ (Structure) ۾ تمام گهڻي هڪ جهڙائي آهي.

(IV) سنڌو- ماٿر واري قديم تهذيب، تمدن ۽ قديم ٻوليءَ (سنڌوئي ٻوليءَ) ۾، قديم دراوڙي تهذيب ۽ دراوڙي ٻولي/ ٻولين جا نشان ۽ اُهڃاڻ اڃا بہ موجود آهن.

(V) سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ ۽ دراوڙي ٻولين جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ ۾، اڄ بہ هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، ۽ هڪ ٻئي سان ناتن ۽ رشتن ۽ لاڳاپن جي نہ هجڻ جي باوجود، منجهن هڪ جهڙائيءَ جا بيشمار مثال موجود آهن.

(VI) سنڌي ٻولي، بنيادي طور هڪ غير- آريائي ٻولي آهي، جنهن کي قديم زماني ۾ 'سئنڌوئي ٻوليءَ' جي نالي سان سڏيو ۽ سڃاتو ويندو هو. هيءَ ٻولي، سنڌو- تهذيب جي اصلوڪي، مقامي ۽ ڏيهي (ديسي) ٻولي آهي؛ يعني تہ سنڌو- تهذيب جا رهاڪو ۽ سندن ٻولي (سئنڌوئي ٻولي)، ڪٿان ٻاهران (ڪنهن ٻئي ملڪ کان) آيل قوم جي ٻولي نہ آهي، بلڪ هيءَ ٻولي، سنڌو- تهذيب جي پنهنجي يعني ديسي ۽ مقامي ٻولي آهي، جيڪا هن سرزمين ۾ ئي پيدا ٿي، هتان ئي اُسري، وڌي ۽ ويجهي آهي. اِن لحاظ کان، اهو بہ قبول ڪري نٿو سگهجي تہ ڪو هيءَ (سنڌي) ٻولي، تواني، تاتاري يا سٿين قوم/ قومن جي ٻولين مان ڦٽي نڪتي آهي.

(VII) فنس، امريڪي، روسي ۽ ڪن ڀارتي ماهرن جي راءِ موجب، دراوڙي ٻولين ۾ سنڌو- ماٿر (موهن جي دڙي ۽ هڙپا) جي قديم مقامي ٻوليءَ ۾، تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي، تنهن ڪري ائين چئي سگهجي ٿو تہ دراوڙي ٻولين جي، سنڌو- ماٿر (هڙپا ۽ موهن جو دڙو) جي ٻوليءَ/ ٻولين (سنڌي، لهندي ۽ براهوئي وغيره) سان، ڪا گهري نسبت رهي آهي. اهي ماهر انهيءَ راءِ جا بہ آهن تہ، سنڌو- ماٿر واري ٻولي، 'دراوڙي ٻولين جو بڻ بنياد' (ماءُ- ٻولي/ ماتر ڀاشا) پڻ آهي.

(VIII) جيڪڏهن ڊاڪٽر ڪالڊويل جي راءِ موجب، دراوڙي ٻوليون، 'سٿين ٻولين' جي معرفت، توراني خاندان جي ٻولين سان هڪ جهڙائي رکن ٿيون، تہ پوءِ هيئن چوڻو پوندو تہ دراوڙي ٻولين جو بڻ بنياد، سنڌو- ماٿر (موهن جو دڙو ۽

هڙپا) واري ٻولي (سنڌوئي) آهي. سنڌو- ماٿر جي ٻوليءَ جو، توراني ٻوليءَ سان، تهذيبي ۽ تمدني واسطو رهيو هو، انهيءَ ڪري سنڌي، لهندي، اُپرندي دراوڙي شاخ وارين ٻولين ۾، توراني ٻوليءَ جا اثر ۽ اُهڃاڻ ملن ٿا.

(IX) قديم سنڌوئي ٻولي (سنڌو- ماٿر جي ٻولي) جيڪا، آرين جي اچڻ کان اڳ، هن واديءَ ۾، روزمره جي وهنوار، وڻج واپار ۽ سماجي زندگيءَ ۾ رائج هئي؛ اُن تي پهرين سنسڪرت جو، ۽ پوءِ پاليءَ جو، ۽ اڳتي هلي ٻين فاتح قومن جي ٻولين جهڙوڪ: فارسي، يوناني، عربي ۽ انگريزيءَ جو اثر ٿيو.

(X) مختلف ٻولين جي اثر جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءُ گهڻوتڻو ساڳيو ئي رهيو. البت ٻوليءَ جو لغوي/ لفظي خزانو، گاڏڙ بنجي ويو، جنهن ۾ فاتح قومن جي ٻولين جي لفظن جو بتدريج تمام گهڻو اضافو ٿيندو رهيو.

لهاذا مٿين نتيجن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي، غير- آريائي ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون سنڌو ماٿر جي تهذيب ۾ کتل آهن. جيڪا موهن جي دڙي ۽ هڙاپا واري تهذيب جي قديم ٻولي آهي، جا 'قديم سنڌ' (سنڌو- ماٿر ۽ هڙپا واري سرزمين) جي اصلوڪي زبان آهي، جنهن کي اُن وقت بہ 'سنڌوئي' سڏيو ويندو هو. جيڪا مختلف ٻولين کان اثر وٺندي، جيئندي، زنده رهندي، پنهنجين خوبين، خصوصيتن ۽ انوکين ڳالهين کي، بچائيندي، پاڻ وٽ برقرار، قائم ۽ محفوظ رکندي، اڄ بہ پنهنجي انفراديت قائم رکيو بيٺي آهي.

بهرحال اِنهيءَ ساري بحث کان پوءِ 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب جي پهرئين ڇاپي ۾ صفحي 116 تي ڏنل شجري تي، نئين سر نظر وڌي وئي آهي ۽ اڳ ۾ ڏنل حوالن جي مدد سان اهو چيو ويو آهي تہ، سنڌو- تهذيب جي سنڌوئي ٻولي، نہ فقط سنڌو- ماٿر جي وسطي حصي تي اثرانداز رهي، پر اُن جي پهچ ۽ پکيڙ اوڀر ۾ نرمدا نديءَ جي اولهہ واري ڪناري تائين، اُتر- اوڀر ۾ هرياڻا رياست ۾ اوير واري چيڙي تائين، ڏکڻ- اوير ۾ ڪڇ، گجرات جي لوٿل[509] ۽ سورت بندر جي سامونڊي ساحل ۾ ڪنيات جي نار تائين؛ اُتر ۾ ڪشمير جي سرحدن تائين؛ اُتر- اولهہ ۾ داردستان جو سڄو علائقو تانگير- ڪوهستان تائين؛ اولهہ ۾ ڪوهہ سليمان، ڪيتران وارو علائقو ۽ بولان دڙي جي کان ايران جي خوزستان، ميستان، ڪرمان ۽ مڪران جي چيڙي تائين؛ اولهہ- ڏکڻ ۾ لس ٻيلي واري اڳوڻي رياست جي سرحد تائين؛ ۽ ڏکڻ ۾ سنڌ جي ڪوهستان واري علائقي ۽ پوري سامونڊي

509- لوٿل جو قدم شهر، گجرات جي 'نال پال پنڊ' جي ڪناري تي ٻڌل هوندو هو. هن قديم شهر سان، سنڌوءَ جي دو- آبي واري سامونڊي بندر- سوکي بندر- کان واپاري ٻيڙا هلندا هئا. جيڪي لوٿل تائين ويندا هئا. رنگپور جو شهر، لوٿل جي ويجهو هوندو هو. 'لوٿل' جي معنيٰ آهي 'مئلن/ مري ويلن جو شهر.'

ساحل تائين پکڙيل هئي. هن قديم ٻوليءَ جو دائرو تمام وسيع هوندو هو.

لهاذا انهيءَ ساري وسيع ڀهچ ۾ پکيڙ کي سامهون رکي سنڌوئي ٻوليءَ ۾ اُن جي شاخن تي مشتمل نئون نقشو ڏاهيو ويو آهي، جڪو هيٺ ڏجي ٿو. هن نقشي جي آڌار تي سرگريئرسن جي ڏنل نقشي تي نئين سر سوچڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ سر گريئرسن جي نظرئي کي هڪ سو سال گذري چڪا آهن ۽ ٻيو تہ گريئرسن جو اهو نظريو موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان اڳ جو آهي. انهيءَ عنوان تي انگريزيءَ ۾ لکيل ٽازن ڪتابن: 'History of Sindhi Language, and Literature at a glance' ۽ "The Origin and Growth of Sindhi Language" ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.

## سنڌو ماٿر جي قديم سنڌوني ٻولي ۽ ان جون شاخون




(مغلن جي دؤر ۾ ڀارت جي وسطي ۽ اتر–اوير وارين رياستن کي ملائي مغليه سلطنت جو نئون صوبو پنجاب ٺاهيو ويو ۽ انهن رياستن ۾ رائج ٻوليون بانگڙو (هريانا جي ٻولي) ۽ دو–آبي (رچنا دو–آبي ۽ سيالڪوٽ جي ٻولي)، 'پٽيالي'، 'لميءَ پواديءَ'، 'ڪنديالي'، 'مالوئي'، 'ماجهي'، 'راڻي' کي گڏي، نئين صوبي پنجاب جي 'پنجابي ٻولي' سڏيو ويو. اهي سڀ ٻوليون پوءِ پنجابي زبان جا لهجا سڏجڻ ۾ آيا، بلڪ هاڻ تہ 'هندڪو'، 'پوٺوهاري'، 'شاهپوري'، 'ٽني'، 'کهيبي' ۽ ٻين لهندي شاخ جي لهجن کي بہ پنجابي ٻوليءَ ۾ شامل ڪيو ويندو آهي، پر ان موضوع تي گهڻي تحقيق جي ضرورت آهي.)

# ببليوگرافي

## آرڪيالاجي ۽ سنڌو ماٿر جي تهذيب

### انگريزي ڪتاب

1- Fairservis, Walter, A., The Harappan Civilization and its Writing, a model for Decipherment of Indus Script, Wanguard Books Pvt. Ltd, reprinted at Rekha Prints, New Delhi, 1992.

2- John Marshall, Mohen-jo-Daro and Indus Civilization, London, Arthur Probsthan, Vol: I, 1931.

3- Kenoyev Mark, J., Dr., Ancient Cities of the Indus Valley, a report published in Dawn (English), Karachi, June 3, 1997.

4- Mariwalla, L.L., Mohen-jo-Daro, Popular Book Depot, Lamington Road, Bombay, 1957.

5- Rafique M. Mughul, Dr., The Dawn of Civilization in Sindh, Sind Quarterly, Vol: VIII, No: 4, 1980.

6- Ibid, Interview, published in Daily Dawn (English), Karachi, May 4, 1996.

7- Rao, S.R., Dawn andDevelopment of Indus Civilization, New Delhi, Aditiya Prakashan, 1991.

8- Shaikh Khurshid Hassan, a paper Ethno-archaeology as an aid to interpret Indus Civilization, published in Pakistan Archaeology, Number 26, Vol: 2, 1991, Karachi, 1991.

9- Wheeler, E.M., Five Thousand years of Pakistan, London, Royal India and Pakistan Society, 1950.

10- Waqas Ahmed Khuwaja, Lahore through the looking glass, monthly Herald, September 1992.

## سنڌولکت (Indus Script)

1- Asko Parpola, Dr., The Indus Script Decipherment, Madras, The Scandinavian, Institute of Asian Studies, 1970.

2- Ibid., Isolation and Tentative Interpretation of a Toponym in the Harappan Inscription, an article published in Sindhological Studies, Summer, 1985.

3- Ibid., Tasks, Methods and Results in the Study of the Indus Script, reprinted Helsinki.

4- Ibid., Seppo Koskenniemis, Simo Parpola and Penti Alto, Decipherment of the Proto-Dravidian Inscriptions of the Indus Civilization, Copenhegan, The Scandinavian Institute of Asian Studies. 1970.

5- Ibid., Progress in Decipherment of the Proto-Dravidian Indus Script, Copenhegan, 1970,

6- Ibid., Recent Development in the Study of Indus script, Sind Quarterly, Vol: IX, No: I, 1983.

7- Fairservis, Walter A., The Script of the Indus Valley Civilization, a report published in Scientific American, March, 1984.

8- Hunter, G. R., Dr., The Script of Harappan and Mohen-jo-Daro and its connection with other scripts, London, Kegan Paul Trench, Trubn and co:,1934.

9- Krishna Rao, M.V.N., Indus Script Deciphered, Delhi, B.N. Printers, 1982.

10- Khan, F.A., Bhambore Excavations, revised ed:, Karachi, Department of Archaeology, Government of Pakistan, 1963.

## سنڌو ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن

### سنڌي ڪتاب

1- سراج الحق ميمڻ: مقالو، سنڌي ٻولي، ڪراچي، روزانه هلال پاڪستان جو ماهوار نمبر، سيپٽمبر، 1983ع.

2- راءِ، ايس آر: سنڌو لکت ۽ ٻولي، مترجم عطا محمد ڀنڀرو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 1991ع.

3- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1977ع.

اردو ڪتاب

١۔ انور بیگ اعوان: دھنی ادب و ثقافت، بزم ثقافت چکوال، ضلع جہلم، ١٩٦٨ع

انگريزي ڪتاب

1- Allana, Ghulam Ali, Sindhi Culture, Karachi, Indus Publication, 1986.

2- Ibid, Art in Sindh, its signs, symbols and their significance, Islamabad, National Institute of Folk Heritage. 1987.

3- Ibid,. Folk Music of Sindh, Compilation, Jamshoro, Institute of Sindhology, 1982.

4- Aziz Baloch, an article included in Folk Music of Sindh, See Ref: 3, P.50.

5- Basham, A.L., Dr., The Wonder that was India, London, Sidgwick and Jackson, 1961.

6- Ethel-Jane W., Bunting, Sindhi Tombs and Textile, The Persistence of Patterns, The University of New Mexico, 1980.

7- Ilyas Ishqui, Dr., See Ref: 3, PP. 41 & 42.

8- Kappers, An Introduction to the Anthropology of the Near-East in Ancient and Recent Times, Amsterdam, Oxford University Press

9- Kenoyer Mark J., Dr., Living Legacy, a report published in Monthly Herald, July, 1992.

10- Nabi Baksh, G, Qazi, Dr., Sindon, an article published in Sindhological Studies, 1970.

11- Paddayya, K. Dr., Cultural and Linguistic Connections between Sindhi and Dravidian Speaking Area in the Indian Sub-Continent.

12- Rehman, I.A., Arts and Crafts of Pakistan, Karachi, Export Promotion Bureau, Port Trust House, I.I. Chundrigar Road, 1980.

13- Sachau, C.E., Dr., Al-beruni's India, Lahore, Government of West Pakistan, 1992.

14- Shrimati Akshaya Kumari Devi, The Evolution of Rigvedic Pantheon, Calcutta, 1938.

15- Taj Muhammad Sahrai, Lake Manchar, Karachi, Sindhi Kitab Ghar, 1997.

## لسانيات (Linguistics)

### سنڌي ڪتاب

1ـ الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ڇهريون، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1974ع.

2ـ ايضاً، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1987ع.

3ـ ايضاً، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڇاپو ٽيون، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع.

4ـ ايضاً، مقالو، سماهي مهراڻ، نمبرـ4، 1992ع

5ـ ايضاً، سنڌي صورتخطي، چوٿون ڇاپو، حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 1993ع.

6ـ ايضاً، سنڌي ٻوليءَ جا لهجا، مقالو، ادبي اوسر، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1964ع.

7ـ ايضاً، مقالو، سنڌي (assimilation)، سماهي مهراڻ، نمبر3ـ4، 1966ع.

8ـ پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: مقالو، سنڌي ۽ دراوڙي شخصي نالن ۾ هڪجهڙايون ۽ مينگهواڙ شخصي نالا، ڄام شورو، سنڌي ادب، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1994ع.

9ـ پوپٽي هيراننداڻي، پروفيسر: ڀاشا شاستر.

10ـ ڀيرومل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع.

11ـ جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر: انٽرويو، سماهي مهراڻ، نمبرـ1، 1999ع.

12ـ جتوئي، علي نواز، پروفيسر: ويرون ۽ لهرون، حيدرآباد، سنڌي سڌار اڪيڊمي، 1993ع.

13ـ حيدر سنڌي، ڊاڪٽر: مقالو، سماهي مهراڻ، نمبرـ4، 1990ع.

14ـ داد محمد بروهي، ڊاڪٽر: سبيءَ جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1992ع.

15ـ سراج الحق ميمڻ: سنڌي ٻولي، حيدرآباد، عظيم پبليڪيشنس، 1964ع.

16ـ ايضا، مقالو روزانہ هلال پاڪستان، 30 مارچ، 1972ع.

17ـ شيخ واحد بخش: سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ،

18۔ عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: مقالو، سنڌي ٻوليءَ جو محاورو، سماهي مهراڻ، نمبر۔ 2، 1992ع.

19۔ قليچ بيگ مرزا: سنڌي ويا ڪرڻ، ڀاڱو3، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع.

20۔ گربخشاڻي، هـ۔م، ڊاڪٽر: مقدمہ لطيفي، حيدرآباد،آفتاب پريس، 1950ع.

21۔ محمد عمر چند: لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏاريون، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز.

22۔ محمد فاضل شيخ، پروفيسر: ماتيلي۔ اُباوڙي جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جوبااختيار ادارو، 1992ع.

23۔ منشي اُڏارام ٿانور داس: سنڌي ويا ڪرڻ، گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊپو، ڪراچي، 1892ع.

24۔ موتي لال جوتواڻي، ڊاڪٽر: مقالو، سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ جي اتهاس جي ڀونڪا، ساهتيہ سنسار ڪتاب ۾ شامل، نئي دهلي، سمپرڪ پرڪاش، 1994ع.

25۔ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: شڪارپور جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جوبااختيارادارو، 1992ع.

26۔ نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، چوٿون ڇاپو ڄام شورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ، 1992ع.

اردو ڪتاب

۱۔الانا،غلام علی ڈاکٹر : سندھی معلم، جام شورو، سندھی ادبی بورڈ، ۱۹۸۴ء۔

۲۔ایضاً :زبان اور ثقافت ،اسلام آباد، علامہ اقبال اوپن یونیورسٹی، ۱۹۸۷ء۔

۳۔الاصطخری :المسالک والممالک، اردو ترجمہ، ہندوستان عربوں کی نظر میں، جلد اول، اعظم گڑھ، دارالمصنفین فی معرفۃ، ۱۹۶۰ء۔

۴۔بشاری المقدسی، احسن التقاسیم فی معرفۃ، ایضاً، ۱۹۶۰ء۔

۵۔جاحظ، رسالۃ الفخر السودان علی البیضان، ایضاً۔

۶۔حیدر سندھی، ڈاکٹر: سندھی زبان کے فکری لہجے، مقالہ: شاھہ ۽ سنڌ، کراچی، شاہ لطیف چیئر، ۱۹۹۸ء

۷۔ عزیز انصاری، اردو اور راجستھانی بولیاں، پی ایچ ڈی کا مقالہ، شعبہ اردو، سندھ یونیورسٹی، حرا فاؤنڈیشن پاکستان، کراچی، ۲۰۰۰ء

۸۔علامہ عتیق فکری : عتیق العتیق ،بہاولپور، سرائکی ادبی مجلس، ۱۹۷۱ء۔
۹۔ عین الحق فرید کوٹی، اردو زبان کی قدیم تاریخ، اورئینٹ ریسرچ سینٹر، طارق کالونی، ملتان روڈ، لاہور، ۱۹۷۹ع
۱۰۔ محمد پرویش شاہین : کالام، کوہستان (لوگ اور زبان)، شعیب سنز پبلشرز، بک سیلرز، ۱۹۸۹ء
۱۱۔ مہر عبدالحق، ڈاکٹر : ملتانی اور اس کا اردو سے تعلق،

پنجابی کتاب

آصف خان : پنجابی زبان دا پچھو کڑ، لاہور، پنجابی ادبی بورڈ، ۱۹۹۶ء

## انگريزي ڪتاب

1- Ahsan Wagha, The Saraiki language, its growth and Development, M.Phil Thesis, Submitted at the Area Study Centre, University of Peshawar, 1976.

2- Allana Ghulam Ali, The Arabic Element in Sindhi, M.A. Thesis, (London University Thesis 1963). Lahore Maktabe Danshwaran.

3- Ibid., Origin and Growth of Sindhi Language Jamshoro, Institute of Sindhology, 2002.

4- Allen, W.S., Phonetics in Ancient India, London, Oxford University Press, 1953.

5- Baloch, Nabi Bux, Dr., Comprehensive Sindhi Dictionary, Vol: I, Hyderabad, Sindhi Adabi Board, 1960.

6- Ibid., Some Unknown Languages of Kohistan, an articles published in Asiatic Society of Pakistan, Dacca.

7- Bhattacharya, H.K., The Language and Script of Ancient India, Calcutta-9, 1959.

8- Bhandarkar R. G., First Book of Sanskrit, Bombay, Gopal Avarayain and Co:, 1947.

9- Bloomfield, L., Language, George Allen and Unwin Ltd., 1961.

10- Bopp, F., Comprehensive Grammar of Sanskrit, Zend, Greek, Lathunian, Gothic German and Slovanic Languages, translated by East Wick, M.A.R.S., London, Maddam and Mcleod, 1954.

11- Buck, C.D., Comparative Grammar of Greek and Latin, University of Chicago, 1962.

12- Caldwell, C.D., A Comparative Grammar of Dravidian or South

Indian Family of Languages, London, Trubner and Co:, 1875.

13- Chatterji, S.K., Indo Aryan and Hindi, Gujrat Vernacular Society, Ahmedabad, 1942,

14- Collin P.Massica, The Indo Aryan Languages, Cambridge, Cambridge University, Press, 1991.

15- Dines Chandar Sircar, Grammar of Prakrit Languages, University of Calcutta, 1943.

16- Gangha Ram Garg, International Encyclopaedia of Indian Literature, Vol: VIII, Sindhi, New Delhi, Mittal Publication, 1991.

17- Gidwani, Parco, Dr., Similanities in Sindhi and Dranidiam Languages, Sindhi Academy Delhi Government Territory, Delhi, 1996,

18- George Morgenstiernne, Report on a linguistic Mission on North-Western India, reprinted, Karachi, Indus Publication,

19- Grierson, G., Sir, Linguistic Survey of India, Vol: VIII, Part-I, 1919.

20- Ibid., Vol: I, Part I, 1927.

21- Hiremath, R.C., Dr. Growth and genesis of Dravidian, Trivandrum, Dravidian Association, Publication 39, 1984.

22- Holder Pederson, The Discovery of languages, translated by John Webster, Sparge, Bloomington, Indiana University Press, 1959.

23- Ivanov, V.V.V., Yoporov, V.V., Sanskrit, Nanak Publishing House Central Department, Oriental Literature, Moscow, 1968.

24- Jairamdas Daulatram, Shri, The Ancestry of Sindhi, Presidential Address, Published in Sindhi Section, All India Oriental Conference, New Delhi, December, 1957.

25- Jetley, M.K., Dr., A Brief Survey, contributed in the book: International Encyclopaedia of Indian Literature authored by Dr. Ganga Ram Garg, Vol: VIII (Sindhi), New Delhi, Mittal Publications, 1991.

26- John Beames, Comparative Grammar of the modern Aryan Languages of India, Vol: I, London, Trubner and Co: 1872.

27- Khubchandani, Lachman, Dr:, Phonology and Morphophonemics of Sindhi, M.A. Thesis, Pensylvania University, 1961.

28- Ibid., Dahin Sadia Men Sindhi Mahabharata jo Arabi Naqul (an Arabic Version of 10th Century Sindhi Mahabharata), Sindhi Translation of S.K. Chatterji, 1958, Kahani, 49-66 (Bombay, May, 1959).

29- Leonhard Scmitz, Elementary Latin Grammar, London and Edinburgh, William and Robert and Chamber

30- Lockwood, W.B., Indo-European Philology, London, Hertohinson University, 1990.

31- Mario A., Pei, The World of Languages, 3rd Ed:, George Allen and Unwin London,

32- Mockler, E. Major, A Grammar of the Balochee Language, Henry S. King & Co:, 1877.

33- Pahnwar, M.H., Sindhi- 4000 B.C. to 1000 A.D. Jamshoro, Sindhological Studies, Winter, 1997.

34- Pestonjee Kavasjee Kanga and Jamshedji Bajanjee Kanga, Hints on the Study of Persian, Bombay, N.M. Triprthi Ltd, 1947.

35- Pischell, R., Comparative Grammar of the Prakrit Languages, 2nd ed:, Motiwalla Banarasidas, Delhi, 1965.

36- Potter Simon, Languages in the Modern World, Middlesex, Penguin Books, 1961.

37- Rijhumal Isardas Thadhani, Origin and history of Sindhi Language, Shahani College, Karachi, 1940.

38- Swami Sankranand, Rigvedic Culture of Pre-historic Indus, Vol:I, Calcutta, 1946.

39- Sharif Kunjahi, Panjabi-Scandinavian Language Contact, Gujrat (Pakistan) Chanab Academy, 16-Mazhar Colony. 1991.

40- Trumpp, E., Dr:, A Grammar of Sindhi Language, Lepzig, F.A. Brokhans, 1872.

41- Whieny, W.D., Sanskrit Grammar Oxford, University Press, London, 1950.

## تاريخ (History)

### سنڌي ڪتاب

1ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: البيرونيءَ جي وقت ۾ سنڌ جي علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ لسانياتي سڃاڻپ، سنڌي ادب، جلد ـ 12، نمبر ـ 2، 1994ع.

2ـ ڀيرومل آڏواڻي: قديم سنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.
3ـ تاج محمد صحرائي: پٽي لوڪ، رگ ويد جا سنڌي وڻجارا ناڪٺا، مقالو، حيدرآباد، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ، 1996ع.
4ـ دوارڪا پرساد، شرما: سنڌ جو پراچين اتهاس، ڀاڱو2، حيدرآباد سنڌ، 1944ع.
5ـ رامچند ڪتري: هنگلاج جي ياترا، ڪراچي، اچي قبر، رامپارٽ روڊ، 1975ع.
6ـ علي ڪوفي، چچنامو، ٽيون جلد، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع.
7ـ قليچ بيگ مرزا: قديم سنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.
8ـ مولائي شيدائي: جنت السنڌ، حيدرآباد، ٻيو ڇاپو، سنڌي ادبي بورڊ، 1985ع.
9ـ نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌ جا نسبناما، سماهي مهراڻ، نمبرـ1ـ2، 1992ع.

اردو ڪتاب

ا۔ محمد اسماعیل بیگ، ڈاکٹر: جھونا گڑھ، کاٹھیاواڑ پبلشنگ ایجنسی، حمید منزل، فقیر جوبڑ، ۱۹۶۴ء

انگريزي ڪتاب

1- Abot, J., Sind, reprinted, Indus Publishers, Karachi, 1977.

2- Ali-Akber Jafferi, Sindh and Sindhis during the days of Early Aryans, a paper contributed at the seminar on "Sindh Through the Centuries", Hyderabad, Shah Lateef Bhit Shah Cultural Centre, 1982.

3- Ayaz Amir, The Compelling case for a new Province, Karachi, Dawn (English), May 4, 1996.

4- Chakarvarti, C., Literary History of India, Calcutta.

5- Dames, M.L., The Baloch Race, a Monograph published in Journal of Royal Asiatic Society, Vol: IV, London, 1904.

6- Dani, Ahmed Hassan, Dr: Sindhu-Sauvira at glance, an Ancient History of Sindh, a paper contributed at the Seminar of "Sindh Through the Centuries", Op-Cit.

7- Ibid., Human Recording on Karakorum Highway, 1983.

8- Gankovsky, G., The People of Pakistan, Lahore, Peoples Publishing House.

9- Hamid A., Study Says Mohanas are the oldest people of Indus Valley, a review on the article contributed by Shaikh Khurshid

Hassan, Karachi, Dawn (English), September, 1999.

10- Haig, M.R., Indus Delta Country, Karachi, Indus Publications, 1972.

11- John Budulph, Tribes of Hindoo Kush, Lahore, Ali Karam Publishers, 1986.

12- Lambrick, H.T., History of Sindh. A General Introduction, Vol: I, 2nd ed: Hyderabad, Sindhi Adabi Board, 1975.

13- Mahar Abdul Haq Soomra, Dr: The Soomras, Multan Beacon Book, 1992.

14- Nilakanta, K.A., A Comprehensive History of India, Bombay. The Indian History Congress, Orient Longmans, 1957.

15- Pahnwar, M.H., Chronological Dictionary of Sindh Jamshoro, Institute of Sindhology, 1983.

16- Rapson, E.J., The Cambridge History of India, Vol-1 Chand & Co: Fountain, Delhi, 1950.

17- Rawlson, H.G., A Short Cultural History, NewYork; 1952.

18- Ibid., Early History of India.

19- Rush Brook Williams, L.F., The Black Hills & Kutch in History and Legends, Weidenfield and Nicolson, London, 1958.

20- Sen, D.K., Ancient Races of India and Pakistan, a study and method, Archaeological Survey of India, 1964.

21- Smith, V.A., The Oxford History of India, Oxford, 1920.

22- Srimati Akshaya Kumari Devi, The Evolution of Rigvedic Pantheon.

23- Thadhani, T.S., The Lohanas, an article published in J.S.H.S. Vol: II, No: 3, January, 1948.

24- Vijaya Krishna Brothers, Literary History of India, Omle Co: INC., NewYork.

25- Von Sigrid Westphall Hillbusch and Heinz Westphall, Jats of Pakistan, Berlin, Duncken and Hambolt, 1960.

26- Wilberforce H. Bell, The History of Kathiawar, London, Willian Heinemann, 1916.

ادبي تاريخ

1۔ پرم ابيچنداڻي: سنڌي سرتگار رس ساهت، مقالو ست سار، ڀاڱو2، بمبئي، هندوستان ساهتيہ مالا، 1956ع.

2۔ جهمٽمل ڀاوناڻي پروفيسر: ڏولامارو، بمبئي، هندوستان ساهتيہ مالا، 1956ع.

اردو ڪتاب

ا۔ محمد محسن: ہندی ادب کی تاریخ، علی گڑھ، انجمن ترقیءِ اردو ۱۹۵۵ء

پنجابي ڪتاب

ا۔ عبدالغفور قریشی: پنجابی ادب دی کہانی، لاہور، پنجابی ادبی بورڈ، ۱۹۸۷ء

جاگرافي

1- Cunningham, A. The Ancient Geography of India, Delhi, Indological Book House, 1974.

2- Mushtaq-ur-Rehman, Dr., A Geography of Sindh Province of Pakistan, Karachi, The Karachi Geographical Association, 1975.

3- Pithawalla, M., Professor, A Physical and Economic Geography of Sindh, Hyderabad, Sindhi Adabi Board, 1959.

گزيٽيئر

1- Aitken, A.H., Gazetteer of Province of Sindh, Vol: A, Govt: Press, Bombay, 1907.

2- Sorley, H.T, Gazetteer of West Pakistan, Sindh Region, Lahore, Govt: of West Pakistan, 1968.

3- The Ethnology, Language, Literature and Religion of India, reprinted from 3rd ed: of Imperial Gazetteer of India (1907-09), Oxford at Clarendon Press, 1931.

انسائيڪلوپيڊيا

1- Encyclopedia Britannica, Vol: VII, P.59.

